هن ڪتاب ۾ ڪيترائي اهڙا احڪام آهن جن جو
سکڻ اسلامي ڀينرن جي لاءِ فرض آهي.

# اِسلامي ڀينرن جي نماز

(حنفي)



وضو جو طريقو | غُسل جو طريقو | تَيَمُم جو طريقو

اذان جي جواب جو طريقو | نماز جو طريقو | قضا نماز جو طريقو

نفلن جو بيان | استنجا جو طريقو | حيض ۽ نفاس جو بيان

زناني بيمارين جا گهريلو علاج | نجاستن جو بيان | اسلامي ڀينرن جون 23 مدني بهارون

شيخ طريقت، امير اهلسنت، باني دعوت اسلامي حضرت علامه مولانا ابو بلال
مُحَمّد الياس عطّار قادري رضوي دامت برڪاتهم العاليه

هن ڪتاب ۾ ڪيترا ئي اهڙا احڪام آهن جن جو سکڻ
اسلامي ڀينرن جي لاءِ فرض آهي

# اسلامي ڀينرن جي نماز (حنفي)

مولف

شيخ طريقت، امير اهلسنت، بانيءِ دعوت اسلامي، حضرت علام
مولانا ابو بلال محمد الياس عطار قادري رضوي دامت برکاتهم العاليه

## سنڌي ترجمو

مجلس تراجم (دعوت اسلامي) هن ڪتاب جو آسان سنڌي زبان ۾ ترجمو ڪرڻ جي وس آهر ڪوشش ڪئي آهي. جيڪڏهن ترجمي يا ڪمپوزنگ ۾ ڪٿي ڪا ڪمي بيشي نظر اچي ته مجلس تراجم کي آگاهه ڪري ثواب جا حقدار بڻجندؤ.

رابطي جي لاءِ: مڪتب مجلس تراجم (دعوت اسلامي)
عالمي مدني مرڪز فيضان مدينه محله سوداگران
پراڻي سبزي منڊي باب المدينه ڪراچي
فون نمبر: 021-34921389-90-91
E-mail: majlistarajim@dawateislami.net

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰی سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ط بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ط

كتاب جو نالو : **اسلامي ڀينرن جي نماز**

مؤلّف : شيخ طريقت، اميرِ اهلسنت، بانيءِ دعوت اسلامي، حضرت علامه

دامَت بَرَکاتُهُمُ العَالِيه

**مولانا ابو بلال محمد الياس عطار قادري رضوي**

ڇپائي جي تاريخ : ربيع الاول 1434، جنوري 2013

ڇاپيندڙ : مكتبة المدينه عالمي مدني مركز فيضانِ مدينه بابُ المدينه ڪراچي

## مكتبة المدينه جون مختلف برانچون

مكتبة المدينه: فيضان مدينه آفندي ٽاؤن حيدرآباد 022-262012

مكتبة المدينه: فيضان مدينه بيراج روڊ سکر 071-5619195

مكتبة المدينه: فيضان مدينه العطار ٽائون ميرپورخاص 023-3514672

مكتبة المدينه: فيضان مدينه مارڪيٽ روڊ دادو 025-4611541

مكتبة المدينه: عطار آباد (جيڪب آباد) 027-2710635

مكتبة المدينه: ڇڪرا بازار نوابشاھ 024-4362145

مكتبة المدينه: رابعه شاپنگ سينٽر فاروق نگر لاڙڪانه 074-4054191

**مدني التجا: ڪنهن کي به هي ڪتاب ڇاپڻ جي اجازت ناهي.**

## فهرست


| عنوان | صفحو |
|---|---|
| **وضو جو طريقو (حنفي)** | |
| درود شريف جي فضيلت | 1 |
| اڳيان پويان گناهہ معاف ڪرائڻ جو نسخو | 1 |
| گناهہ ڇڏڻ جي حڪايت | 2 |
| قبر ۾ باهہ ڀڙڪي پيئي | 2 |
| با وضو رهڻ جا 15 مدني گل | 3 |
| اسلامي ڀينرن جي وضو جو طريقو (حنفي) | 4 |
| جنت جا آٺ ئي دروازا کُلي ويندا آهن | 7 |
| وضوءَ ڪان پوءِ سورهءِ قدر پڙهڻ جا فضائل | 7 |
| نظر ڪڏهن بہ ڪمزور نہ ٿيندي | 8 |
| تصوُف جو عظيم مدَني نُسخو | 8 |
| وضو جا چار فرض | 9 |
| ڌوئڻ مان مراد | 9 |
| وضوءَ جون 13 سنتون | 10 |
| وضوءَ جا 29 مُستحبَ | 10 |
| وضوءَ جا 15 مَڪروهہ | 12 |
| آس جي گرم پاڻي جي وضاحت | 13 |
| پاڻي جي باري ۾ 27 مدني گل | 14 |
| رت نڪرڻ جا پنج احڪام | 18 |
| ٿُڪ ۾ رت سان وضو ڪڏهن ٽٽندو | 19 |
| رت واري وات جي گرڙي بابت احتياط | 19 |
| انجيڪشن لڳائڻ سان وضو ٽٽندو يا نہ؟ | 19 |
| آتيل اک جا ڳوڙها | 20 |
| پاڪ ۽ ناپاڪ رُطوبت | 20 |
| ڇالو ۽ ڦرڙي | 20 |
| آلٽيءَ سان وضو ڪڏهن ٽٽندو آهي؟ | 21 |
| کير پياڪ ٻار جو پيشاب ۽ آلٽي | 21 |
| وضوءَ ۾ شڪ پوڻ جا پنج احڪام | 22 |
| پان کائڻ وارين توجهہ فرمائن! | 22 |
| سمهڻ سان وضو ٽُٽڻ يا نہ ٽُٽڻ جو بيان | 24 |
| سمهڻ جا آهي ڏهہ طريقا جن سان وضو ناهي ٽُٽندو | 24 |
| سمهڻ جا اهي ڏهہ طريقا جن سان وضو ٽٽي ويندو آهي | 25 |
| ڪِلڻ جا احڪام | 26 |
| ست مختلف مسئلا | 26 |

| عنوان | صفحو |
|---|---|
| غُسل جو وضو ڪافي آهي | 27 |
| جن جو وضو برقرار نہ رهندو هجي | 27 |
| وضو جي باري ۾ 20 نيتون | 32 |
| **غسل جو طريقو** | |
| درود شريف جي فضيلت | 33 |
| فرض غسل ۾ احتياط بابت تاڪيد | 33 |
| قبر جو پلو | 33 |
| غُسلِ جَنابت ۾ دير ڪرڻ ڪڏهن حرام آهي | 34 |
| ناپاڪائي جي حالت ۾ سُمهڻ جا احڪام | 34 |
| غُسل جو طريقو (حَنفِي) | 35 |
| غُسل جا ٽي فرض | 36 |
| ﴿1﴾ ڳرڙي ڪرڻ | 36 |
| ﴿2﴾ نڪ ۾ پاڻي چاڙهڻ | 37 |
| ﴿3﴾ سڄي ظاهري جسم تي پاڻي وهائڻ | 37 |
| اسلامي ڀينرن جي لاءِ غُسل جا 23 اِحتِياط | 38 |
| زخم جي پٽي | 39 |
| غسل فرض ٿيڻ جا 5 سبب | 39 |
| اهي صورتون جن ۾ غسل فرض نہ ٿيندو | 40 |
| وهندڙ پاڻيءَ ۾ غُسل جو طريقو | 40 |
| ڦوهارو وهندڙ پاڻيءَ جي حڪم ۾ آهي | 41 |
| ڦوهاري جا احتياط | 41 |
| غسل جا پنج سنت موقعا آهن | 42 |
| غُسل 24 موقعن تي مُستَحَب آهي | 42 |
| هڪ غُسل ۾ مختلف نيتون | 42 |
| غسل ڪرڻ سان نزلو وڃي ويندو هجي تہ ؟ | 43 |
| بَالٽيءَ سان وهنجڻ وقت اِحتِياط | 43 |
| وَارُن جي ڳنڍ | 43 |
| بي وضو ديني ڪتابن کي هٿ لڳائڻ | 43 |
| ناپاڪائيءَ جي حالت ۾ دُرود شريف پڙهڻ | 44 |
| آگر ۾ مس (Ink) جو تهہ جميل هجي تہ ؟ | 44 |
| ٻارڙي ڪڏهن بَالِغہ ٿيندي آهي؟ | 44 |
| وَسوَسَن جو هڪ سبب | 45 |
| مغفرت جي بشارت ملي | 45 |
| گوڏ ٻڌي ڪري وهنجڻ لاءِ احتياط | 46 |
| **تيمم جو طريقو** | |
| درود شريف جي فضيلت | 48 |

| عنوان | صفحو |
|---|---|
| تَيَمُّم جا فرض | 48 |
| تيمُّم جون 10 سنتون | 48 |
| تَيَمُّم جو طريقو (حَنَفي) | 49 |
| تَيَمّم جا 26 مدني گل | 50 |
| **اذان جي جواب جو طريقو** | |
| موتين جو تاج | 55 |
| آذان جي جواب جي فضيلت | 55 |
| اذان جو جواب ڏيڻ وارو جنتي ٿي ويو | 56 |
| اذان جي جواب جو طريقو | 57 |
| آذان جي جواب جا 8 مدني گل | 58 |
| **نماز جو طريقو (حنفي)** | |
| درود شريف جي فضيلت | 60 |
| قِيامت ۾ سڀ کان پهريون سوال | 61 |
| نَمازي جي لاءِ نور | 61 |
| ڪنهن جو ڪنهن سان گڏ حَشر ٿيندو! | 61 |
| شديد زخمي حالت ۾ نماز | 62 |
| هزارين سال دوزخ جي عذاب جو حقدار | 62 |
| نَماز تي نور يا اونداهيءَ جا سبب | 63 |
| بُري خاتمي جو هڪ سبب | 64 |
| نَماز جو چور | 64 |
| چور جا ٻه قسم | 65 |
| اسلامي ڀينرن جي نماز جو طريقو (حنفي) | 65 |
| ثناء | 66 |
| دُرودِ اِبرَاهِيم | 69 |
| ڌيان ڏيو! | 70 |
| نماز جا ڇهه (6) شرط | 70 |
| نماز عصر جي دوران مڪروهه وقت | 73 |
| نماز جا ست فرض | 75 |
| اکرن جي صحيح ادائگي ضروري آهي | 78 |
| خبردار! خبردار! خبردار! | 78 |
| مدرسۃُ المدينہ | 79 |
| ڪارپيٽ جا نقصان | 80 |
| ناپاڪ قالين پاڪ ڪرڻ جو طريقو | 81 |
| نماز جا تقريباً 25 واجب | 82 |
| تڪبيرِ تحريمہ جون 6 سنتون | 84 |
| قِيام جون 11 سنتون | 84 |
| رڪوع جون 4 سنتون | 85 |
| قَومہ جون 3 سنتون | 85 |
| سجدي جون 18 سنتون | 86 |
| جَلسہ جون 4 سنتون | 86 |
| ٻي رڪعت مان اُٿڻ جي لاءِ 2 سنتون | 87 |
| قَعدي جون 8 سنتون | 87 |
| سلام ڦيرڻ جون 4 سنتون | 87 |
| سنتِ بعديہ جون 3 سنتون | 88 |
| نماز جا تقريباً 14 مُستَحَب | 88 |
| سيدنا عُمر بِن عَبدُالعَزِيز رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہُ جو عمل | 89 |
| متي لڳل پيشانيءَ جي فضيلت | 89 |
| نماز ٽوڙڻ واريون 29 ڳالهيون | 90 |
| نماز ۾ روئڻ | 91 |
| نماز ۾ کنگهڻ | 91 |
| نماز جي دوران ڏسي پڙهڻ | 91 |
| عملِ ڪثير چا آهي | 92 |
| نماز جي دوران ڪپڙا پائڻ | 92 |
| نماز ۾ ڪجهہ ڳهڻ | 93 |
| نماز دوران قِبلي کان ڦِرڻ | 93 |
| نماز ۾ نانگ مارڻ | 93 |
| نماز ۾ کنهڻ | 94 |
| الله اڪبر چوڻ ۾ غلطيون | 94 |
| نمازجا 26 مڪروهاتِ تحريمہ | 95 |
| ڪُلهن تي چادر لڙڪائڻ | 95 |
| طَبعي حاجت جي شدت | 96 |
| نماز ۾ پٿريون هٽائڻ | 96 |
| آڱرين مان ٽَڪاءَ ڪيڻ | 96 |
| چيلهہ تي هٿ رکڻ | 97 |
| آسمان ڏانهن ڏسڻ | 97 |
| نمازيءَ ڏانهن ڏسڻ | 98 |
| نماز ۾ تصويرون | 99 |
| نماز جا 30 مڪروهاتِ تنزيهي | 100 |
| ظهر جي آخري ٻن نفلن جي چا ڳالهہ ڪجي! | 102 |
| وِتر جي نماز جا 12 مدني گل | 102 |
| دُعاءِ قُنُوت | 103 |
| وتر جو سلام ڦيرڻ کان پوءِ جي هڪ سنت | 104 |
| سجدهءِ سَهو جا 14 مدني گل | 104 |
| حڪايت | 106 |

| عنوان | صفحو |
|---|---|
| سجدهءِ سَهو جو طريقو | 106 |
| سجدهءِ تلاوت ۽ شيطان جي بربادي | 106 |
| اِنْ شَاءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ هر مُراد پوري ٿيندي | 107 |
| سجدهءِ تِلاوت جا 11 مدني گل | 107 |
| سجدهءِ تلاوت جو طريقو | 109 |
| سجدهءِ شُڪر جو بيان | 109 |
| نمازي جي اڳيان گذرڻ سخت گناهہ آهي | 109 |
| نمازيءَ جي اڳيان کان گذرڻ جي باري ۾ 15 احڪام | 110 |
| تراويح جا 17مدني گل | 112 |
| پنج گانہ نماز جي تفصيل | 115 |
| نماز کان پوءِ پڙهيا ويندڙ ورد | 115 |
| منٽن ۾ چار ختم قرآن پاڪ جو ثواب | 118 |
| شيطان کان محفوظ رهڻ جو عمل | 118 |
| **قضا نماز جو طريقو** (حنفي) | |
| درود شريف جي فضيلت | 119 |
| جهنم جي خوفناڪ وادي | 119 |
| گرمي سبب جبل ڳري وڃن | 120 |
| هڪ نماز قضا ڪرڻ وارو بہ فاسق آهي | 120 |
| متو چٽڻ جي سزا | 120 |
| قبر ۾ باهہ جا شعلا | 121 |
| جيڪڏهن نماز پڙهڻ يُلجي وڃي تہ...؟ | 121 |
| مجبوري ۾ ادا جو ثواب ملندو يا نہ ؟ | 122 |
| رات جي آخري حصي ۾ سُمهڻ | 122 |
| رات دير تائين جاڳڻ | 123 |
| ادا، قَضا ۽ واجبُ الاِعاده جي تعريف | 124 |
| توبهہ جا ٽي رڪن آهن | 124 |
| سُتل کي نماز جي لاءِ جاڳائڻ واجب آهي | 125 |
| جلد کان جلد قضا پڙهي ڇڏيو | 125 |
| لڪي ڪري قضا نماز پڙهو | 125 |
| جُمُعَةُ الوَداع ۾ قَضا عُمري! | 126 |
| سڄي عمر جي قَضا جو حِساب | 126 |
| قضا ڪرڻ ۾ ترتيب | 126 |
| قضا عُمري جو طريقو | 127 |
| قصر نماز جي قضا | 128 |
| مُرتَد ٿي وڃڻ واري زماني جون نمازون | 128 |
| ٻار جي پيدائش جي وقت نماز | 128 |
| مريضہ کي نماز ڪڏهن معاف آهي ؟ | 128 |
| سڄي عمر جون نمازون ٻيهر پڙهڻ | 128 |
| ”قضا“ جو لفظ چوڻ وسري وڃي تہ ڪو حرج ناهي؟ | 129 |
| نفلن جي بدران قضا عمري پڙهو | 129 |
| فجر ۽ عصر کان پوءِ نفل نہ ٿا پڙهي سگهجن | 129 |
| ظهر جون چار سنتون رهجي وڃن تہ ڇا ڪري؟ | 130 |
| ڇا مغرب جو وقت ٿورو هوندو آهي؟ | 130 |
| تراويحن جي قضا جو ڇا حُڪم آهي ؟ | 131 |
| نماز جو فديو | 131 |
| مرحومہ جي فديي جو هڪ مسئلو | 133 |
| 100 ڪَوڙن جو حِيلو | 133 |
| ڪن ٽوپڻ جو رواج ڪڏهن کان پيو؟ | 134 |
| ڳئون جي گوشت جو تحفو | 135 |
| زَڪوٰت جو شَرعِي حِيلو | 135 |
| 100 ماڻهن کي برابر ثواب ملي | 136 |
| فقير ڪنهن کي چوندا آهن | 137 |
| مسڪين ڪنهن کي چوندا آهن | 137 |
| طرح طرح جا فديہ ۽ ڪفارا | 138 |
| انهن فدين جي ادائگي جون صورتون | 138 |
| **نفلن جو بيان** | |
| درود شريف جي فضيلت | 139 |
| اللّٰه جو پيارو بڻجڻ جو نسخو | 139 |
| صلوٰةُ الليل | 140 |
| تَهَجد ۽ رات ۾ نماز پڙهڻ جو ثواب | 140 |
| تهجد گذار جي لاءِ جنت جا عاليشان مَحلَ | 141 |
| ﴿1﴾ سڄي رات نماز پڙهندا رهنداهئا | 142 |
| ﴿2﴾ ماڪي جي مک جي ڀونڀاٽ جيئان آواز | 142 |
| ﴿3﴾ مان جنت ڪيئن گهران! | 142 |
| ﴿4﴾ توهان جو والد اوچتي عذاب کان ٻڄي ٿو! | 143 |
| ﴿5﴾ عبادت جي لاءِ جاڳڻ جو عجيب انداز | 143 |
| ﴿6﴾ روئيندي روئيندي نابين ٿيڻ واري عورت | 144 |
| ﴿7﴾ موت جي ياد ۾ بکايل رهڻ واري عورت | 145 |
| ﴿8﴾ آهہ ۽ زاري ڪرڻ وارو خاندان | 145 |
| نمازِ اِشراق | 146 |
| نمازِ چاشت جي فضيلت | 147 |
| صَلوٰةُ التَسبِيح | 147 |
| صلوٰةُ التسبيح پڙهڻ جو طريقو | 148 |
| اِستِخَارو | 149 |


www.dawateislami.net

| عنوان | صفحو |
| --- | --- |
| اِستِخَاريءَ جي نماز ۾ ڪھڙيون سورتون | 150 |
| صلوٰةُ الاَوابِين جي فضيلت | 151 |
| اَوابِين جي نماز جو طريقو | 152 |
| تحيةُ الوضو | 152 |
| صلوٰةُ الاَسرار | 153 |
| صلوٰةُ الحاجات | 154 |
| نابين کي اکيون ملي ويون | 155 |
| گِرھڻ جي نماز پڙھڻ جو طريقو | 157 |
| نماز توبھ | 158 |
| عشاءَ کان پوءِ ٻن نفلن جو ثواب | 159 |
| ظھر جي آخري ٻہ نفلن جي بہ ڇا ڳالھ ڪجي! | 159 |
| **استنجا جو طريقو** (حنفي) | |
| درود شريف جي فضيلت | 161 |
| عذاب ۾ گھٽتائي ٿي وئي | 161 |
| استنجا جو طريقو | 162 |
| آبِ زَم زَم سان استنجا ڪرڻ ڪيئن آھي ؟ | 164 |
| استنجا خاني جو رخ صحيح رکو | 164 |
| استنجا کان پوءِ پير ڌوئو | 165 |
| سوراخ ۾ پيشاب ڪرڻ | 165 |
| جنّ شھيد ڪري ڇڏيو | 165 |
| حمّام ۾ پيشاب ڪرڻ | 166 |
| استنجا جي پٿرن جا احڪام | 167 |
| پٿر ۽ سائنسي تحقيق | 169 |
| پوڙھي ڪافر ڊاڪٽر جو انڪشاف | 169 |
| رفع حاجت جي لاءِ ويھڻ جو طريقو | 170 |
| کاٻي پير تي زور ڏيڻ جي حڪمت | 170 |
| ڪرسيءَ نما ڪموڊ | 170 |
| پردي جي جڳھ جو ڪينسر | 171 |
| ٽائيلٽ پيپر سان پيدا ٿيندڙ بيماريون | 171 |
| ٽائليٽ پيپر ۽ گڙدن جون بيماريون | 172 |
| سخت زمين تي قضاءِ حاجت ڪرڻ جا نقصان | 172 |
| آقا ﷺ پري تشريف وٺي ويندا ھئا | 173 |
| قضاءِ حاجت کان اڳ ۾ ھلڻ جا فائدا | 174 |
| بيتُ الخلا ۾ وڃڻ جون 47 نيتون | 174 |
| عوامي استنجا خاني ۾ وڃڻ وقت اھي نيتون ڪيو | 176 |
| **حيض ۽ نفاس جو بيان** | |
| درود شريف جي فضيلت | 177 |
| حيض ڇا کي چئبو آھي؟ | 178 |
| اِستِحاَضو ڇا کي چئبو آھي؟ | 178 |
| حَيض جا رنگ | 179 |
| حيض جي حڪمت | 179 |
| حَيض جي مُدّت | 180 |

| عنوان | صفحو |
| --- | --- |
| ڪيئن خبر پوي تہ استحاضو آھي | 180 |
| حيض اچڻ جي عمر | 181 |
| ٻن ماھوارين جي وچ ۾ گھٽ ۾ گھٽ فاصلو | 181 |
| اَھَم مَسْئَلو | 181 |
| نفاس جو بيان | 182 |
| نفاس جي ضَروري وَضاحت | 182 |
| نفاس جي باري ۾ ڪجھ ضَروري مسئلا | 183 |
| حمل ضايع ٿي وڃي تہ.....؟ | 183 |
| ڪجھ غلط فھمين جو اِزالو | 184 |
| اِستحاضہ جا احڪام | 184 |
| حيض ۽ نفاس جا 21 حڪم | 185 |
| حيض ۽ نفاس جي باري ۾ آٺ مَدَني گل | 190 |
| **زناني بيمارين جا گھريلو علاج** | |
| درود شريف جي فضيلت | 193 |
| بيمارين کان حفاظت جي لاءِ | 193 |
| ماھواريءَ جي خرابي جا نقصان | 194 |
| حيض جي خرابي ۽ ڀوائتا خواب | 194 |
| ماھواري جي ڪثرت جا ٻہ علاج | 194 |
| ماھواري جي خرابين جا ٽي علاج | 195 |
| ماھواري بند ٿيڻ جا 6 علاج | 195 |
| ماھواري جي تڪليف جو علاج | 196 |
| سَنڌَاپڻ جا 5 علاج | 196 |
| ڳورھاري عورت جي تڪليف بابت 6 علاج | 197 |
| خوبصورت ۽ عقلمند اولاد جي لاءِ | 198 |
| حمل جي ڏينھن جي لاءِ بھترين عمل | 198 |
| ويم ۾ تاخير | 199 |
| جيڪڏھن پيٽ ۾ ٻار ٽيڙو ٿي ويو تہ.... | 199 |
| سفيد پاڻي | 199 |
| حمل جي حفاظت جا 7 علاج | 200 |
| ليڪوريا جو علاج | 201 |
| عرقُ النساء جا ٻہ علاج | 201 |
| **ڪپڙا پاڪ ڪرڻ جو طريقو** | |
| درود شريف جي فضيلت | 203 |
| نَجاست جا قسم | 203 |
| نَجاستِ غَلِيظَہ | 203 |
| کير پياڪ ٻارن جو پيشاب ناپاڪ آھي | 205 |
| نَجاستِ غَلِيظَہ جو حُڪم | 205 |
| دِرھم جي مِقدار جي وضاحت | 206 |
| نَجاستِ خَفِيفَہ | 206 |
| نجاستِ خَفِيفَہ جو حڪم | 207 |
| اوڳر جو حڪم | 207 |
| پِتَي جو حُڪم | 207 |

| عنوان | صفحو |
|---|---|
| جانورن جي اُلٽي | 208 |
| ڪير يا پاڻيءَ ۾ نجاست پئجي وڃي تہ...؟ | 209 |
| پٽ، زمين، وڻ وغيره ڪيئن پاڪ ٿين؟ | 209 |
| رت لڳل زمين پاڪ ڪرڻ جو طريقو | 210 |
| ڇيڻي سان ليپيل زمين | 210 |
| جن پکين جي وٺ پاڪ آهي | 210 |
| مڇيءَ جو رت پاڪ آهي | 211 |
| پيشاب جون سنهيون ڦهنگون | 211 |
| گوشت ۾ باقي رهجي ويل رت | 211 |
| جانورن جون سُڪل هڏيون | 211 |
| حرام جانور جو ڪير | 211 |
| ڪوئي جون ڦولڙيون | 212 |
| غلاظت تي ويهڻ واريون مکيون | 212 |
| برسات جي پاڻيءَ جا احڪام | 212 |
| گھٽين ۾ بيٺل برسات جو پاڻي | 213 |
| پٿرن سان پاڪائي حاصل ڪرڻ کان پوءِ | 214 |
| رستي تي ڇٽڪاريو ويندڙ پاڻيءَ جا ڇنڊا | 214 |
| ڪتو بدن کي ڇهي وڃي | 214 |
| ڪتو آٽي ۾ وات هڻي تہ؟ | 214 |
| ڪتو ٿانوءَ ۾ وات هڻي تہ | 215 |
| ٻلي پاڻيءَ ۾ وات وجھي تہ؟ | 215 |
| ٽن مدني مُنين جي موت جو ڏکوئيندڙ واقعو | 215 |
| جانورن جو پگھر | 216 |
| گڏھ جو پگھر پاڪ آهي | 216 |
| رت واري وات سان پاڻي پيئڻ | 216 |
| عورت جي پردي واري جاءِ جي رُطوبت | 216 |
| خراب ٿيل گوشت | 217 |
| رت جي شيشي | 217 |
| مَيت جي وات جو پاڻي | 217 |
| ناپاڪ بسترو | 217 |
| آلي ٻچي | 217 |
| انساني کل جو ٽڪرو | 218 |
| سُڪل ڇيڻو | 218 |
| ٽئي تي ناپاڪ پاڻيءَ جو ڇنڊو هنيو تہ؟ | 218 |
| حرام جانور جو گوشت ۽ چمڙو ڪيئن پاڪ ٿئي | 218 |
| ٻڪري جي کل تي ويهڻ سان عاجزي پيدا ٿيندي | 219 |
| گھاٽي نجاست وارو ڪپڙو ڪيئن ڌوئجي؟ | 219 |
| نَجاست جو رنگ ڪپڙي تي رهجي وڃي...؟ | 220 |
| ڪپڙي پاڪ ڪرڻ جي باري ۾ 6 مدني گل | 220 |
| وهندڙ نلڪي جي هيٺان ڌوئڻ ۾ نپوڙڻ شرط ناهي | 221 |
| وهندڙ پاڻيءَ ۾ پاڪ ڪرڻ لاءِ نپوڙڻ شرط ناهي | 222 |
| پاڪ ۽ ناپاڪ ڪپڙا گڏ ڌوئڻ جو مسئلو | 222 |
| ناپاڪ ڪپڙا پاڪ ڪرڻ جو آسان طريقو | 223 |
| واشنگ مشين ۾ ڪپڙا پاڪ ڪرڻ جو طريقو | 223 |
| نلڪي جي هيٺان ڪپڙا پاڪ ڪرڻ جو طريقو | 224 |
| ڪارپيٽ پاڪ ڪرڻ جو طريقو | 224 |
| ناپاڪ تيل وارو ڪپڙو ڌوئڻ جو مسئلو | 225 |
| جيڪڏهن ڪپڙي جو ٿورو حصو ناپاڪ ٿي وڃي | 225 |
| ڪير سان ڪپڙا ڌوئڻ ڪيئن آهي؟ | 226 |
| مني وارا ڪپڙا پاڪ ڪرڻ جا 6 احڪام | 226 |
| ناپاڪ ڪپڙي جي نشاندهي ڪرڻ ڪڏهن واجب | 227 |
| ڪپھ پاڪ ڪرڻ جو طريقو | 227 |
| ٿانوءَ پاڪ ڪرڻ جو طريقو | 227 |
| ڇُري چاقو وغيره پاڪ ڪرڻ جو طريقو | 228 |
| آئينو پاڪ ڪرڻ جو طريقو | 228 |
| جتيون پاڪ ڪرڻ جو طريقو | 229 |
| ڪافرن جا استعمال ٿيل سويٽر وغيره | 229 |
| **اسلامي ڀينرن جون 23 مَدَني بهارون** | |
| درود شريف جي فضيلت | 230 |
| ﴿1﴾ آقا سبز عمامي وارن جي جُھرمٽ ۾.. | 230 |
| اسلامي ڀينرن ۾ مَدَني اِنقِلاب | 232 |
| ﴿2﴾ مون مَدَني بُرقعو ڪِيئن اپنايو! | 233 |
| ﴿3﴾ سرڪار مدينہ جو ديدار نصيب ٿي ويو | 235 |
| ﴿4﴾ سِڌي راھ ملي وئي | 237 |
| ﴿5﴾ آئون گانا لکندي هيس | 238 |
| ﴿6﴾ قابل رشڪ موت | 239 |
| ﴿7﴾ مديني جي سفر جي سعادت ملي وئي | 240 |
| ﴿8﴾ ڏيءَ جي اصلاح جو راز | 241 |
| ﴿9﴾ مَدَني مُنو چڱو ڀلو ٿي ويو | 242 |
| ﴿10﴾ روزگار ملي ويو | 243 |
| ﴿11﴾ سچي نيت جي برڪت | 245 |
| ﴿12﴾ اولاد مليو، پيرن جو سور ختم ٿيو | 246 |
| ﴿13﴾ منهنجا مسئلا حل ٿي ويا | 247 |
| ﴿14﴾ مدني انعام تي عمل جي برڪت سان چل مدينہ | 248 |
| ﴿15﴾ بنا آپريشن جي اولاد ٿيو | 250 |
| ﴿16﴾ گھر وارن تي انفرادي ڪوشش ڪيو | 251 |
| چار فرامين مصطفيٰ | 252 |
| ﴿17﴾ پُٽ چڱو ڀلو ٿي ويو | 252 |
| ﴿18﴾ اسي ماحول نے ادنيٰ کو اعليٰ کر ديا ديکھو! | 254 |
| ﴿19﴾ آئون پينٽ شرٽ پائيندي هئيس | 257 |
| ﴿20﴾ آئون روزانو ٽي، چار فلمون ڏسندي هئيس! | 259 |
| ﴿21﴾ آئون ٻارنهن سالن کان اولاد کان محروم هيس! | 261 |
| ﴿22﴾ گناھ کي گناھ سمجھڻ جو شعور ملي ويو | 263 |
| ﴿23﴾ آئون مُووي ٺهرائيندي هيس | 264 |

# ڪجھ فرض علم جي باري ۾

**منهنجا آقا اعليٰ حضرت، امام اهلسنت، مُجَدّد دين ۽ ملت مولانا شاهہ امام احمد رضا خان** عَلَيْهِ رَحْمَةُ الرَّحْمٰن **فرمائن ٿا:** ايترو ديني عِلم سکڻ جو مذهبِ حق بابت ڄاڻ ملي، وضو غسل، نماز روزي وغيره ضروري ديني احڪامن کان باخبر ٿئي، واپاري واپار، هاري زراعت، اجير (مزدور، ملازم) اجاري مقصد تہ هر شخص جنهن حالت ۾ آهي ان جي باري ۾ شريعت جي احڪامن جي ڄاڻ حاصل ڪري، (اهو) فرض عين آهي جيستائين هي علم حاصل نہ ڪري جاگرافي، تاريخ وغيره ۾ وقت ضايع ڪرڻ جائز ناهي، جيڪو فرض ڇڏي نفل ۾ مشغول ٿيو حديثن ۾ ان جي سخت برائي بيان ٿيل آهي ۽ ان جو اهو نيڪ ڪم مردود قرار ڏنو ويو آهي ۽ ائين نہ ٿئي جو فرض ڇڏي فضوليات ۾ وقت ضايع ڪري! الخ (فتاوي رضويہ مخرجہ ج 23 ص 648، 647)

افسوس! اڄ اسان جو وڏو تعداد صرف ۽ صرف دنياوي علوم حاصل ڪرڻ ۾ مشغول آهي، جيڪڏهن ڪنهن کي ڪجھ مذهبي ذوق مليو بہ تہ اڪثر ان جو ڌيان مستحب علوم ڏانهن ويو، افسوس صد ڪروڙ افسوس! فرض علمن ڏانهن مسلمانن جو توجھ نہ هجڻ برابر آهي ۽ حالت هي آهي جو نمازين جو وڏو تعداد نماز جي ضروري مسئلن کان اڻ ڄاڻ آهي، حالانڪ انهن مسئلن جو سکڻ فرض آهي ۽ نہ ڄاڻڻ سخت گناهہ آهي، منهنجا آقا اعلي حضرت رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه **فرمائن ٿا:** نماز جا ضروري مسئلا نہ ڄاڻڻ فِسق آهي. (ايضاً ج 6 ص 523)

الحمدلله عَزَّوَجَلَّ ڪتاب مستطاب ”اسلامي ڀينرن جي نماز“ بي شمار انهن احڪامن تي مشتمل آهي جن جو سکڻ اسلامي ڀينرن جي لاءِ فرض آهي، تنهنڪري اسلامي ڀينرون نہ صرف هڪ ڀيرو بلڪ هر هر پڙهن، لکيل مسئلن کي ياد ڪن، سنين سنين نيتن سان ٻين

اسلامي ڀينرن کي بہ پڙهي ٻڌائن، جيڪڏهن ڪو مسئلو ڪنهن ٻڌڻ واري جي سمجھ ۾ نہ آيو تہ رڳو پنهنجي اٽڪل سان وضاحت ڪرڻ بدران اهلسنت جي عالمن کان معلومات حاصل ڪري، هن جو طريقو بيان ڪندي صدر الشريعہ بدرالطريقہ مفتي امجد علي اعظميعَلَيهِ رَحمَةُ اللهِ القوي بهار شريعت حصي 7 صفحي 89 تي فرمائن ٿا: عورت کي مسئلو پڇڻ جي ضرورت پوي تہ جيڪڏهن مڙس عالم آهي تہ ان کان پڇي، ۽ عالم ناهي تہ ان کي چوي اهو پڇي اچي ۽ ان صورتن ۾ ان پاڻ کي عالم وٽ وڃڻ جي اجازت ناهي ۽ اهي صورتون نہ هجن تہ وڃي سگھي ٿي. (عالمگيري ج 1 ص 341)

الله عَزَّوَجَلَّ دعوت اسلامي جي "مجلسِ اِفتا" ۽ "مجلس المدينة العِلمَيہ" جي عالمن کي اجرِ عظيم عطا فرماءِ، جن هن ڪتاب جي وڏي جانفشاني سان تفتيش ڪئي ۽ ڪجھ جڳهن تي اهم روايتون ۽ جزئيات جو اضافو ڪري ان جي اِفاديت وڌائي ڇڏي آهي! بلا خوف لَوَمَۃ لائِم هن حقيقت جو اعتراف ڪيان ٿو تہ اهو ڪتاب انهن جي ئي خاص رهنمائي ۽ فيضانِ نظر جو ثمر آهي.الله عَزَّوَجَلَّ هن ڪتاب جي مؤلّف، هن جو مطالعو ڪرڻ وارين ۽ ڪرڻ وارن (جيئن تہ اسلامي ڀائرن جي لاءِ بہ ڪافي ڪارائتا مدني گل آهن) جو حافظو مضبوط ڪري جو انهن کي صحيح مسئلا ياد رهن ۽ عمل ڪرڻ ۽ ٻين تائين پهچائڻ جي سعادت نصيب ٿئي، الله شڪور عَزَّوَجَلَّ سگ مدينہ جي هن ادني ڪوشش کي مشڪور ڪري ۽ اخلاص جي لازوال دولت سان مالا مال ڪري.

مرا ہر عمل بس ترے واسطے ہو　　کر اخلاص ایسا عطا یاالٰہی

دعاءِ عطار: ياالله عَزَّوَجَلَّ جيڪو هن ڪتاب کي پنهنجي عزيزن جي ايصال ثواب جي لاءِ ۽ ٻين سٺين نيتن سان شادي غمي جي تقريبن ۽ اجتماعن وغيره ۾ ورهائي پاڙي ۾ گھر گھر پهچائي تہ ان جو ۽ ان جي صدقي منهنجو ٻنهي جهانن ۾ ٻيڙو پار ڪري ڇڏ.

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَ الصَّلٰوةُ وَ السَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ط بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ط

# ”اڇو تہ نماز سکون“ جي 13 اکرن جي نسبت سان هن ڪتاب کي پڙهڻ جون 13 نيّتون

**فرمانِ مصطفيٰ** صَلَّي اللهُ تَعَالٰي عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: نِيَّةُ الْمُؤمِنِ خَيْرٌ مِّنْ عَمَلِهٖ. يعني مسلمان جي نيت ان جي عمل کان بهتر آهي. (المعجم الڪبير للطبراني، الحديث: 5942، ج 6، ص185)

## ٻہ مدني گُل:

❖ سٺي نيت کانسواءِ ڪنهن بہ نيڪ عمل جو ثواب ناهي ملندو.

❖ جيتريون سٺيون نيتون وڌيڪ، اوترو ثواب بہ وڌيڪ.

﴿1﴾ اِخلاص سان مسئلا سکي رضاءِ الهي جي حقدار بڻجنديس ﴿2﴾ حتي الامڪان هن ڪتاب جو باوضوءِ قبلي رخ تي مطالعو ڪنديس ﴿3﴾ هن جي مطالعي جي ذريعي فرض علم سکنديس ﴿4﴾ پنهنجو وضو غسل ۽ نماز درست ڪنديس ﴿5﴾ جيڪڏهن ڪا ڳالهہ سمجھ ۾ نہ آئي تہ عالمن کان پڇا ڪندس ﴿6﴾ (پنهنجي ذاتي ڪتاب تي) ضرورت موجب خاص خاص جاين کي انڊر لائين ڪنديس. يادداشت واري صفحي تي ضروري نڪتا لکنديس ﴿7﴾ جنهن مسئلي ۾ دشواري ٿي تہ ان کي بار بار پڙهنديس ﴿8﴾ سڄي زندگي عمل ڪنديس ﴿9﴾ جيڪي اسلامي ڀينرون نٿيون ڄاڻين انهن کي سيکارينديس، جيڪي علم ۾ برابر هونديون انهن سان مسئلن ۾ تڪرار ڪنديس ﴿10﴾ ٻين اسلامي ڀينرن کي هي ڪتاب پڙهڻ جي ترغيب ڏيارينديس ﴿11﴾ گهٽ ۾ گهٽ 12 عدد يا وس آهر هي ڪتاب خريد ڪري ٻين کي تحفي ۾ ڏينديس ﴿12﴾ هن ڪتاب جو مطالعو ڪري ثواب سموري امت کي ايصال ڪندس ﴿13﴾ ڪتابت وغيره ۾ شرعي غلطي نظر آئي تہ ڇاپيندڙن کي تحريري طور تي اِطلاع ڪندس. (ڇاپيندڙن کي ڪتابن جون غلطيون صرف زباني ٻڌائڻ خاص فائديمند ناهي هوندو)

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ
اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ؕ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ؕ

# وُضو جو طريقو (حنفي)

## دُرُود شريف جي فضيلت

نبي مُکرَّم، نورِ مُجسَّم، رَسُولِ مُحتَشَم صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جو فرمانِ عاليشان آهي: ”جنهن مون تي 100 ڀيرا درود شريف پڙهيو، الله تعاليٰ ان جي ٻنهي اکين جي وچ ۾ لکي ڇڏيندو آهي ته هي نِفاق ۽ جهنّم جي باھ کان آزاد آهي ۽ ان کي قيامت جي ڏينهن شهيدن سان گڏ رکندو.“ (مجمع الزوائد ج 10 ص 253 حديث 17298)

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## اڳيان پويان گناھ معاف ڪرائڻ جو نسخو

حضرت سيّدنا حُمران رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنْهُ کان روايت آهي ته حضرت سيّدنا عُثمان غني رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنْهُ جن وضو جي لاءِ پاڻي گهرايو، جڏهن ته پاڻ سياري جي هڪ رات ۾ نماز جي لاءِ ٻاهر وڃڻ چاهيو ٿئي، آئون سندن جي لاءِ پاڻي کڻي حاضر ٿيس ته پاڻ رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنْهُ جن پنهنجو منهن ۽ ٻئي هٿ ڌوتا (اهو ڏسي ڪري) مون عرض ڪيو: ”الله عَزَّوَجَلَّ اوهان کي ڪفايت ڪري رات ته تمام ٿڌي آهي.“ ته پاڻ رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنْهُ فرمايو: ”مون نبي ڪريم صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي فرمائيندي ٻڌو آهي: ”جيڪو ٻانهو ڪامل وضو ڪندو آهي ان جا اڳيان پويان گناھ معاف ڪيا ويندا آهن.“ (الترغيب والترهيب للمنذري ج 1 ص 93 حديث 11)

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

# گناهه ڇڻڻ جي حڪايت

اَلۡحَمۡدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ وضو ڪرڻ واري جا گناهه ڇڻي پوندا آهن، ان باري ۾ هڪ ايمان افروز حڪايت نقل ڪندي حضرت عَلامه عَبدُالوَهّاب شَعرَانِي قُدِّسَ سِرُّهُ النُّورَانِي فرمائن ٿا: هڪ ڀيري سيِّدُنا امامِ اعظم اَبوحَنِيفه رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰی عَنۡهُ ڪوفي جي جامع مسجد جي وُضو خاني ۾ تشريف وٺي ويا ته هڪ نوجوان کي وُضو ڪندي ڏٺائون، جنهن کان وُضو (۾ استعمال ٿيل پاڻي) جا قطرا ٽِمي رهيا هئا. پاڻ رَحۡمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰی عَلَيۡه ارشاد فرمايائون: ”اي پُٽ! ماءُ پيءُ جي نافرماني کان توبهه ڪر“ ان فورًا عرض ڪيو: مون توبهه ڪئي، هڪ ٻئي شخص کي وضو (۾ استعمال ٿيڻ واري پاڻي) جا قطرا ڪِرندي ڏسي پاڻ کيس فرمايائون: اي منهنجا ڀاءُ تون زنا کان توبهه ڪر، ان عرض ڪيو: مون توبهه ڪئي، ۽ هڪ ٻئي شخص جي وضو جا قطرا ڪِرندا ڏٺا ته ان کي فرمايائون: شراب پيئڻ ۽ گانا باجا ٻُڌڻ کان توبهه ڪر، ان عرض ڪيو: مون توبهه ڪئي، سَيِّدُنا اِمامِ اَعظَم اَبو حَنِيفه رَحۡمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰی عَلَيۡه تي ڪَشف سبب ماڻهن جا عَيبَ ظاهر ٿي ويندا هئا. تنهنڪري پاڻ بارگاهِ خداوندي ۾ ڪَشف جي ختم ٿيڻ جي دعا گُهري، اللّٰه عَزَّوَجَلَّ سندن دعا قبول فرمائي، جنهن کان پوءِ کين وُضو ڪرڻ وارن جا گناهه ڇڻندي نظر اچڻ بند ٿي ويا. (الميزان الڪبريٰ ج 1 ص 130)

صَلُّوا عَلَی الۡحَبِيۡب! صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

# قبر ۾ باهه ڀڙڪي پئي!

حضرت سيّدنا عَمرو بِن شُرَحۡبِيۡل رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰی عَنۡهُ کان روايت آهي ته هڪ شخص جو انتقال ٿي ويو جنهن کي ماڻهو مُتَّقِي ۽ پرهيزگار

سمجهندا هئا. جڏهن ان کي قبر ۾ دفن ڪيو ويو تہ ملائڪن فرمايو: ”اسان توکي الله تعاليٰ جي عذاب جا 100 ڌُرا (يعني ڦٽڪا) هڻنداسين.“ هن پڇيو: ”ڇو هڻندؤ؟ آئون تہ مُتّقي ۽ پرهيزگار هئس.“ تہ ملائڪن فرمايو: ”هلو 50 ڌُرا هڻنداسين“ انهيءَ تي هو شخص برابر بحث ڪندو رهيو. ايستائين جو اهي ملائڪ هڪ ڌُري تي اچي ويا ۽ انهن عذابِ الاهي جو هڪ ڌُرو هنيو جنهن سان سڄي قبر ۾ باهہ ڀڙڪي پئي! تہ هن پڇا ڪئي تہ توهان مون کي ڌُرو ڇو هنيو؟ ملائڪن جواب ڏنو: ”تو هڪ ڏينهن ڄاڻي واڻي بنا وضو جي نماز پڙهي هئي ۽ هڪ ڀيري هڪ مظلوم تو وٽ فرياد ڪٽي آيو هو، پر تو ان جي مدد نہ ڪئي.“ (شرح الصدور ص 165 حلية الاولياء ج 4 ص 157 رقم5101)

اسلامي ڀينرؤ! بنا وضو جي نماز پڙهڻ سخت جُرئت جي ڳالھ آهي، فقهاءِ ڪرام رَحِمَهُمُ اللهُ السَّلام ايستائين فرمائن ٿا: بنا عذر ڄاڻي واڻي جائز سمجهي اِسۡتِهزَاءً (يعني مذاق اُڏائيندي) بنا وضو جي نماز پڙهڻ ڪفر آهي. (منح الروض الازهر للقاري ص 468)

صَلُّوا عَلَى الۡحَبِيۡب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## ”با وُضو رهڻ ثواب آهي“ جي 15 اکرن جي نسبت سان 15 مدني گُل

﴿1﴾ نماز ﴿2﴾ سجدهءِ تلاوت ۽ ﴿3﴾ قرآن شريف کي ڇهڻ جي لاءِ وضو ڪرڻ فرض آهي. (نور الايضاح ص 18) ﴿4﴾ بيتُ الله شريف جي طواف جي لاءِ وضو ڪرڻ واجب آهي. (ايضاً) ﴿5﴾ جَنابت واري غسل کان اڳ ۾ ۽ ﴿6﴾ جَنابت کان ناپاڪ ٿيڻ واريءَ کي کائڻ، پيئڻ ۽ سمهڻ جي لاءِ ۽ ﴿7﴾ حضور پُرُ نور صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي روضي مبارڪ جي زيارت ۽ ﴿8﴾ وقوفِ عَرفہ ۽ ﴿9﴾ صَفا ۽ مَروَه جي وچ ۾

سعي ڪرڻ جي لاءِ وضو ڪرڻ سنّت آهي. (بهار شريعت حصو 2 ص 24) ﴿10﴾ سمهڻ جي لاءِ ۽ ﴿11﴾ ننڊ مان جاڳڻ کان پوءِ ﴿12﴾ جِماع کان پهرين ۽ ﴿13﴾ جڏهن ڪاوڙ اچي ان وقت ۽ ﴿14﴾ زباني قرآن شريف پڙهڻ جي لاءِ ۽ ﴿15﴾ ديني ڪتابن کي هٿ لائڻ جي لاءِ وضو ڪرڻ مُسۡتَحَب آهي. (ايضاً، نور الايضاح ص 19)

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

# اسلامي ڀينرن جي وضو جو طريقو (حنفي)

ڪَعبَۃُاللّٰہ شريف ڏانهن منهن ڪري مٿاهين جاءِ تي ويهڻ مُسۡتَحب آهي. وضوءَ جي لاءِ نيّت ڪرڻ سنّت آهي، نيّت دل جي ارادي کي چئبو آهي، دل ۾ نيّت هوندي زبان سان به چوڻ افضل آهي، انهيءَ ڪري زبان سان هن طرح نيّت ڪريو ته ”آئون اللهعَزَّوَجَلَّ جو حُڪم بجا آڻڻ ۽ پاڪائي حاصل ڪرڻ لاءِ وُضو ڪري رهي آهيان“ بِسۡمِ الله چئي ڇڏيو جو اها به سنّت آهي، بلڪ بِسۡمِ اللهِ وَالحَمۡدُلله چئو جو جيستائين باوضو رهنديون ملائڪ نيڪيون لکندا رهندا. (مجمع الزوائد ج 1 ص 513 حديث 1112) هاڻي ٻئي هٿ ٽي ٽي ڀيرا ڪرائين تائين ڌوئو، (نلڪي کي بند ڪري) ٻنهي هٿن جي آڱرين جو خِلال به ڪريو. گهٽ ۾ گهٽ ٽي ٽي ڀيرا ساڄي ڪابي هيٺ مٿي مِسواڪ (يعني ڏندڻ) ڪيو ۽ هر ڀيري ڏندڻ کي ڌوئو، حُجَّةُ الاِسۡلام اِمام محمد غزالي عَلَيهِ رَحۡمَةُ اللهِ الوَالِی فرمائن ٿا: ”ڏندڻ ڪرڻ وقت نماز ۾ قرآن شريف جي قِرَاءَت ۽ الله عَزَّوَجَلَّ جي ذِڪر لاءِ وات کي پاڪ ڪرڻ جي نيّت ڪرڻ گهرجي. (احياءُالعُلوم ج 1 ص 182) پوءِ ساڄي هٿ جي ٽي بُڪ پاڻيءَ سان (هر ڀيري نلڪو بند ڪري) اهڙي طرح ٽي ڪرڙيون ڪريو جو هر ڀيري وات جي هر حصي تائين پاڻي پهچي وڃي جيڪڏهن روزو نه هجي

تہ گُرڙا بہ ڪريو، پوءِ ساڄي هٿ جي ٽي ٽن ڀُڪن پاڻي (هاڻي هر ڀيري اڌ ڀُڪ پاڻي ڪافي آهي) سان (هر ڀيري نلڪو بند ڪري) ٽي ڀيرا نڪ ۾ نرم گوشت تائين پاڻي چاڙهيو ۽ جيڪڏهن روزو نہ هجي تہ نڪ جي پاڙ تائين پاڻي پهچايو. هاڻي (نلڪو بند ڪري) کاٻي هٿ سان نڪ صاف ڪريو ۽ چيچ نڪ جي سوراخن ۾ وجهو، ٽي ڀيرا سڄو منهن اهڙيءَ طرح ڌوئو، جو جتان ڪان قدرتي طور تي مٿي جا وار ڦٽڻ شروع ٿيندا آهن اُتان ڪان ڪاڏيءَ جي هيٺان تائين ۽ هڪ ڪن جي پاپڙي ڪان ٻئي ڪن جي پاپڙيءَ تائين هر جڳهہ تي پاڻي وهي وڃي. پوءِ پهريان ساڄي ٻانهن آڱرين جي منڍن ڪان ڌوئڻ شروع ڪري نونھين سميت ٽي ڀيرا ڌوئو، اهڙيءَ طرح پوءِ کاٻي ٻانهن ڌوئو، ۽ ٻئي ٻانهون اڌ ڌُونرن تائين ڌوئڻ مُستَحب آهي، جيڪڏهن چوڙيون، ڪنگڻ يا ڪو بہ زيور پاتل هجي تہ ان کي هلايو، جيئن پاڻي انهن جي هيٺان بدن تي وهي وڃي، جيڪڏهن انهن کي هلائڻ بنا پاڻي وهي وڃي ٿو تہ، هلائڻ جي حاجت ناهي، ۽ جيڪڏهن بنا هلائڻ يا بنا لاهڻ جي پاڻي نہ پهچندو تہ پهرين صورت ۾ هلائڻ ۽ ٻي صورت ۾ لاهڻ ضروري آهي، اڪثر اسلامي ڀينرون **پاڻيءَ جو ڀُڪ ڪٽي ڪراين ڪان ٽي ڀيرا ڇڏي ڏينديون آهن جيڪو نونٺ تائين وهندو ويندو آهي ائين ڪرڻ سان نونھين ۽ ڪراين جي پاسن تي پاڻي نہ پهچڻ جو انديشو آهي تنهن ڪري بيان ڪيل طريقي مطابق ٻانهون ڌوئو، هاڻي ڀُڪ ڀري نونٺ تائين پاڻي وهائڻ جي ضرورت ناهي بلڪ** (بنا شرعي اجازت ائين ڪرڻ) **اهو پاڻيءَ جو اِسراف آهي.**
هاڻي (نلڪو بند ڪري) **مٿي جو مَسحُ** (يعني مڪ) اهڙيءَ طرح ڪيو جو ٻئي آڱوٺا ۽ شهادت واريون آڱريون ڇڏي ٻنهي هٿن جي ٽن ٽن

آڱرين جا مُندا هڪ ٻئي سان ملايو ۽ پيشاني جي وارن يا ڳلَ تي رکي اهڙيءَ طرح ڪياڙيءَ تائين ڪٽي وڃو جو ان دوران آڱرين جو ڪو حصو وارن کان جدا نہ رهي پر تريون مٿي کان الڳ رهن ۽ وري ڪِياڙيءَ سان تريون ملائي پيشاني تائين آڻيو ۽ شهادت واريون آڱريون ۽ آڱوٺا ان دؤران مٿي سان بلڪل نہ لڳن ۽ پوءِ شهادت واري آڱرين سان ڪنن جي اندرئين حصي جو ۽ آڱوٺن سان ڪنن جي ٻاهرئين حصي جو مسحُ ڪريو، ۽ چيچ ڪنن جي سوراخن ۾ داخل ڪريو ۽ آڱرين جي پوئين پاسي سان ڪنڌ جي پوئين حصي جو مسح ڪريو، ڪي اسلامي ڀينرون ڳلي جو ۽ ڌوتل هٿن جي نونڻين ۽ ڪراين جو مسح ڪنديون آهن اها سنّت ناهي. **مٿي جو مسح ڪرڻ کان اڳ نلڪو چڱيءَ طرح بند ڪرڻ جي عادت بڻايو،** بنا سبب نلڪو کليو ڇڏي ڏيڻ يا ٿورو بند ڪرڻ، جو پاڻي ٽِمي ضايع ٿيندو رهي اِسراف آهي. پوءِ پهريان ساڄو پوءِ کاٻو پير هر ڀيري آڱرين کان شروع ڪري پيڏين کان مٿي تائين بلڪ مُستَحب آهي تہ اڌ پِنين تائين ٽي ٽي ڀيرا ڌوئي ڇڏيو، ٻنهي پيرن جي آڱرين جو خِلال ڪرڻ سنّت آهي. (خِلال جي دؤران نلڪو بند رکو) ان جو مُستَحب طريقو هي آهي تہ کاٻي هٿ جي چيچ سان ساڄي پير جي چيچ جو خِلال شروع ڪري آڱوٺي تي ختم ڪريو ۽ کاٻي هٿ جي چيچ سان کاٻي پير جي آڱوٺي کان شروع ڪري چيچ تي ختم ڪريو. (عام ڪتب)

**حُجَّةُالاِسلَام** اِمَام مُحَمَّد بن محمد غَزَالي عَلَيهِ رَحمَةُ اللهِ الوَالی فرمائن ٿا: ”هر عُضوي کي ڌوئڻ وقت اها اميد ڪندو رهي تہ منهنجي هن عضوي جا گناهہ نڪري رهيا آهن.“ (ملخصًا اِحياءُالعُلوم ج 1 ص 183)

**وضو کان پوءِ هي دعا بہ پڙهو** (اول ۽ آخر درود شريف)

اَللّٰھُمَّ اجْعَلْنِیْ مِنَ التَّوَّابِیْنَ وَاجْعَلْنِیْ مِنَ الْمُتَطَھِّرِیْنَ (سنن ترمذي ج 1 ص 121 حديث 55)

**ترجمو : اي الله مون کي ڪثرت سان توبہ ڪرڻ وارن مان بڻاءِ ۽ مون کي پاڪيزه رهڻ وارن ۾ شامل ڪر.**

صَلُّوا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

# جنت جا اَٺ ئي در کُلي ويندا آهن

ڪلمہِ شهادت يعني اَشْھَدُ اَنْ لَّآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ وَحْدَهٗ لَاشَرِیْكَ لَهٗ وَاَشْھَدُ اَنَّ مُحَمَّدًا عَبْدُهٗ وَرَسُوْلُهٗ ﷺ بہ پڙهي وٺو. حديث شريف ۾ آهي: "**جنهن چڱيءَ طرح وضو ڪيو ۽ پوءِ ڪلمہِ شهادت پڙهيو تہ ان جي لاءِ جنت جا اَٺ ئي در کوليا ويندا آهن جنهن مان چاهي اندر داخل ٿي وڃي.**"

(صحيح مسلم ص 144، 145 حديث 234)

جيڪو وضو ڪرڻ کان پوءِ هي **ڪلمات** پڙهندو: سُبْحٰنَكَ اللّٰھُمَّ وَبِحَمْدِكَ اَشْھَدُ اَنْ لَّا اِلٰهَ اِلَّا اَنْتَ اَسْتَغْفِرُكَ وَاَتُوْبُ اِلَیْكَ "**اي الله** عَزَّوَجَلَّ تون پاڪ آهين ۽ تنهنجي لاءِ ئي تمام خوبيون آهن، آئون شاهدي ڏيان ٿو (ٿي) تہ توکان سواءِ ڪو بہ معبود ناهي، آئون تو کان بخشش گهران ٿو (ٿي) ۽ تنهنجي بارگاهہ ۾ توبہ ڪريان ٿو (ٿي)".

تہ ان تي مهر لڳائي عرش جي هيٺان رکيو ويندو ۽ قيامت جي ڏينهن ان پڙهڻ واري کي ڏنو ويندو. (شعب الايمان ج 3 ص 21 رقم 2754)

# وضوءَ کان پوءِ سورهءِ قدر پڙهڻ جون فضيلتون

حديثِ پاڪ ۾ آهي تہ "جيڪو وضوءَ کان پوءِ هڪ ڀيرو سُورهءِ قَدر (يعني اِنَّآ اَنْزَلْنٰهُ) پڙهندو تہ اهو **صِدِّيقين** مان آهي ۽ جيڪو بہ ڀيرا پڙهندو تہ **شهيدن** ۾ شُمار ڪيو ويندو ۽ جيڪو ٽي ڀيرا پڙهندو تہ **الله**عَزَّوَجَلَّ مَحشر جي ميدان ۾ ان کي پنهنجي **نبِيَّن** سان گڏ رکندو."

(ڪنزالعمال ج 9 ص 132 رقم 26085، الحاوي للفتاوٰي ج 1 ص 402، 403)

## نظر ڪڏهن بہ ڪمزور نہ ٿيندي

جيڪو وضوءَ ڪان پوءِ آسمان ڏانهن نهاري (هڪ ڀيرو) سورهٔ اِنَّآ اَنۡزَلۡنٰهُ پڙهي اِنۡ شَآءَاللهعَزَّوَجَلَّ ان جي نظر ڪڏهن بہ ڪمزور نہ ٿيندي.

(مسائل القرآن ص 291)

## تَصَوُّف جو عظيم مَدَني نُسخو

حُجَّةُ الاسلام حضرت سيدنا اِمام مُحَمَّد بن محمد غَزَالي عَلَيۡهِ رَحۡمَةُ اللهِ الوَالِى فرمائن ٿا: "وُضو ڪان فارغ ٿيڻ ڪان پوءِ جڏهن توهان نماز پڙهو تہ ان وقت اهو تصوُّر ڪريو تہ جن ظاهري عضون تي ماڻهن جي نظر پوندي آهي اهي تہ ظاهر ۾ پاڪ ٿي چڪا آهن، پر دل کي پاڪ ڪرڻ کانسواءِ بارگاهِ الاهي ۾ مُناجات ڪرڻ (يعني ٻاڏائڻ) حياءُ جي خلاف آهي، ڇو تہ الله عَزَّوَجَلَّ دلين کي بہ ڏسندڙ آهي." وڌيڪ فرمائن ٿا: ظاهري وضو ڪرڻ واري کي اها ڳالهہ ياد رکڻ گهرجي تہ دل جي صفائي توبهہ ڪرڻ ۽ گناهن کي ڇڏي ڏيڻ ۽ عُمدا اخلاق اپنائڻ سان ٿيندي آهي، جيڪو شخص دل کي گناهن کان پاڪ نہ ٿو ڪري فقط ظاهري پاڪائي ۽ ناهہ نوهہ تي بس ڪري ٿو تہ ان جو مثال ان شخص جهڙو آهي جيڪو بادشاهہ کي دعوت ڏئي ٿو ۽ پنهنجي گهر کي ٻاهران خوب چمڪائي ٿو ۽ رنگ وغيره لڳائي ٿو پر گهر جي اندرئين حصي جي صفائيءَ تي ڪوبہ ڌيان نہ ٿو ڏئي، پوءِ جڏهن بادشاهہ ان جي گهر جي اندر اچي گندگيون ڏسندو تہ ناراض ٿيندو يا راضي؟ اهو هر عقلمند پاڻ سمجهي سگهي ٿو.

(ملخصاً احياءالعلوم ج 1 ص 185)

صَلُّوا عَلَى الۡحَبِيۡب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

# لفظ ”اللّٰه“ جي چئن اکرن جي نسبت سان وضو جا چار فرض

**﴿1﴾ منهن ڌوئڻ:** يعني چهري جي ڊيگهه ۾ پيشاني جتان عام طور وَار ڦٽن ٿا، اتان کان وٺي کاڏي کان هيٺ تائين، ۽ ويکر ۾ هڪ ڪن جي پاپڙي کان وٺي ٻئي ڪن جي پاپڙي تائين هڪ ڀيري ڌوئڻ.

**﴿2﴾ ٺونٺين سميت ٻانهون ڌوئڻ:** يعني ٻئي هٿ ٺونٺين سميت اهڙي طرح ڌوئڻ جو آڱرين جي ننهن کان وٺي ٺونٺين سميت هڪ وار به سُڪل نہ رهي

**﴿3﴾ مٿي جي چوٿين حصي جو مَسح ڪرڻ:** يعني هٿ آلو ڪري مٿي جي چوٿين حصي جي وارن تي مسح ڪرڻ

**﴿4﴾ ﭘيڏين سميت ٻئي پير ڌوئڻ:** يعني ٻنهي پيرن کي ﭘيڏين سميت اهڙي طرح ڌوئڻ جو ڪا جڳهہ خشڪ نہ رهي

(فتاويٰ عالمگيري ج 1 ص 3، 4، 5، بهار شريعت حصو 2 ص 10)

**مدني گل:** انهن چئني فرضن مان جيڪڏهن هڪ فرض بہ رهجي ويو تہ وضو نہ ٿيندو ۽ جڏهن وضو نہ ٿيو تہ نماز بہ نہ ٿيندي.

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

# ڌوئڻ مان مراد

ڪنهن عُضوي کي ڌوئڻ جي معنیٰ اها آهي تہ ان عضوي جي هر حصي تي گهٽ ۾ گهٽ بہ ڦُڙا پاڻي وهي وڃي، رُڳو پِسڻ يا پاڻيءَ کي تيل وانگر مکڻ يا هڪ ڦڙو وهي وڃڻ کي ڌوئڻ نہ چئبو، ۽ اهڙيءَ طرح نہ وضو ٿيندو ۽ نہ ئي غسل ادا ٿيندو.

(فتاويٰ رضويه ج 1 ص 218، بهارشريعت حصو 2 ص 10)

## ”يَا رَحْمَةً لِّلْعٰلَمِين“ جي تيرهن اکرن جي نسبت سان وضوءَ جون 13 سنتون

”وضو جو طريقو“ (حنفي) ۾ ڪجھ سُنّتن ۽ مُسْتَحبن جو بيان ٿي چڪو آهي ۽ هاڻي اُن جي وڌيڪ وضاحت ملاحظ فرمايو: ﴿1﴾ نيّت ڪرڻ ﴿2﴾ بِسْمِ الله پڙهڻ، جيڪڏهن وضوءَ کان اڳ بِسْمِ اللهِ وَالْحَمْدُ لِلّٰه چونديون تہ جيستائين باوضو رهنديون ملائڪ نيڪيون لکندا رهندا. (مجمع الزوائد ج 1 ص 513 رقم الحديث 1112) ﴿3﴾ ٻئي هٿ ڪراين تائين ٽي ڀيرا ڌوئڻ ﴿4﴾ ٽي ڀيرا ڏندڻ ڪرڻ ﴿5﴾ ٽن ٻُڪن سان ٽي ڀيرا ڳُرڙي ڪرڻ ﴿6﴾ روزو نہ هجي تہ ڳرڙا ڪرڻ ﴿7﴾ ٽن ٻُڪن سان ٽي ڀيرا نڪ ۾ پاڻي چاڙهڻ ﴿8﴾ هٿن ۽ ﴿9﴾ پيرن جي آڱرين جو خِلال ڪرڻ ﴿10﴾ سڄي مٿي جو هڪ ئي ڀيرو مَسح ڪرڻ ﴿11﴾ ڪنن جو مَسح ڪرڻ ﴿12﴾ فرضن ۾ ترتيب قائم رکڻ (يعني فرض عضون ۾ پهرين منهن، پوءِ ٻانهون نونهين سميت ڌوئي، پوءِ مٿي جو مَسح ڪرڻ ۽ پوءِ پير ڌوئڻ) ﴿13﴾ ۽ مُتَوَاتر وضو ڪرڻ يعني هڪ عُضوو سُڪي ئي نہ تہ ٻيو عضوو ڌوئي ڇڏڻ. (بهارشريعت حصو 2 ص 14، 18)

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## ”يارسول الله تيرے در کی فضاؤں کو سلام“ جي اوڻٽيهہ اکرن جي نسبت سان وضوءَ جا 29 مُستحبَ

﴿1﴾ قبلي ڏانهن منهن ڪري ﴿2﴾ مٿانهين جڳهہ تي ﴿3﴾ ويهڻ ﴿4﴾ پاڻي وهائڻ وقت عضون تي هٿ ڦيرڻ ﴿5﴾ اِطمِينان سان وضو ڪرڻ ﴿6﴾ وضوءَ جي عضون تي اڳ ۾ پاڻي مکڻ خاص ڪري سياري ۾ ﴿7﴾ وضو ڪرڻ لاءِ بنا ضرورت جي ڪنهن کان مدد نہ

ونڻ ﴿8﴾ ساڄي هٿ سان ڳُرڙي ڪرڻ ﴿9﴾ ساڄي هٿ سان نڪ ۾ پاڻي چاڙهڻ ﴿10﴾ کابي هٿ سان نڪ صاف ڪرڻ ﴿11﴾ کابي هٿ جي چيچ نڪ ۾ وجهڻ ﴿12﴾ آڱرين جي پٺئين پاسي سان ڪنڌ جي پوئين پاسي جو مسح ڪرڻ ﴿13﴾ ڪنن جو مسح ڪرڻ وقت پسايل چيچ ڪنن جي سوراخن ۾ داخل ڪرڻ ﴿14﴾ مُنديءَ کي گهمائڻ جڏهن ته ڍِري هجي ۽ اهو يقين هجي ته ان جي هينان پاڻي وهي ويو آهي، ۽ جيڪڏهن سوڙهي هجي ته گهمائي آڱر جي هينان پاڻي وهائڻ فرض آهي ﴿15﴾ شَرعِي مَعذُور (ان جا تفصيلي احڪام هن ئي رسالي جي صفحي 27 کان 31 تي ڏسو) نه هجي ته نماز جو وقت شروع ٿيڻ کان اڳ ۾ ئي وضو ڪري ڇڏڻ ﴿16﴾ جيڪا اسلامي ڀيڻ پوري طرح وضو ڪندي آهي، يعني جنهن جي ڪا به جڳهه پاڻي وهڻ کان رهجي نه ويندي هجي ته اهي اکين جون ڪُنڊون جيڪي نڪ سان مليل آهن، پيڏين، ڳڙين، پير جي ترين ۽ ڳڙين جي مٿئين حصي، آڱرين جي وچ وارين وِٿين ۽ نونئين جو خاص خيال رکن ۽ بي خيالي ڪرڻ وارين جي لاءِ ته فرض آهي ته انهن جڳهن جو خاص خيال رکن جو اڪثر ڏٺو ويو آهي ته اهي جڳهون سُڪل رهجي وينديون آهن ۽ اهو ڌيان نه ڏيڻ جو ئي نتيجو آهي ۽ اهڙي بي خيالي حرام آهي ۽ خيال ڪرڻ فرض ﴿17﴾ وضوءَ جو ڪوُنرو کابي پاسي رکو ۽ جيڪڏهن ٿالهه يا ديڳڙي وغيره سان وضو ڪريو ته ساڄي پاسي رکو ﴿18﴾ منهن ڌوئڻ وقت پيشانيءَ تي اهڙيءَ طرح پاڻي ڦهلائي وجهڻ جو مٿي جو به ڪجهه حصو ڌوپجي وڃي ﴿19﴾ منهن ۽ ﴿20﴾ هٿن پيرن جي روشني وسيع ڪرڻ يعني جنهن جاءِ تي پاڻي وهائڻ فرض آهي ان جي چوڌاري ڪجهه وڌائڻ مثال طور ٻانهون

نونٺ کان مٿي اڌ ٻانهن تائين ۽ پير پيڏين کان مٿي اڌ ڀِنين تائين ڌوئڻ ﴿21﴾ ٻنهي هٿن سان منهن ڌوئڻ ﴿22﴾ هٿ پير ڌوئڻ ۾ آڱرين کان شروع ڪرڻ ﴿23﴾ هر عُضوو ڌوئڻ کان پوءِ ان تي هٿ ڦيرائي پاڻي جا ڦڙا ڪيرائڻ ته جيئن جسم يا ڪپڙن تي نه ڪِرن ﴿24﴾ هر عضوو ڌوئڻ وقت ۽ مَسح ڪرڻ وقت وضوءَ جي نيّت جو حاضر هئڻ ﴿25﴾ شروعات ۾ بِسمِ الله سان گڏوگڏ دُرُود شريف ۽ ڪلمهءِ شهادت پڙهڻ ﴿26﴾ وضوءَ وارا عضوا بنا ضرورت جي نه اُگهو، جيڪڏهن اُگهڻا ئي هجن تڏهن به بنا ضرورت جي بلڪل خُشڪ نه ڪريو، بلڪ ڪجھ آلاڻ ڇڏي ڏيو جو قِيامت جي ڏينهن نيڪين جي پلڙي ۾ رکي ويندي ﴿27﴾ وضوءَ کان پوءِ هٿ نه ڇنڊيو جو اهو شيطان جو پکو آهي ﴿28﴾ وضو کان پوءِ سلوار جي ان حصي تي پاڻي ڇنڊڻ، جيڪو شرمگاهه جي ويجهو هوندو آهي. (پاڻيءَ جا ڇنڊا هڻڻ وقت ان حصي کي قميص جي دامن ۾ ڍڪيل رکڻ مناسب آهي، ۽ وضو ڪرڻ وقت به بلڪ هر وقت پردي ۾ پردو ڪندي ان کي قميص جي دامن يا چادر وغيره سان ڍڪي رکڻ حياءَ جي ويجهو آهي) ﴿29﴾ جيڪڏهن مڪروهه وقت نه هجي ته ٻه رڪعت نفل ادا ڪرڻ جنهن کي تَحِيَةُ الوضو چئبو آهي. (بهارشريعت حصو 2 ص 18، 22)

صَلُّوا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## "باوضو رهڻ ثواب آهي" جي پندرهن اکرن جي نسبت سان وضوءَ جا 15 مَڪروهه

﴿1﴾ وضوءَ جي لاءِ ناپاڪ جاءِ تي ويهڻ ﴿2﴾ ناپاڪ جاءِ تي وضوءَ جو پاڻي ڪيرائڻ ﴿3﴾ وضوءَ جي دوران عضون مان ڪُئنري وغيره ۾ قطرا ڪيرائڻ (منهن ڌوئڻ وقت ٻُڪ ۾ عام طور تي

ڇهري تان پاڻيءَ جا قطرا ڪِرندا آهن انهن جو خيال رکو) ﴿4﴾ قبلي ڏانهن ٿُڪَ يا بلغم اُڇلائڻ يا ڳُرڙي ڪرڻ ﴿5﴾ گهڻو پاڻي خرچ ڪرڻ (صدرُالشَّريعه، علامہ مولانا مفتي امجد علي صاحب اعظمي عَلَيهِ رَحْمَةُ اللهِ القوي "بهارِ شريعت" حصو 2 ص 24 تي فرمائن ٿا: نڪ ۾ پاڻي وجهڻ وقت اڌ ٻُڪ جيترو پاڻي ڪافي آهي تہ پوءِ سڄو ٻُڪ اِستِعمال ڪرڻ اِسراف آهي) ﴿6﴾ ايترو گهٽ پاڻي خرچ ڪرڻ جو سنّت ادا نہ ٿي سگهي. (بهرحال نلڪو نہ ايترو گهڻو کوليو جو پاڻي ضرورت کان وڌيڪ هارجي ۽ نہ ايترو گهٽ کوليو جو سنّت بہ ادا نہ ٿئي بلڪ وچٿرو هجي) ﴿7﴾ منهن تي پاڻي هڻڻ ﴿8﴾ منهن تي پاڻي وجهڻ وقت ڦوڪون ڏيڻ ﴿9﴾ هڪ هٿ سان منهن ڌوئڻ، اهو رافضين ۽ هندن جو شِعار آهي ﴿10﴾ ڳِلي جو مَسح ڪرڻ ﴿11﴾ کابي هٿ سان ڳُرڙي ڪرڻ يا نڪ ۾ پاڻي چاڙهڻ ﴿12﴾ ساڄي هٿ سان نڪ صاف ڪرڻ ﴿13﴾ ٽن نَوَن پاڻين سان ٽي ڀيرا مٿي جو مَسح ڪرڻ ﴿14﴾ اُسَ ۾ گرم ٿيل پاڻي سان وضو ڪرڻ ﴿15﴾ چَپَ يا اکين کي زور سان بند ڪرڻ ۽ جيڪڏهن انهن جو ڪجهہ حصو سُڪل رهجي ويو تہ وضو ئي نہ ٿيندو. **وضوءَ جي هر سنّت کي ڇڏڻ مڪروهہ آهي ۽ اهڙيءَ طرح هر مڪروهہ کي ڇڏڻ سنّت آهي.** (بهارِشريعت حصو 2 ص 22، 23)

## اُس جي گرم پاڻي جي وضاحت

صدرُ الشَّريعہ، بدرُ الطَّريقہ حضرت علامہ مولانا مفتي محمد امجد علي اعظمي عَلَيهِ رَحْمَةُ اللهِ القوي مڪتبة المدينہ جي شايع ٿيل بهار شريعت حصو 2 صفحو 23 جي حاشيي تي لکن ٿا: "جيڪو پاڻي اُس ۾ گرم ٿي ويو اُن سان وُضو ڪرڻ مطلقاً (يعني بلڪل) مڪروهہ ناهي بلڪ ان ۾ ڪجهہ شرط آهن، جن جو ذڪر پاڻي جي باب ۾

ايندو ۽ ان سان وضو جي ڪراهت تنزيهي آهي، تحريمي نہ.“ پاڻي جي باب ۾ صفحي 56 تي لکن ٿا: ”جيڪو پاڻي گرم ملڪ ۾ گرم موسم ۾ سون چاندي کان سواءِ ڪنهن ٻي ڌات جي ٿانوءَ ۾ اُس سبب گرم ٿي ويو تہ جيستائين گرم آهي ان سان وضو ۽ غسل نہ ڪرڻ گهرجي، نہ ان کي پيئڻ گهرجي بلڪ بدن کي ڪنهن طرح لڳڻ نہ گهرجي، ايستائين جو جيڪڏهن انهي سان ڪپڙو پُسي وڃي تہ جيستائين سُڪي نہ وڃي، ان جي پائڻ کان بچو جو انهي پاڻي جي استعمال ۾ برص جو انديشو (يعني ڪوڙهہ جو خطرو) آهي، پوءِ بہ جيڪڏهن وضو يا غسل ڪري ورتو تہ ٿي ويندو.

(بهارِ شريعت حصو 2 ص 23، 56)

## ”مُسۡتَعۡمَل پاڻي سان وضوءِ ۽ غسل نٿو ٿئي“ جي 27 اکرن جي نسبت سان مُسۡتَعۡمَل پاڻي جي باري ۾ 27 مدني گل

﴿1﴾ جيڪو پاڻي وضو يا غسل ڪرڻ ۾ بدن تان ڪريو اهو پاڪ آهي پر جيئن تہ هاڻي مُسۡتَعۡمَل (يعني استعمال ٿيل) ٿي چڪو آهي تنهن ڪري انهيءَ سان وضو ۽ غسل جائز نہ آهي ﴿2﴾ ائين ئي جيڪڏهن بي وضو شخص جو هٿ يا آڱر يا هٿ جو پورو يا ننهن يا بدن جو ڪو حصو جيڪو وضو ۾ ڌوتو ويندو هجي بقصد (يعني ڄاڻي واڻي) يا بنا قصد (يعني بي خيالي ۾) ڏهہ در ڏهہ يعني (10 x 10) کان گهٽ پاڻي ۾ بنا ڌوئڻ جي پئجي وڃي تہ اهو پاڻي وضو ۽ غسل جي لائق نہ رهيو ﴿3﴾ اهڙي ئي طرح جنهن شخص تي وهنجڻ فرض آهي انهي جي جسم جو ڪو بنا ڌوتل حصو ڏهہ در ڏهہ کان گهٽ پاڻي سان لڳي وڃي تہ اهو پاڻي وضو ۽ غسل جي ڪم جو نہ رهيو ﴿4﴾ جيڪڏهن ڌوتل هٿ يا بدن جو ڪو حصو پئجي وڃي تہ

حرج ناهي ﴿5﴾ حائضہ (يعني حيض واريءَ) حيض کان يا نِفاس واريءَ نفاس کان پاڪ تہ ٿي چڪي آهي پر اڃا غسل نہ ڪيو آهي تہ انهي جي جسم جو ڪو عُضوو يا حصو ڌوئڻ کان پهرين جيڪڏهن ڏهہ در ڏهہ (10 x 10) کان گهٽ پاڻي ۾ پيو تہ اهو پاڻي مُستَعمَل (يعني استعمال ٿيل) ٿي ويندو ﴿6﴾ جيڪو پاڻي گهٽ ڏهہ در ڏهہ هجي اهو وهندڙ پاڻي ۽ جيڪو ڏهہ در ڏهہ کان گهٽ هجي اهو بيٺل پاڻي جي حڪم ۾ هوندو آهي ﴿7﴾ عام طور تي حَمام جا ٽَب، گهريلو استعمال جا دٻا، بالٽيون، ديڳڙيون، ۽ لوٽا وغيره ڏهہ در ڏهہ کان گهٽ هوندا آهن انهن ۾ پيل پاڻي بيٺل پاڻي جي حُڪم ۾ هوندو آهي ﴿8﴾ وضو وارن عضون مان جيڪڏهن ڪو عضوو ڌوئي ورتو هو ۽ ان کان پوءِ وضو ٽٽڻ وارو ڪو بہ عمل نہ ٿيو هو تہ اهو ڌوتل حصو بيٺل پاڻي ۾ وجهڻ سان پاڻي مُستَعمَل نہ ٿيندو ﴿9﴾ جنهن شخص تي غسل فرض نہ آهي انهيءَ جيڪڏهن نونهن سميت هٿ ڌوئي ورتو هجي تہ پورو هٿ ايستائين جو نونهن کان مٿي وارو حصو بہ بيٺل پاڻي ۾ وجهڻ سان پاڻي مُستَعمَل نہ ٿيندو ﴿10﴾ باوضو يا جنهن جو هٿ ڌوتل آهي انهي جيڪڏهن ٻيهر ڌوئڻ جي نيّت سان وڌو ۽ اهو ڌوئڻ ثواب جو ڪم آهي مثال طور ماني کائڻ يا وضو جي نيّت سان بيٺل پاڻي ۾ وڌو تہ پاڻي مُستَعمَل ٿي ويندو ﴿11﴾ حيض يا نفاس واريءَ جو جيستائين حيض يا نفاس باقي آهي بيٺل پاڻي ۾ بنا ڌوتل هٿ يا بدن جو ڪو حصو وجهندي تہ پاڻي مُستَعمَل نہ ٿيندو، ها جيڪڏهن اها بہ ثواب جي نيّت سان وجهندي تہ مُستَعمَل ٿي ويندو، مثال طور ان جي لاءِ مُستَحَب آهي تہ پنجن نمازن جي وقتن ۾ ۽ جيڪڏهن اِشراق، چاشت ۽ تَهَجُّد جي عادت

هجي ته انهن وقتن ۾ باوضو ڪجهه دير ذِڪر ۽ درود ڪري ته جئين عبادت جي عادت باقي رهي ته هاڻي انهيءَ ڪري وضو جي نيّت سان بنا ڌوتل هٿ بينل پاڻي ۾ وجهندي ته پاڻي مُسْتَعْمَل ٿي ويندو ﴿12﴾ پاڻي جو گلاس، لوٽو يا بالٽي وغيره ڪٽندي وقت احتياط ضروري آهي ته جئين بنا ڌوتل آڱريون پاڻي ۾ نه پون ﴿13﴾ وضو جي دوران جيڪڏهن حَدَث ٿيو يعني وضو ٽٽڻ وارو ڪو عمل ٿيو ته جيڪي عضوا پهرين ڌوئي چڪي هئي اهي اڻ ڌوتل ٿي ويا ايستائين جو جيڪڏهن ٻڪ ۾ پاڻي هو ته اهو به مستعمل ٿي ويو ﴿14﴾ جيڪڏهن غسل جي دوران وضو ٽٽڻ وارو عمل ٿيو ته صرف وضو وارا عضوا اڻ ڌوتل ٿيا، جيڪي غسل وارا عضوا ڌوپجي چڪا هئا اهي اڻ ڌوتل نه ٿيا ﴿15﴾ نابالغ يا نابالغه جو پاڪ بدن جيڪڏهن بينل پاڻي مثال طور پاڻي جي بالٽي يا ٽب وغيره ۾ مڪمل ٻڏي وڃي تڏهن به پاڻي مُسْتَعْمَل نه ٿيو ﴿16﴾ سمجهدار ٻارڙي يا سمجهدار ڇوڪرو جيڪڏهن ثواب جي نيّت سان مثال طور وضو جي نيت سان بينل پاڻي ۾ جيڪڏهن هٿ جي آڱر يا ان جو نُنهن به وجهندو ته مُسْتَعْمَل ٿي ويندو ﴿17﴾ ميّت جي غسل وارو پاڻي مُسْتَعمَل آهي جڏهن ته ان ۾ ڪا نجاست نه هجي ﴿18﴾ جيڪڏهن ضرورت جي ڪري بينل پاڻي ۾ هٿ وڌو ته پاڻي مُسْتَعمَل نه ٿيو، مثال طور ديڳ يا وڏي مٽڪي يا وڏي ڊرم ۾ پاڻي آهي انهي کي جهڪائي ڪري نٿا ڪڍي سگهون نه ئي ڪو ننڍو ٿانوءَ آهي جو انهي سان ڪڍي وٺون ته اهڙي مجبوري جي صورت ۾ ضرورت جي مطابق اڻ ڌوتل هٿ پاڻي وجهي انهي سان پاڻي ڪڍي سگهون ٿا ﴿19﴾ سني پاڻي ۾ جيڪڏهن مُسْتَعمَل پاڻي ملي

وجي ۽ جيڪڏهن سنو وڏيڪ آهي تہ سڀ سنو ٿي ويو مثال طور وضو يا غسل جي دوران لوٽي يا مٽ ۾ قطرا ڪريا تہ جيڪڏهن سنو پاڻي وڏيڪ آهي تہ اهو وضو ۽ غسل جي ڪم جو آهي، نہ تہ سڄو ئي بيڪار ٿي ويو ﴿20﴾ پاڻي ۾ اڻ ڌوتل هٿ پئجي ويو يا ڪنهن طرح مُسۡتَعمَل ٿي ويو ۽ چاهيو ٿيون تہ اهو ڪم جو ٿي وڃي تہ جيترو مُسۡتَعمَل پاڻي آهي ان کان وڏيڪ مقدار ۾ سنو پاڻي انهيءَ ۾ ملائي ونو سڀ ڪم جو ٿي ويندو ﴿21﴾ هڪ طريقو اهو بہ آهي تہ ان ۾ هڪ طرف کان پاڻي وجهو جو ٻئي طرف وهي وڃي سڀ ڪم جو ٿي ويندو ﴿22﴾ مُسۡتَعمَل پاڻي پاڪ هوندو آهي جيڪڏهن ان سان ناپاڪ بدن، يا ڪپڙا وغيره ڌوئيندا تہ پاڪ ٿي ويندا ﴿23﴾ مُسۡتَعمَل پاڻي پاڪ آهي انهي جو پيئڻ يا انهي مان ماني ڪائڻ جي لاءِ اتو ڳوهڻ مڪروه تنزيهي آهي ﴿24﴾ چپن جو اهو حصو جيڪو عادتاً چَپ بند ڪرڻ کان پوءِ ظاهر رهي ٿو وضو ۾ ان جو ڌوئڻ فرض آهي تنهن ڪري پيالي يا گلاس سان پاڻي پيئندي وقت احتياط ڪيو وڃي تہ جيڪڏهن چپن جو ذڪر ڪيل حصو ذرو بہ پاڻي ۾ پوندو پاڻي مُسۡتَعمَل ٿي ويندو ﴿25﴾ جيڪڏهن باوضو آهي يا ڳُرڙي ڪري چڪو آهي يا چپن جو اهو حصو ڌوئي چڪو آهي ۽ انهي کان پوءِ وضو ٽوڙڻ وارو ڪو عمل نہ ٿيو تہ هاڻي پوڻ سان پاڻي مُسۡتَعمَل نہ ٿيندو ﴿26﴾ کير، ڪافي، چانهہ، ميون جي رس وغيره شربتن ۾ اڻ ڌوتل هٿ وغيره پوڻ سان اهي مُسۡتَعمَل نہ ٿا ٿين ۽ انهن سان تہ هوئين بہ وضو يا غسل نٿو ٿئي ﴿27﴾ پاڻي پيئندي مڇن جا اڻ ڌوتل وار گلاس جي پاڻي ۾ لڳا تہ پاڻي مُسۡتَعمَل ٿي ويو ان جو پيئڻ مڪروه آهي جيڪڏهن باوضو هو يا

مچيون ڏوتل هيون تہ شرعًا حرج ناهي. (مُسْتَعْمَل پاڻي جي باري ۾ تفصيلي معلومات جي لاءِ فتاويٰ رضويہ جلد 2 ص 37 کان 248، بهار شريعت حصو 2 ص 55 کان 56 ۽ فتاويٰ امجديہ جلد 1 ص 14 کان 15 ملاحظہ فرمايو)

## ”صبر کر“ جي پنج اکرن جي نسبت سان زخم وغيره مان رت نڪرڻ جا پنج احڪام

﴿1﴾ رت، پونءِ يا ڦِڪو پاڻي ڪٿان کان نڪري وهيو ۽ ان جي وهڻ ۾ ان جاءِ تائين پهچڻ جي صَلاحيّت هئي جنهن جاءِ جو وضو يا غسل ۾ ڌوئڻ فرض آهي تہ پوءِ وضو ٽٽي ويندو. (بهار شريعت حصو 2 ص 26) ﴿2﴾ رت جيڪڏهن چمڪڻ لڳو يا اُڀريو پر وهيو ڪو نہ، جيئن سوئي جي چُهنب يا چاقوءَ جو ڪنارو لڳندو آهي ۽ ان سان رت اُڀري يا چمڪي پوندو آهي يا خِلال ڪيو يا ڏندڻ ڪيو يا آڱر سان ڏند مهٽيا يا ڏندن سان ڪا شيءِ مثال طور صوف وغيره ڪٽيو ان تي رت جو اثر ظاهر ٿيو يا نڪ ۾ آڱر وڌي ان تي رت جي ڳاڙهاڻ اچي وئي پر اهو رت وهڻ جيترو نہ هو تہ وضو نہ ٽٽندو. (ايضاً) ﴿3﴾ جيڪڏهن رت وهيو پر وهي اهڙي جڳھ تي نہ آيو جنهن جو وضو يا غسل ۾ ڌوئڻ فرض هجي مثال طور اک ۾ داڻو هو ۽ ڦاٽي اندر ئي ڦهلجي ويو ٻاهر نہ نڪتو يا پونءِ يا رت ڪن جي سوراخن جي اندر ئي رهيو ٻاهر نہ نڪتو تہ ان صورت ۾ بہ وضو نہ ٽٽندو. (ايضًا) ﴿4﴾ زخم بيشڪ وڏو هجي ۽ آلاڻ چمڪي پئي، پر جيستائين وهي نہ، تيستائين وُضو نہ ٽٽندو. (ايضًا) ﴿5﴾ زخم جو رت بار بار اگهنديون رهيون جو وهڻ جي نوبت نہ آئي تہ پوءِ غور ڪيو تہ جيڪڏهن ايترو رت اُگهي ورتو آهي جو جيڪڏهن نہ اگهو ها تہ

وهي وجي ها تہ وضو ٽُٽي ويندو، نہ تہ نہ. (ايضًا)

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## ڦُڪ ۾ رت سان وضو ڪڏهن ٽُٽندو

وات مان رت نڪتو ۽ جيڪڏهن ڦُڪَ کان گهڻو آهي تہ وضو ٽُٽي ويندو، نہ تہ نہ ٽٽندو، گهڻو هئڻ جي نشاني اها آهي تہ جيڪڏهن ڦُڪَ جو رنگ ڳاڙهو ٿي وڃي تہ رت گهڻو مڃيو ويندو ۽ وضو ٽُٽي ويندو، ۽ اها ڳاڙهي ڦُڪَ ناپاڪ بہ آهي ۽ جيڪڏهن ڦُڪَ ڦِڪي هجي تہ رت کان ڦُڪَ گهٽي مڃي ويندي، تنهنڪري نہ وضو ٽُٽندو ۽ نہ اها ڦِڪي ڦُڪَ ناپاڪ آهي. (بهارشريعت حصو 2 ص 27)

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## رت واري وات جي ڪُرڙي بابت اِحتياط

وات مان ايترو رت نڪتو جو ڦُڪ ڳاڙهي ٿي وئي ۽ لوٽي يا گلاس ۾ منهن لڳائي ڪري ڪُرڙي جي لاءِ پاڻي ڪنيو تہ لوٽو يا گلاس ۽ سڄو پاڻي نجس ٿي ويو، تنهنڪري اهڙي موقعي تي بُڪ ۾ پاڻي کڻي احتياط سان ڪرڙي ڪريو ۽ هي بہ احتياط فرمايو تہ ڇنڊا اُڏامي اوهان جي ڪپڙن وغيره تي نہ پون.

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## انجيڪشن لڳائڻ سان وضو ٽُٽندو يا نہ؟

﴿1﴾ گوشت ۾ انجيڪشن (يعني سُئي) لڳائڻ ۾ وضو رُڳو انهيءَ صورت ۾ ٽُٽندو جڏهن تہ وهڻ جي مقدار جيترو رت نڪري ﴿2﴾ جڏهن تہ رڳ ۾ انجيڪشن لڳائي پهريان رت مٿي ڇڪيندا آهن جيڪو وهڻ جي مقدار جيترو هوندو آهي ان ڪري وضو ٽُٽي

ويندو آهي ﴿3﴾ اهڙيءَ طرح گلوڪوز وغيره جي ڊِرپ رڳ ۾ لڳرائڻ سان وضو ٽُٽي ويندو آهي ڇوته وهڻ جي مقدار جيترو رت نڪري نلڪي ۾ اچي ويندو آهي، ۽ ها جيڪڏهن وهڻ جي مقدار جيترو رت نلڪي ۾ نه اچي ته وضو نه ٽٽندو.

## اُٿيل اک جا ڳوڙها

﴿1﴾ اک جي بيماري سبب جيڪو ڳوڙهو نڪتو اهو ناپاڪ آهي ۽ وضو به ٽوڙي ڇڏيندو. (بهار شريعت حصو 2 ص 32) افسوس اڪثر اسلامي ڀينرون هن مسئلي کان بي خبر هونديون آهن ۽ ڏکندڙ اک مان بيماريءَ جي ڪري وهندڙ پاڻيءَ جي قطرن کي ٻين قطرن وانگر سمجهي ٻانهن يا قميص وغيره سان اُگهي ڪپڙا ناپاڪ ڪري ڇڏيندڀون آهن ﴿2﴾ نابين جي اک مان جيڪا آلاڻ بيماري جي ڪري نڪرندي آهي اها ناپاڪ آهي ۽ ان سان وضو به ٽُٽي ويندو آهي. ياد رهي ته خوفِ خدا عَزَّوَجَلَّ يا عشقِ مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ۾ يا ائين ئي لڙڪ نڪرن ته وضو نه ٽٽندو.

## پاڪ ۽ ناپاڪ رُطوبت

جيڪا رُطوبت انساني جسم مان نڪري ۽ وضو نه ٽوڙي اها ناپاڪ ناهي، مثال طور رت يا پونءِ وهي نه نڪري يا ٿوري اُلٽي جيڪا وات ڀريل نه هجي اها پاڪ آهي. (بهارشريعت حصو 2 ص 31)

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## ڇالوءِ ڦُرڙي

﴿1﴾ ڇالو (يعني ڦلوڪٽي) کي ڦٽيو ويو جيڪڏهن ان جو پاڻي وهڻ لڳو ته وضو ٽُٽي ويو نه ته نه. (ايضاً ص 27) ﴿2﴾ ڦرڙي بلڪل

صحيح ٿي وئي پر ان جو ڇوڏو (سُکل کل) باقي آهي جنهن ۾ مٿان
کان سوراخ ۽ اندر خالي آهي ۽ جيڪڏهن ان ۾ پاڻي ڀرجي ويو، ۽
زور ڏيڻ سان اهو پاڻي ڪڍيو ويو ته وضو نه ٽُٽندو ۽ نه ئي اهو پاڻي
ناپاڪ آهي. ها جيڪڏهن ان جي اندر ڪجهه رت جي آلاڻ وغيره
باقي هجي ته وضو به ٽُٽي ويندو ۽ اهو پاڻي به ناپاڪ آهي. (فتاويٰ
رضويه ج 1 ص 355، 356) ﴿3﴾ خارش يا ڦرڙين ۾ جيڪڏهن وهندڙ رُطوبت
ناهي رُڳو ايتري آهي جيتري ڪپڙي يا ٻي ڪنهن شيءِ سان چنبڙي
ٿي ته ڪپڙو ان سان لڳي ڪري ڀلي ڪيترو به آلو ٿي وڃي پاڪ
آهي. (بهار شريعت حصو 2 ص 32) ﴿4﴾ نڪ صاف ڪيو ۽ ان مان جميل رت
نڪتو ته وضو نه ٽُٽندو، پر وڌيڪ مناسب اهو آهي ته وضو ڪري.
(ماخوذ از فتاويٰ رضويه ج 1 ص 281)

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## اُلٽيءَ سان وضو ڪڏهن ٽٽندو آهي؟

وات ڀريل اُلٽي جيڪا کاڌي، پاڻي يا صَفراء (ڦڪي رنگ جي
ڪؤڙي پاڻي) جي هجي وضو ٽوڙي ڇڏيندي آهي، جيڪا اُلٽي روڪڻ
سان نه روڪي سگهجي ان کي وات ڀريل چوندا آهن، وات ڀريل
اُلٽي پيشاب وانگر ناپاڪ هوندي آهي ان جي ڇنڊن کان پنهنجي
ڪپڙن ۽ جسم کي بچائڻ ضروري آهي. (بهارشريعت حصو 2 ص 28، 112)

## کير پياڪ ٻار جو پيشاب ۽ اُلٽي

﴿1﴾ هڪ ڏينهن واري کير پياڪ ٻار جو پيشاب به اهڙي
طرح ئي ناپاڪ آهي جهڙي طرح عام ماڻهن جو. (ايضاً ص 112) ﴿2﴾ کير
پياڪ ٻار کير اُلٽي ڪري ڪڍيو ۽ اهو وات ڀريل آهي ته (اهو به

پيشاب وانگر) ناپاڪ آهي، ها جيڪڏهن اهو ڪير معدي تائين ناهي پهتو رُڳو سيني تائين پهچي واپس آيو ته پاڪ آهي.
(بهارشريعت حصو 2 ص 32)

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## ”مديني“ جي پنج اکرن جي نسبت سان وضوءَ ۾ شڪ پوڻ جا پنج احڪام

﴿1﴾ جيڪڏهن وضو جي دؤران ڪنهن عُضوي جي ڌوئڻ ۾ شڪ پوي ۽ اهو جيڪڏهن زندگي جو پهريون واقعو آهي ته ان ڪي ڌوئي وٺو ۽ جيڪڏهن هميشه شڪ پوندو رهندو آهي ته ان ڏانهن توجهه نه ڏيو ۽ جيڪڏهن اهڙي طرح وضو کان پوءِ به شڪ پوي ته ان جو ڪو خيال نه ڪريو. (بهارشريعت حصو 2 ص 32) ﴿2﴾ جيڪڏهن توهان وضوءَ سان آهيو هاڻي شڪ پوڻ لڳو ته الائي وضو آهي يا نه، اهڙي صورت ۾ توهان وضوءَ سان آهيو ڇو ته رُڳو شڪ سان وضو ناهي ٽُٽندو. (ايضاً) ﴿3﴾ وسوسي جي صورت ۾ احتياط ڪندي وضو ڪرڻ احتياط نه بلڪ شيطان جي پيروي آهي. (ايضاً ص 33) ﴿4﴾ يقيني طور تي توهان ان وقت تائين باوضوءَ آهيو جيستائين وضو ٽُٽڻ جو اهڙو يقين نه ٿي وڃي جو قسم کائي سگهو ﴿5﴾ اهو ياد آهي ته ڪو عضوو ڌوئڻ کان رهجي ويو آهي پر اهو ياد ناهي ته ڪهڙو عضوو هو ته کاٻو پير ڌوئي ڇڏيو. (درمختار ج 1 ص 310)

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## پان کائڻ واريون ڌيان ڏين!

منهنجا آقا اعليٰ حضرت، امامِ اهلسنّت، مُجَدّدِ دين ۽ ملت، حضرت علامه مولانا الحاج الحافظ القاري الشاه امام احمد رضا خان

عَلَيۡهِ رَحۡمَةُ الرَّحۡمٰن فرمائن ٿا: ”وڏيڪ پان کائڻ جا عادي خاص طور تي جن کي ڏندن ۾ وِٿي (GAPE) هجي، انهن کي تجربي سان خبر آهي ته سوپاري جا ننڍڙا ذرڙا ۽ پان جا تمام ننڍڙا ننڍڙا ٽڪرا اهڙي طرح وات جي ڪُنڊن ۽ ڏندن جي وِٿين ۾ ڦاسي ويندا آهن جو ٽي ڀيرا نه بلڪ ڪڏهن ڪڏهن ته ڏهه ٻارهن ڀيرا ڪرڙيون به انهن جي مڪمل صفائيءَ جي لاءِ ناڪافي هونديون آهن ۽ نه خِلال سان اهي نڪري سگهن ٿا ۽ نه ڏندڻ انهن کي ڪڍي سگهي ٿو، سواءِ ڪرڙين جي، جو پاڻي سوراخن ۾ داخل ٿي ويندو آهي ۽ جنبش ڏيڻ سان جميل ننڍڙن ذرن کي آهستي آهستي ڇڏائي ڪڍي ايندو آهي ۽ ان جي به ڪا حد نٿي ٿي سگهي آهي ۽ جڏهن ته مڪمل صفائي ڪرڻ جي سخت تاڪيد ڪئي وئي آهي، ڪيترين ئي حديثن ۾ ارشاد ٿيو آهي ته جڏهن ماڻهو نماز لاءِ بيهندو آهي ته ملائڪ ان جي منهن تي پنهنجو منهن رکندو آهي اهو جيڪو پڙهندو آهي ان جي منهن مان اهي لفظ نڪري ملائڪ جي منهن ۾ ويندا آهن ۽ جيڪڏهن ان وقت کائڻ جي ڪا شيءِ ان جي ڏندن ۾ هوندي آهي ته ملائڪن کي انهن شين کان اهڙي سخت تڪليف ٿيندي آهي جهڙي ٻي ڪنهن شيء کان ناهي ٿيندي.

**حُضُورِ** اڪرم، نُورِ مُجَسَّم، رسولِ مُحۡتَشَم صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايو: ”جڏهن توهان مان ڪو رات جو نماز جي لاءِ اُٿي ته ان کي گهرجي ته ڏندڻ ڪري ڇو ته جڏهن هو پنهنجي نماز ۾ قِراءَت ڪندو آهي ته ملائڪ پنهنجو منهن ان جي منهن تي رکي ڇڏيندو آهي ۽ جيڪا شيء هن جي منهن مان نڪرندي آهي اها ملائڪ جي منهن ۾ داخل ٿي ويندي آهي.“ (شعب الايمان ج 2 ص 381 رقم 2117) ۽ امام

طبرانيءَ ڪبير ۾ حضرت سيّدُنا ابو ايوب انصاري رَضِيَ اللهُ تَعَالٰی عَنۡهُ کان روايت ڪئي آهي: ”ٻنهي ملائڪن کي ان کان وڌيڪ ڪا ٻه شيءِ ڏکي ناهي لڳندي جو هو پنهنجي ساٿيءَ کي نماز پڙهندي ڏسن ۽ ان جي ڏندن ۾ ڪاڌي جا ذرا ڦاتل هجن.“

(معجم الکبير ج 4 ص 177 حديث 4061، فتاويٰ رضويه ج 1 ص 624 کان 625)

## سمهڻ سان وضو ٽٽڻ ۽ نہ ٽُٽڻ جو بيان

سمهڻ سان وضو ٽٽڻ جا ٻہ شرط آهن: ﴿1﴾ ڏُڏ (يعني ويهڻ واري جڳهہ) جا ٻئي پاسا چڱي طرح ڄميل نہ هجن ﴿2﴾ اهڙي حالت ۾ سُتي جو غافل ٿي ڪري سُمهڻ ۾ رُڪاوٽ نہ هجي، پوءِ جڏهن ٻئي شرط گڏ ٿي وڃن يعني ويهڻ واري جڳهہ جا ٻئي پاسا ٻہ چڱي طرح ڄميل نہ هجن، ۽ اهڙي حالت ۾ سُتي هجي جو غافل ٿي ڪري سمهڻ ۾ رڪاوٽ نہ هجي تہ اهڙي ننڊ وضو ٽوڙي ڇڏيندي آهي، جيڪڏهن هڪ شرط موجود آهي ۽ ٻيو شرط موجود نہ آهي تہ وضو نہ ٽُٽندو.

## سُمهڻ جا اُهي ڏهہ طريقا جن سان وضو ناهي ٽُٽندو

﴿1﴾ اهڙيءَ طرح ويهڻ جو ڏُڏ (يعني ويهڻ واري جاءِ) جا ٻئي پاسا زمين تي هجن ۽ ٻئي پير هڪ پاسي ڊگهيريل هجن (ڪرسي، ريل، ۽ بس جي سيٽ تي ويهڻ جو بہ اهو ئي حڪم آهي) ﴿2﴾ اهڙي طرح ويهڻ جو ويهڻ واري جاءِ جا ٻئي پاسا زمين تي هجن ۽ ڀِنين کي ٻنهي هٿن جي گولائيءَ ۾ پڪڙي، توڙي جو هٿ زمين وغيره تي هجن يا مٿو گوڏن تي رکيل هجي ﴿3﴾ پلٿي هڻي ويهڻ، توڙي جو زمين، تخت يا کٽ وغيره ئي هجي ﴿4﴾ گوڏا ڀَجي ويهڻ ﴿5﴾ گهوڙي يا خچر وغيره تي سَنج رکي سوار ٿيڻ ﴿6﴾ اگهاڙي ڀُنيءَ تي سوار هجي پر جانور بلندي ڏانهن چڙهي رهيو هجي يا رستو

هموار هجي ﴿7﴾ وهاڻي سان ٽيڪ لڳائي اهڙيءَ طرح ويهڻ جو ويهڻ واري جاءِ جا ٻئي پاسا ڄميل هجن جيتوڻيڪ وهاڻو هٽائڻ سان هي ڪِري پوي ﴿8﴾ بينل هجي ﴿9﴾ رُڪوع جي حالت ۾ هجي ﴿10﴾ سنّت مطابق جيئن مرد سجدو ڪندو آهي اهڙيءَ طرح سجدو ڪري جو پيٽ رانن ۽ ٻانهون پاسن کان جدا هجن. مٿي ڄاڻايل حالتون نماز ۾ پيدا ٿين يا نماز کان علاوه، وضو نہ ٽُٽندو ۽ نماز بہ فاسد نہ ٿيندي، توڙي جو ڄاڻي واڻي سمهي، البت جيڪو رڪن بلڪل سمهندي ادا ڪيو ويو ان جو ٻيهر ادا ڪرڻ ضروري آهي ۽ جيڪڏهن جاڳندي شروع ڪيو ويو پوءِ ننڊ اچي وئي تہ جيڪو حصو جاڳندي ادا ڪيو ويو اهو ادا ٿي ويو ۽ باقي ادا ڪرڻو پوندو.

## سُمهڻ جا اهي ڏهہ طريقا جن سان وضو ٽٽي ويندو آهي

﴿1﴾ اوڪڙو ويهڻ (ڪڙين تي ويهڻ يعني ائين ويهڻ جو ٻئي گوڏا بينل هجن) ﴿2﴾ سڌو ٿي سمهڻ ﴿3﴾ اونڌو ٿي سمهڻ ﴿4﴾ ڪاٻي يا ساڄي پاسي تي سمهڻ ﴿5﴾ هڪ نونڻ تي ٽيڪ لڳائي سُمهڻ ﴿6﴾ ويهي ائين سمهڻ جو هڪ پاسو جهڪيل هجي جنهن ڪري ويهڻ واري جڳهہ جو هڪ يا ٻَئي پاسا مٿي ٿي وڃن ﴿7﴾ اگهاڙي پُٺيءَ تي سوار هجي پر جانور هيناهينءَ ڏانهن لهي رهيو هجي ﴿8﴾ پيٽ رانن تي رکي گوڏا ٻَڌي ويهي ائين سمهڻ جو ويهڻ واري جڳهہ جا ٻئي پاسا ڄميل نہ هجن ﴿9﴾ پَلٿي هڻي ائين ويهڻ جو مٿو رانن يا پِنين تي رکيل هجي ﴿10﴾ اهڙيءَ طرح سمهڻ جيئن عورت سجدو ڪندي آهي جو جيئن پيٽ رانن ۽ ٻانهون پاسن سان مليل هجن ۽ ڪرايون وڇايل هجن، ڄاڻايل صورتون نماز ۾ پيدا ٿين يا نماز کان علاوه وضو ٽُٽي ويندو آهي پر جيڪڏهن هنن صورتن ۾ ڄاڻي

واٽي سُتي تہ نماز فاسد ٿي ويندي، جاڳي واٽي نہ سُتي تہ وضو ٽُٽي ويندو نماز باقي آهي، وضو ڪانپوءِ (مخصوص شرطن سان) رهيل نماز اتان ڪان پڙهي سگهي ٿي جتان ننڊ آئي هئي، شرطن جي خبر نہ هجي تہ نئين سِر پڙهڻ گهرجي. (ماخوذ از فتاويٰ رضويه ج 1 ص 365 کان 366)

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

# کِلڻ جا اَحڪام

﴿1﴾ رُڪوع ۽ سجدي واري نماز ۾ بالغ ٺهڪ ڏنو يعني ايتري آواز سان کِلي جو آس پاس وارن ٻُڌو تہ وضو بہ ٽُٽي ويو ۽ نماز بہ، جيڪڏهن ايتري آواز سان کِلي جو رُڳو پاڻ ٻُڌيائين تہ رُڳو نماز ٽُٽي وئي، وضو باقي آهي، مُرڪڻ سان نہ نماز ٽُٽندي نہ وضو. (مراقي الفلاح معه حاشيه طحطاوي ص 91) مُرڪڻ ۾ آواز بلڪل نہ هوندو آهي، پر صرف ڏند ظاهر ٿيندا آهن ﴿2﴾ بالغ شخص جنازي نماز ۾ ٺهڪ ڏنو تہ نماز ٽُٽي وئي پر وضو باقي آهي. (ايضًا) ﴿3﴾ نماز کان ٻاهر ٺهڪ ڏيڻ سان وضو ناهي ٽُٽندو پر ٻيهر ڪرڻ مُستَحب آهي. (مراقي الفلاح ص 84) اسان جي مٺي مٺي آقا صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ڪڏهن بہ ٺهڪ نہ ڏنو، تنهنڪري اسان کي بہ ڪوشش ڪرڻ گهرجي تہ اها سنّت بہ زنده ٿئي ۽ اسان وڏي آواز سان نہ کِلون. **فرمانِ مصطفيٰ** صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم آهي تہ اَلتَّبَسُّمُ مِنَ اللهِ تَعالىٰ وَالْقَهْقَهَةُ مِنَ الشَّيْطٰنِ. يعني مُرڪڻ الله جي طرفان آهي ۽ ٺهڪ شيطان جي طرفان آهي.

(المعجم الصغير للطبراني ج 2 ص 104)

# ست مختلف مسئلا

﴿1﴾ پيشاب، پائخانو، مَني، ڪيڙو، يا پٿري مرد يا عورت جي اڳيان يا پويان کان نڪتي تہ وضو ٽُٽي ويندو. (عالمگيري، ج 1 ص 9)

﴿2﴾ مرد يا عورت جي پويان کان معمولي هوا به خارج ٿي ته وضو ٽُٽي ويندو. مرد يا عورت جي اڳيان کان هوا خارج ٿي ته وضو نه ٽُٽندو. (بهار شريعت حصو 2 ص 26) ﴿3﴾ بيهوش ٿي وڃڻ سان وضو ٽُٽي ويندو آهي. (عالمگيري ج 1 ص 12) ﴿4﴾ ڪجھ ماڻهو چوندا آهن ته سوئر جو نالو وٺڻ سان وضو ٽُٽي ويندو آهي اهو غلط آهي ﴿5﴾ وضوءَ جي دؤران جيڪڏهن رِيح (يعني هوا) خارج ٿي وئي يا ڪنهن سبب جي ڪري وضو ٽُٽي وڃي ته نئين سِر وضو ڪريو ۽ اڳ ۾ ڌوتل عضوا اڻ ڌوتل ٿي ويندا. (ماخوذ از فتاويٰ رضويه ج 1 ص 255) ﴿6﴾ بي وضو ڪي قرآن شريف يا ڪنهن آيت کي هٿ لڳائڻ حرام آهي. (بهار شريعت حصو 2 ص 48) قرآن پاڪ جو ترجمو فارسي يا اُردو، سنڌي يا ڪنهن بي زبان ۾ هجي ته ان کي پڙهڻ يا هٿ لائڻ ۾ قرآن شريف ئي جهڙو حڪم آهي. (بهارشريعت حصو 2 ص 49) ﴿7﴾ آيت کي بنا هٿ لڳائڻ جي ڏسي يا زباني بنا وضوءَ جي پڙهڻ ۾ حرج نه آهي.

## غُسل جو وضو ڪافي آهي

غسل ڪرڻ وقت جيڪو وضو ڪيو آهي ته اهو ئي ڪافي آهي توڙي بغير ڪپڙن جي غسل ڪيو هو ۽ وري غسل کان پوءِ بيهر وضو ڪرڻ ضروري ناهي، بلڪ جيڪڏهن وضو نه به ڪيو هو ته غسل ڪرڻ سان وضوءَ جي عضون تي به پاڻي وهي ويندو آهي تنهنڪري وضو به ٿي ويو، ڪپڙا بدلائڻ يا پنهنجو يا ٻئي ڪنهن جي اوگهڙ ڏسڻ سان وضو نٿو ٽُٽي.

## جن جو وضو برقرار نه رهندو هجي انهن جي لاءِ 9 احڪام

﴿1﴾ قطرا اچڻ، پويان کان رِيح خارج ٿيڻ، زخم وهڻ، ڏکندڙ

اڪ مان بيماريءَ جي ڪري ڳوڙها وهڻ، ڪن، ڌُن، ڇاتين مان پاڻي نڪرڻ، ڦرڙي يا ڦٽ مان رُطوبت وهڻ، ۽ دست اچڻ سان وضو ٽُٽي ويندو آهي، جيڪڏهن ڪنهن کي ان قسم جي بيماري لاڳيتو رهي ۽ شروع کان آخر تائين پورو هڪ وقت اهڙو گذري ويو جو وضوءَ سان فرض نماز ادا نہ ڪري سگهي تہ اها شرعي طور معذور آهي، هڪ ئي وضوءَ سان ان وقت ۾ جيتريون نمازون چاهي پڙهي ان جو وضو ان بيماري سان نہ ٽُٽندو. (بهارشريعت حصو 2 ص 107، درمختار و ردالمحتار ج 1 ص 553) هن مسئلي کي وڌيڪ آسان لفظن ۾ سمجهائڻ جي ڪوشش ڪيان ٿو. هن قسم جي مريض يا مريضہ پنهنجي شرعي معذور هجڻ يا نہ هجڻ جي جانچ ائين ڪن جو ڪنهن بہ ٻن وقت جي فرض نمازن جي وچ واري وقت ۾ ڪوشش ڪري باوضو پاڪائي سان گهٽ ۾ گهٽ فرض رڪعتون ادا ڪري وٺن. پوري وقت ۾ بار بار ڪوشش جي باوجود جيڪڏهن ايتري مهلت نٿي ملي ۽ اهو هن طرح جو ڪڏهن وضو جي دوران عذر لاحق ٿيو وڃي ۽ ڪڏهن وضو مڪمل ڪرڻ کان پوءِ نماز ادا ڪرڻ مهل لاحق ٿيو وڃي، ايستائين جو آخري وقت اچي ويو تہ هاڻي انهن کي اجازت آهي تہ وضو ڪري نماز ادا ڪن نماز ٿي ويندي، هاڻي چاهي نماز ادا ڪرڻ دوران بيماري جي ڪري نجاست بدن مان خارج ٿيو نہ ٿي رهي هجي. فقهاءِ ڪرام رَحِمَهُمُ اللهُ السَّلام فرمائن ٿا: ڪنهن شخص جي نڪسير يا ان جي زخم وهڻ شروع ڪيو تہ اهو آخري وقت جو انتظار ڪري جيڪڏهن رت نہ رڪي (بلڪ لاڳيتو يا وقفي سان جاري رهي) تہ وقت نڪرڻ کان پهرين وضو ڪري نماز ادا ڪري. (البحرالرائق ج 1 ص 373، 374)

﴿2﴾ فرض نماز جو وقت ختم ٿيڻ سان معذور جو وضو ٽُٽي ويندو

آهي. جيئن ڪنهن عصر جي وقت وضو ڪيو هو تہ سج لهندي ئي وضو ٽُٽي ويندو آهي ۽ جيڪڏهن ڪنهن سج نڪرڻ ڪان پوءِ وضو ڪيو تہ جيستائين ظهر جو وقت ختم نہ ٿئي وضو نہ ٽُٽندو جو اڃا تائين ڪنهن فرض نماز جو وقت ختم ناهي ٿيو. فرض نماز جو وقت ختم ٿيندي ئي معذور جو وضو ٽُٽي ويندو آهي ۽ اهو حڪم ان صورت ۾ هوندو جڏهن معذور جو عُذر وضو جي دؤران يا وضوءَ ڪان پوءِ ظاهر ٿئي، جيڪڏهن ائين نہ هجي ۽ ٻيو ڪو حدث بہ لاحق (يعني وضو ٽٽڻ وارو معاملو) نہ ٿيو هجي تہ فرض نماز جو وقت ختم ٿيڻ سان وضو نہ ٽُٽندو.

(بهارشريعت حصو 2 ص 108 درمختار و ردالمحتار ج 1 ص 555)

﴿3﴾ جڏهن عذر ثابت ٿي ويو تہ جيستائين نماز جي هڪ پوري وقت ۾ هڪ دفعو بہ اها شيءِ موجود هوندي تہ اها معذور ئي رهندي، **مثال طور** ڪنهن جي زخم مان پورو وقت رت وهندو رهي ۽ ايتري مهلت ئي نہ ملي جو وضو ڪري فرض نماز ادا ڪري وٺي تہ پوءِ اها معذور ٿي وئي، ۽ وري ٻئي وقت ۾ ايترو موقعو ملي ٿو وڃي تہ وضو ڪري نماز پڙهي وٺي پر هڪ اڌ ڀيرو زخم مان رت اچي وڃي ٿو تہ پوءِ بہ معذور آهي ها جيڪڏهن پورو وقت اهڙو گذري ويو جو هڪ دفعو بہ رت نہ آيو تہ معذور نہ رهي، پوءِ جڏهن بہ پهرين حالت آئي (يعني سمورو وقت لاڳيتو مرض رهيو) تہ وري معذور ٿي وئي. (بهارشريعت حصو 2 ص 107)

﴿4﴾ معذور جو وضو انهيءَ شيءِ سان نہ ٽُٽندو جنهن جي ڪري معذور آهي ها جيڪڏهن وضو ٽوڙڻ واري ٻي ڪا شيءِ اچي ويندي تہ وضو ٽُٽي ويندو. **مثال طور** جنهن کي رِيح (يعني هوا) خارج ٿيڻ

جو مرض آهي، زخم وهڻ سان ان جو وضو ٽُٽي ويندو ۽ جنهن کي زخم وهڻ جو مرض آهي ان جو ريح خارج ٿيڻ سان وضو ٽُٽي ويندو۔ (ايضاً 107)

﴿5﴾ مَعذور کنهن حَدَث (يعني وضو ٽوڙڻ واري عمل) کان پوءِ وضو کيو ۽ وضو ڪرڻ وقت اها شيءِ ناهي، جنهن جي ڪري مَعذور آهي پر پوءِ وضو کان پوءِ اها عُذر واري شيءِ اچي وئي ته وضو ٽُٽي ويندو (اهو حڪم ان صورت ۾ آهي جڏهن ته معذور پنهنجي عذر جي بدران کنهن ٻئي سبب جي ڪري وضو ڪيو هو جيڪڏهن پنهنجي عُذر جي سبب وضو ڪيو ته وضو کان پوءِ عذر موجود هجڻ جي صورت ۾ وضو نه ٽُٽندو) مثال طور جنهن جو زخم وهندو هو، ان جي رِيح (يعني هوا) خارج ٿي وئي ۽ ان وضو ڪيو ۽ وضو ڪرڻ وقت زخم نه وهيو ۽ وضو ڪرڻ کان پوءِ وهيو ته وضو ٽُٽي ويو ۽ ها جيڪڏهن وضوءَ جي دؤران وهڻ جاري هو ته وضو نه ٽُٽو۔

(بهارشريعت حصو 2 ص 109 درمختار و ردالمحتار ج 1 ص 557)

﴿6﴾ معذور جي نڪ جي هڪ سوراخ مان رت اچي رهيو هو، وضو ڪرڻ کان پوءِ ٻئي سوراخ مان آيو وضو ويندو رهيو، يا هڪ زخم وهي رهيو هو، هاڻي ٻيو وهيو ايسيتائين جو چيچڪ (يعني ماتا) جي هڪ داڻي مان پاڻي اچي رهيو هو، هاڻي ٻئي داڻي مان آيو ته وضو ٽٽي ويو۔ (ايضاً ص 558)

﴿7﴾ معذور کي اهڙو عُذر هجي جنهن جي ڪري ڪپڙا ناپاڪ ٿي ويندا هجن ته جيڪڏهن هڪ دِرهم کان وڌيڪ ناپاڪ ٿي ويا ۽ هو سمجهي ٿي ته ايترو موقعو ملي ويندو جو ان کي ڌوئي پاڪ ڪپڙن سان نماز پڙهي وٺنديس ته پاڪ ڪري نماز پڙهڻ فرض آهي ۽ جيڪڏهن سمجهي ٿي ته نماز پڙهندي پڙهندي وري ايترو ئي ناپاڪ

ٿي ويندو تہ پوءِ ڌوئڻ ضروري ناهي، ان سان ئي پڙهي، جيتوڻيڪ مُصلو آلو ئي ڇو نہ ٿي وڃي ان جي نماز ٿي ويندي.
(بهارشريعت حصو 2 ص 109)

﴿8﴾ جيڪڏهن ڪپڙا وغيره رکي ڪري (يا سوراخ ۾ ڪپھ وجهي ڪري) ايتري دير تائين رت روڪي سگهي ٿي جو وضو ڪري فرض پڙهي وني، تہ عذر ثابت نہ ٿيندو. (يعني هي معذور ناهي ڇو تہ هي عُذر پري ڪرڻ تي قدرت رکي ٿي) (ايضاً ص 107)

﴿9﴾ جيڪڏهن ڪنهن ترڪيب سان عذر ختم ٿي وڃي يا ان ۾ ڪمي اچي وڃي تہ انهيءَ ترڪيب جو ڪرڻ فرض آهي، مثلاً بيهي پڙهڻ سان رت وهي ٿو ۽ ويهي ڪري پڙهي تہ نہ وهندو تہ ويهي ڪري پڙهڻ فرض آهي. (بهارشريعت حصو 2 ص 109 درمختار، ردالمختار ج 1 ص 558)

(معذور جي وضوءَ جا تفصيلي مسئلا فتاويٰ رضويہ ج 4 ص 367 کان 375 تائين بهارشريعت حصو 2 ص 107 کان 109 مان معلوم ڪريو)

**اسلامي ڀينرو!** جتي جتي ممڪن هجي اتي الله عَزَّوَجَلَّ جي رضا لاءِ سنيون سنيون نيّتون ڪرڻ گهرجن. جيتريون سنيون نيّتون وڌيڪ اوترو ثواب بہ وڌيڪ ۽ سٺي نيّت جي ثواب جي ڇا ڳالھ آهي! مني مني آقا مدني مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمانِ جنت نشان آهي: اَلنِّيَّةُ الحَسَنَةُ تُدخِلُ صَاحِبَهَا الجَنَّةَ سٺي نيّت انسان کي جنت ۾ داخل ڪندي. (الجامع الصغير للسيوطي، ص 557 حديث 9326) وضو جي نيّت نہ ڪئي تڏهن بہ فقہ حنفي مطابق وضو ٿي ويندو پر ثواب نہ ملندو. عام طور وضو جي تياري ڪرڻ واريءَ جي ذهن ۾ هوندو آهي تہ آئون وضو ڪرڻ واري آهيان اها ئي نيّت ڪافي آهي. جڏهن تہ موقعي جي مناسبت سان وڌيڪ نيّتون بہ ڪري سگهجن ٿيون.

# ”هر وقت باوضو رهڻ ثواب آهي“ جي 20 اکرن جي نسبت سان وضو جي باري ۾ 20 نيتون

﴿1﴾ بي وضوئي پري ڪنديس ﴿2﴾ جيڪا باوضو هجي اها ٻيهر وضو ڪرڻ وقت ائين نيّت ڪري ثواب جي لاءِ وضو تي وضو ڪنديس ﴿3﴾ بِسۡمِ الله وَالۡحَمۡدُلله چونديس ﴿4﴾ فرضن ﴿5﴾ سنّتن ۽ ﴿6﴾ مُستَحبن جو خيال رکنديس ﴿7﴾ پاڻي جو اِسراف نہ ڪنديس ﴿8﴾ مڪروهات کان بچنديس ﴿9﴾ ڏندڻ ڪنديس ﴿10﴾ هر عضوو ڌوئڻ وقت درود شريف ۽ ﴿11﴾ يا قادرُ پڙهنديس (وضو ۾ هر عضوو ڌوئڻ جي دوران يا قادرُ پڙهڻ واري کي ان شاءَالله عَزَّوَجَلَّ دشمن اِغوا نہ ڪري سگهندا) ﴿12﴾ فراغت کان پوءِ وضو وارن عضون تي آلاڻ باقي رهڻ ڏينديس ﴿13-14﴾ وضو کان پوءِ بہ دعائون پڙهنديس (الف) اَللّٰهُمَّ اجۡعَلۡنِيۡ مِنَ التَّوَّابِيۡنَ وَاجۡعَلۡنِيۡ مِنَ الۡمُتَطَهِّرِيۡنَ (ب) سُبۡحٰنَكَ اللّٰهُمَّ وَبِحَمۡدِكَ اَشۡهَدُ اَنۡ لَّا اِلٰهَ اِلَّا اَنۡتَ اَسۡتَغۡفِرُكَ وَاَتُوۡبُ اِلَيۡكَ ﴿15 کان 17﴾ آسمان ڏانهن ڏسي ڪري ڪلمو شهادت ۽ سورۃُ القدر پڙهنديس، وڌيڪ ٽي ڀيرا سورۃُ القدر پڙهنديس ﴿18﴾ (مڪروه وقت نہ هوندو تہ) تحيۃُ الوضو ادا ڪنديس ﴿19﴾ هر عضوو ڌوئڻ وقت گناهہ ڇڻڻ جي اميد ڪنديس ﴿20﴾ باطني وضو بہ ڪنديس (يعني جهڙي طرح پاڻي سان ظاهري عضون جي ميل دور ڪئي ويندي آهي اهڙي طرح توبهہ جي پاڻي سان گناهن جي گندگي ڌوئي ڪري آئينده گناهن کان بچڻ جو عهد ڪنديس)

يا ربّ عَزَّوَجَلَّ بطفيلِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم اسان کي اِسراف کان بچندي ”شرعي وضو“ سان گڏ هر وقت با وضو رهڻ نصيب فرما. اٰمِين بِجَاهِ النَّبِيِّ الۡاَمِين صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

صَلُّوا عَلَى الۡحَبِيۡب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِیْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰی سَیِّدِ الْمُرْسَلِیْنَ
اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّیْطٰنِ الرَّجِیْمِ ؕ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِیْمِ ؕ

# غُسل جو طريقو (حنفي)

## دُرُود شريف جي فضيلت

سرڪارِ مدينه، سلطانِ باقرينه، قرارِ قلب و سينه، فيضِ گنجينه صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جو فرمان عاليشان آهي: ”جڏهن جمعرات (يعني خميس) جو ڏينهن ايندو آهي الله تعالٰي فرشتن کي موڪليندو آهي جن وٽ چانديءَ جا ورق ۽ سون جا قلم هوندا آهن، اهي لکندا آهن، ڪير خميس جي ڏينهن ۽ جمعي جي رات مون تي ڪثرت سان درود شريف پڙهي ٿو. (ڪنزالعمال ج 1 ص 250 حديث 2174)

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## فرض غُسل ۾ احتياط بابت تاڪيد

رسول الله صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمائن ٿا: جيڪو شخص غسلِ جنابت ۾ هڪ وار جيتري جڳهه اڻ ڌوتل ڇڏي ڏيندو ان کي باهه سان هيئن هيئن ڪيو ويندو. (يعني عذاب ڏنو ويندو)

(سنن ابي داؤد ج 1 ص 117 حديث 249)

## قبر جو ٻلو

حضرت سيدنا ابان بن عبدالله بَجلي عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللهِ الوَلي فرمائن ٿا: اسان جو هڪ پاڙي وارو گذاري ويو ته اسان ڪفن دفن ۾ شريڪ ٿياسين. جڏهن قبر کوٽي وئي ته ان ۾ ٻلّي جهڙو هڪ جانور هو، اسان ان کي ماريو پر هو پري نه ٿيو، پوءِ ٻي قبر کوٽي وئي ته ان

۾ اهو ساڳيو ٻلو موجود هو! ان سان ٻه اهو ئي ڪيو ويو جيڪو پهرين واري سان ڪيو ويو هو پر اهو پنهنجي جاءِ تان نه هٽيو، ان ڪان پوءِ ٽئي قبر کوٽي وئي ته ان ۾ ٻه ساڳيو معاملو ٿيو، آخرڪار ماڻهن مشورو ڏنو ته هن کي انهيءَ قبر ۾ دفن ڪيو، جڏهن هن کي دفن ڪيو ويو قبر مان هڪ **خوفناڪ آواز** ٻڌو ويو! ته پوءِ اسان ان شخص جي گهر واريءَ وٽ وياسين ۽ ان مرڻ واري جي باري ۾ پڇا ڪئي ته ان جو عمل ڪهڙو هو؟ گهرواريءَ ٻڌايو: اهو **غُسلِ جَنابَت** (يعني فرض غسل) **نه ڪندو هو.**" (شرح الصدور بشرح حال الموتي والقبور ص179)

## غُسلِ جَنابت ۾ دير ڪرڻ ڪڏهن حرام آهي

**اسلامي ڀينرو!** ڏٺو اوهان! اهو بدنصيب غسلِ جنابت ڪندو ئي نه هو، غسلِ جنابت ۾ دير ڪرڻ گناهه ناهي، البت ايتري دير ڪرڻ حرام آهي جو نماز جو وقت نڪري وڃي. جيئن **بهار شريعت** ۾ آهي: جنهن تي غسل واجب آهي هن جيڪڏهن ايتري دير ڪئي جو نماز جو آخري وقت اچي ويو ته هاڻي فوراً وهنجڻ فرض آهي هاڻي دير ڪندي ته گنهگار ٿيندي. (بهار شريعت حصو 2 ص 47، 48)

## ناپاڪائي جي حالت ۾ سُمهڻ جا احڪام

حضرت سيّدنا ابوسَلَمه رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ فرمائن ٿا: **اُمُّ المُؤمِنِين** حضرت سيِّدَتُنَا عائشه صديقه رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہَا کان پڇا ڪئي: ڇا نبي رحمت، شفيعِ اُمت، شهنشاهِ نُبُوَّت، تاجدارِ رسالت صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جَنابت جي حالت ۾ سمهندا هئا، انهن ٻڌايو: "ها، ۽ وضو ڪري وٺندا هئا." (صحيح بخاري ج 1 ص 117 حديث 286) حضرت سيدنا عبدالله بن عمر رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُمَا فرمايائون ته اميرُ المؤمنين حضرت سيدنا عمر فاروق اعظم رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ رسول

اڪرم، نورِ مُجَسَّم، شاهِ بني آدم، نبي مُحتَشَم صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم کان پڇا ڪئي: رات ۾ ڪڏهن جنابت ٿي ويندي آهي (ته ڇا ڪيو وڃي) رسول اڪرم صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم فرمايو: وضو ڪري عضوءِ خاص کي ڌوئي ڪري سمهي رهو. (ايضاً ص 118 حديث 290)

شارح بخاري حضرت علامہ مفتي محمد شريف الحق امجدي عَلَیۡہِ رَحۡمَۃُ اللہِ القوي هن حديث شريف جي تحت فرمائن ٿا: جُنبي ٿيڻ (يعني غسل فرض ٿيڻ) کان پوءِ جيڪڏهن سمهڻ چاهي ته مُستَحب آهي ته وضو ڪري، فوراً غسل ڪرڻ واجب ناهي، البت ايتري دير نہ ڪري جو نماز جو وقت نڪري وڃي. اهو ئي هن حديث مان مراد آهي. حضرت علي رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنۡہُ کان ابوداؤد ۽ نسائي وغيره ۾ روايت آهي ته فرمايائون: ان گهر ۾ فرشتا نہ ويندا آهن جنهن گهر ۾ تصوير يا ڪتو يا جُنُبي (يعني بي غسل) هجن. (سنن ابي داؤد ج 1 ص 109 حديث 227) هن حديث مان مراد اها ئي آهي ته ايتري دير تائين غسل نہ ڪري جو نماز جو وقت نڪري وڃي ۽ اهو جُنُبي (يعني بي غسل) رهڻ جو عادي هجي، ۽ بزرگن جي ارشاد جو اهو ئي مطلب آهي ته حالتِ جنابت (يعني ناپاڪائي) ۾ کائڻ، پيئڻ سان رزق ۾ تنگي ٿيندي آهي. (نزهة القاري ج 1 ص 770، 771)

## غُسل جو طريقو (حَنفِي)

بنا زبان چورڻ جي دل ۾ هيئن نيّت ڪريو ته مان پاڪائي حاصل ڪرڻ لاءِ غُسل ڪريان ٿي، پهرين ٻئي هٿ ڪراين تائين ٽي ٽي ڀيرا ڌوئو، پوءِ پيشاب واري جڳهه ڌوئو چاهي نجاست (يعني پليتي) هجي يا نہ، ۽ پوءِ جيڪڏهن جسم تي ڪٿي نجاست هجي ته ان کي دور ڪيو، پوءِ وضو ڪريو جيڪڏهن پير رکڻ جي جاءِ تي

پاڻي جمع ٿئي ته پير نه ڌوئو، ۽ جيڪڏهن سخت زمين آهي جيئن اڄڪلهه عام طور تي غسل خانن ۾ هوندي آهي، يا صندلي وغيره تي غسل ڪري رهيون آهيو ته پير به ڌوئي وٺو، پوءِ جسم تي تيل وانگر پاڻي لڳايو، خاص ڪري سياري ۾ (ان دؤران صابڻ به هڻي سگهو ٿيون) پوءِ ٽي ڀيرا ساڄي ڪُلهي تي پاڻي وهايو ۽ پوءِ کابي ڪُلهي تي، پوءِ مٿي تي ۽ سڄي جسم تي ٽي ڀيرا، پوءِ غسل جي جاءِ کان جدا ٿي وڃو، جيڪڏهن وضو ڪرڻ ۾ پير نه ڌوتا هئا ته هاڻي ڌوئي وٺو. بهار شريعت حصو 2 ص 42 تي آهي: ”ستر (يعني اوگهڙ) کليل هجي ته قبلي ڏانهن منهن نه ڪرڻ گهرجي، ۽ گوڏ ٻڌل هجي ته حرج ناهي، سڄي جسم تي هٿ ڦيري ۽ مَهٽي وهنجو، اهڙي جڳهه تي وهنجو جو ڪنهن جي نظر نه پوي، غُسل جي دؤران ڪنهن به قسم جي گفتگو نه ڪريو ۽ ڪا دُعا به نه پڙهو، وهنجڻ کان پوءِ ٽوال سان بدن اُگهڻ ۾ حرج ناهي، وهنجڻ کان پوءِ جلدي ڪپڙا پائي ڇڏيو ۽ جيڪڏهن مڪروهه وقت نه هجي ته ٻه رڪعتون نفل ادا ڪرڻ مُسَتَحَب آهي. (عام ڪتبِ فقه حنفي)

## غُسل جا ٽي فرض

﴿1﴾ گُرڙي ڪرڻ ﴿2﴾ نڪ ۾ پاڻي چاڙهڻ ﴿3﴾ سڄي ظاهري جسم تي پاڻي وهائڻ. (فتاويٰ عالمگيري ج 1 ص 13)

## ﴿1﴾ گُرڙي ڪرڻ

وات ۾ ٿورو پاڻي کڻي پچ ڪري اُڇلڻ جو نالو گُرڙي ناهي بلڪ وات جي هر حصي، پاسي، چپن کان نِڙيءَ جي پاڙ تائين هر جڳهه تي پاڻي وهي وڃي. اهڙيءَ طرح هوڙن جي پُنيان ڳِلن جي تهه

۾، ڏندن جي وِٿين، پاڙن ۽ زبان جي هر پاسي تي بلڪ نِڙيءَ جي آخري حصي تائين پاڻي وهي وڃي. روزو نہ هجي تہ گُرڙا بہ ڪريو جو سنّت آهي، ڏندن ۾ سوپاري جا داڻا يا گوشت جا ذرڙا وغيره هجن تہ انهن کي ڪڍڻ ضروري آهي، ها جيڪڏهن ڪڍڻ ۾ ڪو نقصان جو انديشو هجي تہ معاف آهي. غسل کان اڳ ۾ اهي ذرڙا وغيره محسوس نہ ٿيا ۽ رهجي ويا، نماز بہ پڙهي ڇڏي، پوءِ خبر پوڻ تي ڪڍي پاڻي وهائڻ فرض آهي اڳ ۾ جيڪا نماز پڙهي هئي اها ٿي وئي. جيڪو لُڏندڙ ڏند مَسالي سان ڄمايو ويو هجي يا تار سان ٻَڌو ويو هجي ۽ تار يا مسالي جي هيٺان پاڻي نہ پهچندو هجي تہ معاف آهي. (بهارشريعت حصو 2 ص 38، فتاويٰ رضويہ ج 2 ص 440، 439)

## ﴾2﴿ نڪ ۾ پاڻي چاڙهڻ

جلدي جلدي نڪ جي چوٽيءَ تي پاڻي لڳائڻ سان ڪم نہ هلندو بلڪ جيستائين نرم جڳهہ آهي يعني سخت هڏي جي شروع تائين ڌوئڻ لازمي آهي، ۽ اهو هيئن ٿي سگهندو جو پاڻي سونگهي مٿي ڇڪيو. اهو خيال ڪريو تہ وار جيتري بہ جڳهہ ڌوئڻ کان رهجي نہ وڃي، نہ تہ غسل نہ ٿيندو، نڪ جي اندر سِنگهہ ڄمي ويو هجي تہ ان کي صاف ڪرڻ فرض آهي ۽ نڪ جي وارن جو ڌوئڻ بہ فرض آهي. (ايضاً، ص 442، 443)

## ﴾3﴿ سڄي ظاهري جسم تي پاڻي وهائڻ

مٿي جي وارن کان وٺي پيرن جي تِرين تائين جسم جي هر حصي ۽ هر هر وار تي پاڻي وهي وڃڻ فرض آهي، جسم جون ڪجهہ جڳهون اهڙيون آهن جو جيڪڏهن اِحتِياط نہ ڪيو وڃي تہ اهي خُشڪ رهجي وينديون ۽ غُسل نہ ٿيندو. (بهار شريعت حصو 2 ص 39)

## ”صَلَوٰاتُ اللهِ عَلَيْکَ يَا رَسُوْلَ الله“ جي 23 اکرن جي نسبت سان اسلامي ڀينرن جي لاءِ غُسل جا 23 اِحتِياطَ

﴿1﴾ جيڪڏهن اسلامي ڀيڻ جي مٿي جا وار ڳُتيل هجن، ته رُڳو پاڙ کي آلو ڪرڻ ضروري آهي کولڻ ضروري ناهي، ها جيڪڏهن چوٽي ايتري سخت ڳُتيل آهي جو بنا کولڻ جي پاڙون آليون نه ٿينديون ته کولڻ ضروري آهي ﴿2﴾ جيڪڏهن ڪنن ۾ والي يا نڪ ۾ نٿ جو سوراخ هجي ۽ اهو بند نه هجي ته ان ۾ پاڻي وهائڻ فرض آهي، وضوءَ ۾ رُڳو نڪ جي سوراخ ۾ ۽ غسل ۾ جيڪڏهن ڪن ۽ نڪ ٻنهي ۾ سوراخ هجن ته ٻنهي ۾ پاڻي وهايو ﴿3﴾ پِرون ۽ ان جي هيٺين ڳل جو ڌوئڻ ضروري آهي ﴿4﴾ ڪَنَ جو هر حصو ۽ ان جي سوراخ جو منهن ڌوئو ﴿5﴾ ڪنن جي پُٺيان وار هٽائي پاڻي وهايو ﴿6﴾ ڪاڏي ۽ ڳلي جو سَنڌ، اهو ڪاڏي کڻڻ بنا نه ڌوپندو ﴿7﴾ ٻانهن کي چڱيءَ طرح مٿي ڪڻي بغل ڌوئو ﴿8﴾ ٻانهن جو هر پاسو ڌوئو ﴿9﴾ پُٺيءَ جو هر حصو ڌوئو ﴿10﴾ پيٽ جا گُهنج کولي ڌوئو ﴿11﴾ دُنَ ۾ به پاڻي وجهو، جيڪڏهن پاڻي وهڻ ۾ شڪ هجي ته دُنَ ۾ آڱر وجهي ڪري ڌوئو ﴿12﴾ جسم جو هر وار نُنهن کان چوٽي تائين ڌوئو ﴿13﴾ ران ۽ دُنَ جي هيٺئين حصي جو سَنڌ ڌوئو ﴿14﴾ جڏهن ويهي ڪري وهنجو ته ران ۽ پِنيءَ جي سَنڌ تي به پاڻي وهائڻ ياد رکو ﴿15﴾ ٻنهي سُرين (يعني ڌُڏ يا ويهڻ واري جڳهه) جي ملڻ جو خاص خيال رکو، خاص ڪري جڏهن بيهي ڪري وهنجو ﴿16﴾ رانن جي گولائي ۽ ﴿17﴾ پِنين جي پاسن تي پاڻي وهايو ﴿18﴾ لڙڪيل ڇاتين کي مٿي ڪري پاڻي وهايو ﴿19﴾ ڇاتين ۽ پيٽ جي جوڙ جي سَنڌ ڌوئو ﴿20﴾ فَرجِ خارج (يعني عورت جي شرمگاهه جي ٻاهرئين حصي) جو هر پاسو ۽ هر

حصو هيٺ مٿي خوب احتياط سان ڌوئو ﴿21﴾ فَرج داخل (يعني شرمگاهہ جي اندرئين حصي) ۾ آڱر وجھي ڪري ڌوئڻ فرض ناهي، بلڪ مُسۡتَحب آهي ﴿22﴾ جيڪڏهن حَيض يا نِفاس کان فارغ ٿي ڪري غسل ڪريو تہ ڪنهن پراڻي ڪپڙي سان فَرج داخل جي اندران رت جو اثر صاف ڪرڻ مُسۡتَحَب آهي. (بهارِ شريعت حصو 2 ص 39) ﴿23﴾ جيڪڏهن نيل پالش ننهن تي لڳل آهي تہ ان کي ختم ڪرڻ بہ فرض آهي نہ تہ غسل نہ ٿيندو، ها مينديءَ جي رنگ ۾ حرج ناهي.

## زخم جي پٽي

زخم تي پٽي وغيره بَڌل هجي ۽ ان کي کولڻ ۾ نقصان يا حَرج ٿئي تہ پٽيءَ تي ئي مَسح ڪرڻ ڪافي آهي ۽ ڪنهن جڳهہ تي بيماري يا سور جي ڪري پاڻي وهائڻ نقصان ڏيندو هجي تہ ان پوري عُضوي تي مَسۡحُ ڪري ڇڏيو، پٽي ضرورت کان وڌيڪ ويڙهيل نہ هجڻ گهرجي نہ تہ مَسحُ ڪافي نہ ٿيندو، ۽ جيڪڏهن ضرورت کان وڌيڪ جڳهہ گهيرڻ کان سواءِ پٽي بَڌڻ ممڪن نہ هجي مثلاً ٻانهن تي زخم آهي پر پٽي ٻانهن جي گولائيءَ ۾ بَڌل آهي جنهن جي ڪري ٻانهن جو چڱو حصو پٽيءَ ۾ لِڪيل آهي تہ پوءِ جيڪڏهن کولڻ ممڪن آهي تہ کولي ان حصي کي ڌوئڻ فرض آهي، جيڪڏهن ناممڪن آهي يا کولڻ تہ ممڪن آهي پر وري ٻيهر اهڙي نہ ٻَڌي سگهبي ۽ ائين زخم وغيره کي نقصان پهچڻ جو انديشو آهي تہ سڄي پٽيءَ تي مَسح ڪرڻ ڪافي آهي ۽ جسم جو اهو صحيح حصو بہ ڌوئڻ کان معاف ٿي ويندو. (بهارِ شريعت حصو 2 ص 40)

## غُسل فرض ٿيڻ جا 5 سبب

﴿1﴾ شَهوَت سان مَنِيءَ جو پنهنجي جڳهہ تان جدا ٿي عضوي

مان نڪرڻ ﴿2﴾ اِحتِلام يعني ننڊ ۾ مني جو نڪري وڃڻ ﴿3﴾ حَشَفَہ (يعني مرد جي خاص عضوي جي مُنڍ واري حصي) جو عورت جي اڳيان يا پويان يا مرد جي پويان داخل ٿيڻ، چاهي شَهوَت هجي يا نہ هجي، اِنزَال ٿئي يا نہ ٿئي، ٻنهي تي غُسل فرض آهي. شرط هي آهي تہ ٻئي مڪلّف هجن ۽ جيڪڏهن هڪ بالغ آهي تہ انهي بالغ تي فرض آهي، ۽ نابالغ تي جيتوڻيڪ غسل فرض ناهي پر غسل جو حڪم ڏنو ويندو ﴿4﴾ حَيض کان فارغ ٿيڻ ﴿5﴾ نِفاس (يعني ٻار ڄَڻَڻ کان پوءِ جيڪو رَت ايندو آهي ان) کان فارغ ٿيڻ. (بهارشريعت حصو 2 ص 43، 46)

## اهي صورتون جن ۾ غسل فرض نہ ٿيندو

﴿1﴾ مَنِي شَهوَت سان پنهنجي جڳهہ کان الڳ نہ ٿي بلڪ وزن کڻڻ يا مٿان کان هيٺ لهڻ، پاخانو خارج ڪرڻ لاءِ زور لڳائڻ جي صورت ۾ خارج ٿئي تہ غُسل فرض ناهي، پر وضو بهرحال ٽُٽي ويندو ﴿2﴾ جيڪڏهن مَنِي ڄمي تي وئي ۽ پيشاب جي وقت يا هونئن ئي بنا شهوَت جي ان جا قطرا نڪري آيا غسل فرض نہ ٿيو، وضو ٽُٽي پوندو ﴿3﴾ جيڪڏهن اِحتلام پوڻ ياد آهي پر ان جو ڪو اثر ڪپڙن وغيره تي ناهي تہ غسل فرض ناهي. (بهار شريعت حصو 2 ص 43)

## وهندڙ پاڻيءَ ۾ غُسل جو طريقو

جيڪڏهن وهندڙ پاڻي مثلاً درياءَ يا واهہ ۾ وهنجو تہ ٿوري دير ان ۾ رهڻ سان ٽي ڀيرا ڏوئڻ، ترتيب ۽ وضو، اهي سڀ سنّتون ادا ٿي ويون ۽ اِن جي بہ ضرورت ناهي تہ عُضون کي ٽي ڀيرا حرڪت ڏئي. جيڪڏهن تلاءُ وغيره بيٺل پاڻي ۾ وهنجو تہ عُضون کي ٽي ڀيرا حرڪت ڏيڻ يا جڳهہ بدلائڻ سان ٽي ڀيرا ڏوئڻ جي سنّت ادا ٿي ويندي، برسات ۾ (نلڪي يا ڦوهاري جي هينان) بيهڻ وهندڙ

پاڻيءَ ۾ ويهڻ جي حُڪم ۾ آهي، وهندڙ پاڻيءَ ۾ وضو ڪيو ته ٿوري دير عُضوي کي پاڻيءَ ۾ رکي ڇڏڻ ۽ ويندل پاڻيءَ ۾ حرڪت ڏيڻ، ٽي ڀيرا ڌوئڻ جي قائم مقام آهي. (بهارِ شريعت حصو 2 ص 42، درمختار و ردالمحتار ج 1 ص 320، 321) وُضُو ۽ غسل جي انهن سڀني صورتن ۾ ڳُرڙي ۽ نڪ ۾ پاڻي چاڙهڻو پوندو. غسل ۾ ڳرڙي ڪرڻ ۽ نڪ ۾ پاڻي چاڙهڻ فرض آهي، جڏهن ته وضو ۾ سنتِ مؤڪّده آهي.

## ڦوهارو وهندڙ پاڻيءَ جي حڪم ۾ آهي

فَتاوىٰ اهلسنّت (اڻ ڇپيل) ۾ آهي: ڦوهاري (يا نلڪي) جي هيٺان غسل ڪرڻ وهندڙ پاڻي ۾ غسل ڪرڻ جي حڪم ۾ آهي، انهيءَ ڪري ان جي هيٺان غُسل ڪندي، وضو ۽ غُسل ڪرڻ جيتري وقت جي مدت تائين بيهي ته ٽي ڀيرا ڌوئڻ واري سنّت ادا ٿي ويندي جيئن دُرِّمُختار ۾ آهي: ”جيڪڏهن وهندڙ پاڻي وڏي تلاءُ يا برسات ۾ وضو ۽ غسل ڪرڻ جي وقت جي مدت تائين بيهي ته ان پوري سنّت ادا ڪئي.“(درمختار و ردالمحتار ج 1 ص 320) ياد رهي! غسل يا وضو ۾ ڳُرڙي ڪرڻ ۽ نڪ ۾ پاڻي چاڙهڻو آهي.

## ڦوهاري جا اِحتياط

جيڪڏهن توهان جي غسل خاني ۾ ڦوهارو (Shower) هجي ته ان کي چڱيءَ طرح ڏسي وٺو ته ڪٿي ان ڏانهن منهن ڪري بغير ڪپڙن جي وهنجڻ سان منهن يا پُٺ قبلي ڏانهن ته نه ٿي رهي آهي، استنجا خاني (يعني ليٽرين) ۾ ان جو وڌيڪ احتياط ڪريو. قبلي ڏانهن منهن يا پُٺ ٿيڻ جي معنيٰ اها آهي ته 45 ڊگري جي ڪنڊ جي اندر اندر هجي، تنهنڪري اها ترڪيب ڪيو جو رخ 45 ڊگري جي ڪنڊ (Angle) کان ٻاهر هجي.

## ”مديني“ جي پنجن اکرن جي نسبت سان غسل پنجن موقعن تي ڪرڻ سنّت آهي

﴿1﴾ جُمعۃُالمُبارَڪ ﴿2﴾ عِيدُالفطر ﴿3﴾ عِيدُالاضحیٰ ﴿4﴾ عَرَفہ جي ڏينهن (يعني نائين ذوالحِجّۃِ الحَرام) ﴿5﴾ ۽ اِحرام ٻَڌڻ وقت وهنجڻ سنّت آهي. (بهارِ شريعت حصو 2 ص 46، در مختار ج 1 ص 339،341)

## ”مستحب تي عمل ڪرڻ ثواب جو باعث آ“ جي 24 اکرن جي نسبت سان غُسل 24 موقعن تي مُستَحَب آهي

﴿1﴾ وُقُوفِ عَرَفات ﴿2﴾ وُقُوفِ مُزدَلِفہ ﴿3﴾ حرم شريف جي حاضري ﴿4﴾ سرڪارِ مدينه صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ڏانهن حاضريءَ وقت ﴿5﴾ طَواف ﴿6﴾ مِنيٰ ۾ داخل ٿيڻ وقت ﴿7﴾ جَمرن (يعني شيطانن) کي پٿريون هڻڻ لاءِ ٽئي ڏينهن ﴿8﴾ شبِ براءَت ﴿9﴾ شبِ قَدر ﴿10﴾ عَرَفه (يعني نائين ذُوالحَج) جي سج لهڻ کان ڏهين جي صبح تائين ﴿11﴾ مِيلاد شريف جي مَجلِس ﴿12﴾ ٻين نيڪ مجلسن لاءِ ﴿13﴾ مُردي کي وهنجارڻ کان پوءِ ﴿14﴾ چريي جي لاءِ چريائپ ختم ٿيڻ کان پوءِ ﴿15﴾ غشي کان اِفاقہ (يعني بيهوشي ختم ٿيڻ) کان پوءِ ﴿16﴾ نشو لهڻ کان پوءِ ﴿17﴾ گناهہ کان توبهہ ڪرڻ ۽ ﴿18﴾ نوان ڪپڙا پائڻ وقت ﴿19﴾ سفر کان اچڻ وارن لاءِ ﴿20﴾ اِستِحاضي جو (يعني عورت کي مرض سبب ايندڙ) رَت بند ٿيڻ کان پوءِ ﴿21﴾ سج گرهڻ ۽ چنڊ گرهڻ جي نماز لاءِ ﴿22﴾ اِستِسقاء جي نماز لاءِ ﴿23﴾ خوف، اوندهہ ۽ تيز آنڌي جي لاءِ ﴿24﴾ جسم تي ناپاڪي لڳي ۽ اها خبر نہ پئي تہ ڪهڙي جڳهہ تي لڳي آهي.

(بهارِ شريعت حصو 2 ص 46، 47 تنويرالابصار، درمختار ج 1 ص 341،342)

## هڪ غُسل ۾ مختلف نيّتون

جنهن تي ڪجهہ غسل هجن، مثال طور اِحتِلام ٿيو، عيد

آهي ۽ جُمعي جو ڏينهن آهي ﺑﮧ ﺗﮧ ٽنهي جي نيّت ڪري غسل ڪيائين ﺗﮧ سڀ ادا ٿي ويا ۽ سڀني جو ثواب ملندو. (بهارِ شريعت حصو 2 ص47)

## غسل ڪرڻ سان نزلو وڌي ويندو هجي ﺗﮧ ؟

زُڪام يا اکيون اُٿڻ جي بيماري وغيره هجي ۽ اهو صحيح گمان هجي ﺗﮧ مٿي تي پاڻي وجهي وهنجڻ سان بيماري وڌي ويندي ۽ ٻيون بيماريون پيدا ٿينديون ﺗﮧ ڳُرڙي ڪريو، نڪ ۾ پاڻي وجهو ۽ ڪنڌ تي پاڻي وجهي وهنجو ۽ مٿي جي هر حصي تي آلو هٿ ڦيري ڇڏيو ﺗﮧ غسل ٿي ويندو. صحتياب ٿيڻ کان پوءِ مٿو ڌوئي ڇڏيو ۽ نئين سِر سڄو غسل ڪرڻ ضروري ناهي. (بهارِ شريعت حصو 2 ص 40)

## بَالٽيءَ سان وهنجڻ وقت اِحتِياط

جيڪڏهن بالٽيءَ سان غسل ڪريو ﺗﮧ احتياط ڪندي ان کي صندلي (Stool) وغيره تي رکو ﺗﮧ جيئن بالٽيءَ ۾ ڇنڊا ﻧﮧ پون، ۽ غسل ۾ استعمال ڪرڻ جو مگو ﺑﮧ فرش تي ﻧﮧ رکو.

## وَارَن جي ڳَنڍ

وارن ۾ ڳنڍ پئجي وڃي ﺗﮧ غُسل ۾ ان کي کولي پاڻي وهائڻ ضروري ﻧﮧ آهي. (بهارِ شريعت حصو 2 ص 40)

## بي وُضو ديني ڪتابن کي هٿ لڳائڻ

بي وضو يا اها جنهن تي غسل فرض ٿيو ان کي فِقه، تفسير ۽ حديث جي ڪتابن کي هٿ لڳائڻ مڪروهه آهي، ۽ جيڪڏهن انهن کي ڪنهن ڪپڙي سان هٿ لڳايائين جيتوڻيڪ ڪيس پاتل يا ويڙهيل هو ﺗﮧ حرج ناهي، پر قرآني آيتن يا ان جي ترجمي تي انهن ڪتابن ۾ ﺑﮧ هٿ رکڻ حرام آهي. (بهارِ شريعت حصو 2 ص 49)

## ناپاڪائيءَ جي حالت ۾ دُرود شريف پڙهڻ

جن تي غسل فرض هجي انهن کي دُرود شريف ۽ دعائون پڙهڻ ۾ حَرج ناهي پر بهتر اهو آهي ته وضو يا ڪُرڙي ڪري پڙهن. (بهارِ شريعت حصو 2 ص 49) اَذان جو جواب ڏيڻ انهن لاءِ جائز آهي. (فتاويٰ عالمگيري ج 1 ص 38)

## آڱر ۾ مَس (Ink) جو تهه ڄميل هجي ته؟

پَچائڻ واري جي ننهن ۾ اَٽو، لکڻ واري جي هٿ ۾ مَس جو تهه، عام اسلامي ڀينرن لاءِ مَک، مَڇر جي گندگي لڳل رهجي وئي ۽ ڌيان نه رهيو ته غسل ٿي ويندو. ها خبر پوڻ کان پوءِ صاف ڪرڻ ۽ ان جڳهه جو ڌوئڻ ضروري آهي، اڳ ۾ جيڪا نماز پڙهي وئي اها ٿي وئي. (بهارِ شريعت حصو 2 ص 41 ملخصًا)

## ٻارڙي ڪڏهن بالِغ ٿيندي آهي؟

ڇوڪريءَ 9 سالن ۽ ڇوڪرو 12 سالن کان گهٽ عمر تائين هرگز بالغه ۽ بالغ نه ٿيندا، ڇوڪريءَ ۽ ڇوڪرو ٻئي (هجري سِن جي اعتبار کان) 15 سالن جي عمر ۾ ضرور شرعاً بالغه ۽ بالغ آهن، جيتوڻيڪ بُلُوغت جا آثار ظاهر نه ٿيا هجن، هنن عمرن ۾ جيڪڏهن ڪا نشاني ظاهر ٿئي يعني چاهي ڇوڪري يا ڇوڪِريءَ کي سمهندي يا جاڳندي ۾ اِنزال ٿيو (يعني مني نڪتي) يا ڇوڪريءَ کي حيض آيو يا جِماع سان ڇوڪرو (ڪنهن ڇوڪريءَ کي) حامله ڪيائين يا (جِماع جي ڪري) ڇوڪريءَ کي حمل ٿئي ته يقيناً بالغ ۽ بالغه آهن، ۽ جيڪڏهن نشانيون ظاهر نه ٿين پر اهي پاڻ چون ته اسان بالغ ۽ بالغه آهيون ۽ ظاهري احوال به انهن جي قول کي ڪوڙو قرار نه ڏين، تڏهن به بالغ

۽ بالغہ سمجهيا ويندا ۽ بُلُوغت جا سيئي احڪام لاڳو ٿيندا ۽ ڇوڪري جي ڏاڙهي مڇون وغيره نڪرن يا ڇوڪِريءَ جي پِستان (يعني ڇاتي) جو ظاهر ٿيڻ جو ڪو اعتبار ناهي.

(فتاويٰ رضويہ ج 19 ص 630)

## وَسوَسَن جو هڪ سبب

غُسل خاني ۾ پيشاب ڪرڻ سان وسوسا پيدا ٿيندا آهن. حضرتِ سيِّدُنا عَبدُاللّٰه بِن مُغَفَّل رَضِیَ اللّٰهُ تَعَالٰی عَنْهُ کان روايت آهي، رسولِ ڪريم، رؤف رَّحيم عَلَيهِ اَفضَلُ الصَّلوٰةُ وَالتَّسلِيم ارشاد فرمايو: ڪو بہ شخص غسل خاني ۾ پيشاب نہ ڪري جنهن ۾ پوءِ اهو وهنجي يا وضو ڪري ڇو تہ اڪثر وسوسا انهيءَ ڪري ٿيندا آهن.“ (سنن ابي داؤد ج 1 ص 44 حديث 27) جيڪڏهن حمام جي لاهي (slop) بهتر آهي ۽ اطمينان آهي تہ پيشاب ڪرڻ کان پوءِ پاڻي وهڻ سان فرش چڱيءَ نموني سان پاڪ ٿي ويندو تہ حرج ناهي پوءِ بہ بهتر هي آهي تہ هتي پيشاب نہ ڪري.

(مراۃ ج 1 ص 266 ملخصا)

## سنّت جي پيروي جي برڪت سان مَغفِرت جي بشارت ملي

اگهاڙو وهنجڻ سنت ناهي، انهيءَ باري ۾ هڪ ايمان افروز حڪايت ملاحظہ فرمايو: حضرت سيدنا امام احمد بن حنبل رَضِیَ اللّٰهُ تَعَالٰی عَنْهُ فرمائن ٿا تہ هڪ ڀيري آئون ساٿين سان گڏ هئس. انهي دوران انهن مان ڪجھ غسل جي لاءِ ڪپڙا لاهي پاڻي ۾ لهي ويا پر مون ڪي نبي اڪرم، نورِ مُجَسَّم صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلَيهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي اها حديث ياد هئي جنهن پاڻ صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلَيهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو آهي: ”جيڪو اللّٰه تعاليٰ ۽ ان جي رسول تي ايمان رکي ٿو ان کي گهرجي تہ اگهاڙو حمام ۾ داخل نہ

ٿئي بلڪ گوڏ ٻڌي. تنهن ڪري مون هن حديث پاڪ تي عمل ڪيو، رات جو جڏهن ستس ته مون خواب ۾ ڏٺو ته هڪ هاتِفِ غيبي (يعني غيبي آواز ڏيندڙ) مون کي ندا ڪري چئي رهيو آهي: اي احمد! توهان کي بشارت هجي جو نبي رحمت صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي سنت تي عمل ڪرڻ جي ڪري الله تعالٰي توهان جي مغفرت فرمائي آهي ۽ توهان کي ماڻهن جو امام ۽ پيشوا بڻايو آهي. حضرت سيدنا امام احمد رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ فرمائن ٿا ته مون انهيءَ غيبي آواز کان پڇا ڪئي اوهان ڪير آهيو؟ ته آواز آيو: مان جبرئيل (عَلَيْهِ السَّلَام) آهيان. (الشفاء الجزءُ الثاني ص 16) الله عَزَّوَجَلَّ جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بخشش ٿئي. اٰمِين بِجَاهِ النَّبِيِّ الْاَمِين صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

## گوڏ ٻڌي ڪري وهنجڻ جا اِحتِياط

شارحِ بخاري حضرت علامہ مفتي شريفُ الحق امجدي عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللهِ القوي فرمائن ٿا: اڪيلائپ ۾ اُگهاڙو وهنجڻ جائز آهي پر افضل هي آهي ته اگهاڙو نه وهنجي. گوڏ ٻڌي (يا پاجامو يا شلوار پائي) وهنجڻ ۾ خاص ڪري ٻن ڳالهين جو خيال رکو، پهريون جيڪا گوڏ (يا پاجامو. توال وغيره) ٻڌي ڪري وهنجو اها (گوڏ وغيره) پاڪ هجي ان ۾ نجاست نه هجي. ٻيو هي ته ران وغيره جسم جي ڪنهن حصي تي نجاست لڳي هجي ته ان کي پهريان ڌوئي ونو، نه ته جنابت ته پري ٿي ويندي (يعني فرض غسل ته ادا ٿي ويندو) پر بدن يا گوڏ جي نجاست چا پري ٿيندي پڪڙجي ٻين جڳهن تي به لڳي ويندي. ان کان عوام ته عوام خواص به غافل آهن. (نزهة القاري ج 1 ص 761) ها جيڪڏهن ايترو پاڻي وهايو جو نجاست توڙي جو شروع ۾ پڪڙجي پر آخر ۾ سني طرح ڌوپجي وئي، ۽ پاڪ ڪرڻ جو شرعي تقاضو پورو ٿي

ويو تہ گوڏ پاڪ ٿي ويندي.

يا رب عَزَّوَجَلَّ **بطفيل مصطفيٰ** صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم! **اسان کي بار بار غسل ڪرڻ جا مسائل پڙهڻ، سمجهڻ ۽ ٻين کي سمجهائڻ ۽ سنتن جي مطابق غسل ڪرڻ جي توفيق عطا فرمائي.**

اٰمِين بِجَاهِ النَّبِيِّ الْاَمِين صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

# مدني گل

**رسول اڪرم، نورِ مُجسَّم، شفيع اُمم** صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم **هڪ ڀيري منبر شريف تي جلوه فرما هئا تہ هڪ صحابي** رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنْهُ **عرض ڪيو: يارسول الله** صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم **ماڻهن مان سڀ کان سٺو ڪير آهي؟ فرمايائون: ماڻهن ۾ سڀ کان سٺو اهو شخص آهي جيڪو ڪثرت سان قرآن ڪريم جي تلاوت ڪري، وڌيڪ متقي هجي، سيني کان وڌيڪ نيڪي جو حڪم ڏيڻ وارو ۽ برائي کان منع ڪرڻ وارو هجي ۽ سڀ کان وڌيڪ صلہ رحمي (يعني رشتيدارن سان سٺو برتاءُ ڪرڻ) وارو هجي.** (مُسند امام احمد ج 10 ص 402 حديث 27504)

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ
اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ؕ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ؕ

# تَيَمُّم جو طريقو (حنفي)

## دُرُود شريف جي فضيلت

امامُ الصّابرين، سيّدُ الشّاڪرين صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جو فرمان عاليشان آهي: ”جبرئيل عَلَيْهِ السَّلَام مون کي عرض ڪيو ته رب تعالىٰ فرمائي ٿو: اي محمد (عَلَيْهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام) ڇا توهان انهي ڳالهه تي راضي نه آهيو ته توهان جو اُمتي توهان تي هڪ ڀيرو درود موڪلي، مان انهي تي ڏهه رحمتون نازل ڪيان ۽ اوهان جي اُمت مان ڪو هڪ سلام موڪلي، مان انهي تي ڏهه سلام موڪليان.

(مشڪواة المصابيح ج 1 ص 189 حديث 928)

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## تَيَمُّم جا فرض

تَيَمُّم ۾ ٽي فرض آهن: ﴿1﴾ نيّت ﴿2﴾ سڄي منهن تي هٿ ڦيرڻ ﴿3﴾ نونئين سميت ٻنهي ٻانهن جو مَسح ڪرڻ.

(بهارِ شريعت حصو 2 ص 75، 77)

## ”تَيَمُّم سکي وٺو“ جي ڏهن اکرن جي نسبت سان تَيَمُّم جون 10 سنتون

﴿1﴾ بِسْمِ الله شريف پڙهڻ ﴿2﴾ هٿن کي زمين تي هڻڻ ﴿3﴾ زمين تي هٿ هڻي اڳتي پوئتي ڪرڻ ﴿4﴾ آڱريون کليل رکڻ ﴿5﴾ هٿن کي ڇنڊڻ يعني هڪ هٿ جي آڱوٺي جي پاڙ کي ٻئي هٿ جي

آڱوني جي پاڙ تي هٽڻ پر اهو احتياط رهي ته تاڙيءَ جو آواز پيدا نه ٿئي ﴿6﴾ پهرين منهن پوءِ ٻانهن جو مَسح ڪرڻ ﴿7﴾ ٻنهي جو مَسحُ لاڳيتو ڪرڻ ﴿8﴾ پهرين ساڄي پوءِ کاٻي ٻانهن جو مَسح ڪرڻ ﴿9﴾ (مرد جي لاءِ) ڏاڙهيءَ جو خِلال ڪرڻ ﴿10﴾ آڱرين جو خِلال ڪرڻ جڏهن ته مٽي لڳي وئي هجي، جيڪڏهن مٽي نه لڳي هجي مثال طور پٿر وغيره ڪنهن اهڙي شيءِ تي هٿ هنيو جنهن تي مٽي نه هئي ته خِلال فرض آهي. خِلال جي لاءِ ٻيهر زمين تي هٿ هڻڻ ضروري ناهي. (بهارِ شريعت حصو ص 78)

## تَيَمُّم جو طريقو (حَنفي)

تَيَمُّم جي نيّت ڪريو (نيّت دل جي ارادي جو نالو آهي، زبان سان به چئي ڇڏيو ته بهتر آهي مثلاً پاڪائي حاصل ڪرڻ ۽ نماز جائز ٿيڻ جي لاءِ تَيَمُّم ڪريان ٿي) بِسۡمِ اللهِ پڙهي ڪري ٻنهي هٿن جون آڱريون ويڪريون ڪري ڪنهن اهڙي پاڪ شيءِ جيڪا زمين جي قسم (مثلاً پٿر، چُن، سر، پِٽ، مٽي وغيره) مان هجي ان تي هٽي ڪري اڳتي ۽ پوئتي ڪريو، ۽ جيڪڏهن گهٽي مٽي لڳي وڃي ته ڇنڊي ڇڏيو ۽ ان سان سڄي چهري جو اهڙيءَ طرح مَسحُ ڪيو جو ڪو حصو رهجي نه وڃي، جيڪڏهن وار جيتري به ڪا جڳهه رهجي وئي ته تَيَمُّم نه ٿيندو، پوءِ ٻيهر اهڙي طرح هٿ زمين تي هٽي ڪري ٻنهي ٻانهن جو ننهن کان وٺي نونٺين سميت مَسح ڪريو. ڪنگڻ، چوڙيون جيترا زيور هٿ ۾ پاتل آهن سيني ڪي هٽائي يا لاهي ڪري هر حصي تي هٿ پهچايو، جيڪڏهن ٿورڙي به جڳهه رهجي وئي ته تَيَمُّم نه ٿيندو، تَيَمُّم يا مَسح جو بهتر طريقو هي آهي ته کاٻي هٿ جي آڱوني کان علاوه چار آڱرين جو پيٽ ساڄي هٿ جي پُٺيءَ

تي رکو ۽ آڱرين جي مُنڍن کان نونين تائين ڪٽي وڃو پوءِ اتان کان ڪابي هٿ جي ئي ترِيءَ سان ساڄي ٻانهن جي پيٺ جو مَسح ڪندي ڪرائيءَ تائين آڻيو، ۽ ڪابي آڱوني جي پيٺ سان ساڄي آڱوني جي پُنيءَ جو مَسح ڪريو. اهڙيءَ ئي نموني ساڄي هٿ سان ڪابي ٻانهن جو مَسح ڪريو. جيڪڏهن هڪ ئي دفعي سان سڄي تِرِيءَ ۽ آڱرين سان مَسَحُ ڪري ورتو ته تڏهن ٻه تَيَمُّم ٿي ويو چاهي نونڻ کان آڱرين ڏانهن هٿ ڪٽي ويا، يا آڱرين کان نونڻ ڏانهن ڪٽي ويا، پر سنّت جي خلاف ٿيو. تَيَمُّم ۾ مٽي ۽ پيرن جو مَسَحُ ناهي.
(بهارِ شريعت حصو 2 ص 76، 78 وغيره)

## ”سيّدي اعليٰ حضرت جي پنجويهين شريف“ جي چويهه اکرن جي نسبت سان تَيَمُّم جا 26 مدني گل

﴿1﴾ جيڪا شيءِ باهه ۾ سڙي خاڪ نه ٿيندي هجي ۽ نه پگهرجندي هجي ۽ نه ئي نرم ٿيندي هجي ته اها زمين جي جنس (يعني قِسم) مان آهي ان سان تَيَمُّم جائز آهي. ريتي، چُن، سرمي، گندرَف، پٿر، زُمُرَّدُ، فيروزي، عقيق وغيره جَواهِرن سان تَيَمُّم جائز آهي چاهي انهن تي مٽي جي دز هجي يا نه هجي. (بهارِشريعت حصو 2 ص 79، البحرالرائق ج 1 ص 257)

﴿2﴾ پڪي سِر، چيني يا نڪر جي ٿانوءَ سان تَيَمُّم جائز آهي، ها جيڪڏهن انهن تي ڪنهن اهڙي شيءِ جو تهه هجي جيڪا زمين جي جنس مان ناهي **مثلاً** شيشي جو تهه هجي ته تَيَمُّم جائز ناهي.
(بهارِ شريعت حصو 2 ص 80)

﴿3﴾ جنهن مٽي، پٿر وغيره سان تَيَمُّم ڪيو وڃي ان جو پاڪ هئڻ ضروري آهي يعني نه ان تي ڪنهن ناپاڪيءَ جو اثر هجي ۽ نه ئي ائين هجي جو رڳو خشڪ ٿيڻ سان ناپاڪيءَ جو اثر ختم ٿي ويو

هجي. (ايضاً ص 79) زمين، پِٽ ۽ اها مٽي جيڪا زمين تي پئي هوندي آهي جيڪڏهن ناپاڪ ٿي وڃي ۽ وري اُس يا هوا سان سُڪي وڃي ۽ ناپاڪيءَ جو اثر ختم ٿي وڃي ته پاڪ آهي ۽ ان تي نماز جائز آهي پر ان سان تَيَمُّم نه ٿو ٿي سگهي.

﴿4﴾ اهو وهم ڪرڻ اجايو آهي ته ڪڏهن نه ناپاڪ ٿي هوندي ان جو اعتبار نه آهي. (ايضاً ص 79)

﴿5﴾ جيڪڏهن ڪنهن ڪاني، ڪپڙي يا ڳِلم وغيره تي ايتري مٽي هجي جو هٿ هڻڻ سان آڱرين جو نشان بڻجي وڃي ته ان سان تَيَمُّم جائز آهي.

﴿6﴾ چُن، مٽي ۽ سرن جي ڀِت چاهي گهر جي هجي يا مسجد جي ان سان تَيَمُّم جائز آهي پر ان تي آئل پينٽ، پلاسٽڪ پينٽ ۽ مَيٽ فِنش يا وال پيپر وغيره ڪا اهڙي شيءِ نه هئڻ گهرجي جيڪا زمين جي جنس کان علاوه هجي، پِٽ تي ماربل هجي ته ڪو حرج ناهي.

﴿7﴾ جنهن جو وضو نه هجي يا غسل ڪرڻ جي حاجت هجي ۽ پاڻي تي قدرت نه هجي ته اها وضو ۽ غسل جي بدران تَيَمُّم ڪري.

(بهارِ شريعت حصو 2 ص 68)

﴿8﴾ اهڙي بيماري، جو وضو يا غسل ڪرڻ سان ان جي وڌي وڃڻ يا دير سان ٺيڪ ٿيڻ جو صحيح انديشو هجي يا پاڻ کي تجربو آهي جو جڏهن به وضو يا غسل ڪيو ته بيماري وڌي وئي آهي، يا ڪو مسلمان سنو قابل حڪيم يا ڊاڪٽر جيڪو ظاهري طور تي فاسق نه هجي اهو چوي ته پاڻي نقصان ڪندو ته انهن صورتن ۾ تَيَمُّم ڪري سگهو ٿيون. (بهارِ شريعت حصو 2 ص 68، درالمختار معه ردالمحتار ج 1 ص 442، 441)

﴿9﴾ جيڪڏهن مٽي تي پاڻي هاري وهنجڻ ۾ نقصان ٿيندو هجي ته ڪنڌ کان پاڻي وجهي ۽ پوري مٽي جو مَسح ڪريو. (ايضاً ص 69)

﴿10﴾ جتي چئني پاسن هڪ هڪ ميل تائين پاڻي نہ ملندو هجي اتي بہ تَيَمُّم ڪري سگهو ٿيون. (ايضاً)

﴿11﴾ جيڪڏهن ايترو آبِ زَم زَم شريف پاڻ وٽ موجود آهي جيڪو وضو جي لاءِ ڪافي آهي تہ پوءِ تَيَمُّم جائز ناهي. (ايضاً)

﴿12﴾ ايتري ٿڌ آهي جو وهنجڻ سان مري وڃڻ يا بيمار ٿي وڃڻ جو پڪو انديشو هجي ۽ وهنجڻ ڪان پوءِ ٿڌ کان بچڻ جو سامان بہ نہ هجي تہ تَيَمُّم جائز آهي. (ايضاً ص 70)

﴿13﴾ قيديءَ کي قيد خاني وارا وضو نہ ڪرڻ ڏين تہ تَيَمُّم ڪري نماز پڙهي بعد ۾ ورائي پڙهي ۽ جيڪڏهن اهي قيد خاني وارا يا دشمن نماز بہ پڙهڻ نہ ڏين تہ اشاري سان پڙهي ۽ بعد ۾ ٻيهر پڙهي. (ايضًا ص 71)

﴿14﴾ جيڪڏهن اهو شڪ آهي تہ پاڻي ڳولڻ ۾ قافلو نظرن کان غائب ٿي ويندو (يا ريل نڪري ويندي) تہ تَيَمُّم جائز آهي. (ايضًا ص 72) فتاويٰ رضويہ جلد 3 صفحي 417 تي آهي: جيڪڏهن ريل گاڏي نڪرڻ جو انديشو هجي تڏهن بہ تيمم ڪري ۽ اِعادو (يعني ٻيهر موٽائڻ) ناهي.

﴿15﴾ وقت ايترو ٿورو بچيو آهي جو ان ۾ وضو يا غسل ڪندي تہ نماز قضا ٿي ويندي تہ تَيَمُّم ڪري نماز پڙهي پوءِ وضو يا غسل ڪري نماز جو اِعادو ڪري. (فتاويٰ رضويه ج 3 ص 307)

﴿16﴾ عورت حَيض ۽ نِفاس کان پاڪ ٿي وئي ۽ پاڻي نہ ٿو ملي سگهي تہ تَيَمُّم ڪري. (بهارِ شريعت حصو 2 ص 73)

﴿17﴾ جيڪڏهن ڪا اهڙي جڳهہ آهي جتي نہ پاڻي ملي ٿو، نہ ئي تَيَمُّم جي لاءِ پاڪ مٽي تہ ان کي گهرجي تہ نماز جي وقت ۾ نماز جهڙي صورت بڻائي يعني نماز جا تمام رڪن بنا نماز جي نيّت جي

بجا آڻي. (بهارِ شريعت حصو 2 ص 75) پر پاڪ پاڻي يا مٽي تي قادر ٿيڻ تي وضو يا تَيَمُّم ڪري نماز پڙهڻي پوندي.

﴿18﴾ وضو ۽ غسل ٻنهي جي تَيَمُّم جو هڪ ئي طريقو آهي.
(الجوهرة النيرة الجزالاول ص 28)

﴿19﴾ جنهن تي غسل فرض آهي ان جي لاءِ اهو ضروري ناهي ته وضو ۽ غسل ٻنهي لاءِ ٻه تَيَمُّم ڪري بلڪ ٻنهي ۾ هڪ ئي نيّت ڪري ٻئي ٿي ويندا ۽ جيڪڏهن رُڳو غسل يا وضو جي نيّت ڪئي تڏهن به ڪافي آهي. (بهار شريعت حصو 2 ص 76)

﴿20﴾ جن شين سان وضو ٽُٽي ويندو آهي يا غُسل فرض ٿي ويندو آهي انهن سان تَيَمُّم به ٽُٽي ويندو آهي ۽ پاڻي ملي وڃڻ جي صورت ۾ به تَيَمُّم ٽُٽي ويندو آهي. (ايضاً ص 82)

﴿21﴾ اسلامي ڀيڻ ڪي جيڪڏهن نڪ ۾ ڪوڪو وغيره پاتل هجي ته لاهي ڇڏي نه ته ڪوڪي جي جڳهه تي مَسحُ نه ٿي سگهندو.
(ايضاً ص 77)

﴿22﴾ چپن جو اهو حصو جيڪو عام طور تي بند هئڻ جي حالت ۾ نظر ايندو آهي ان تي مَسح ٿيڻ ضروري آهي جيڪڏهن منهن تي هٿ ڦيرڻ وقت ڪنهن چپن ڪي زور سان دٻايو جو ڪجهه حصو مَسح ٿيڻ کان رهجي ويو ته تَيَمُّم نه ٿيندو.

﴿23﴾ اهڙي طرح زور سان اکيون بند ڪري ڇڏيون تڏهن به نه ٿيندو.
(ايضاً)

﴿24﴾ مُندي، گهڙي وغيره پاتل هجي ته لاهي انهن جي هينان هٿ ڦيرڻ فرض آهي. چوڙيون وغيره هٽائي ڪري انهن جي هينان مَسَحُ ڪريو، تَيَمُّم جا احتياط وضوڪان وڌيڪ آهن. (ايضاً)

﴿25﴾ بيمار يا مَعذُور پاڻ تَيَمُّم نه ٿي ڪري سگهي ته ڪا ٻي

ڪرائي، ان ۾ تَيَمُّم ڪرائڻ واري جي نيّت جو اعتبار ناهي جنهن کي تَيَمُّم ڪرايو پيو وڃي ان کي نيّت ڪرڻي پوندي.
(ايضاً ص 76، فتاويٰ عالمگيري ج 1 ص 26)

﴿26﴾ جيڪڏهن عورت کي وضو ڪرڻو آهي ۽ هتي ڪو نامَحرم (يعني غير مرد) موجود آهي جنهن ڪان لڪي هٿ پير ڌوئڻ ۽ مٿي جو مسح نٿي ڪري سگهي تہ تَيَمُّم ڪري. (فتاويٰ رضويہ ج 3 ص 416)

يا ربّ عَزَّوَجَلَّ! **بطفيل مُصطفیٰ** صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم! اسان کي بار بار تَيَمُّم جا مسئلا پڙهڻ، سمجهڻ ۽ ٻين کي سمجهائڻ ۽ سنّت جي مطابق تَيَمُّم ڪرڻ جي توفيق عطا فرماءِ.

اٰمِين بِجاهِ النّبيِّ الاَمِين صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## مسجدن جي فضيلت تي مشتمل ٽي فرمان مصطفیٰ

﴿1﴾ بيشڪ **الله** عَزَّوَجَلَّ جا گهر آباد ڪرڻ وارا ئي **الله** وارا آهن. (المعجم الاوسط ج 2 ص 58 حديث 2502)

﴿2﴾ جيڪو مسجد سان محبت ڪندو آهي **الله** عَزَّوَجَلَّ ان کي پنهنجو محبوب بڻائيندو آهي. (ايضاً ج 4 ص 400 حديث 6383)

﴿3﴾ جڏهن ڪو ٻانهو ذڪر يا نماز جي لاءِ مسجد کي نڪاڻو بڻائيندو آهي تہ **الله** عَزَّوَجَلَّ ان جي طرف رحمت جي نظر فرمائيندو آهي جيئن جڏهن ڪو غائب (يعني گم ٿي ويل واپس موٽي) ايندو آهي تہ اُن جا گهر وارا ان ڪان خوش ٿيندا آهن. (ابن ماجه ج 1، ص 438، حديث 800)

اَلْحَمْدُ لِلّٰہِ رَبِّ الْعٰلَمِیْنَ وَالصَّلٰوۃُ وَالسَّلَامُ عَلٰی سَیِّدِ الْمُرْسَلِیْنَ
اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰہِ مِنَ الشَّیْطٰنِ الرَّجِیْمِ ؕ بِسْمِ اللّٰہِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِیْمِ ؕ

# اَذان جي جواب جو طريقو

## موتين جو تاج

”**اَلقولُ البَدِيع**“ ۾ آهي، حضرت سيّدنا ابوالعباس احمد بن منصور عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللهِ الغَفُور کي وفات کان پوءِ شيراز وارن مان ڪنهن خواب ۾ ڏٺو تہ پاڻ مٿي تي موتين جو تاج سجائي جنّتي لباس پائي شيراز جي جامع مسجد جي محراب ۾ بيٺا آهن، خواب ڏسڻ واري عرض ڪيو: **ما فَعَلَ اللهُ بِکَ**؟ يعني الله عَزَّوَجَلَّ توهان سان ڇا معاملو فرمايو؟ فرمايائون: **اَلحَمدُ لله** عَزَّوَجَلَّ آئون ڪثرت سان درود شريف پڙهندو هئس اهو ئي عمل ڪم اچي ويو، ۽ الله عَزَّوَجَلَّ منهنجي مغفرت فرمائي ڇڏي ۽ مون کي تاج پارائي جنّت ۾ داخل فرمائي ڇڏيو. (القول البديع ص 254)

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## اَذان جي جواب جي فضيلت

اَميرُالمُؤمِنِين حضرت سِيّدُنا عُمر بن خطّاب رَضِيَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ کان روايت آهي تہ حُضُورِ پاڪ، صاحبِ لولاڪ، سيّاحِ اَفلاڪ صَلَّى اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: ”جڏهن مُؤَذِّن ”اَللّٰہُ اَکْبَرُ اَللّٰہُ اَکْبَرُ“ چوي تہ توهان مان ڪو ”اَللّٰہُ اَکْبَرُ اَللّٰہُ اَکْبَرُ“ چوي، پوءِ مُؤَذِّن ”اَشْهَدُ اَنْ لَّآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰہُ“ چوي تہ اُهو شخص ”اَشْهَدُ اَنْ لَّآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰہُ“ چوي، پوءِ مُؤَذِّن ”اَشْهَدُ اَنَّ مُحَمَّدًا رَّسُوْلُ اللّٰہِ“ چوي تہ اُهو شخص ”اَشْهَدُ اَنَّ مُحَمَّدًا رَّسُوْلُ اللّٰہِ“ چوي، پوءِ مُؤَذِّن ”حَیَّ عَلَی الصَّلٰوۃِ“ چوي تہ

اُهو شخص ”لَاحَوْلَ وَلَا قُوَّةَ اِلَّا بِاللهِ“ چوي، پوءِ مُؤذِّن ”حَیَّ عَلَی الْفَلَاحِ“ چوي تہ اُهو شخص ”لَاحَوْلَ وَلَا قُوَّةَ اِلَّا بِاللهِ“ چوي، پوءِ جڏهن مُؤذِّن ”اَللهُ اَکْبَرُ اَللهُ اَکْبَرُ“ چوي اهو شخص بہ ”اَللهُ اَکْبَرُ اَللهُ اَکْبَرُ“ چوي ۽ جڏهن مؤذّن لَآ اِلٰهَ اِلَّا الله چوي تہ اهو شخص صِدقِ دل (يعني دل جي سچائي) سان لَآ اِلٰهَ اِلَّا الله چوي تہ جنّت ۾ داخل ٿيندو.“ (صحيح مسلم ص 203 حديث 385)

مُفِسّر شهير، حکيمُ الاُمت حضرتِ مفتي احمد يار خان عَلَيْهِ رَحْمَةُ الْحَنَّان هِن حديثِ پاڪ جي تحت فرمائن ٿا: ”ظاهر هي آهي تہ مِنْ قَلْبِهٖ (يعني صِدقِ دل سان چوڻ) جو تعلُّق سڀني جواب سان آهي يعني اَذان جو پورو جواب دل جي سچائي سان ڏي ڇاڪاڻ تہ اِخلاص کان سواءِ ڪا بہ عبادت مقبول ناهي. (مراۃ المناجيح ج 1 ص 412)

## اَذان جو جواب ڏيڻ وارو جنّتي ٿي ويو

حضرت سيّدنا ابوهريره رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ فرمائن ٿا تہ هڪ شخص جنهن جو بظاهر ڪو خاص وڏو نيڪ عمل نہ هو، اهو فوت ٿي ويو تہ رسول الله صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم صحابہ ڪرام عَلَيْهِمُ الرِّضْوَان جي موجودگي ۾ فرمايو: ڇا توهان کي معلوم آهي تہ اللہ تعالٰي هن کي جنت ۾ داخل ڪري ڇڏيو آهي، ان تي ماڻهو حيران ٿيا ڇو تہ بظاهر ان جو ڪو وڏو عمل نہ هو، پوءِ هڪ صحابي رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ ان جي گهر ويا ۽ سندس بيوہ کان پڇيائون تہ ان جو ڪو خاص عمل اسان کي ٻڌايو تہ ان جواب ڏنو: ”ٻيو ڪو تہ خاص وڏو عمل مون کي معلوم ناهي، صرف ايترو ڄاڻان ٿي تہ ڏينهن هجي يا رات، جڏهن بہ اذان ٻڌندا هئا تہ جواب ضرور ڏيندا هئا.“ (تاريخ ابن عساکر ج 40 ص 412،413 ملخصاً)

الله عَزَّوَجَلَّ جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بي حساب بخشش ٿئي. اٰمين بِجَاهِ النَّبِيِّ الْاَمين صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

گُنہِ گدا کا حساب کیا وہ اگرچہ لاکھ سے ہیں سِوا
مگر اے عَفُو تِرے عَفْو کا تو حِساب ہے نہ شُمار ہے

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

# اَذان جي جواب جو طريقو

مُؤذِّن صاحب کي گهرجي تہ اذان جا جملا آهستي آهستي ادا ڪري، "اَللهُ اَکْبَر ط اَللهُ اَکْبَر" ٻئي ملي (بنا سڪتي جي هڪٻئي سان ملائي پڙهڻ جي اعتبار سان) هڪ ڪلمو آهي. ٻنهي کان پوءِ سڪتو ڪري (يعني چپ ٿي وڃي) ۽ سڪتي جي مقدار هي آهي تہ جواب ڏيڻ وارو جواب ڏئي وٺي. (درمختار و ردالمحتار ج 2 ص 66) جواب ڏيڻ واريءَ اسلامي ڀيڻ کي گهرجي تہ جڏهن مُؤذِّن صاحب "اَللهُ اَکْبَر ط اَللهُ اَکْبَر" چئي سڪتو ڪري يعني خاموش ٿئي تہ ان وقت "اَللهُ اَکْبَر ط اَللهُ اَکْبَر" چئي اهڙي طرح ٻين ڪلمن جو جواب ڏئي، جڏهن مؤذّن پهريون ڀيرو "اَشْهَدُ اَنَّ مُحَمَّدًا رَّسُوْلُ الله" چوي تہ هي چوي:

"صَلَّى اللهُ عَلَيْكَ يَا رَسُوْلَ الله" ترجمو: توهان تي درود هجي يارسول الله صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم (ردالمحتار ج 2 ص 84)

جڏهن ٻيهر چوي تہ جواب ڏيڻ وارو هي چوي:

"قُرَّةُ عَيْنِيْ بِكَ يَا رَسُوْلَ الله" ترجمو: يارسول الله صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم! اوهان سان منهنجي اکين جي ٺڌاڻ آهي. (ايضاً)

۽ هر ڀيري آڱوٺن جا نُنهن اکين سان لڳائي آخر ۾ چوي:

"اَللّٰهُمَّ مَتِّعْنِيْ بِالسَّمْعِ وَالْبَصَرِ" ترجمو: اي الله ! منهنجي ٻڌڻ ۽ ڏسڻ جي قوت مان مون کي نفعو عطا فرماءِ. (ايضاً)

جيڪو ائين ڪندو مدني مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ان کي پنهنجي پنيان پنيان جنت ۾ وٺي ويندا. (ايضاً)

"حَيَّ عَلَى الصَّلٰوة ۽ حَيَّ عَلَى الْفَلَاح" جي جواب ۾ (چار ئي ڀيرا) "لَاحَوْلَ وَلَاقُوَّةَ اِلَّا بِاللهِ" چوي ۽ بهتر هي آهي تہ ٻئي چوي (يعني جيڪو مؤذِّن چيو اهو بہ چوي ۽ لَاحَوْل بہ) بلڪ هي بہ وڌيڪ چئي ڇڏي:

"مَاشَآءَاللهُ كَانَ وَمَا لَمْ يَشَأْ لَمْ يَكُنْ" ترجمو: جيڪو الله عَزَّوَجَلَّ چاهيو ٿيو، ۽ جيڪو نہ چاهيو نہ ٿيو.

(عالمگيري ج 1 ص 57)

"اَلصَّلٰوةُ خَيْرٌ مِّنَ النَّوْمِ" جي جواب ۾ چوي:

"صَدَقْتَ وَبَرَرْتَ وَبِالْحَقِّ نَطَقْتَ" ترجمو: ۽ تون سچو ۽ نيڪو ڪار آهين ۽ تو حق چيو آهي. (درمختار و ردالمحتار، ج 2 ص 83)

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## "اَذانِ بلال" جي اٺ اکرن جي نسبت سان اَذان جي جواب جا 8 مدني گل

﴿1﴾ نماز جي اَذان کان علاوه ٻين اذانن جو جواب بہ ڏنو ويندو، مثلاً ٻار پيدا ٿيڻ وقت جي اذان. (ردالمحتار ج 2 ص 82)

﴿2﴾ اذان ٻڌڻ واري جي لاءِ اذان جو جواب ڏيڻ جو حڪم آهي. (عالمگيري ج 1 ص 57)

﴿3﴾ **جُنُب** (يعني جنهن کي همبستري يا اِحتِلام جي ڪري غسل ڪرڻ جي حاجت هجي) اهو بہ اذان جو جواب ڏي، البت حَيض ۽ نِفاس واريءَ عورت، همبستري ۾ مشغول يا جيڪي قضاءِ حاجت ۾ هجن انهن تي جواب ناهي. (درمختار ج 2 ص 81)

﴿4﴾ جڏهن اذان ٿئي تہ ايتري دير جي لاءِ سلام، ڳالهہ ٻولهہ ۽ سلام جو جواب ۽ سڀ ڪم ڇڏي ڏيو، ايستائين جو تلاوت بہ، اذان کي غور سان ٻڌو ۽ جواب ڏيو. (درمختار ج 2 ص 86،87، عالمگيري ج 1 ص 57)

﴿5﴾ اذان جي دوران هلڻ، ڦرڻ، ٿانوءَ، گلاس وغيره ڪابہ شيءِ کڻڻ،

ماني وغيره رکڻ، ننڍين ٻارن سان کيڏڻ، اشارن ۾ ڳالھ ٻولھ ڪرڻ وغيره سڀ ڪجھ ڇڏي ڏيڻ ئي مناسب آهي.

﴿6﴾ جيڪو اذان جي وقت ڳالهين ۾ مَشغول رهي ان جو مَعَاذَالله عَزَّوَجَلَّ خاتمو بُرو ٿيڻ جو خوف آهي. (بهارشريعت حصو 3 ص 46)

﴿7﴾ جيڪڏهن ڪجھ اذانون ٻڌي تہ ان تي پهرين جو ئي جواب آهي ۽ بهتر هي آهي تہ سڀني جو جواب ڏئي. (درمختار ج 2 ص 82)

﴿8﴾ جيڪڏهن اذان جي وقت جواب نہ ڏنائين تہ جيڪڏهن گهڻي دير نہ گذري هجي تہ جواب ڏئي ڇڏي. (درمختار ج 2 ص 84)

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## مدني ٽِلُ

### مسلمان تي ڪيئن هٿ ٽهرجي؟

**حضرت سيِّدُنا عبدالله ابن عمر** رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُمَا کان روايت آهي تہ رسولِ اڪرم، نورِ مجسم، شاهِ بني آدم، **محبوب رب الاعظم** صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: هڪ مسلمان ٻئي مسلمان جو ڀاءُ آهي، نہ ان تي ظلم ڪندو آهي ۽ نہ ان کي بي يارو مددگار ڇڏيندو آهي، ۽ جيڪو پنهنجي ڀاءُ جي ضرورت پوري ڪري **الله** عَزَّوَجَلَّ ان جي ضرورت پوري ڪندو آهي ۽ جيڪو ڪنهن مسلمان جي تڪليف دور ڪري **الله** عَزَّوَجَلَّ قيامت جي تڪليفن مان ان جي تڪليف دور فرمائيندو ۽ جيڪو ڪنهن مسلمان جا عيب ڍڪيندو تہ خداءِ ستار عَزَّوَجَلَّ قيامت جي ڏينهن ان جا عيب ڍڪيندو.

**(صحيح مسلم الحديث 6580 ص 1394)**

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ
اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ؕ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ؕ

# نماز جو طريقو (حنفي)

## دُرُود شريف جي فضيلت

رسول اڪرم، نورِ مُجَسَّم، شاهِ بَني آدم، رسولِ مُحتَشَم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جو فرمان رحمت نشان آهي: قيامت جي ڏينهن **الله** عَزَّوَجَلَّ جي عرش جي ڇانوَ کان سواءِ ٻي ڪا بہ ڇانوَ نہ هوندي، ٽي شخص **الله** عَزَّوَجَلَّ جي عرش جي ڇانوَ ۾ هوندا. عرض ڪيو ويو: يارسول **الله** صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم اهي ڪير شخص هوندا؟ ارشاد فرمايائون: ﴿1﴾ اهو شخص جيڪو منهنجي اُمتي جي پريشاني پري ڪري ﴿2﴾ منهنجي سنّت کي زنده ڪرڻ وارو ﴿3﴾ مون تي ڪثرت سان درود شريف پڙهڻ وارو.

(البدورالسافرة في امورالاخرة للسيوطي ص 131 حديث 366)

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

**اسلامي ڀينرو!** قُرآن ۽ حديث ۾ نماز پڙهڻ جون بيشمار فضيلتون ۽ نہ پڙهڻ جون سخت سزائون بيان ٿيل آهن، جيئن تہ 28 سيپاري جي سُورةُ المُنافِقُون جي آيت نمبر 9 ۾ ارشادِ ربّاني آهي:

يٰۤاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا لَا تُلْهِكُمْ اَمْوَالُكُمْ وَلَاۤ اَوْلَادُكُمْ عَنْ ذِكْرِ اللّٰهِ ۚ وَمَنْ يَّفْعَلْ ذٰلِكَ فَاُولٰٓئِكَ هُمُ الْخٰسِرُوْنَ ۝

(پ 28المنافقون 9)

**ترجموڪنزالايمان:** اي ايمان وارو توهان کي غافل نہ ڪري توهان جو مال نہ توهان جو اولاد نہ ئي ڪا ٻي شيءِ **الله** جي ذِڪر کان ۽ جيڪو ائين ڪندو پوءِ اهي ئي نقصان ۾ آهن.

حضرتِ سيِّدُنا امام محمّد بِن احمد ذَهبِي عَلَيهِ رَحمَةُ اللهِ القَوِي نقل ڪن ٿا: مُفَسِّرين ڪرام رَحِمَهُمُ اللهُ السَّلام فرمائن ٿا ته هن آيت شريف ۾ الله عَزَّوَجَلَّ جي ذِڪر مان پنج نمازون مُراد آهن، پوءِ جيڪو شخص پنهنجي مال يعني خريد و فروخت، معيشت، روزگار ۽ ٻارن ٻچن ۾ مَصرُوف رهي ۽ وقت تي نماز نه پڙهي اهو نقصان ڪٽڻ وارن مان آهي. (ڪتاب الڪبائر ص 20)

## قِيامت ۾ سڀ کان پهريون سوال

سرڪارِ مدينه، سلطانِ باقرينه صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جو ارشادِ حقيقت بُنياد آهي: "قِيامت جي ڏينهن ٻانهي جي عملن مان سڀ کان پهريون سوال نماز جو ٿيندو. جيڪڏهن اها صحيح (يعني پوريون ادا ڪيون) ته ان ڪاميابي ماڻي ۽ جيڪڏهن ان ۾ گهٽتائي رهجي وئي ته اهو ذليل ٿيو ۽ ان نقصان ڪنيو." (ڪنزالعمال ج 7 ص 115 رقم 18883)

## نمازي جي لاءِ نور

نبي اڪرم، نورِ مُجَسَّم، رسولِ مُحتَشَم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جو ارشاد آهي: "جيڪو شخص نماز جي حفاظت ڪندو ان جي لاءِ نماز قِيامت جي ڏينهن نور، دليل ۽ ڇوٽڪارو ٿيندي ۽ جيڪو ان جي حِفاظت نه ڪندو ان جي لاءِ قِيامت جي ڏينهن نه نور هوندو ۽ نه دليل ۽ نه ئي ڇوٽڪارو، ۽ اهو شخص قِيامت جي ڏينهن فِرعون، قارون، هامان ۽ اُبَيِّ بن خَلَف سان گڏ هوندو."

(مجمع الزوائد ج 2 ص 574 حديث 1611).

## ڪنهن جو ڪنهن سان گڏ حَشر ٿيندو!

اسلامي ڀينرو! سَيِّدُنا امام محمد بن احمد ذهبِي عَلَيهِ رَحمَةُ اللهِ القَوِي

نقل ڪن ٿا: ڪجھ عُلماءِ ڪرام رَحِمَهُمُ اللهُ السَّلام فرمائن ٿا تہ بي نمازيءَ کي انھن چئن (يعني فرعون، قارون، ھامان ۽ اُبَي بن خلف) سان گڏ ان ڪري اُٿاريو ويندو جو عام طور تي ماڻھو دولت، حڪومت، وَزارت ۽ تِجارت جي ڪري نماز کي ڇڏي ڏيندا آھن. جيڪو حڪومت جي مَشغُولِيّت جي ڪري نماز نہ پڙھندو ان جو حشر فرعون سان گڏ ٿيندو، جيڪو دولت جي ڪري نماز ڇڏيندو ان جو حشر قارون سان گڏ ٿيندو، ۽ جيڪڏھن نماز نہ پڙھڻ جو سبب وَزارت ھوندي تہ ان جو حشر فرعون جي وزير ھامان سان گڏ ٿيندو، ۽ جيڪڏھن تِجارت جي مصروفيّت جي ڪري نماز ڇڏيندو تہ ان کي مڪي شريف جي تمام وڏي ڪافر واپاري اُبَي بِن خَلَف سان گڏ قيامت جي ڏينھن اُٿاريو ويندو. (ڪتاب الڪبائر ص 21)

## شديد زخمي حالت ۾ نماز

جڏھن حضرتِ سيّدُنا عمر فاروق اعظم رَضِيَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ تي قاتلاڻو حملو ٿيو تہ عرض ڪيو ويو: اي اَمِيرالمؤمِنِين! نماز (جو وقت آھي) فرمايائون: جي ھا، بُڌي ونو! ”جيڪو شخص نماز کي ضايع ڪري ٿو ان جو اسلام ۾ ڪو بہ حصو ناھي.“ ۽ حضرتِ سيّدُنا عمر فاروقِ اعظم رَضِيَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ سخت زخمي ھئڻ جي باوجود نماز ادا فرمائي. (ايضًا ص 22)

## ھزارين سال دوزخ جي عذاب جو حقدار

منھنجا آقا اعليٰ حضرت، امام اھلسنت، مولانا شاه امام احمد رضا خان عَلَيْهِ رَحْمَةُ الرَّحْمٰن فتاويٰ رضويہ جلد 9 صفحي 158 کان 159 تي فرمائن ٿا: ايمان ۽ عقيدي جي درستگي کان پوءِ سمورن حقوقُ الله ۾ سڀ کان اھم ۽ اعظم نماز آھي. جمعو ۽ عيدون يا بنا پابندي

جي پنج وقتي نماز پڙهڻ هرگز نجات جي ذميوار ناهي. جنهن قصداً (يعني ڄاڻي واڻي) هڪ وقت جي (نماز) ڇڏي ڏي ته اهو هزارين سال دوزخ ۾ رهڻ جو حقدار ٿيو، جيستائين توبهه نه ڪري ۽ ان جي قضا نه ڪري وٺي، مسلمان جيڪڏهن (ان جي زندگي ۾) ان کي بلڪل ڇڏي ڏين، ان سان نه ڳالهائن، نه ان وٽ ويهن، ته ضرور اهو ان جو حقدار آهي، اللهعَزَّوَجَلَّ ارشاد فرمائي ٿو:

وَ اِمَّا یُنْسِیَنَّكَ الشَّیْطٰنُ فَلَا تَقْعُدْ بَعْدَ الذِّكْرٰى مَعَ الْقَوْمِ الظّٰلِمِیْنَ ﴿۶۸﴾

**ترجموڪنزالايمان:** ۽ جيڪڏهن ڪٿي توکي شيطان وسارائي ته ياد اچڻ تي ظالمن سان گڏ نه ويهه. (پ 7 الانعام 68)

# نَمازتي نوريا اونداهيءَ جا سبب

**حضرتِ سيِّدُنا عُباده بن صَامِت** رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہُ **کان روايت آهي ته** نبيِّ رَحمت، شفيعِ اُمت، شهنشاهِ نُبُوّت صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جو فرمانِ عاليشان آهي: "جيڪو شخص چڱيءَ طرح وضو ڪري پوءِ نماز جي لاءِ بيهي، ان جا رُڪوع، سَجدا ۽ قِراءَت مڪمل ڪري ته نماز چوندي آهي ته **الله** عَزَّوَجَلَّ تنهنجي حفاظت ڪري جيئن تو منهنجي حفاظت ڪئي. پوءِ ان نماز کي آسمان ڏانهن کنيو ويندو آهي ۽ ان جي لاءِ چمڪ ۽ نور هوندو آهي. پوءِ ان جي لاءِ آسمان جا دروازا کوليا ويندا آهن ايستائين جو ان کي **الله**عَزَّوَجَلَّ جي بارگاه ۾ پيش ڪيو ويندو آهي ۽ اها نماز ان نمازي جي شَفاعت ڪندي آهي ۽ جيڪڏهن اهو ان جا رُڪوع، سجدا ۽ قِراءَت مڪمل نه ڪري ته نماز چوندي آهي ته **الله** عَزَّوَجَلَّ تو کي ضايع ڪري جيئن تو مون کي ضايع ڪيو، پوءِ ان نماز کي اهڙيءَ طرح آسمان ڏانهن کنيو ويندو آهي جو ان تي اونداهي ڇانيل هوندي آهي ۽ ان تي آسمان جا دروازا بند

ڪيا ويندا آهن پوءِ ان کي پراڻي ڪپڙي وانگر ويڙهي ان نمازيءَ جي منهن تي هنيو ويندو آهي. (ڪنزالعمال ج 7 ص 129 حديث 19049)

# بُري خاتمي جو هڪ سبب

حضرت سيّدُنا امام بُخاري عَلَيهِ رَحمَةُ اللهِ البَارِي فرمائن ٿا: حضرت سيّدُنا حُذَيفه بن يَمان رَضِيَ اللهُ تَعَالٰی عَنهُ هڪ شخص کي ڏٺو جيڪو نماز پڙهڻ وقت رڪوع ۽ سجدا پورا ادا نه ڪري رهيو هو، ته ان کي فرمايائون: "تو جيڪا نماز پڙهي جيڪڏهن انهي **نماز جي حالت** ۾ مري وڃين ته حضرتِ سيّدُنا مُحَمَّد مُصطفيٰ صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي طريقي تي تو کي موت نه ايندو." (صحيح بخاري ج 1 ص 284 حديث 808) سُنَنِ نَسائي جي روايت ۾ اهو به آهي ته پاڻ رَضِيَ اللهُ تَعَالٰی عَنهُ ان کان پڇيائون: تون ڪڏهن کان ائين نماز پڙهي رهيو آهين؟ ان چيو: **چاليهه** سالن کان، فرمايائون: تو **چاليهه** سالن کان بلڪل نماز ئي ناهي پڙهي ۽ جيڪڏهن تو کي ان حالت ۾ موت اچي ويو ته دينِ محمدي عَلٰی صَاحِبِهَا الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام تي نه مرندين. (سننِ نسائي ص 225 حديث 1309)

# نَماز جو چور

حضرت سيّدُنا ابو قَتَاده رَضِيَ اللهُ تَعَالٰی عَنهُ کان روايت آهي ته سرڪارِ مدينه، قرارِ قلب و سينه صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جو فرمان عاليشان آهي: "انسانن ۾ بدترين چور اهو آهي جيڪو پنهنجي نماز ۾ چوري ڪري." عرض ڪيو ويو: يارسولَ الله صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم! نماز ۾ چوري ڪيئن ٿيندي آهي؟ فرمايائون: (هئين جو نماز جا) رُڪوع ۽ سَجدا پورا نه ڪري. (مسند امام احمد بن حنبل ج 8 ص 386 حديث 22705)

# چور جا ٻہ قسم

مُفسّر شهير، حڪيمُ الاُمّت، حضرت مفتي احمد يار خان عَلَيۡهِ رَحۡمَةُ الحَنّان هن حديث شريف جي تحت فرمائن ٿا: خبر پئي تہ مال جي چور کان نماز جو چور بدتر آهي ڇو تہ مال جي چور کي جيڪڏهن سزا بہ ملندي آهي تہ ڪجھ نہ ڪجھ نفعو بہ ڪٽي وٺندو آهي پر نماز جي چور کي سزا پوري ملندي ان جي لاءِ نَفعي جي ڪا صورت ناهي. مال جو چور ماڻهوءَ جو حق ٿو ڦٻائي جڏهن تہ نماز جو چور اللہ عَزَّوَجَلَّ جو حق، اها حالت انهن جي آهي جيڪي نماز کي صحيح نٿا پڙهن. ان مان اهي ماڻهو عبرت جو درس حاصل ڪن جيڪي بلڪل نماز ئي ناهن پڙهندا. (مراٰة المناجيح ج 2 ص 78)

اسلامي ڀينرؤ! اول تہ ماڻهو نماز پڙهن ئي نٿا، ۽ جيڪي پڙهن ٿا انهن مان گهڻا سنّتون سکڻ جي جذبي جي گهٽتائيءَ جي ڪري اڄڪلھ صحيح طريقي سان نماز پڙهڻ کان محروم رهن ٿا، هتي مختصر طور تي نماز پڙهڻ جو طريقو پيش ڪيو وڃي ٿو، براءِ مهرباني! تمام گهٽي غور ۽ فڪر سان پڙهو ۽ پنهنجي نمازن جي اصلاح فرمايو:

# اسلامي ڀينرن جي نماز جو طريقو (حنفي)

وضو ڪري قبلي ڏانهن اهڙيءَ طرح منهن ڪري بيهو جو ٻنهي پيرن جي وچ ۾ چئن آڱرين جو مُفاصلو هجي، ۽ ٻئي هٿ ڪلهن تائين کڻو ۽ چادر کان ٻاهر نہ ڪيو. هٿن جون آڱريون نہ پاڻ ۾ مليل هجن نہ بلڪل کليل، بلڪ پنهنجي حالت تي نارمل (Normal) رکو ۽ هٿن جون ترِيون قِبلي ڏانهن هجن، نظر سجدي

جي جڳهہ تي هجي، پوءِ جيڪا نماز پڙهڻي آهي، ان جي نيّت يعني دل ۾ ان جو پڪو ارادو ڪريو، ۽ زبان سان بہ چئي ڇڏيو تہ وڌيڪ بهتر آهي (مثال طور: نيّت ڪئي مون اڄ جي ظهر جون چار رڪعتون فرض نماز جي) هاڻي تڪبيرِ تَحريمه يعني "اَللّٰهُ اَكْبَر" چوندي هٿ هيٺ ڪريو ۽ کابي ترِي سيني تي ڇاتي جي هينان رکي ان جي مٿان ساڄي ترِي رکو هاڻي هيئن ثناء پڙهو:

## ثناء

سُبْحٰنَكَ اللّٰهُمَّ وَبِحَمْدِكَ وَتَبَارَكَ اسْمُكَ وَتَعَالٰى جَدُّكَ وَلَآ اِلٰهَ غَيْرُكَ

يعني پاڪ آهين تون اي **الله** عَزَّوَجَلَّ ۽ آءٌ تنهنجي واکاڻ ڪيان ٿو (ٿي)، تنهنجو نالو برڪت وارو آهي ۽ تنهنجي عظمت بلند آهي ۽ توکان سواءِ ڪو بہ معبود ناهي.

پوءِ تَعَوُّذ پڙهو:

اَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ۔

آءٌ الله تعاليٰ جي پناهہ ۾ اچان ٿو (ٿي) شيطان مردود کان.

پوءِ تَسمِيَہ پڙهو:

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ

الله نهايت مهربان ٻاجهاري جي نالي سان (شروع)

پوءِ سڄي سورهءِ فاتحہ پڙهو:

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ ﴿۱﴾ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ﴿۲﴾ مٰلِكِ يَوْمِ الدِّيْنِ ﴿۳﴾ اِيَّاكَ نَعْبُدُ وَ اِيَّاكَ نَسْتَعِيْنُ ﴿۴﴾ اِهْدِنَا الصِّرَاطَ الْمُسْتَقِيْمَ ﴿۵﴾ صِرَاطَ الَّذِيْنَ اَنْعَمْتَ عَلَيْهِمْ ۙ۬ غَيْرِ الْمَغْضُوْبِ عَلَيْهِمْ وَلَا الضَّآلِّيْنَ ﴿۷﴾

**ترجموڪنزالايمان:** سڀ خوبيون **الله** عَزَّوَجَلَّ جي لاءِ آهن جيڪو سڄي جهان وارن جو پالڻهار، نهايت مهربان ٻاجهارو، جزا جي ڏينهن جو مالڪ آهي. اسان تنهنجي ئي عبادت ڪريون ۽ تو کان ئي مدد گهرون، اسان کي سڌي رستي تي هلاءِ، انهن جو رستو جن تي تو احسان ڪيو، نہ (انهن جو) جن تي غضب ٿيو ۽ نہ گمراهن جو.

**سُورَة فاتحه** ختم ڪري آهستي **آمين** چئو، پوءِ ٽي آيتون يا هڪ وڏي آيت جيڪا ٽن ننڍين آيتن جي برابر هجي يا ڪا سورت مثال طور سورة اِخلاص پڙهو:

قُلْ هُوَ اللّٰهُ اَحَدٌ ۝۱ اَللّٰهُ الصَّمَدُ ۝۲ لَمْ يَلِدْ ۙ وَلَمْ يُوْلَدْ ۝۳ وَلَمْ يَكُنْ لَّهٗ كُفُوًا اَحَدٌ ۝۴

**ترجموڪنزالايمان:** تون فرماءِ اهو الله آهي اهو هڪ آهي، الله بي نياز آهي، نہ ان جي ڪا اولاد ۽ نہ اهو ڪنهن کان پيدا ٿيو، ۽ نہ وري ان جو ڪو ثاني (۽ مٽ) آهي.

**هاڻي** ”اَللّٰهُ اَكْبَر“ چوندي **رُڪُوع** ۾ وڃو رُڪوع ۾ ٿورو جهڪو يعني ايترو جو گوڏن تي هٿ رکو، زور نہ ڏيو ۽ گوڏن کي نہ جهليو ۽ آڱريون مليل ۽ پير جهڪيل رکو، مردن وانگر بلڪل سڌا نہ ڪريو. (فتاويٰ عالمگيري ج 1 ص 74) گهٽ ۾ گهٽ ٽي ڀيرا **رُڪوع واري تَسبِيح** يعني ”سُبْحٰنَ رَبِّيَ الْعَظِيْم“ (يعني پاڪ آهي منهنجو عَظمت وارو ربّ) پوءِ **تَسمِيع** يعني ”سَمِعَ اللّٰهُ لِمَنْ حَمِدَه“ (يعني **الله** عَزَّوَجَلَّ ان جي ٻڌي ورتي جنهن ان جي واکاڻ ڪئي) چوندي بلڪل سڌيون ٿي بيهو، ان بيهڻ کي **قَومَہ** چئبو آهي ان کان پوءِ چئو ”اَللّٰهُمَّ رَبَّنَا وَلَكَ الْحَمْد“ (يعني اي الله! اسان جا مالڪ سڀ خوبيون تنهنجي لاءِ ئي آهن) پوءِ ”اَللّٰهُ اَكْبَر“ چوندي اهڙيءَ طرح **سجدي** ۾ وڃو جو اڳ ۾ گوڏا زمين تي رکو ۽ پوءِ هٿ، پوءِ ٻنهي هٿن جي وچ ۾ اهڙي طرح مٿو رکو جو اڳ ۾ نڪ پوءِ پيشاني، ۽ **اهو خاص خيال رکو تہ نڪ جي چوٽي نہ بلڪ هڏي لڳي ۽ پيشاني زمين تي ڄمي وڃي** نظر نڪ تي رهي، سجدو سميٽجي ڪريو يعني ٻانهون پاسن سان، پيٽ ران سان ۽ ران پِنين سان ۽ پِنيون زمين سان ملائي ڇڏيو ۽ ٻئي پير ساڄي پاسي ڪڍي ڇڏيو ۽ هاڻي گهٽ ۾ گهٽ ٽي ڀيرا **سجدي جي تَسبِيح** ”سُبْحٰنَ رَبِّيَ الْاَعْلٰى“ (يعني

پاڪ آهي منهنجو پروردگار سيني کان بلند) پڙهو پوءِ مٿو اهڙي طرح کڻو جو پهريان پيشاني پوءِ نڪ ۽ پوءِ هٿ کڻو، ٻئي پير ساڄي پاسي ڪڍي ڇڏيو ۽ ويهڻ واري جڳهه جي کاٻي پاسي تي ويهو ۽ ساڄو هٿ ساڄي ران جي وچ تي ۽ کاٻو هٿ کاٻي ران جي وچ تي رکو ٻنهي سجدن جي وچ ۾ ويهڻ کي جَلسَہ چئبو آهي، پوءِ گهٽ ۾ گهٽ هڪ ڀيرو "سُبْحٰنَ الله" چوڻ جيترو ترسو (ان وقفي ۾ "اَللّٰھُمَّ اغْفِرْلِی" يعني "اي الله عَزَّوَجَلَّ منهنجي مغفرت فرماءِ" چوڻ مُستَحب آهي) پوءِ "اَللهُ اَكْبَر" چوندي پهرئين سجدي وانگر ٻيو سجدو ڪريو، هاڻي پهريان مٿو مٿي کڻو پوءِ هٿن کي گوڏن تي رکي ڪري پيرن ڀر اُٿي بيهو، اُٿڻ وقت بنا مجبوري جي زمين تي هٿن سان ٽيڪ نہ لڳايو، اها توهان جي هڪ رَڪعت پوري ٿي، هاڻي ٻي رڪعت ۾ "بِسۡمِ اللهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِیۡم" پڙهي ڪري اَلحَمدُ ۽ سورت پڙهو ۽ اڳ وانگر رُڪوع ۽ سجدا ڪريو، ٻئي سجدي مان مٿو کڻڻ کان پوءِ ٻئي پير ساڄي پاسي ڪڍي ڇڏيو ۽ ويهڻ واري جڳهه جي کاٻي پاسي تي ويهو ۽ ساڄو هٿ ساڄي ران جي وچ ۾ ۽ کاٻو هٿ کاٻي ران جي وچ تي رکو ٻئي رَڪعت جي ٻئي سجدي کان پوءِ ويهڻ کي قَعدَو (يعني اَلتَّحِيّات ۾ ويهڻ) چئبو آهي هاڻي قعده ۾ تَشَهُّد (يعني اَلتَّحِيّات) پڙهو:

اَلتَّحِيَّاتُ لِلّٰهِ وَالصَّلَوٰتُ وَالطَّيِّبٰتُ ؕ اَلسَّلَامُ عَلَيْكَ اَيُّهَاالنَّبِيُّ وَرَحْمَةُ اللّٰهِ وَبَرَكَاتُهٗ ؕ اَلسَّلَامُ عَلَيْنَا وَعَلٰى عِبَادِاللّٰهِ الصّٰلِحِيْنَ ؕ اَشْهَدُ اَنْ لَّآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ وَاَشْهَدُ اَنَّ مُحَمَّدًا عَبْدُهٗ

ترجمو: سڀئي قولي، فعلي ۽ مالي عبادتون الله عَزَّوَجَلَّ جي لاءِ ئي آهن، سلام هجي توهان تي اي نبي، ۽ الله عَزَّوَجَلَّ جون رحمتون ۽ برڪتون، سلام هجي اسان تي ۽ الله عَزَّوَجَلَّ جي نيڪ ٻانهن تي، آءُ گواهي ڏيان ٿو/ ٿي تہ الله عَزَّوَجَلَّ کان سواءِ ڪوبہ معبود ناهي ۽ آءُ گواهي ڏيان ٿو/ ٿي محمد صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

وَرَسُوْلُهٗ ط — ان جا ٻانها ۽ رسول آهن.

**جڏهن** تَشَهُّد ۾ لفظ **"لَا"** تي پهچو تہ ساڄي هٿ جي وچين آڱر ۽ آڱوٺي جو ڪڙو ناهيو، ڇيچ ۽ بِنصَر (يعني ان جي پر واري آڱر) کي ترِيءَ سان ملائي ڇڏيو ۽ (اشهد اَلّ کان فورًا پوءِ) **لفظ لَا** چوندي ئي شهادت واري آڱر کڻو پر ان کي هيڏي هوڏي نہ لوڏيو ۽ **لفظ اِلَّا** تي هيٺ ڪري ڇڏيو ۽ جلدي سڀئي آڱريون سِڌيون ڪري ڇڏيو، هاڻي جيڪڏهن بہ کان وڌيڪ رڪعتون پڙهڻيون هجن تہ "اَللّٰهُ اَكْبَر" چوندي اٿي بيهو جيڪڏهن فرض نماز پڙهي رهيون آهيو تہ ٽئين ۽ چوٿين رڪعت جي قِيام ۾ "بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡم" ۽ **اَلحَمد** شريف پڙهو، ۽ هاڻي سورت ملائڻ جي ضرورت ناهي، باقي رڪن بہ ائين ئي پورا ڪريو، جيڪڏهن سنّت يا نفل هجن تہ سورت فاتحہ کان پوءِ سورت بہ ملايو پوءِ چارئي رَڪعتون پوريون ڪري **قَعدهٖ اَخِيره** (يعني آخري قعدي) ۾ **تَشَهُّد** کان پوءِ **دُرُودِ ابراهيم** عَلَيهِ الصّلوٰةُ وَالسَّلَام پڙهو:

## دُرُودِ اِبرَاهِيم

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ وَّعَلٰٓى اٰلِ مُحَمَّدٍ كَمَا صَلَّيْتَ عَلٰٓى اِبْرٰهِيْمَ وَعَلٰٓى اٰلِ اِبْرٰهِيْمَ اِنَّكَ حَمِيْدٌ مَّجِيْدٌ ط

**اي الله** عَزَّوَجَلَّ **درود موڪل** (اسان جي سردار) **محمد تي ۽ سندن آل تي جيئن تو درود موڪليو** (سيدنا) **ابراهيم تي ۽ سندن آل تي، بيشڪ تون ساراهيل بزرگي وارو آهين.**

اَللّٰهُمَّ بَارِكْ عَلٰى مُحَمَّدٍ وَّعَلٰٓى اٰلِ مُحَمَّدٍ كَمَا بَارَكْتَ عَلٰٓى اِبْرٰهِيْمَ وَعَلٰٓى اٰلِ اِبْرٰهِيْمَ اِنَّكَ حَمِيْدٌ مَّجِيْدٌ ط

**اي الله** عَزَّوَجَلَّ **برڪت نازل ڪر** (اسان جي سردار) **محمد تي ۽ سندن آل تي جيئن تو برڪت نازل ڪئي** (سيدُنا) **ابراهيم ۽ سندن آل تي، بيشڪ تون ساراهيل بزرگ آهين.**

پوءِ ڪا بہ **دعاءِ ماثُوره** پڙهو مثال طور هيءَ دعا پڙهو:

(اَللّٰهُمَّ) رَبَّنَآ اٰتِنَا فِي الدُّنْيَا حَسَنَةً وَّ فِي الْاٰخِرَةِ حَسَنَةً وَّ قِنَا عَذَابَ النَّارِ۔

**ترجمو ڪنزالايمان:** (اي الله عَزَّوَجَلَّ!) اي ربّ اسان جا! اسان کي دنيا ۾ ڀلائي ڏي ۽ اسان کي آخرت ۾ ڀلائي ڏي ۽ اسان کي دوزخ جي عذاب کان بچاءِ.

پوءِ نماز ختم ڪرڻ لاءِ اڳ ۾ ساڄي ڪلهي جي طرف مُنهن ڪري "اَلسَّلَامُ عَلَيۡكُمۡ وَ رَحۡمَةُ الله" چئو ۽ اهڙي طرح کابي طرف، هاڻي نماز ختم ٿي. (بهار شريعت حصو 3 ص 72 تا 75 وغيره)

## ڌيان ڏيو!

اسلامي ڀينرو! نماز جي ڏنل هن طريقي ۾ ڪجھ ڳالهيون فرض آهن جن کان سواءِ نماز ٿيندي ئي نہ، ڪجھ واجب آهن جن جو ڄاڻي واڻي ڇڏڻ گناهہ آهي، توبهہ ڪرڻ ۽ نماز کي ورائي پڙهڻ واجب ۽ ڀُل ۾ ڪجھ رهجي وڃڻ سان سجدهءِ سهو واجب آهي ۽ ڪجھ سنّتِ مُؤَڪَّده آهن جنهن جي ڇڏڻ جي عادت بڻائڻ گناهہ آهي ۽ ڪجھ مُستَحَب آهن جنهن جو ڪرڻ ثواب ۽ نہ ڪرڻ گناهہ ناهي. (بهارِشريعت حصو 3 ص 75)

## "ياالله" جي ڇهن اکرن جي نسبت سان نماز جا ڇھ (6) شرط

﴿1﴾ **طهارت:** نمازي جو جسم، ڪپڙا ۽ جنهن جاءِ تي نماز پڙهي رهيون آهيو ان جاءِ جو هر قسم جي نجاست (يعني پليتي) کان پاڪ هئڻ ضروري آهي. (شرح الوقايہ ج 1 ص 156)

﴿2﴾ **سترِ عورت:** ۞ اسلامي ڀينرن جي لاءِ هنن پنجن عُضون: چهرو، ٻنهي هٿن جي ترين ۽ ٻنهي پيرن جي ترين کان سواءِ سڄو جسم ڍڪڻ لازمي آهي. (درمختار ج 2 ص 95) پر جيڪڏهن ٻئي هٿ (ڪراين تائين)، پير (پيڏين تائين) بلڪل ظاهر هجن تہ هڪ مُفتيٰ بہ

قول مطابق نماز صحيح آهي ۞ جيڪڏهن اهڙا سنها ڪپڙا پاتل هجن جن سان جسم جو اهو حصو جنهن کي نماز ۾ ڍڪڻ فرض آهي نظر اچي يا جسم جي رنگت ظاهر ٿئي ته نماز نه ٿيندي. (بهارِشريعت حصو 3 ص 48، فتاويٰ عالمگيري ج 1 ص 58) ۞ **اڄڪلهه** سنهن ڪپڙن جو رواج وڌندو پيو وڃي. اهڙا سنها ڪپڙا جنهن سان **سترِ عورت** نه ٿي سگهي نماز کان علاوه به پائڻ **حرام** آهي. (بهارِشريعت حصو 3 ص 48) ۞ ٿُلها ڪپڙا جن سان جسم جو رنگ ته ڏسڻ ۾ نه ايندو هجي پر جسم سان ائين چنبڙيل هجي جو ڏسڻ سان عُضوي جي بيهڪ (يعني شڪل ۽ صورت) معلوم ٿيندي هجي اهڙن ڪپڙن سان جيتوڻيڪ نماز ٿي ويندي پر ان عُضوي ڏانهن ٻين کي ڏسڻ جائز ناهي. (ردالمحتار ج 2 ص 103) اهڙا ڪپڙا ماڻهن جي سامهون پائڻ منع آهي ۽ عورتن لاءِ ته بدرجهءِ اَوليٰ (يعني اڃا وڌيڪ) منع آهي. (بهارِ شريعت حصو 3 ص 48) ۞ ڪي اسلامي ڀينرون نماز ۾ مَلمَل وغيره جي سنهي چادر ڍڪينديون آهن جنهن سان وارن جي ڪاراڻ نظر ايندي آهي يا اهڙا ڪپڙا پائينديون آهن جن سان عُضون جو رنگ نظر ايندو آهي اهڙن ڪپڙن ۾ به نماز ناهي ٿيندي.

﴿3﴾ **اِستِقبالِ قِبله**: يعني نماز ۾ قِبلي يعني ڪعبي ڏانهن منهن ڪرڻ ۞ نمازيءَ بنا ڪنهن شرعي عذر جي ڄاڻي واڻي قبلي کان سينو ڦيرايو پوءِ جلد ئي قبلي ڏانهن ٿي وئي، نماز فاسد ٿي وئي ۽ جيڪڏهن ڄاڻي واڻي نه ڦيرايائين ۽ ٽي ڀيرا "سُبۡحٰنَ الله" چوڻ جي وقفي کان اڳ ۾ واپس قِبلي رخ ٿي وئي ته نماز فاسد نه ٿي. (مُنيۃُ المُصلي ص 193، البحرالرائق ج 1 ص 497) ۞ جيڪڏهن رُڳو منهن قِبلي کان ڦيريائين ته واجب آهي ته جلدي **قبلي** ڏانهن منهن ڪري وٺي ۽ ان

سان نماز نہ ٿُنندي پر بنا عُذر جي ائين ڪرڻ مَڪروهِ تحريمي آهي. (المرجع السابق) ۞ **جيڪڏهن اهڙي جڳهہ تي آهيو جتي قبلي جي سڃاڻپ جو ڪو ذريعو ناهي ۽ نہ ڪو اهڙو مسلمان آهي جنهن کان پُڇي ڪري معلوم ڪري سگهجي تہ تَحَرِّي ڪيو** (يعني سوچيو تہ جنهن طرف قبلو هجڻ تي دل مطمئن ٿئي ان طرف ئي منهن ڪيو جو توهان جي حق ۾ اهو ئي **قبلو** آهي) (درمختار و ردالمحتار ج 2 ص 143) ۞ **تَحَرِّي ڪري** نماز پڙهيائين پوءِ خبر پئي تہ قِبلي ڏانهن نماز نہ پڙهي هئي، اها نماز ٿي وئي ورائي پڙهڻ جي **حاجت** ناهي. (تنويرُالابصار ج 2 ص 143) ۞ **هڪ** اسلامي ڀيڻ **تَحَرِّي ڪري** (سوچي) **نماز پڙهي رهي هجي، ٻئي ان کي ڏسي انهيءَ طرف نماز پڙهندي تہ ان جي نماز نہ ٿيندي، ٻئي جي لاءِ بہ تَحَرِّي ڪرڻ جو حڪم آهي.** (ردالمحتار ج 2 ص 143)

**﴿4﴾ وقت:** يعني جيڪا نماز پڙهڻي آهي ان جو وقت هئڻ ضروري آهي. مثال طور اڄ جي عصر نماز ادا ڪرڻي آهي تہ اهو ضروري آهي تہ عصر جو وقت شروع ٿي وڃي جيڪڏهن عصر جو وقت شروع ٿيڻ کان اڳ ۾ ئي پڙهي ڇڏيائين تہ نماز نہ ٿيندي ۞ عام طور تي **نظامُ الاوقات** جا نقشا ملي ويندا آهن انهن ۾ جيڪي مُستَنَد تَوقِيّت دانن (يعني وقت جو علم رکندڙ ماهرن) **جا مُرتَب ڪيل ۽** اهلسنّت جي عالمن جا تصديق ڪيل هجن تہ انهن مان نماز جو وقت معلوم ڪرڻ ۾ سهولت رهندي آهي. اَلحَمدُلله دعوت اسلامي جي ويب سائيٽ (www.dawateislami.net) تي تقريباً سڄي دنيا جي مسلمانن جي لاءِ نمازن ۽ سحر و اِفطار جا **نظامُ الاوقات** موجود آهن ۞ **اسلامي ڀينرن لاءِ** اول وقت ۾ فجر جي نماز ادا ڪرڻ مُستَحَب آهي ۽ باقي نمازن ۾ بهتر اهو آهي تہ مردن جي جماعت جو انتظار

ڪن جڏهن جماعت ٿي وڃي ته پوءِ پڙهن. (درمختار ج 2 ص 30)

**ٽي مڪروهه وقت:** (1) سج اُڀرڻ کان وٺي گهٽ ۾ گهٽ ويهه منٽ پوءِ تائين (2) سج لهڻ کان ويهه منٽ پهريان (3) **نِصۡفُ النَّهار** يعني **ضحوهءِ ڪُبرىٰ** کان وٺي زوال (يعني سج جي لڙڻ) تائين. انهن ٽنهي وقتن ۾ ڪا به نماز جائز ناهي نه فرض، نه واجب، نه نفل، نه قضا. ها جيڪڏهن ان ڏينهن جي عصر جي نماز نه پڙهي آهي ۽ مَڪروهه وقت شروع ٿي ويو ته پڙهي وٺي البت ايتري دير ڪرڻ حرام آهي.
(فتاوي عالمگيري ج 1 ص 52، بهارِ شريعت حصو 3 ص 22، درمختار ج 2 ص 37)

## نماز عصر جي دوران مڪروهه وقت اچي وڃي ته؟

سج لهڻ کان گهٽ ۾ گهٽ 20 مِنٽ اڳ ۾ عصر جي نماز جو سلام ڦيريو وڃي، جيئن ته اعليٰ **حضرت امام احمد رضا خان** عَلَيۡهِ رَحۡمَةُ الرَّحۡمٰن فرمائن ٿا: عصر جي نماز ۾ جيتري دير ٿئي اوترو اَفضل آهي جڏهن ته مڪروه وقت (اچڻ) کان پهرين پهرين ختم ٿي وڃي. (فتاويٰ رضويه ج 5 ص 156) پوءِ جيڪڏهن ان اِحتِياط ڪيو ۽ نماز ڊگهي ڪئي ايستائين جو مڪروه وقت وچ نماز ۾ اچي ويو تڏهن به ان تي اعتراض ناهي. (فتاويٰ رضويه ج 5 ص 139)

**﴿5﴾ نيّت:** نيّت دل جي پڪي ارادي جو نالو آهي. (تنويرالابصار ج 2 ص 111) ۞ زبان سان نيّت ڪرڻ ضروري ناهي البت دل ۾ نيّت حاضر هوندي زبان سان چوڻ بهتر آهي. (فتاويٰ عالمگيري ج 1 ص 65) عربي ۾ چوڻ ضروري ناهي، سنڌي وغيره ڪنهن به زبان ۾ چئي سگهو ٿيون. (ملخص از درمختار ج 2 ص 113) ۞ نيّت ۾ زبان سان چوڻ جو اعتبار ناهي يعني جيڪڏهن دل ۾ مثال طور ظهر جي نيّت هجي ۽ زبان

مان عصر جو لفظ نڪتو تڏهن بہ ظهر جي نماز ٿي وئي. (ايضاً 112) ۞ نيّت جو اَدنيٰ (يعني گهٽ ۾ گهٽ) درجو اهو آهي تہ جيڪڏهن ان وقت ڪو پُڇا ڪري تہ ڪهڙي نماز ٿي پڙهين؟ تہ هڪدم ٻُڌائي. جيڪڏهن حالت اها آهي جو سوچي ٻُڌائيندي تہ نماز نہ ٿي. (ايضاً 112) ۞ فرض نماز ۾ فرض جي نيّت بہ ضروري آهي مثال طور دل ۾ اها نيّت هجي تہ اڄ جي ظهر جي فرض نماز پڙهان ٿي. (درمختار، ردالمحتار ج 2 ص 117) ۞ اَصَّح (يعني وڌيڪ صحيح) هي آهي تہ نَفل، سنّت ۽ تَراوِيح ۾ مُطۡلَق نماز جي نيّت ڪافي آهي پر اِحتِياط ان ۾ آهي تہ تَراويح ۾ تراويح جي يا سنّتِ وقت جي نيّت ڪري ۽ باقي سنّتن ۾ سنّت يا مدني تاجدار صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي پيروي جي نيّت ڪري ڇاڪاڻ تہ ڪجھ مَشائخ سڳورا رَحِمَهُمُ اللّٰهُ تعاليٰ انهن ۾ مُطۡلَق نماز جي نيّت کي ناڪافي قرار ڏين ٿا. (منية المصلي ص 225) ۞ نفل نماز ۾ مطلق نماز جي نيّت ڪافي آهي جيتوڻيڪ نَفل نيّت ۾ نہ هجي. (درمختار و ردالمحتار ج 2 ص 116) ۞ اها نيّت تہ ”منهن منهنجو قبلي شريف ڏانهن“ چوڻ شرط ناهي. (درمختار ج 2 ص 129) ۞ واجب ۾ واجب جي نيّت ڪرڻ ضروري آهي ۽ ان کي مُعَيَّن يعني خاص بہ ڪريو مثال طور، نذر، طَواف کان پوءِ واري نماز (واجِبُ الطَّواف) يا اها نفل نماز جنهن جي ٽٽي وڃڻ يا جنهن کي ٽوڙڻ سان ان جي قضا بہ واجب ٿي ويندي آهي ۞ شُڪراني جو سجدو جيتوڻيڪ نفل آهي پر ان ۾ بہ نيّت ضروري آهي مثال طور دل ۾ اها نيّت هجي تہ آءٌ شڪراني جو سجدو ڪريان ٿي. (درمختار ج 2 ص 120) ۞ سجدهءِ سَهۡو ۾ بہ ”صاحبِ نهرُ الفَائِق“ مطابق نيّت ضروري آهي. (ايضًا) يعني ان وقت دل ۾ اها نيّت هجي آءٌ سجدهءِ سَهۡو ڪريان ٿي.

﴿6﴾ **تڪبيرِ تحريم:** يعني نماز ڪي ”اَللّٰهُ اَكْبَر“ چئي شروع ڪرڻ ضروري آهي. (بهار شريعت حصو 3 ص 77)

## ”بسم الله“ جي ستن اکرن جي نسبت سان نماز جا ست فرض

﴿1﴾ تَڪبيرِ تَحْريم ﴿2﴾ قِيام ﴿3﴾ قِراءَت ﴿4﴾ رُڪُوع ﴿5﴾ سَجدا ﴿6﴾ قَعْده اَخِيرَه ﴿7﴾ خُرُوج بِصُنْعِهٖ (بهار شريعت حصو 3 ص 75 درمختار ج 2 ص 158)

﴿1﴾ **تَڪبيرِ تَحريم:** حقيقت ۾ تڪبيرِ تَحْريم (يعني تڪبيرِ اُوليٰ) نماز جي شرطن مان آهي پر نماز جي رڪنن سان بلڪل مليل آهي ان لاءِ ان کي نماز جي فرضن ۾ ڳڻيو ويو آهي. (غنية المستملي ص 256) ۞ جيڪا اسلامي ڀيڻ تڪبير جي تَلَفُّظ کي ادا نہ ڪري سگهندي هجي، مثال طور گونگي آهي يا ڪنهن ٻئي سبب جي ڪري زبان بند ٿي وئي آهي ان تي تَلَفُّظ لازم ناهي، دل ۾ ارادو ڪافي آهي. (درمختار ج 2 ص 220) ۞ **لفظ الله کي ”آللہ“ يا اَڪبر کي ”آڪبَر“ يا ”اَڪْبار“** چيو ويو تہ نماز نہ ٿيندي بلڪ جيڪڏهن انهن جي فاسد معنيٰ سمجهي ڄاڻي واڻي چيائين تہ ڪافر آهي.
(درمختار ج 2 ص 218)

﴿2﴾ **قِيام:** ۞ گهٽ ۾ گهٽ قيام جي حد اها آهي تہ هٿ وڌائي تہ گوڏن تائين نہ پهچن ۽ پورو قيام اهو آهي تہ سڌي ٿي بيهي. (درمختار، ردالمحتار ج 2 ص 163) ۞ **قيام** ايتري دير تائين آهي جيتري دير تائين قِراءَت آهي. فرض قِراءَت جيترو قِيام بہ فرض، واجب جيترو واجب ۽ سنّت جيترو سنّت آهي. (ايضًا) ۞ فرض، وِتر، ۽ فجر جي سنّت ۾ قيام فرض آهي، جيڪڏهن بنا ڪنهن صحيح عُذر جي اهي نمازون ڪو ويهي ڪري ادا ڪندي تہ نہ ٿينديون. (ايضًا) ۞ بيهڻ سان

جيڪڏهن ٿوري تڪليف ٿئي ته اهو عُذر ناهي پر قيام ان وقت ساقط (يعني معاف) ٿيندو جڏهن بيهي نه سگهي يا سجدو نه ڪري سگهي يا بيهڻ يا سجدو ڪرڻ سان زخم وهي ٿو يا بيهڻ سان قطرو اچي ٿو يا اوگهڙ ڪلي وڃي ٿي يا قراءَت ڪان مجبور محض (يعني پڙهڻ کان بلڪل عاجز) ٿي وڃي ٿي. يا بيهي ته سگهي ٿي پر ان سان بيماري وڌي ٿي يا دير سان صحيح ٿيندي يا ناقابل برداشت تڪليف ٿيندي ته ويهي ڪري پڙهي. (غنية ص 261، 267) ۞ جيڪڏهن لَٺ (يا گهوڙين) خادم يا ڀت تي ٽيڪ لڳائي بيهڻ ممڪن ٿي سگهي ته فرض آهي ته بيهي ڪري پڙهي. (غنية ص 261) ۞ جيڪڏهن رُڳو ايترو بيهڻ ممڪن آهي جو بيني بيني تڪبيرِ تحريمه چئي وٺندي ته فرض آهي بيهي ڪري "اَللهُ اَكْبَر" چئي ۽ هاڻي بيهڻ ممڪن نه آهي ته ويهي رهي. (ايضاً ص 262)

**خبردار! ڪي اسلامي ڀينرون معمولي تڪليف (يا زخم) جي ڪري فرض نمازون ويهي پڙهنديون آهن اهي هن شَرعِي حُڪم تي غور ڪن، جيتريون نمازون بيهي ادا ڪرڻ جي طاقت هئڻ باوجود ويهي ادا ڪيون آهن انهن ڪي ورائي پڙهڻ فرض آهي، اهڙي طرح هونئن ته بيهي نه پئي سگهيون پر لٺ، ڀت يا ماڻهو جي ٽيڪ تي بيهڻ ممڪن هو پر ويهي ڪري پڙهنديون رهيون ته انهن جون به نمازون نه ٿيون انهن ڪي ورائي پڙهڻ فرض آهي.**

(بهارِشريعت حصو 3 ص 79 ملخصاً)

۞ بيهي پڙهڻ جي طاقت هجي تڏهن به ويهي نفل پڙهي سگهو ٿيون، پر بيهي پڙهڻ افضل آهي جو حضرتِ سيّدُنا عبدالله بن عَمرو رَضِيَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ کان روايت آهي ته رَحمتِ عالَم، نورِ مُجَسَّم، شاهِ بني آدم، رَسُولِ مُحتَشَم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَالِهٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايو: ويهي

پڙهڻ واري جي نماز بيهي پڙهڻ واري جو اڌ (يعني اڌ ثواب) آهي. (صحيح مسلم ص 370 حديث 735) پر عُذر (مجبوري) جي ڪري ويهي پڙهي ته ثواب ۾ گهٽتائي نه ٿيندي. اڄڪلهه جيڪو عام رواج پئجي ويو آهي ته نفل ويهي پڙهندا آهن ۽ ظاهر ۾ ته ائين ٿو لڳي ته شايد ويهي پڙهڻ کي افضل سمجهندا آهن ۽ جيڪڏهن ائين آهي ته انهن جو خيال غلط آهي. وِتر کان پوءِ جيڪي ٻه رڪعتون نفل پڙهبا آهن انهن جو به اهو ئي حڪم آهي ته بيهي پڙهڻ افضل آهن. (بهارِ شريعت حصو 4 ص 19)

﴿3﴾ **قِراءَت:** ۞ قِرَاءَت اها آهي ته سڀ اکر مَخارِج سان ادا ڪيا وڃن جو هر اکر ٻئي کان واضح طور تي نمايان ٿي وڃي. (عالمگيري ج1 ص69) ۞ آهستي پڙهڻ ۾ به اهو ضروري آهي ته پاڻ ٻُڌي. (ايضاً) ۞ جيڪڏهن اکر ته صحيح ادا ڪيا پر ايترا آهستي جو پاڻ نه ٻُڌيائين ۽ ڪا رُڪاوٽ مثال طور گوڙ ۽ شور نه هجي يا وڏي آواز سان ٻُڌڻ جي بيماري يا ٻوڙو به نه هجي ته نماز نه ٿي. (ايضًا 69) ۞ جيتوٽيڪ پاڻ ٻُڌڻ ضروري آهي پر اهو به احتياط ڪريو ته سِرّي (يعني آهستي قِراءَت واري) نمازن ۾ قِراءَت جو آواز ٻين تائين نه پهچي، اهڙيءَ طرح تَسبِيحات وغيره ۾ به خيال رکو ۞ نماز کان علاوه به جتي ڪجهه چوڻ يا پڙهڻ مقرر ٿيل آهي ان مان به اها ئي مراد آهي ته گهٽ ۾ گهٽ ايترو آواز هجي جو پاڻ ٻُڌي سگهي مثال طور جانور ذبح ڪرڻ جي لاءِ اللهعَزَّوَجَلَّ جو نالو وٺڻ ۾ ايترو آواز ضروري آهي جو پاڻ ٻُڌي وٺي. (ايضاً) دُرُود شريف وغيره اَوراد پڙهندي وقت به گهٽ ۾ گهٽ ايترو آواز هئڻ گهرجي جو پاڻ ٻُڌي سگهي تڏهن ئي ان کي پڙهڻ چئبو ۞ مُطلقاً (يعني ڪابه) هڪ آيت پڙهڻ فرض جي

ٻن رڪعتن ۾ ۽ وِتر، سنّتن ۽ نفلن جي هر رڪعت ۾ امام ۽ مُنفَرِد (يعني اڪيلو نماز پڙهڻ واري) تي فرض آهي. (مراقي الفلاح ص 226) ۞ فرض جي ڪنهن رڪعت ۾ قِراءَت نہ ڪئي يا رُڳو هڪ ۾ ڪئي تہ نماز فاسد ٿي وئي. (عالمگيري ج 1 ص 69) ۞ فرضن ۾ آهستي آهستي قِراءَت ڪري ۽ تراويح ۾ وچٿري انداز ۾ ۽ رات جي نفلن ۾ جلدي پڙهڻ جي اجازت آهي پر ائين پڙهي جو سمجھ ۾ اچي سگهي يعني گهٽ ۾ گهٽ مَد جو جيڪو درجو قارِين رکيو آهي ان کي ادا ڪري نہ تہ حرام آهي، ان ڪري جو تَرتِيل سان (يعني رُڪي رُڪي) قرآن شريف پڙهڻ جو حڪم آهي. (درمختار، ردالمحتار ج 2 ص 320)

## اکرن جي صحيح ادائگي ضروري آهي

گهڻا ماڻهو ط ت، س ص ث، ا ء ع، ه ح، ض ذ ظ، ۾ ڪو فرق ناهن ڪندا، ياد رکو! حرف بدلجي وڃڻ سان جيڪڏهن معنيٰ فاسد ٿي وئي تہ نماز نہ ٿيندي. (بهارِ شريعت حصو 3 ص 125) مثال طور جنهن "سُبْحٰنَ رَبِّیَ الْعَظِیْم" ۾ عظيم کي عَزِيم (ظ بدران ز) پڙهي ڇڏيو تہ نماز ٽُٽي وئي تنهنڪري جنهن کان "عظيم" صحيح ادا نہ ٿئي اها "سُبْحٰنَ رَبِّیَ الْکَرِیْم" پڙهي. (قانونِ شريعت حصو 1 ص 105 ردالمحتار ج 2 ص 242)

## خبردار! خبردار! خبردار!

جنهن کان حروف صحيح ادا نہ ٿا ٿين ان جي لاءِ ٿوري دير مَشق ڪرڻ ڪافي ناهي بلڪ لازمي آهي تہ انهن کي سکڻ جي لاءِ رات ڏينهن پوري ڪوشش ڪري ۽ اهي آيتون پڙهي جنهن جا حرف صحيح ادا ڪري سگهي ٿي ۽ اها صورت ممڪن نہ هجي تہ ڪوشش واري زماني ۾ ان جي پنهنجي نماز ٿي ويندي. اڄڪلھ گهڻا ماڻهو

**ان بيماري ۾ مبتلا آهن جو نہ انهن کي قرآن صحيح پڙهڻ اچي ٿو نہ سکڻ جي ڪوشش ڪن ٿا. ياد رکو! ائين نمازون برباد ٿين ٿيون.** (بهارِ شريعت حصو 3 ص 138) **جنهن رات ڏينهن ڪوشش ڪئي پر سکڻ ۾ ناڪام رهي، جيئن ڪجھ اسلامي ڀينرن کان صحيح حرف ادا ٿين ئي نٿا انهن جي لاءِ لازمي آهي تہ رات ڏينهن سکڻ جي ڪوشش ڪن ۽ ڪوشش جي زماني ۾ اهي مَعذُور آهن انهن جي پنهنجي نماز ٿي ويندي.** (ماخوذ از فتاويٰ رضويه ج 6 ص 254)

# مدرسةُ المدينہ

اسلامي ڀينرو! توهان قِرَاءَت جي اَهمِيّت جو چڱي نموني اندازو لڳايو هوندو. واقعي اهو مسلمان وڏو بدنصيب آهي جيڪو صحيح قرآن شريف پڙهڻ نہ ٿو سکي. **اَلحَمدُلله**عَزَّوَجَلَّ تبليغ قرآن ۽ سنّت جي عالمگير غير سياسي تحريڪ ”**دعوتِ اسلامي**“ جا بيشمار مدرسا ”**مدرسةُ المدينه**“ جي نالي سان قائم آهن، انهن ۾ مَدَني مُنّن ۽ مدني مُنّين کي قرآن شريف جي حِفظ ۽ ناظره جي مفت تعليم ڏني ويندي آهي ۽ پڻ بالغ اسلامي ڀينرن کي حرفن جي صحيح ادائگي سان گڏ سنّتن جي تربيت ڏني ويندي آهي. ڪاش! قرآن جي تعليم جي هر گهر ۾ ڌوم مچي وڃي. ڪاش! هر اها اسلامي ڀيڻ جيڪا صحيح قرآن پاڪ پڙهڻ ڄاڻي ٿي اها ٻي اسلامي ڀيڻ کي سيکارڻ شروع ڪري ڇڏي. **اِنْ شَآءَالله** عَزَّوَجَلَّ پوءِ تہ هر پاسي قرآن جي تعليم جي بهار اچي ويندي ۽ سکڻ سيکارڻ وارن لاءِ **اِنْ شَآءَالله** عَزَّوَجَلَّ ثواب جا انبار لڳي ويندا.

يهى ہے آرزو تعليمِ قرآن عام ہو جائے
تِلاوت شوق سے کرنا ہمارا کام ہو جائے

﴿4﴾ **رُڪوع:** رُڪوع ۾ ٿورو جهڪو يعني ايترو جو گوڏن تي هٿ رکو، زور نہ ڏيو ۽ گوڏن کي نہ پڪڙيو ۽ آڱريون مليل ۽ پير جهڪيل رکو، اسلامي ڀائرن وانگر بلڪل سڌا نہ ڪريو.
(عالمگيري ج 1 ص 74 وغيره)

﴿5﴾ **سجدا:** ۞ مديني جا سلطان، رحمت عالميان صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمانِ عَظمت نشان آهي: مون کي حڪم ٿيو تہ ستن هڏين تي سجدو ڪيان، منهن ۽ ٻئي هٿ، ٻئي گوڏا ۽ ٻئي پير، ۽ اهو حڪم ٿيو تہ ڪپڙا ۽ وار نہ سميٽيان. (صحيح مسلم ص 253 حديث 490) ۞ هر رَڪعت ۾ ٻہ ڀيرا سجدو فرض آهي. (بهار شريعت حصو 3 ص 81) ۞ سجدي ۾ پيشاني جمائڻ ضروري آهي. جمائڻ جي معنىٰ اها آهي تہ زمين جي سختي محسوس ٿئي، جيڪڏهن ڪنهن ائين سجدو ڪيو جو پيشاني نہ جمايائين تہ سجدو نہ ٿيو. (ايضاً) ۞ ڪنهن نرم شيءِ مثال طور گاهہ (جيئن باغ جي ساوڪ) ڪپهہ يا فوم يا قالين (**Carpet**) وغيره تي سجدو ڪيو تہ جيڪڏهن پيشاني جمائي يعني ايترو دٻائي وئي جو پوءِ دٻائڻ سان نہ دٻي تہ سجدو ٿي ويندو، نہ تہ نہ. (عالمگيري ج 1 ص 70) ۞ اسپرنگ واري گدي تي پيشاني چڱيءَ طرح ناهي جمندي، تنهن ڪري نماز نہ ٿيندي. (بهارِ شريعت حصو 3 ص 82)

## ڪارپيٽ جا نقصان

**قالين** سان هڪ تہ سجدي ۾ ڏکيائي ٿيندي آهي، ۽ ٻيو هي تہ صحيح معنىٰ ۾ ان جي صفائي بہ نٿي ٿي سگهي تنهن ڪري دَزَ وغيره جمع ٿيندي رهندي آهي ۽ جراثيمن جي پرورش ٿيندي رهندي آهي، سجدي ۾ ساهہ جي ذريعي جراثيم ۽ دَزَ وغيره اندر داخل ٿي ويندا آهن، ڪارپيٽ تي نماز پڙهڻ سان مٽيءَ جا سنهڙا ذرا ڦڦڙن ۾

چنبڙي وڃڻ جي صورت ۾ **معاذالله** ڪينسر جو خطرو پيدا ٿي ويندو آهي. اڪثر ڪري ٻارڙا ڪارپيٽ تي اُلٽي يا پيشاب وغيره ڪري ڇڏيندا آهن، ٻليون گندگي ڪنديون آهن، ڪوئا ۽ ڪِرڙيون به ڦولڙيون ڪنديون آهن، ڪارپيٽ ناپاڪ ٿي وڃڻ جي صورت ۾ عام طور تي پاڪ ڪرڻ جي تڪليف به نہ ڪئي ويندي آهي، ڪاش! ڪارپيٽ، قالين وڇائڻ جو رواج ئي ختم ٿي وڃي.

## ناپاڪ قالين پاڪ ڪرڻ جو طريقو

**قالين** جو ناپاڪ حصو هڪ ڀيرو ڌوئي لڙڪائي ڇڏيو ايستائين جو پاڻي ٽِمڻ بند ٿي وڃي پوءِ ٻيهر ڌوئي لڙڪايو ايستائين جو پاڻي ٽِمڻ بند ٿي وڃي وري ٽئين ڀيري اهڙيءَ طرح ڌوئي لڙڪايو جڏهن پاڻي ٽمڻ بند ٿي ويندو تہ پاڪ ٿي ويندو. فراسي (چٽائي) چمڙي جي جُتي ۽ مٽي جو اهو ٿانءُ وغيره جن ۾ پتڙي نجاست جذب ٿي ويندي هجي انهيءَ طرح سان ئي پاڪ ڪريو. اهڙو نازڪ ڪپڙو جيڪو نپوڙڻ سان ڦاٽي وڃڻ جو انديشو آهي اهو به انهيءَ طرح پاڪ ڪيو، جيڪڏهن ناپاڪ ڪارپيٽ يا ڪپڙا وغيره وهندڙ پاڻي ۾ (مثال طور درياءَ يا نهر ۾ يا نلڪي هيٺان) ايتري دير تائين رکي ڇڏيا جو پڪ ٿئي تہ پاڻي ناپاڪي کي وهائي ويو تڏهن به پاڪ ٿي ويندا، ڪارپيٽ تي ٻار پيشاب ڪري ڇڏي تہ ان جڳهہ تي پاڻي جا ڇنڊا هڻڻ سان اهو پاڪ نہ ٿيندو. ياد رهي! تہ هڪ ڏينهن جي ٻار يا ٻارڙيءَ جو پيشاب به ناپاڪ هوندو آهي. (تفصيلي معلومات جي لاءِ مڪتبة المدينہ جي شايع ٿيل ڪتاب بهارِ شريعت جلد اول ص 396 تا 405 جو مطالعو فرمايو)

**﴿6﴾ قعدهءِ اَخِيره:** يعني نماز جون رڪعتون پوريون ڪرڻ کان پوءِ ايتري دير تائين ويهڻ جو مڪمل **تَشَهُّد** (يعني مڪمل اَلتَّحِيّات)

رسوله‘ تائين پڙهي وٺي فرض آهي. (عالمگيري ج 1 ص 70) چئن رڪعتن واري فرض ۾ چوٿين رڪعت کان پوءِ قعدو نہ ڪيو تہ جيستائين پنجين جو سجدو نہ ڪيو هجي تہ ويهي رهي ۽ جيڪڏهن پنجين جو سجدو ڪري ورتو يا فجر جي نماز ۾ ٻئي تي نہ ويٺي ۽ ٽئين جو سجدو ڪري ورتو يا مغرب ۾ ٽئين تي نہ ويٺي ۽ چوٿين جو سجدو ڪري ورتو انهن سڀني صورتن ۾ فرض ختم ٿي ويا، مغرب کان علاوه ٻين نمازن ۾ هڪ رڪعت وڌيڪ ملائي ڇڏي. (غنية ص 290)

﴿7﴾ **خُروجِ بِصُنعِہٖ:** يعني **آخري قعدي** کان پوءِ سلام يا ڳالهہ ٻولهہ وغيره ڪو اهڙو ڪم ڄاڻي واڻي ڪرڻ جيڪو نماز کان الڳ ڪري ڇڏي. پر سلام کان علاوه ڪو ٻيو ڪم ڄاڻي واڻي ڪيو ويو تہ نماز واجِبُ الْاِعاده ٿيندي ۽ جيڪڏهن بنا ارادي ڪو اهڙو ڪم ڪيو ويو تہ نماز باطل ٿي ويندي. (بهارِ شريعت حصو 3 ص 84)

## ”سيِّدَتُنا سڪينہ بنتِ شَهنشاهِ ڪربلا“ جي 25 اکرن جي نسبت سان نماز جا تقريباً 25 واجب

﴿1﴾ تڪبيرِ تَحرِيمہ ۾ لفظ ”اَللّٰهُ اَكْبَر“ چوڻ ﴿2﴾ فرض جي ٽين ۽ چوٿين رڪعت کان علاوه باقي سڀني نمازن جي هر رڪعت ۾ **اَلْحَمْد** شريف پڙهڻ، سورت ملائڻ يا قرآن پاڪ جي هڪ وڏي آيت جيڪا ٽن ننڍين آيتن جي برابر هجي يا ٽي ننڍيون آيتون پڙهڻ ﴿3﴾ **اَلْحَمْد** شريف جو سورت کان اڳ ۾ پڙهڻ ﴿4﴾ **اَلْحَمْد** شريف ۽ سورت جي وچ ۾ ”آمين“ ۽ ”بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْم“ کان علاوه ٻيو ڪجهہ نہ پڙهڻ ﴿5﴾ قِراءَت کان پوءِ جلد رڪوع ڪرڻ ﴿6﴾ هڪ سجدي کان پوءِ ٻيو سجدو ڪرڻ ﴿7﴾ تَعدِيلِ ارڪان يعني رُڪوع، سجدن، قومہ ۽ جلسہ ۾ گهٽ هڪ ڀيرو ”سُبْحٰنَ اللّٰه“ چوڻ جيترو بيهڻ ﴿8﴾

قَومہ يعني رڪوع مان سڌي ٿي بيهڻ (ڪجھ اسلامي ڀينرون چيلھ سڌي ناھن ڪنديون اھڙي طرح انھن جو واجب رهجي ويندو آهي) ﴿9﴾ جَلسَہ يعني ٻن سجدن جي وچ ۾ سڌي ٿي ويهڻ (ڪجھ اسلامي ڀينرون جلد بازيءَ جي ڪري سڌي ٿي ويهڻ کان اڳ ۾ ئي ٻئي سجدي ۾ هليون وينديون آهن، ائين انھن جو واجب ترڪ ٿي ويندو آهي، ڪيتري به جلدي هجي سڌو ٿي ويهڻ لازمي آهي، نہ تہ نماز مڪروهِ تحريمي واجبُ الاعاده ٿيندي) ﴿10﴾ قعدهءِ اُولیٰ (يعني پهريون قعدو) واجب آهي، جيتوڻيڪ نفل جي نماز هجي. (نفل ۾ چار يا ان کان وڌيڪ رڪعتون هڪ سلام سان پڙهڻ چاهيو تہ هر ٻن رڪعتن کان پوءِ قعدو ڪرڻ فرض آهي ۽ هر قعدو ”قعدهء اَخِيره“ آهي، جيڪڏهن قعدو نہ ڪيو ۽ ڀلجي اٿي ويون تہ جيستائين ان رڪعت جو سجدو نہ ڪري وڃي موٽي اچي ۽ سجدهء سَهو ڪري) ﴿11﴾ جيڪڏهن نفل جي ٽين رڪعت جو سجدو ڪري ورتو تہ چار پوريون ڪري سجدهءِ سهو ڪري. سجدهءِ سَهو ان لاءِ واجب ٿيو تہ جيتوڻيڪ نفل ۾ هر ٻن رڪعتن کان پوءِ قعدو فرض آهي پر ٽين يا پنجين (وعلیٰ هٰذالقياس) رڪعت جو سجدو ڪرڻ کان پوءِ قعدهءِ اُوليٰ فرض بدران واجب ٿي ويو.(ملخصًا حاشيہ طحطاوي علي المراقي الفلاح ص 466) ﴿12﴾ فرض، وِتَر ۽ سنّتِ مُؤَکَّدَه ۾ تَشَهُّد (يعني اَلتَّحِيّات) کان پوءِ ڪجھ نہ وڌائڻ ﴿13﴾ ٻنهي قعدن ۾ ”تَشَهُّد“ مڪمل پڙهڻ جيڪڏهن هڪ لفظ بہ رهجي ويو تہ واجب ترڪ ٿي ويندو ۽ سجدهءِ سَهو واجب ٿيندو ﴿14﴾ فرض، وِتَر ۽ سنّتِ مُؤَکَّده جي قعدهءِ اُولٰي ۾ تَشَهُّد کان پوءِ جيڪڏهن ڀي خيالي ۾ اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰی مُحَمَّدٍ يا اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰی سَيِّدِنَا پڙهيو تہ سجدهءِ سَهو واجب ٿي ويو ۽ جيڪڏهن ڄاڻي واڻي پڙهيائين تہ نماز موٽائي پڙهڻ واجب آهي. (درمختار ج 2 ص 269) ﴿15﴾ ٻنهي طرف سلام ڦيرڻ وقت لفظ ”اَلسَّلامُ“ ڇوڻ ٻئي ڀيرا واجب آهي لفظ ”عَلَيۡكُمۡ“

واجب ناهي، بلڪ سنّت آهي ﴿16﴾ وِتَر ۾ دعاءِ قُنُوت لاءِ تڪبير چوڻ ﴿17﴾ وِتَر ۾ دعاءِ قُنُوت پڙهڻ ﴿18﴾ هر فرض ۽ واجب جو ان جي جاءِ تي هجڻ ﴿19﴾ رڪوع هر رڪعت ۾ هڪ ڀيرو ئي ڪرڻ ﴿20﴾ سجدو هر رڪعت ۾ ٻه ڀيرا ئي ڪرڻ ﴿21﴾ ٻي رڪعت کان اڳ ۾ قعدو نه ڪرڻ ﴿22﴾ چئن رڪعتن واري نماز ۾ ٽئين رڪعت تي قعدو نه ڪرڻ ﴿23﴾ سجدي واري آيت پڙهي وئي هجي ته سجدهءِ تلاوت ڪرڻ ﴿24﴾ سجدهءِ سَهو واجب ٿيو هجي ته سجدهءِ سَهو ڪرڻ ﴿25﴾ ٻن فرضن يا ٻن واجبن جي وچ ۾ ٽن تسبيحن (يعني ٽي ڀيرا سُبۡحٰنَ اللّٰه چوڻ) جيترو وقفو نه هئڻ.

(بهارِ شريعت حصو 3 ص 85، 87 درمختار و ردالمحتار ج 2 ص 184، 203)

## ”اُمِّ هاني“ جي ڇهه اکرن جي نسبت سان تڪبيرِ تحريم جون 6 سنّتون

﴿1﴾ تڪبيرِ تَحرِيمه جي لاءِ هٿ کڻڻ ﴿2﴾ هٿن جون آڱريون پنهنجي حال تي نارمل (Normal) ڇڏڻ يعني بلڪل نه ملايو نه انهن ۾ سختي پيدا ڪريو ﴿3﴾ هٿن جي تِرين ۽ آڱرين جو پيٽ قبلي ڏانهن هجڻ ﴿4﴾ تڪبير جي وقت مٿو نه جهڪائڻ ﴿5﴾ تڪبير شروع ڪرڻ کان پهرئين ٻئي هٿ ڪلهن تائين کڻڻ ﴿6﴾ تڪبير کانپوءِ جلد هٿ ٻَڌڻ سنّت آهي (تڪبير اُوليٰ کانپوءِ فوراً هٿ ٻَڌڻ بدران هٿ لٽڪائڻ يا نونڻيون لوڏڻ، سنّت کان هٽي ڪري آهي) (بهارِ شريعت حصو 3 ص 88، 90)

## ”خديجةُ الڪبري“ جي يارهن اکرن جي نسبت سان قِيام جون 11 سنّتون

﴿1﴾ کابي تِري سيني تي ڇاتي جي هينان رکي ان جي مٿان ساڄي تِري رکو ﴿2﴾ پهريان ثنا ﴿3﴾ پوءِ تَعَوُّذ اَعُوۡذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيۡطٰنِ الرَّجِيۡم.

پڙهڻ ﴿4﴾ پوءِ تَسۡمِيَه يعني بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡم پڙهڻ ﴿5﴾ انهن ٽنهي کي هڪ ٻئي کان پوءِ جلد چوڻ ﴿6﴾ انهن سيني کي آهستي پڙهڻ ﴿7﴾ آمين چوڻ ﴿8﴾ ان کي بہ آهستي چوڻ ﴿9﴾ تکبيرِ اُوليٰ کان پوءِ جلد ثناء پڙهڻ ﴿10﴾ تَعَوُّذ رُڳو پهرين رڪعت ۾ آهي ۽ ﴿11﴾ **تَسۡمِيَه** هر رڪعت جي شروع ۾ سنّت آهي. (بهارِ شريعت حصو 3 ص 90، 91)

## ”محمد“ جي چئن اکرن جي نسبت سان رکوع جون 4 سنّتون

﴿1﴾ رُکوع جي لاءِ ”اَللّٰهُ اَکۡبَر“ چوڻ ﴿2﴾ اسلامي ڀيڻ جي لاءِ رُکوع ۾ گوڏن تي هٿ رکڻ ۽ آڱريون ڪشاديون نہ ڪرڻ سنّت آهي. (بهار شريعت ج 1 ص 525) ﴿3﴾ رُکوع ۾ ٿورو جهڪي يعني ايترو جو گوڏن تي هٿ پهچي وڃن پٺي سڌي نہ ڪري، ۽ گوڏن تي زور نہ ڏي، فقط هٿ رکي ۽ هٿن جون آڱريون مليل ۽ پير جهڪيل رکو، اسلامي ڀائرن وانگر بلڪل سڌا نہ ڪريو ﴿4﴾ بهتر اهو آهي تہ ”اَللّٰهُ اَکۡبَر“ چوندي رکوع ۾ وڃي يعني جڏهن رکوع جي لاءِ جهڪڻ شروع ڪري ۽ رکوع ختم ٿيڻ تي تکبير ختم ڪري. (عالمگيري ج 1 ص 74) ان مفاصلي کي پورو ڪرڻ لاءِ لفظ **”الله“ جي لام کي** وڌائي، اکبر جي ب وغيره ڪنهن اکر کي نہ وڌائي. (بهارِ شريعت حصو 3 ص 93) جيڪڏهن آلله يا اَڪبر يا اَڪبَار چيائين تہ نماز فاسد ٿي ويندي. **رُکوع** ۾ ”سُبۡحٰنَ رَبِّیَ الۡعَظِيۡم“ ٽي ڀيرا چوڻ. (درمختار، ردالمحتار ج 1 ص 218)

## ”سُنّت“ جي ٽن اکرن جي نسبت سان قَومَہ جون 3 سنّتون

﴿1﴾ رُکوع کان جڏهن اٿو تہ هٿ ڇڏي ڏيو. (عالمگيري ج 1 ص 73)

﴿2﴾ رُکوع کان اُٿڻ مهل سَمِعَ اللهُ لِمَنۡ حَمِدَہٗ چوڻ ۽ سڌو بيهڻ وقت اَللّٰھُمَّ رَبَّنَا وَلَكَ الۡحَمۡدُ چوڻ. (در مختار ج 2 ص 247) ﴿3﴾ مُنۡفَرِد (يعني اڪيلو نماز پڙهڻ واري) جي لاءِ ٻئي چوڻ سنّت آهي. رَبَّنَا وَلَكَ الۡحَمۡدُ چوڻ سان بہ سنّت ادا ٿي ويندي پر "رَبَّنَا" کان پوءِ "وَ" هجڻ بهتر آهي "اَللّٰھُمَّ" هجڻ ان کان بهتر ۽ ٻئي هجڻ اجا وڌيڪ بهتر آهي، يعني اَللّٰھُمَّ رَبَّنَا وَلَكَ الۡحَمۡدُ چئو. (درمختار ج 2 ص 246)

## "يا فاطِم بنتِ رسول اللّٰه" جي اڙهن اکرن جي نسبت سان سجدي جون 18 سنّتون

﴿1﴾ سجدي ۾ وڃڻ جي لاءِ ۽ ﴿2﴾ سجدي مان اُٿڻ لاءِ "اَللّٰهُ اَكۡبَرۡ" چوڻ ﴿3﴾ سجدي ۾ گهٽ ۾ گهٽ ٽي ڀيرا "سُبۡحٰنَ رَبِّیَ الۡاَعۡلٰی" چوڻ. (ايضاً) ﴿4﴾ سجدي ۾ هٿ زمين تي رکڻ ﴿5﴾ هٿن جون آڱريون ملائي قِبلي رخ رکڻ ﴿6﴾ سميٽجي سجدو ڪرڻ يعني ٻانهون پاسن کان ﴿7﴾ پيٽ رانن کان ﴿8﴾ رانون پنين کان ﴿9﴾ پنيون زمين سان ملائي ڇڏڻ ﴿10﴾ سجدي ۾ وڃو تہ زمين تي پهريان گوڏا پوءِ ﴿11﴾ هٿ پوءِ ﴿12﴾ نڪ، پوءِ ﴿13﴾ پيشاني رکڻ ﴿14﴾ جڏهن سجدي مان اُٿو تہ ان جي اُبتڙ ڪريو يعني ﴿15﴾ پهريان پيشاني، پوءِ ﴿16﴾ نڪ، پوءِ ﴿17﴾ هٿ، پوءِ ﴿18﴾ گوڏا کڻڻ. (بهارشريعت حصو 3 ص 96، 98)

## "زَينَب" جي چئن اکرن جي نسبت سان جَلسَ جون 4 سنّتون

﴿1﴾ ٻنهي سجدن جي وچ ۾ ويهڻ کي جَلسه چئبو آهي ﴿2﴾ ٻي رڪعت جي سجدن مان فارغ ٿي ٻئي پير ساڄي پاسي ڪڍي ڇڏڻ ۽ ﴿3﴾ ويهڻ واري جڳهہ جي کاٻي پاسي تي ويهڻ ﴿4﴾ ٻئي هٿ رانن تي رکڻ. (بهارشريعت حصو 3 ص 98)

## ”حق“ جي ٻن اکرن جي نسبت سان ٻي رڪعت مان اُٿڻ جي لاءِ 2 سنتون

﴿1﴾ جڏهن ٻئي سجدا ڪري وٺو ته ٻي رڪعت جي لاءِ پيرن جي پنجن جي سهاري ﴿2﴾ گوڏن تي هٿ رکي بيهڻ سنّت آهي، ها ڪمزوري يا پير ۾ تڪليف وغيره مجبوري جي ڪري زمين تي هٿ رکي ڪري بيهڻ ۾ حرج ناهي. (ردالمحتار ج 2 ص 262)

## ”بي بي آمنہ“ جي اَٺن اکرن جي نسبت سان قَعدي جون 8 سنّتون

﴿1﴾ ساڄو هٿ ساڄي ران تي ۽ ﴿2﴾ کاٻو هٿ کاٻي ران تي رکڻ ﴿3﴾ آڱريون پنهنجي حالت تي يعني (Normal) ڇڏڻ نہ گهٽيون ڪليل هجن، نہ بلڪل مليل ﴿4﴾ اَلتَّحِيّات ۾ شهادت تي اشارو ڪرڻ، هن جو طريقو اهو آهي تہ ڇيچ ۽ ان جي ڀر واري آڱر کي بند ڪريو، آڱوٺي ۽ وچين آڱر جي گولائي ٺاهيو ۽ ”لا“ تي شهادت واري آڱر کڻو ان کي هيٺ هوڏي نہ لوڏيو ۽ ”اِلَّا“ تي رکي ڇڏيو ۽ سڀ آڱريون سڌيون ڪري ڇڏيو ﴿5﴾ ٻئي قعدي ۾ بہ اهڙي طرح ويهو جهڙي طرح پهرئين ۾ ويٺيون هيون ۽ تَشَہُّد بہ پڙهو ﴿6﴾ تَشَہُّد کان پوءِ دُرُود شريف پڙهو. (دُرودِ ابراهيم پڙهڻ افضل آهي) (بهارِ شريعت حصو 3 ص 98، 99) ﴿7﴾ نفلن ۽ سنّت غير مُؤَڪَّده (عصر ۽ عشا جي سنت قبليہ) جي قعده اُوليٰ ۾ بہ تَشَہُّد کان پوءِ دُرُود شريف پڙهڻ سنّت آهي. (ردالمحتار ج 2 ص 281) ﴿8﴾ درود شريف کان پوءِ دعا پڙهڻ. (بهارِ شريعت حصو 3 ص 102)

## ”حَفْصَہ“ جي چئن اکرن جي نسبت سان سلام ڦيرڻ جون 4 سنّتون

﴿2-1﴾ هنن لفظن سان بہ ڀيرا سلام چوڻ: اَلسَّلامُ عَلَيۡكُمۡ وَرَحۡمَةُ اللهِ

﴿3﴾ ڦهريان ساڄي پاسي، پوءِ ﴿4﴾ کاٻي پاسي منهن ڦيرڻ.
(بهارِ شريعت حصو 3 ص 103)

## ”صبر“ جي ٿن اکرن جي نسبت سان سنّتِ بعديہ جون 3 سنتون

﴿1﴾ جن فرضن کان پوءِ سنّتون آهن انهن ۾ فرض کان پوءِ ڳالهائڻ نہ گهرجي جيتوڻيڪ سنّتون تہ ٿي وينديون پر ثواب گهٽجي ويندو، ۽ سنّتن ۾ دير ڪرڻ مڪروهہ آهي، اهڙيءَ طرح وڏن وڏن وِردن ۽ وظيفن جي بہ اجازت ناهي. (غنية ص 343، ردالمحتار ج 2 ص 300) ﴿2﴾ (فرضن کان پوءِ) سنّت کان اڳ ۾ مختصر دعا تي قِناعت ڪرڻ گهرجي نہ تہ سنّتن جو ثواب گهٽجي ويندو. (بهارِشريعت حصو 3 ص 107) ﴿3﴾ سنّتن ۽ فرضن جي وچ ۾ ڳالهائڻ جي باري ۾ اَصَّح (وڌيڪ صحيح) اهو ئي آهي تہ سنّت باطل نہ ٿي ٿئي، پر ثواب گهٽجي ويندو آهي اهو حڪم هر ان ڪم لاءِ آهي جيڪو تحريمہ جي خلاف [1] آهي.
(تنوير الابصار ج 2 ص 558)

## ”اُمَّهَاتُ المُومنين“ جي چوڏهن اکرن جي نسبت سان نماز جا تقريباً 14 مُستَحَب

﴿1﴾ نيّت جا لفظ زبان سان چوڻ. (درمختار ج 2 ص 113) جڏهن تہ دل ۾ نيّت حاضر هجي نہ تہ نماز ٿيندي ئي ڪونہ ﴿2﴾ قِيام ۾ ٻنهي پيرن جي وچ ۾ چئن آڱرين جو فاصلو هئڻ. (عالمگيري ج 1 ص 73) ﴿3﴾ قِيام جي حالت ۾ سجدي جي جڳهہ ﴿4﴾ رُڪوع ۾ ٻنهي پيرن جي پُٺ تي ﴿5﴾ سجدي ۾ نڪ ڏانهن ﴿6﴾ قعدي ۾ جهولي ۾ ﴿7﴾ پهرئين سلام ۾ ساڄي ڪلهي واري پاسي ۽ ﴿8﴾ ٻئي سلام ۾ کاٻي ڪلهي

---

(1) جيئن تہ ڪائڻ پيئڻ، يا خريد ڪرڻ يا وڪڻڻ. (حاشيةالطحطاوي علي درمختار ج 1 ص 286)

واري پاسي نظر ڪرڻ. (تنويرالابصار ج 2 ص 214) ﴿11-10-9﴾ اڪيلي نماز پڙهڻ واري کي رُڪوع ۽ سجدن ۾ ٽن ڀيرن کان وڌيڪ (پر اِڪي عدد ۾ مثال طور پنج، ست نو ڀيرا) تَسبِيح چوڻ. (فتح القدير ج 1 ص 259) ﴿12﴾ جنهن کي کنگهه اچي ان جي لاءِ مُسۡتَحَب اهو آهي ته جيستائين ممڪن هجي ته نه کنگهي. (بهار شريعت حصو 3 ص 106) ﴿13﴾ اوٻاسي اچي ته وات بند رکو ۽ نه رڪجي ته چپن کي ڏندن جي هينان زور ڏيو، جيڪڏهن ائين ڪرڻ سان به نه رکي ته قيام ۾ ساڄي هٿ جي پُٺ ۽ قيام کان علاوه کاٻي هٿ جي پُٺ وات تي ڏئي ڇڏيو. اوٻاسي روڪڻ جو بهترين طريقو اهو به آهي ته دل ۾ خيال ڪريو ته سرڪارِ مدينه صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ۽ ٻين نبين سڳورن عَلَيهِمُ السَّلام کي اوٻاسي ڪڏهن به نه ايندي هئي. (بهار شريعت حصو 3 ص106، درمختار، ردالمحتار ج 2 ص 215 ملخصاً) اِنْ شَآءَاللهُ عَزَّوَجَلَّ فوراً رڪجي ويندي. ﴿14﴾ سجدو زمين تي بنا ڪنهن آڙ جي ڪرڻ. (بهار شريعت حصو 3 ص 106)

## سيّدنا عُمر بِن عَبدُالعَزِيز رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنۡهُ جو عمل

حُجَّةُ الۡاسلام حضرتِ سيّدُنا امام محمّد بن محمد غزالي عَلَيهِ رَحۡمَةُ اللهِ الوَالى نقل فرمائن ٿا: ”حضرتِ سيّدُنا عُمر بِن عَبدُالعَزِيز رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنۡهُ هميشه زمين تي ئي سجدو ڪندا هئا يعني سجدي واري جڳهه تي مُصلو وغيره نه وڇائيندا هئا.“ (احياءُ العلوم ج 1 ص 204)

## مٽي هاڻي پيشانيءَ جي فضيلت

حضرتِ سيّدُنا واثِله بن اَسقَع رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنۡهُ کان روايت آهي ته رسولِ اڪرم، نور مُجَسَّم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمانِ عاليشان آهي: ”توهان مان ڪو شخص جيستائين نماز مان فارغ نه ٿي وڃي

تيستائين پنهنجي پيشاني (جي مٽيءَ) کي صاف نہ ڪري ڇو تہ جيستائين ان جي پيشانيءَ تي نماز جي سجدي جو نشان رهندو آهي ملائڪ ان جي لاءِ مَغفرت جي دُعا ڪندا رهندا آهن.“

(مجمع الزوائد ج 2 ص 311 حديث 2761)

اسلامي ڀينرو! نماز جي دؤران پيشانيءَ تان مٽي صاف ڪرڻ صحيح ناهي ۽ مَعَاذَالله تَڪَبُّر جي طور صاف ڪرڻ گناھ آهي. جيڪڏهن صاف نہ ڪرڻ سان تڪليف ٿئي يا توجہ هٽي تہ صاف ڪرڻ ۾ ڪو حرج ناهي، ۽ جيڪڏهن رِياڪاريءَ جو خوف هجي تہ ان کي گهرجي نماز کان پوءِ پيشاني تان مٽي صاف ڪري ڇڏي.

## ”سيّدنا اسمٰعيل جي ماءُ جو نالو هاجَره هو“ جي 29 اکرن جي نسبت سان نماز ٽوڙڻ واريون 29 ڳالهيون

﴿1﴾ ڳالهائڻ. (درمختار ج 2 ص 445) ﴿2﴾ ڪنهن کي سلام ڪرڻ ﴿3﴾ سلام جو جواب ڏيڻ. (عالمگيري ج 1 ص 98) ﴿4﴾ ڇِڪ جو جواب ڏيڻ (نماز ۾ پاڻ کي ڇِڪ اچي تہ خاموش رهي) جيڪڏهن اَلْحَمْدُلِلّٰه چئي ورتائين تڏهن بہ حرج ناهي ۽ جيڪڏهن ان وقت حمد نہ ڪئي تہ فارغ ٿي ڪري چوي.(ايضاً) ﴿5﴾ خوشخبري ٻُڌي ڪري جواب ۾ اَلْحَمْدُلِلّٰه چوڻ.(ايضاً ص 99) ﴿6﴾ بُري خبر (يا ڪنهن جي موت جي خبر) ٻُڌي ڪري اِنَّا لِلّٰهِ وَاِنَّآ اِلَيْهِ رَاجِعُوْنَ پڙهڻ. (ايضاً) ﴿7﴾ اذان جو جواب ڏيڻ. (ايضا ص 100) ﴿8﴾ الله عَزَّوَجَلَّ جو نالو ٻُڌي جواب ۾ ”جَلَّ جلالُهٗ“ چوڻ ﴿9﴾ مدني مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو مبارڪ نالو ٻُڌي جواب ۾ دُرود شريف پڙهڻ، مثال طور (صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم) چوڻ. (درمختار ج 2 ص 460) (جيڪڏهن جَلَّ جلالُهٗ يا صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جواب جي نيّت سان نہ چيائين تہ نماز نہ ٽُٽي)

# نماز ۾ روئڻ

﴿10﴾ سور يا مصيبت جي ڪري اهي لفظ ”آھ“ ”اُوھ“ ”اُف“ ”تُف“ نڪري ويا، يا آواز سان روئڻ ۾ اکر پيدا ٿي ويا ته نماز فاسد (يعني ختم) ٿي وئي. جيڪڏهن روئڻ ۾ رُڳو لُڙڪ نڪتا آواز ۽ اکر نه نڪتا ته حرج ناهي. (عالمگيري ج 1 ص 101، ردالمحتار ج 2 ص 455)

# نماز ۾ کَنگهڻ

﴿11﴾ بيمار جي زبان مان بي اختيار آھ! اوھ نڪتو ته نماز نه ٽُٽي، ائين ئي ڇِڪ، اوٻاسي، کنگھ، اوڳرائي وغيره ۾ جيترا اکر مجبوراً نڪرندا آهن اهي معاف آهن. (درمختار ج 1 ص 456) ﴿12﴾ ڦوڪون ڏيڻ ۾ جيڪڏهن آواز نه پيدا ٿئي ته اها ساھ جي مثل آهي ۽ نماز فاسد نه ٿيندي، پر ڄاڻي واڻي ڦوڪ ڏيڻ مڪروه آهي ۽ جيڪڏهن ٻه اکر پيدا ٿين جيئن اُف تُف ته نماز فاسد ٿي وئي. (غنيه ص 451) ﴿13﴾ کنگهڻ ۾ جڏهن ٻه اکر پيدا ٿين جيئن اَخُ ته نماز فاسد ٿي ويندي، ها جيڪڏهن عُذر يا صحيح مقصد هجي مثال طور طبيعت چاهيندي هجي يا آواز صاف ڪرڻ لاءِ هجي يا ڪو اڳيان گذري رهيو هجي ۽ ان کي ڏيان ڏيارڻو هجي ته انهن سببن جي ڪري کنگهڻ ۾ ڪو حرج ناهي. (بهار شريعت حصو 3 ص 176، درمختار، ردالمحتار ج 2 ص 455)

# نماز جي دوران ڏسي پڙهڻ

﴿14﴾ قرآن شريف مان يا ڪنهن ڪاغذ مان يا مِحراب وغيره ۾ لکيل قرآن پاڪ ڏسي پڙهڻ (ها جيڪڏهن ياد پڙهي رهيون آهيو ۽ قرآن شريف يا مِحراب وغيره تي رُڳو نظر آهي ته حرج ناهي، جيڪڏهن ڪنهن ڪاغذ وغيره تي آيتون لکيل آهن ان کي ڏِٺو ۽ سمجهيو پر پڙهيو

نہ تہ ان ۾ ڪو حرج ناهي) (در مختار و ردالمحتار ج 2 ص 463) ﴿15﴾ اسلامي ڪتاب يا اسلامي مضمون نماز جي دوران ڄاڻي واڻي ڏسڻ ۽ ارادي سان سمجهڻ مڪروه آهي دُنياوي مضمون هجي تہ وڏيڪ ڪراهت آهي. (بهار شريعت حصو 3 ص 77) تنهنڪري نماز ۾ پنهنجي پرسان ڪتاب يا لکت وارا پيڪيٽ، شاپنگ بيگ، موبائيل فون يا گهڙي وغيره ائين رکو جو انهن جي لکت تي نظر نہ پئي يا انهن جي مٿان رومال وغيره ڏئي ڇڏيو گڏوگڏ نماز جي دؤران ٿنين وغيره تي لڳل اسٽيڪرز، اِشتِهار ۽ فريمن وغيره تي نظر وجهڻ کان بہ بچو.

## عملِ ڪثير ڇا آهي

﴿16﴾ عملِ ڪثير نماز کي فاسد (يعني ختم) ڪري ڇڏيندو آهي جڏهن تہ نہ نماز جي عمل مان هجي نہ ئي نماز کي صحيح ڪرڻ لاءِ ڪيو ويو هجي، جنهن ڪم جي ڪرڻ واري کي پري کان ڏسڻ سان ائين لڳي تہ هو نماز ۾ ناهي بلڪ جيڪڏهن غالب گمان اهو هجي تہ نماز ۾ ناهي تڏهن بہ عملِ ڪثير آهي ۽ جيڪڏهن پري کان ڏسڻ واري کي شڪ ۽ شبهو آهي تہ نماز ۾ آهي يا نہ تہ عملِ قليل آهي ۽ نماز فاسد نہ ٿيندي. (درمختار ج 2 ص 464)

## نماز جي دوران ڪپڙا پائڻ

﴿17﴾ نماز جي دؤران قميص يا سلوار پائڻ يا گوڏ ٻَڌڻ. (غنيہ ص 452) ﴿18﴾ نماز جي دؤران اوگهڙ کُلي وڃڻ ۽ انهي حالت ۾ ڪو رڪن ادا ڪرڻ يا ٽي ڀيرا "سُبۡحٰنَ الله" چوڻ جيترو وقفو گذري وڃڻ.

(درمختار معہ ردالمحتار ج 2 ص 467)

# نماز ۾ ڪجھ ڳھڻ

﴿19﴾ معمولي ڪائڻ پيئڻ مثال طور تِر بنا چٻاڙڻ جي ڳهي ويو يا ڦڙو وات ۾ ڪريو ۽ پي ڇڏيائين. (درمختارمعه ردالمحتار ج 2 ص 462) ﴿20﴾ نماز شروع ڪرڻ کان اڳ ۾ ڪا شيء ڏندن ۾ موجود هئي اها ڳهي ويو ته جيڪڏهن اها چڻي جيتري يا ان کان وڌيڪ هئي ته نماز فاسد ٿي وئي ۽ جيڪڏهن چڻي کان گهٽ هئي ته مڪروھ آهي. (درمختار ج 2 ص 462 عالمگيري ج 1 ص 102) ﴿21﴾ نماز کان اڳ ۾ ڪا مٺي شيء کاڌي هئي هاڻي ان جا ذرا وات ۾ ناهن رُڳو ٿڪ ۾ ڪجھ اثر رهجي ويو آهي ان جي ڳهڻ سان نماز فاسد نہ ٿيندي. (عالمگيري ج 1 ص 102) ﴿22﴾ وات ۾ کنڊ وغيره هجي جيڪا ڳري ڳري نڙي ۾ پهچندي هجي ته نماز فاسد ٿي وئي. (ايضاً) ﴿23﴾ ڏندن مان رَت نڪتو جيڪڏهن ٿُڪَ غالب آهي ته ڳهڻ سان فاسد نہ ٿيندي نہ ته (يعني جيڪڏهن رت وڌيڪ آهي تہ) فاسد ٿي ويندي. (عالمگيري ج 1 ص 102) (غلبي جي نشاني اها آهي تہ جيڪڏهن نڙيءَ ۾ مزو محسوس ٿيو ته نماز فاسد ٿي وئي، نماز ٽوڙڻ ۾ ذائقي جو اعتبار آهي ۽ وضوء ٽٽڻ ۾ رنگ جو، تنهنڪري وضو ان وقت ٽٽندو آهي جڏهن ٿُڪ ڳاڙهي ٿي وڃي ۽ جيڪڏهن ٿُڪ ڦڪي آهي ته وضو باقي آهي)

# نماز دوران قِبلي کان ڦرڻ

﴿24﴾ بنا ڪنهن عُذر جي سيني کي ڪعبي واري طرف کان 45 درجا يا ان کان وڌيڪ ڦيرڻ سان نماز فاسد ٿي ويندي آهي، جيڪڏهن ڪنهن عُذر جي ڪري هجي تہ فاسد نہ ٿيندي.
(بهار شريعت حصو 3 ص 179، درمختار ج 2 ص 468)

# نماز ۾ نانگ مارڻ

﴿25﴾ نانگ، وڇونءَ کي مارڻ سان نماز ناهي ٽُٽندي جڏهن تہ نہ

ٽي قدم هلڻو پوي ۽ نہ ئي ٽي ڏڪ هڻڻ جي ضرورت پوي، نہ تہ فاسد ٿي ويندي. (عالمگيري ج 1 ص 103) نانگ، وڇونءَ کي مارڻ ان وقت مُباح آهي جڏهن سامهون گذرڻ ۽ ڏنگڻ جو خوف هجي، جيڪڏهن ڏنگڻ جو انديشو نہ هجي تہ مارڻ مڪروهہ آهي. (عالمگيري ج 1 ص 103) **﴿26﴾** لڳاتار ٽي وار کيا يا ٽي جوئون ماريون يا هڪ ئي جونءَ کي ٽي ڀيرا ماريو تہ نماز ٽُٽي ويندي، جيڪڏهن لڳاتار نہ هجي تہ نماز فاسد نہ ٿيندي، البت مڪروهہ آهي. (عالمگيري ج 1 ص 103، غنيہ ص 448)

## نماز ۾ کنهڻ

**﴿27﴾** هڪ رڪن ۾ ٽي ڀيرا کنهڻ سان نماز فاسد ٿي ويندي آهي، يعني هيئن جو کنهي هٿ هٽائي ورتو وري کنهيو وري هٿ هٽائي ورتو اهي ٻہ ڀيرا ٿيا، جيڪڏهن پوءِ ائين ٽيون ڀيرو ڪيو ويو تہ نماز ٽُٽي ويندي، جيڪڏهن هڪ ڀيرو هٿ رکي ڪجھ ڀيرا حرڪت ڏني تہ اهو هڪ ڀيرو کنهڻ چئبو. (عالمگيري ج 1 ص 104، غنية ص 448) منهنجا آقا اعليٰ حضرت، امام احمد رضا خان عَلَيْهِ رَحْمَةُ الرَّحْمٰن نماز ۾ کنهڻ جي باري ۾ فرمائن ٿا: (نماز ۾ جيڪڏهن خارش ٿئي تہ) صبر ڪري ۽ صبر نہ ڪري سگهي ۽ انهي ڪري دل پريشان ٿئي تہ کنهي پر هڪ رڪن مثلاً قيام يا قعود يا رڪوع يا سجدن ۾ ٽي ڀيرا نہ کنهي، ٻہ ڀيرا کنهڻ جي اجازت آهي. (فتاويٰ رضويہ ج 7 ص 384)

## اللّٰہ اڪبر چوڻ ۾ غلطيون

**﴿28﴾** تَڪبِيراتِ اِنتِقالات (يعني هڪ رڪن کان ٻئي رڪن ۾ وڃڻ لاءِ تڪبيرون چوڻ) ۾ "اَللّٰهُ اَكْبَر" جي الف کي ڊگهو ڪيائين يعني "آللّٰهُ اَكْبَر" چيائين يا "ب" کان پوءِ الف وڌايائين يعني "اَكْبَار" چيائين تہ

نماز فاسد ٿي وئي ۽ جيڪڏهن تڪبيرِ تحريمه ۾ ائين ٿيو ته پوءِ نماز شروع ئي نه ٿي. (درمختار ج 2 ص 473) ﴿29﴾ قِراءَت يا نماز جي اَذڪار (يعني نماز ۾ پڙهڻ وارن وِردن) ۾ اهڙي غلطي جنهن سان معنىٰ فاسد ٿي وڃي ان سان نماز به فاسد ٿي ويندي آهي. (بهار شريعت حصو 3 ص 182) مثلاً "عَصٰىٓ اٰدَمُ رَبَّه" جي معنيٰ آهي: (ترجمو ڪنزالايمان: ۽ آدم کان پنهنجي رب جي (حڪم ۾) لغزش واقع ٿي) هاڻي ميم کي زبر ۽ ب کي پيش پڙهي ڇڏيو ته هي معنيٰ ٿي. (ترجمو: ۽ رب کان آدم جي لغزش واقع ٿي) نَعُوْذُ بِاللهِ مِنْهَا.

## "اُمَّهَاتُ الْمُومنين تي لکين لک سلام" جي 25 اکرن جي نسبت سان نمازجا 25 مڪروه تحريم

﴿1﴾ جسم يا ڪپڙن سان کيڏڻ. (عالمگيري ج 1 ص 105) ﴿2﴾ ڪپڙا سميٽڻ (ايضاً) جيئن اڄڪلهه ڪجهه ماڻهو سجدي ۾ وڃڻ وقت سلوار وغيره اڳيان يا پويان کان مٿي ڪندا آهن جيڪڏهن ڪپڙو جسم سان چنبڙي پوي ته هڪ هٿ سان ڇڏائڻ ۾ حرج ناهي.

## ڪُلهن تي چادر لڙڪائڻ

﴿3﴾ سَدَل يعني ڪپڙو لڙڪائڻ مثال طور مٿي يا ڪلهن تي اهڙيءَ طرح چادر يا رومال وغيره وجهڻ جو ٻَئي ڪنارا لڙڪندا هجن. ها جيڪڏهن هڪ ڪنارو ٻئي ڪلهي تي وجهي ڇڏيو ۽ ٻيو لڙڪي رهيو آهي ته حرج ناهي. (درمختار معه ردالمحتار ج 2 ص 488) ڪلهي تي ائين چادر رکڻ جو ان جو هڪڙو ڪنارو پيٽ تي لڙڪي رهيو آهي ۽ ٻيو پُنيءَ تي اهو به مڪروه آهي.

(بهارِشريعت حصو 3 ص 192)

# طَبعي حاجت جي شدت

﴿6-4﴾ پيشاب يا پائخاني يا ريح جي شِدّت هئڻ. جيڪڏهن نماز شروع ڪرڻ کان اڳ ۾ ئي شدت آهي ته وقت هئڻ جي صورت ۾ نماز شروع ڪرڻ ئي گناهه آهي. ها جيڪڏهن ائين آهي جو فراغت ۽ وضو کان پوءِ نماز جو وقت ختم ٿي ويندو ته نماز پڙهي وٺو ۽ جيڪڏهن نماز جي دؤران اها حالت پيدا ٿي ته جيڪڏهن وقت ۾ گنجائش هجي ته نماز ٽوڙي ڇڏڻ واجب آهي، جيڪڏهن ائين پڙهي ورتي ته گنهگار ٿيندو. (ردالمحتار ج 2 ص 492)

# نماز ۾ پٿريون هٽائڻ

﴿7﴾ نماز جي دؤران پٿريون هٽائڻ مڪروهِ تحريمي آهي ها جيڪڏهن سنّت جي مطابق سجدو ادا نه ٿي سگهندو هجي ته هڪ ڀيرو هٽائڻ جي اجازت آهي ۽ جيڪڏهن بنا هٽائڻ جي واجب ادا نه ٿيندو ته هٽائڻ واجب آهي چاهي هڪ ڀيري کان وڌيڪ جي ضرورت پوي. (درمختار ردالمحتار ج 2 ص 493)

# آڱرين مان ٺڪاءُ ڪڍڻ

﴿8﴾ نماز ۾ آڱرين مان ٺڪاءُ ڪڍڻ. (درمختار ج 2 ص 493) **خاتمُ المُحَقِّقِين** حضرت علامه ابنِ عابِدين شامي عَلَيهِ رَحمَةُ اللهِ القوي فرمائن ٿا: ابن ماجه جي روايت آهي ته سرڪارِ مدينه صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: نماز ۾ پنهنجي آڱرين مان ٺڪاءُ نه ڪڍو. (سنن ابن ماجه ج 1 ص 514 حديث 965) ”مُجتَبىٰ“ جي حوالي سان نقل ڪيو ته نبي ڪريم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم نماز جي انتظار جي دؤران آڱرين مان ٺڪاءُ ڪڍڻ کان منع فرمايو، وڌيڪ هڪ روايت ۾ آهي: ”نماز جي لاءِ ويندي آڱرين مان ٺڪاءُ

ڪيڻ کان منع فرمايو.“ انهن مبارڪ حديثن مان اهي ٽي حڪم ثابت ٿيا (الف) نماز جي دؤران مَڪروهِ تَحرِيمي آهي ۽ نماز جي توابع، مثال طور نماز جي لاءِ ويندي، نماز جو انتظار ڪندي آڱرين مان نڪاءُ ڪيڻ مَڪروه آهي (ب) نماز کان ٻاهر (يعني نماز جي توابع ۾ بہ نہ هجي) بنا ضرورت جي آڱرين مان نڪاءُ ڪيڻ مَڪروهِ تَنزِيهي آهي. (بهار شريعت حصو 3 ص 193) (ج) نماز کان ٻاهر ڪنهن ضرورت سبب مثال طور آڱرين کي آرام ڏيڻ لاءِ آڱرين مان نڪاءُ ڪيڻ **مُباح** (يعني بنا ڪراهت جي جائز) آهي. (درمختار، ردالمحتار ج 2 ص 493، 494) **﴿9﴾** **تَشْبِيْڪ** يعني هڪ هٿ جون آڱريون ٻئي هٿ جي آڱرين ۾ وجهڻ. (درمختار ج 1 ص 493)

# چيلهہ تي هٿ رکڻ

**﴿10﴾** چيلهہ تي هٿ رکڻ، نماز کان علاوه بہ (بنا عذر جي) چيلهہ تي (يعني ٻنهي پاسن تي) هٿ نہ رکڻ گهرجي. (درمختار ج 2، ص 494) **اللّٰه** عَزَّوَجَلَّ جا محبوب صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمائن ٿا: ”چيلهہ تي هٿ رکڻ جهنّمين جي لاءِ راحت آهي.“ (شرح السنة للبغوي ج 2 ص 313 حديث 731) **يعني** اهو يهودين جو فعل آهي جو اهي جهنّمي آهن، نہ تہ جهنّمين جي لاءِ جهنّم ۾ ڪهڙي راحت آهي! (بهارِ شريعت حصو 3 ص 186)

# آسمان ڏانهن ڏسڻ

**﴿11﴾** آسمان ڏانهن نهارڻ. (بهارِ شريعت حصو 3 ص 194) **اللّٰه** عَزَّوَجَلَّ جا محبوب صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمائن ٿا: ”ڇا ٿي ويو آهي انهن ماڻهن کي جيڪي نماز ۾ آسمان ڏانهن نظرون کڻن ٿا، (اهي) ان کان مُڙي وڃن نہ تہ انهن جون اکيون کسيون وينديون.“ (صحيح بخاري ج 1 ص 265 حديث 750) **﴿12﴾** هيڏي هوڏي منهن ڦيرائي ڏسڻ، چاهي پورو منهن

ڦيرايو يا ٿورو، بنا منهن ڦيرائڻ جي رُڳو اکيون ڦيرائي هيڏي هوڏي بنا ضرورت جي ڏسڻ مڪروهِ تَنزِيهي آهي ۽ ڪڏهن ڪنهن ضرورت جي ڪري هجي تہ حرج ناهي. (بهارشريعت حصو 3 ص 194) **سرڪارِ مدينه، قرارِ قلب و سينہ** صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم **فرمائن ٿا:** ”جيڪو ٻانهو نماز ۾ آهي **الله** عَزَّوَجَلَّ جي خاص رَحمت ان ڏانهن مُتَوَجّه رهندي آهي جيستائين هيڏي هوڏي نہ ڏسي جڏهن ان پنهنجو منهن ڦيريو تہ ان جي رَحمت بہ ڦري ويندي آهي.“ (ابوداؤد، ج 1، ص344، رقم الحديث 909)

## نمازيءَ ڏانهن نهارڻ

﴿13﴾ ڪنهن شخص جي منهن جي سامهون نماز پڙهڻ. ٻئي شخص کي بہ نمازيءَ ڏانهن منهن ڪرڻ ناجائز ۽ گناهہ آهي ڪو اڳئي منهن ڪري ويٺو هجي ۽ پوءِ ڪو ان جي چهري ڏانهن منهن ڪري نماز شروع ڪري تہ نماز شروع ڪرڻ وارو گنهگار ٿيندو ۽ ان نمازي تي ڪراهت ايندي، نہ تہ چهري ڪرڻ واري تي گناهہ ۽ ڪراهت آهي. (درمختار ج 2، ص 496، 497) ﴿14﴾ بنا ضرورت جي ڪنگهڻ (يعني بلغم وغيره ڪڍڻ) (درمختار ج 2 ص 511) ﴿15﴾ جاڻي واڻي اوٻاسي ڏيڻ. (مراقي الفلاح ص 354) (جيڪڏهن پاڻمرادو اچي تہ حرج ناهي پر روڪڻ مُستَحَب آهي) **الله** عَزَّوَجَلَّ **جا محبوب** صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم **فرمائن ٿا:** ”جڏهن نماز ۾ ڪنهن کي اَوٻاسي اچي تہ جيترو ٿي سگهي روڪي ڇو تہ شَيطان منهن ۾ داخل ٿي ويندو آهي.“(صحيح مسلم، ص 1597 حديث 2995) ﴿16﴾ اُبتو قرآن شريف پڙهڻ (مثال طور پهرين رڪعت ۾ ”تَبَّت يدا“ ۽ ٻيءَ ۾ ”اِذَا جَآءَ“) ﴿17﴾ ڪنهن واجب کي ڇڏي ڏيڻ. مثال طور ”قَومَه“ ۽ ”جَلسَه“ ۾ پُٺ سڌي ٿيڻ کان اڳ ۾ ئي رُڪوع يا ٻئي سجدي ۾ هليو وڃڻ. (بهارشريعت حصو 3 ص 197) ان گناهہ ۾ مسلمانن جو وڏو تعداد

مُبتلا نظر اچي ٿو. ياد رکو! جيترِيون بہ نمازون اهڙي طرح پڙهيون هونديون سيني جو موٽائي پڙهڻ واجب آهي، قومہ ۽ جلسہ ۾ گهٽ ۾ گهٽ هڪ ڀيرو سُبۡحٰنَ الله چوڻ جي مقدار بيهڻ واجب آهي ﴿18﴾ ”قِيام“ کان سواءِ ڪنهن بہ ٻئي موقعي تي قرآن شريف پڙهڻ. (بهارشريعت حصو 3 ص 197) ﴿19﴾ رُکوع ۾ پهچي ڪري قِراءَت ختم ڪرڻ. (ايضًا) ﴿20﴾ مَغۡصُوۡبَہ زمين (يعني اهڙي زمين جنهن تي زبردستي قبضو ڪيو هجي) يا ﴿21﴾ پَرائي ٻَني جنهن ۾ فصل موجود آهي. (درمختار ج 2 ص 54) يا ﴿22﴾ پوک واري ٻَنيءَ ۾ (ايضًا) يا ﴿23﴾ قبر جي سامهون جڏهن تہ قبر ۽ نمازي جي وچ ۾ ڪا شيء رڪاوٽ نہ هجي نماز پڙهڻ. (عالمگيري، ج 5 ص 319) ﴿24﴾ ڪافرن جي عبادتگاهن ۾ نماز پڙهڻ بلڪ انهن ۾ وڃڻ بہ منع آهي. (ردالمحتار ج 2 ص 53)

## نمازءِ تصويرون

﴿25﴾ جاندار جي تصوير وارا ڪپڙا پائي نماز پڙهڻ مکروهِ تحريمي آهي نماز کان علاوه بہ اهڙا ڪپڙا پائڻ جائز ناهن. (درمختار معه ردالمحتار ج 2 ص 502) نمازيءَ جي مٿي يعني ڇت تي يا سجدي جي جاءِ تي يا اڳيان يا ساڄي يا کاٻي پاسي جاندار جي تصوير لڳل هئڻ مکروهِ تَحريمي آهي ۽ پويان هئڻ بہ مکروه آهي پر بيان ڪيل صورتن کان گهٽ، جيڪڏهن تصوير فرش تي آهي ۽ ان تي سجدو نہ ٿو ٿئي تہ ڪراهت ناهي، جيڪڏهن تصوير غير جاندار جي آهي جيئن درياهہ جبل وغيره تہ ان ۾ ڪو حرج ناهي. ايتري ننڍي تصوير هجي جنهن کي زمين تي رکي بيهي ڪري ڏسجي تہ عُضوا واضح نظر نہ اچن (جيئن عام طور تي ڪعبي جي طواف واري مَنظَر واريون تصويرون تمام ننڍيون هونديون آهن اهي تصويرون) نماز جي

لاءِ ڪراهت جو سبب ناهن. (بهارِ شريعت، حصو 3 ص 195، 196) ها طواف جي رش ۾ هڪ ٻه چهرو واضح ٿي ويو تہ مُمانَعَت باقي رهندي. چهري کان علاوه مثال طور هٿ، پير، پُٺي، چهري جو پويون حصو يا اهڙو چهرو جنهن جون اکيون، نڪ، چَپ وغيره سڀ عضوا مهٽيل هجن اهڙين تصويرن ۾ ڪو حرج ناهي.

## "خدا جي نبي موسيٰ جي ماءُ جو نالو يُوحانِذ آ" جي 30 اکرن جي نسبت سان نماز جا 30 مڪروه تنزيهي

﴿1﴾ ٻيا ڪپڙا هجڻ جي باوجود ڪم ڪار وارن ڪپڙن ۾ نماز پڙهڻ. (شرح الوقاية ج 1 ص 198) ﴿2﴾ وات ۾ ڪا شيءِ هجڻ، جيڪڏهن ان جي ڪري قِراءَت نہ ٿي سگهي يا اهڙا لفظ نڪرن جيڪي قرآن پاڪ جا نہ هجن تہ نماز ئي فاسد ٿي ويندي. (درمختار، رد المحتار ج 2 ص 496) ﴿3﴾ رُڪوع يا سجدي ۾ بنا ضرورت جي ٽي دفعا کان گهٽ تسبيح چوڻ (جيڪڏهن وقت ٿورو هجي يا ٽرين نڪري وڃڻ جو خوف هجي تہ حرج ناهي) (بهارِ شريعت حصو 3 ص 198) ﴿4﴾ نماز ۾ پيشانيءَ تان مٽي يا ڪَکَ وغيره پري ڪرڻ. ها جيڪڏهن انهن جي ڪري نماز مان ڌيان هٽي ٿو تہ پري ڪرڻ ۾ حَرج ناهي. (عالمگيري، ج 1 ص 105) ﴿5﴾ نماز ۾ هٿ يا مٿي جي اشاري سان سلام جو جواب ڏيڻ. (درمختار ج 2 ص 497) زبان سان جواب ڏيڻ سان نماز ٽُٽي ويندي. (عالمگيري ج 1 ص 98) ﴿6﴾ نماز ۾ بنا عذر جي پلٽي هڻي ويهڻ. (درمختار ج 2 ص 498) ﴿7﴾ آرس ڀڃڻ ۽ ﴿9-8﴾ جاڻي واڻي کنگهڻ، نِڙي صاف ڪرڻ. (بهارِ شريعت حصو 3 ص 201، عالمگيري، ج 1، ص 107) جيڪڏهن طبيعت چاهيندي هجي تہ حرج ناهي ﴿10﴾ سجدي ۾ وڃڻ وقت بنا عذر جي هٿ گوڏن کان اڳ ۾ زمين تي رکڻ. (منية المصلي ص 340) ﴿11﴾ اٿڻ

وقت گوڏن کان اڳ ۾ بنا عذر جي هٿن کان اڳ گوڏا زمين تان کڻڻ. (ايضاً) ﴿12﴾ نماز ۾ ثنا، تَعَوُّذ، تَسۡمِيَه ۽ آمين زور سان چوڻ. (غنية ص 352، عالمگيري ج 1 ص107) ﴿13﴾ بنا عُذر جي پٺ وغيره تي ٽيڪ لڳائڻ.(غنية ص 353) ﴿14﴾ رُکوع ۾ گوڏن تي ۽ ﴿15﴾ سجدن ۾ زمين تي هٿ نہ رکڻ ﴿16﴾ ساڄي کاٻي جهولڻ. ۽ تراوُح يعني ڪڏهن ساڄي پير تي ۽ ڪڏهن کاٻي پير تي زور ڏيڻ اهو سنّت آهي. (فتاويٰ رضويہ ج 7 ص 379، بهارِ شريعت حصو 3 ص 202) ۽ سجدي ۾ وڃڻ لاءِ ساڄي پاسي زور ڏيڻ ۽ اُٿڻ وقت کاٻي پاسي زور ڏيڻ مُستَحَب آهي ﴿17﴾ نماز ۾ اکيون بند رکڻ. ها جيڪڏهن خُشُوع ايندو هجي تہ اکيون بند رکڻ افضل آهي. (درمختار و رد المحتار ج 2 ص 499) ﴿18﴾ ٻرندڙ باهہ جي سامهون نماز پڙهڻ. ميڻ بتي يا ڏيئو سامهون هجي تہ حرج ناهي. (عالمگيري، ج 1 ص 108) ﴿19﴾ اهڙي شيءِ جي سامهون نماز پڙهڻ جنهن سان ڌيان ورهائجي مثال طور سينگار ۽ راند روند وغيره ﴿20﴾ نماز لاءِ ڊوڙڻ ﴿21﴾ عام رستي ﴿22﴾ گند اڇلائڻ جي جاءِ ﴿23﴾ مَذۡبَح يعني جتي جانور ذبح ڪيا ويندا آهن اتي ﴿24﴾ اِصۡطَبۡل يعني گهوڙا ٻڌڻ جي جاءِ تي ﴿25﴾ غسل خاني ﴿26﴾ واڙا خاص طور تي جتي اُٺ ٻڌا ويندا آهن ﴿27﴾ بيتُ الخلاء جي ڇت ﴿28﴾ ريگستان ۾ بنا سُتري جي جڏهن تہ اڳيان ماڻهن جي گُذرڻ جو امڪان هجي انهن جاين تي نماز پڙهڻ. (بهارِشريعت حصو 3 ص 204، 205، درمختار ج 2 ص 52، 54) ﴿29﴾ بنا عذر جي هٿ سان مَک يا مَڇر اُڏائڻ. (عالمگيري، ج 1 ص 109) نماز ۾ جونءَ يا مڇر ايذاء ڏيندا هجن تہ پڪڙي مارڻ ۾ ڪو حرج ناهي جڏهن تہ عملِ ڪثير نہ ٿئي. (بهارِ شريعت حصو 3 ص 203، غنية ص 353) ﴿30﴾ اُبتا ڪپڙا پائڻ يا اوڍڻ. (فتاويٰ رضويہ ج 7 ص 358 کان 360 فتاويٰ اهلسنت غير مطبوعہ)

**مدني گل:** عمل قليل جيڪو نمازي جي لاءِ مفيد هجي جائز آهي ۽ جيڪو مفيد نہ هجي اهو مڪروهہ. (عالمگيري، ج 1 ص 105)

## ظهر جي آخري ٻن نفلن جي چا ڳالهہ ڪجي!

**ظهر** کان پوءِ چار رڪعتون پڙهڻ مُستَحَب آهي ڇوتہ **حديثِ شريف** ۾ فرمايو ويو: "جنهن ظهر کان اڳ ۾ چار ۽ بعد ۾ چار جي حِفاظت ڪئي **الله** عَزَّوَجَلَّ ان تي باهہ حرام فرمائي ڇڏيندو." (سنن ترمذي ج 1 ص 436 حديث 428) **علامہ سيّد طحطاوي** عَلَيهِ رَحمَةُ اللهِ القوي **فرمائن ٿا: اهو** مورُڳو باهہ ۾ داخل ئي نہ ٿيندو ۽ ان جا گناهہ مِٽايا ويندا ۽ ان تي (ماڻهن جي حق تَلفِين جون) جيڪي جوابداريون آهن الله تعالىٰ ان جي فريق (يعني ٻئي ڌر) کي راضي ڪري ڇڏيندو يا اهو مطلب آهي تہ اهڙن ڪمن جي توفيق ڏيندو جن تي سزا نہ هوندي. (حاشيہ الطحطاوي علي الدرالمختار ج 1 ص 284) ۽ **علامہ شامي** رَحمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيه **فرمائن ٿا** تہ ان جي لاءِ بِشارت اها آهي تہ سعادت تي ان جو خاتمو ٿيندو ۽ دوزخ ۾ نہ ويندو. (ردالمحتار ج 2 ص 547)

**اسلامي ڀينرو! اَلحَمدُلله** عَزَّوَجَلَّ **جتي ظُهر** جون ڏهہ رڪعتون نماز پڙهنديون آهيو اتي آخر ۾ وڌيڪ ٻہ رڪعتون نفل پڙهي ٻارهين شريف جي نسبت سان 12 رڪعتون ڪرڻ ۾ ڪيتري دير لڳندي آهي! اِستِقامت سان ٻہ رڪعت نفل پڙهڻ جي نيّت ڪري ڇڏيو.

## "سيِّدَتُنا مَيمُونہ" جي ٻارهن اکرن جي نسبت سان وِتر جي نماز جا 12 مدني گل

﴿1﴾ وِتُر جي نماز واجب آهي ﴿2﴾ جيڪڏهن اها رهجي وڃي تہ ان جي قضا لازمي آهي.(عالمگيري، ج 1، ص 111) ﴿3﴾ وِتُر جو وقت عشاء

جي فرض کان پوءِ صبح صادق تائين آهي ﴿4﴾ جيڪو سمهي پوءِ اُٿي سگهندو هجي تہ افضل آهي تہ رات جي پوئين حصي ۾ اُٿي اڳ ۾ تَهَجُّد ادا ڪري پوءِ وِتر ﴿5﴾ هن جون 3 رڪعتون آهن. (درمختار و ردالمحتار ج 2 ص 532) ﴿6﴾ هن ۾ قعدهءِ اُولیٰ واجب آهي رُڳو تَشَهُّد پڙهي اُٿي بيهو ﴿7﴾ ٽئين رڪعت ۾ قِراءَت کان پوءِ دعاءِ قُنُوت جي تڪبير چوڻ واجب آهي. (بهار شريعت حصو 3 ص 86) ﴿8﴾ يعني جهڙي طرح تڪبيرِ تحريمه چئبي آهي اهڙيءَ طرح ٽئين رڪعت ۾ اَلحَمد شريف ۽ ٻي سورت پڙهڻ کان پوءِ ٻهرئين هٿ ڪنن تائين کڻو پوءِ "اَللّٰهُ اَکْبَر" چئو ﴿9﴾ پوءِ هٿ ٻَڌي دعاءِ قُنُوت پڙهو:

## دُعاءِ قُنُوت

اَللّٰهُمَّ اِنَّا نَسْتَعِيْنُكَ وَ نَسْتَغْفِرُكَ وَنُؤْمِنُ بِكَ وَ نَتَوَكَّلُ عَلَيْكَ وَنُثْنِیْ عَلَيْكَ الْخَيْرَ ط وَنَشْكُرُكَ وَلَا نَكْفُرُكَ وَنَخْلَعُ وَنَتْرُكُ مَنْ يَّفْجُرُكَ ط

**ترجمو:** اي الله! اسان تو کان مدد گهرون ٿا ۽ تو کان بخشش چاهيون ٿا ۽ تو تي ايمان آڻيون ٿا ۽ تو تي ڀروسو ڪيون ٿا ۽ تنهنجي تمام سٺي تعريف ڪريون ٿا ۽ تنهنجو شڪر ڪريون ٿا ۽ تنهنجي ناشڪري نٿا ڪريون ۽ الڳ ڪريون ٿا ۽ ڇڏيون ٿا ان شخص کي جيڪو تنهنجي نافرماني ڪري.

اَللّٰهُمَّ اِيَّاكَ نَعْبُدُ وَلَكَ نُصَلِّیْ وَنَسْجُدُ وَاِلَيْكَ نَسْعٰی وَنَحْفِدُ وَ نَرْجُوْا رَحْمَتَكَ وَنَخْشٰی عَذَابَكَ اِنَّ عَذَابَكَ بِالْكُفَّارِ مُلْحِقٌ ط

اي الله عَزَّوَجَلَّ! اسان تنهنجي ئي عبادت ڪريون ٿا ۽ تنهنجي لاءِ ئي نماز پڙهون ٿا ۽ سجدو ڪريون ٿا ۽ تنهنجي طرف ئي ڊوڙون ٿا ۽ خدمت جي لاءِ حاضر ٿيون ٿا ۽ تنهنجي رحمت جا اميدوار آهيون ۽ تنهنجي عذاب کان ڊڄون ٿا بيشڪ تنهنجو عذاب ڪافرن کي ملڻ وارو آهي.

﴿10﴾ دعاءِ قُنُوت کان پوءِ درود شريف پڙهڻ بهتر آهي. (بهار شريعت حصو

4 ص 4، درمختار ج 2 ص534) ﴿11﴾ جيڪي دُعاءِ قُنوت نہ پڙهي سگهن اهي هي پڙهن:

(اَللّٰھُمَّ) رَبَّنَآ اٰتِنَا فِي الدُّنۡيَا حَسَنَةً وَّ فِي الۡاٰخِرَةِ حَسَنَةً وَّقِنَا عَذَابَ النَّارِ۔

**ترجمو:** اي (اللہ عَزَّوَجَلَّ) اي اسان جا مالڪ! تون اسان کي دنيا ۾ ڀلائي ۽ آخرت ۾ بہ ڀلائي عطا فرماءِ ۽ اسان کي دوزخ جي عذاب کان بچاءِ. (پ 2 البقرة 201)

يا هي پڙهو

اَللّٰھُمَّ اغۡفِرۡ لِیۡ

**ترجمو:** اي اللہ! منهنجي مغفرت فرماءِ.

﴿12﴾ جيڪڏهن دعاءِ قُنوت پڙهڻ وسري وئي ۽ رُڪوع ۾ هليون ويون تہ واپس نہ ٿيو بلڪ سجدهءِ سَهو ڪري ڇڏيو. (عالمگيري ج 1 ص 111، 128)

## وِتر جو سلام ڦيرڻ کان بعد جي هڪ سنّت

شهنشاهِ خيرُالانام صَلَّى اللهُ تَعَالَى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جڏهن وتر ۾ سلام ڦيريندا هئا تہ ٽي ڀيرا سُبۡحٰنَ الۡمَلِكِ الۡقُدُّوۡسِ چوندا ۽ ٽئين ڀيري وڏي آواز سان چوندا هئا. (سنن النسائي ص 299 حديث 1729)

## "حضرت حَلِيم سَعدِيہ" جي چوڏهن اکرن جي نسبت سان سجدهءِ سَهو جا 14 مدني گل

﴿1﴾ نماز جي واجبن مان ڪو واجب ڀُل ۾ رهجي وڃي تہ سجدو سَهو واجب آهي. (درمختار ج 2 ص 655) ﴿2﴾ جيڪڏهن سجدو سَهو واجب هئڻ باوجود نہ ڪيائين تہ نماز موٽائي پڙهڻ واجب آهي. (ايضًا) ﴿3﴾ ڄاڻي واڻي واجب ڇڏي ڏنائين تہ سجدو سَهو ڪافي ناهي، بلڪ نماز موٽائي پڙهڻ واجب آهي. (ايضًا) ﴿4﴾ ڪو اهڙو واجب رهجي ويو جيڪو نماز جي واجبن مان نہ هجي بلڪ ان جو واجب هجڻ ڪنهن ٻئي سبب کان هجي تہ سجدو سَهو واجب ناهي، مثال طور ترتيب جي خلاف قرآن شريف پڙهڻ واجب جو ترڪ آهي پر ان جو تعلّق

نماز جي واجبن سان نہ بلڪ تلاوت جي واجبن سان آهي تنهنڪري سجدو سَهو ناهي (البت ڄاڻي واڻي ائين ڪيائين تہ ان کان توبهہ ڪري) (ردالمحتار ج 2 ص 655) **﴿5﴾** فرض ڇڏڻ سان نماز ٽُٽي ويندي آهي سجدهٔ سَهو سان ان جي تلافي (يعني پورائو) نٿو ٿي سگهي تنهنڪري ٻيهر پڙهو **﴿6﴾** سنّتون يا مُستَحَب، مثلاً تَعَوُّذ، تَسمِيه، آمين، تڪبيراتِ اِنتِقالات (يعني سجدن وغيره ۾ وڃڻ اُٿڻ مهل چوڻ واري تسبيح اللهُ اَڪبَر) ۽ تَسبِيحات ڇڏي ڏيڻ سان سجدهٔ سَهوَ واجب ناهي ٿيندو، نماز ٿي وئي. (ايضاً) پر ٻيهر پڙهڻ مُستَحَب آهي ڀُل ۾ ڇڏي ڏنو هجي يا ڄاڻي واڻي. (بهارشريعت ج 1 ص 709) **﴿7﴾** نماز ۾ جيتوڻيڪ ڏهہ واجب ترڪ ٿيا هجن، سَهو جا ٻہ ئي سجدا سيني جي لاءِ ڪافي آهن. (ردالمحتار ج 2 ص 655، بهار شريعت حصو 4 ص 58) **﴿8﴾** تَعدِيلِ ارڪان (مثال طور رڪوع کان پوءِ سڌو ٿي بيهڻ يا ٻن سجدن جي وچ ۾ هڪ ڀيرو "سُبْحٰنَ الله" چوڻ جيترو سڌو ٿي ويهڻ) وسري وڃي تہ سجدو سَهو واجب آهي. (عالمگيري ج 1 ص127) **﴿9﴾** قُنُوت يا تڪبيرِ قُنُوت (يعني وتر جي ٽئين رڪعت ۾ قِراءَت جي لاءِ جيڪا تڪبير چئي ويندي آهي، اها جيڪڏهن) وسري وئي تہ سجدو سَهو واجب آهي. (ايضاً ص 128) **﴿10﴾** قِرَاءَت وغيره يا ڪنهن موقعي تي سوچڻ ۾ ٽي ڀيرا "سُبْحٰنَ الله" چوڻ جو وقفو گذري ويو تہ سجدو سَهو واجب آهي. (ردالمحتار ج 2 ص 477) **﴿11﴾** سجدهٔ سَهو کان پوءِ بہ اَلتَّحِيَّات پڙهڻ واجب آهي. (عالمگيري ج 1 ص 125) اَلتَّحِيَّات پڙهي ڪري سلام ڦيريو ۽ بهتر اهو آهي تہ ٻئي ڀيرا دُرود شريف بہ پڙهو. **﴿12﴾** قعده اُوليٰ ۾ تَشَهُّد کان پوءِ ايترو پڙهيو اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ تہ سجدو سهو واجب آهي، ۽ اهو انهيءَ سبب کان نہ تہ درود شريف پڙهيو، بلڪ انهي سبب کان تہ ٽئين رڪعت جي قيام

۾ دير ٿي، ته جيڪڏهن ايتري دير تائين چپ رهيا ته به سجدو سهو آهي، جيئن قعدي، رڪوع ۽ سجدن ۾ قرآن پڙهڻ سان سجدو سهو واجب آهي، حالانڪ اهو الله جو پاڪ ڪلام آهي.
(بهار شريعت حصو 4 ص 62، درمختار، رد المحتار، ج 2 ص 657)

## حڪايت

**حضرتِ سيّدُنا امامِ اعظم ابوحَنيفه** رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه **کي خواب ۾ سرڪارِ مدينه، سلطانِ باقرينه** صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم **جو ديدار ٿيو، ۽ سرڪارِ نامدار** صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم **پُڇايائون: دُرود شريف پڙهڻ واري تي تو سجدهءِ سَهو ڇو واجب ڪيو آهي؟ عرض ڪيائين: ان لاءِ جو ان پُلجي (يعني غفلت سان) دُرود پڙهيو. سرڪارِ عالي وقار**صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم **اهو جواب پسند فرمايو.** (ايضاً) **﴿13﴾** ڪنهن قعدي ۾ تَشَهُّد مان ڪجھ رهجي ويو ته سجدو سَهو واجب آهي چاهي نماز نفل هجي يا فرض. (عالمگيري، ج 1 ص 127)

## سجدهءِ سَهو جو طريقو

**﴿14﴾** اَلتَّحِيَّاتُ پڙهي، بلڪ افضل هي آهي ته دُرود شريف به پڙهو، ساڄي پاسي سلام ڦيري ٻه سجدا ڪريو پوءِ تَشَهُّد، درود شريف ۽ دعا پڙهي سلام ڦيري ڇڏيو.

## سجدهءِ تلاوت ۽ شيطان جي بربادي

**الله** عَزَّوَجَلَّ **جي محبوب، داناءِ غُيُوب، مُنَزَّهٌ عَنِ الْعُيُوب** صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم **جو فرمانِ جنّت نشان آهي: "جڏهن ماڻهو سجدي واري آيت پڙهي سجدو ڪندو آهي، ته شيطان هٽي ويندو آهي ۽ روئي ڪري چوندو آهي: هاءِ منهنجي بربادي! ابنِ آدم کي سجدي جو حڪم ٿيو ان سجدو ڪيو ان جي لاءِ جنّت آهي ۽ مون کي حڪم ٿيو، مون**

انڪار ڪيو منهنجي لاءِ دوزخ آهي. (صحيح مسلم ص 56 حديث 81)

## اِن شآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ هر مُراد پوري ٿيندي

قرآن شريف ۾ 14 سجدا آهن ڪنهن بہ مقصد لاءِ هڪ ئي هنڌ سجدي جون سڀ (يعني 14) آيتون پڙهي، سجدا ڪري تہ اللّٰه عَزَّوَجَلَّ ان جو مقصد پورو فرمائيندو، چاهي هڪ هڪ آيت پڙهي ڪري ان جو سجدو ڪندو وڃي يا سڀ پڙهي ڪري آخر ۾ 14 سجدا ڪري. (غنيه ص507، درمختار ج 2 ص 719) (مڪتبة المدينہ جي شايع ٿيل بهار شريعت جلد پهريون، صفحي 726 تي 14 سجدن واريون آيتون ڏسي سگهو ٿا)

## ”يا بي بي فاطمہ“ جي يارهن اکرن جي نسبت سان سجده ءِ تِلاوت جا 11 مدني گل

﴿1﴾ آيتِ سجده پڙهڻ يا ٻُڌڻ سان سجدو واجب ٿي ويندو آهي، پڙهڻ لاءِ شرط اهو آهي تہ ايتري آواز ۾ هجي جو جيڪڏهن ڪو عذر نہ هجي تہ پاڻ ٻُڌي سگهي، ٻُڌڻ واريءَ جي لاءِ اهو ضروري ناهي تہ ڄاڻي واڻي ٻُڌي، بغير اِرادي جي ٻڌڻ سان بہ سجدو واجب ٿي ويندو آهي. (بهار شريعت حصو 4 ص 77، عالمگيري، ج 1 ص 132) ﴿2﴾ ڪنهن بہ زبان ۾ آيت جو ترجمو پڙهڻ سان ٻُڌڻ واريءَ تي سجدو واجب ٿي ويو، جيتوڻيڪ ٻُڌڻ واريءَ اهو سمجهيو هجي يا نہ سمجهيو هجي تہ هي ترجمو سجدي واري آيت جو ترجمو آهي، پر هي ضروري آهي تہ ان کي خبر نہ هجي تہ ٻُڌايو ويو هجي تہ هي آيتِ سجده جو ترجمو هو ۽ آيت پڙهي وئي تہ اها بہ ضرورت ناهي تہ ٻُڌڻ واريءَ کي سجدي واري آيت جو هجڻ ٻُڌايو ويو هجي. (عالمگيري ج 1 ص133) ﴿3﴾ سجدو واجب ٿيڻ لاءِ سڄي آيت پڙهڻ ضروري آهي پر ڪجھ علماءِ

مُتَاخِّرِين رَحِمَهُمُ اللهُ المُبِين جي مطابق اهو لفظ جنهن ۾ سجدي جو مادو موجود آهي ان سان گڏ اڳ وارو يا پوءِ وارو کو لفظ ملائي کنهن پڙهيو تہ **سجدو تِلاوت** واجب ٿي ويندو آهي، تنهنکري اِحتِياط اهو ئي آهي تہ ٻنهي صورتن ۾ سجدهءِ تلاوت ڪيو وڃي. (فتاويٰ رضويه ج 8 ص 229، 233 ملخصًا) **﴿4﴾ آيت** سجده نماز کان ٻاهر پڙهيائين تہ فوراً سجدو ڪرڻ واجب ناهي البت وضو هجي تہ دير ڪرڻ مکروهِ تنزيهي آهي. (درمختار ج 2 ص 703) **﴿5﴾** سجدهءِ تلاوت نماز ۾ جلد واجب آهي جيڪڏهن دير ڪيائين تہ گناهگار ٿيندي ۽ جيستائين نماز ۾ آهي يا سلام ڦيرڻ کان پوءِ نماز جي خلاف ڪو ڪم نہ ڪيائين تہ سجدهءِ تلاوت ڪري سجدو سَهو بجا آڻي.(درمختار و رد المحتار ج 2 ص 704) دير مان مراد ٽن آيتن کان وڌيڪ پڙهڻ آهي، گهٽ ۾ دير نہ آهي پر سورت جي آخر ۾ جيڪڏهن سجدو واقع آهي، مثلاً: اِنۡشَقَّتۡ تہ سورت پوري ڪري سجدو ڪري، تڏهن بہ حرج ناهي. (بهار شريعت حصو 4 ص 82 ملخصاً) **﴿6﴾** ڪافر، يا نابالغ کان آيتِ سجده ٻُڌي تڏهن بہ سجدو تلاوت واجب ٿيو **﴿7﴾** سجدهءِ تلاوت جي لاءِ تحريمہ کان سواءِ سيئي اهي شرط آهن، جيڪي نماز جي لاءِ آهن، مثلاً طهارت، اِستقبالِ قبلہ، نيّت، وقت، ان معنيٰ تي جو اڳيان اچي ٿو[1] سترِ عورت، ۽ جيڪڏهن پاڻي تي قادر آهي، تَيَمُّم ڪري سجدو ڪرڻ جائز ناهي. (درمختار ج 2 ص 699 بهار شريعت حصو 4 ص 80) **﴿8﴾** ان جي نيت ۾ هي شرط ناهي، تہ فلان آيت جو سجدو آهي. بلڪ مطلقاً سجدهءِ تلاوت جي نيّت ڪافي آهي. (درمختار، ردالمحتار ج 2 ص 699) **﴿9﴾** جيڪي شيون نماز کي فاسد ڪن ٿيون، ان سان سجدو بہ فاسد ٿي ويندو، مثلاً: ڇاٽي

---

(1) ان جو تفصيل بهار شريعت حصي 4 ۾ ملاحظہ فرمايو.

ڪري وضو ٽوڙڻ جو عمل، ۽ ڳالهائڻ، ٽهڪ لڳائڻ.
(درمختار ج 2 ص 699، بهار شريعت حصو 4 ص 80)

# سجدهءِ تلاوت جو طريقو

﴿10﴾ بيهي ڪري "اَللّٰهُ اَكْبَر" چوندي سجدي ۾ وڃي ۽ گهٽ ۾ گهٽ ٽي ڀيرا "سُبْحٰنَ رَبِّيَ الْاَعْلٰى" چوي پوءِ "اَللّٰهُ اَكْبَر" چوندي اُٿي بيهي. شروع ۾ ۽ بعد ۾، ٻئي ڀيرا "اَللّٰهُ اَكْبَر" چوڻ سنّت آهي ۽ بيهي ڪري سجدي ۾ وڃڻ ۽ سجدي ڪان پوءِ بيهڻ، اهي ٻئي قِيام مُستَحَب آهن.(بهارشريعت حصو 4 ص 80) ﴿11﴾ سجدهءِ تلاوت جي لاءِ "اَللّٰهُ اَكْبَر" چوڻ وقت نہ هٿ کڻڻا آهن نہ ان ۾ تَشَهُّد آهي ۽ نہ سلام. (تنوير الابصار ج 2 ص 700)

تاڪيد: بالغہ ٿيڻ ڪان پوءِ جيترا ڀيرا بہ آيتِ سجده ٻڌي اجا تائين سجدو نہ ڪيو هجي، ان جو غالب گمان جي اعتبار سان حساب لڳائي اوترا ڀيرا باوضو سجدهءِ تلاوت ڪري وٺو.

# سجدهءِ شُڪر جو بيان

اولاد پيدا ٿيو يا دولت ملي يا گم ٿيل شيءِ ملي وئي يا بيمار کي شفا ملي يا سفر تان واپس موٽيو مطلب تہ ڪنهن بہ نعمت حاصل ٿيڻ تي سجدهءِ شڪر ڪرڻ مُستَحب آهي. ان جو طريقو اهو ئي آهي جيڪو سجدهءِ تلاوت جو آهي. (عالمگيري ج 1 ص 136، ردالمحتار ج 2 ص 720) اهڙيءَ طرح جڏهن بہ ڪا خوشخبري يا نِعمت ملي تہ سجدهءِ شڪر ڪرڻ ثواب جو ڪم آهي مثال طور مدينهءِ منوره جي ويزا لڳي وئي، ڪنهن تي **انفرادي ڪوشش** ۾ ڪاميابي ٿي ۽ اها **دعوتِ اسلامي** جي مدني ماحول سان وابستہ ٿي وئي، سٺو خواب نظر آيو، آفت ٽري وئي ۽ ڪو اسلام جو دشمن مُئو وغيره وغيره .

# نمازي جي اڳيان گذرڻ سخت گناهه آهي

﴿1﴾ مديني جا سلطان، رحمت عالميان صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمان عاليشان آهي: ”جيڪڏهن ڪنهن کي خبر هجي ها تہ پنهنجي ڀاءُ جي نماز ۾ اڳيان کان گذرڻ ڪيئن آهي تہ سؤ سال بيٺو رهڻ ان هڪ قدم هلڻ کان بهتر سمجهي ها.“ (سنن ابن ماجه ج 1 ص 506 حديث 946)

﴿2﴾ حضرتِ سيِّدُنا اِمَام مَالِڪ رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ فرمائن ٿا تہ حضرتِ سيِّدُنا ڪَعبُ الْاَحبار رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ جو ارشاد آهي: ”نمازيءَ جي اڳيان گذرڻ واري کي خبر هجي ها تہ ان تي ڪهڙو گناهه آهي تہ زمين ۾ دٻجي وڃڻ کي گذرڻ کان بهتر سمجهي ها.“(مؤطا امام مالڪ ج 1 ص 154 حديث 371)

نمازيءَ جي اڳيان گذرڻ وارو بيشڪ گناهگار آهي پر خود نمازيءَ جي نماز ۾ ان سان ڪو فرق نہ ٿو پوي.(ملخص از فتاويٰ رضويه ج 7 ص 254)

## ”سيِّدَہ خديجۃُ الڪُبريٰ“ جي پندرهن اکرن جي نسبت سان نمازيءَ جي اڳيان کان گذرڻ جي باري ۾ 15 احڪام

﴿1﴾ ميدان ۽ وڏي مسجد ۾ نمازي جي پيرن کان **مَوضَعِ سُجود** تائين گذرڻ ناجائز آهي، **مَوضَعِ سُجود** مان مُراد اها آهي تہ قيام جي حالت ۾ **مَوضَعِ سُجود** تي نظر ڄمائي جو جيترو پري تائين نظر وڃي اها **مَوضَعِ سُجود** آهي، ان جي وچ مان گذرڻ جائز ناهي. (عالمگيري ج 1 ص 104 درمختار ج 2 ص 479) **مَوضَعِ سُجود** جو فاصلو اندازي سان پيرن کان وٺي ٽن گزن تائين آهي. تنهن ڪري ميدان ۾ نمازي جي قدم کان ٽن گزن کان پوءِ گذرڻ ۾ حرج ناهي. (قانونِ شريعت حصو اول ص 114) ﴿2﴾ گهر ۽ ننڍي مسجد ۾ نمازي جي اڳيان جيڪڏهن

سُتّرو (يعني آڙ) نہ هجي تہ قدم کان قبلي جي ديوار تائين ڪٿان کان گذرڻ جائز ناهي. (عالمگيري ج 1 ص 104) **﴿3﴾** نمازي جي اڳيان سُتّرو (يعني رڪاوٽ) هجي تہ ان سُتري جي پنيان گذرڻ ۾ ڪو بہ حرج ناهي. (عالمگيري ج 1 ص 104) **﴿4﴾** سُتّرو گهٽ ۾ گهٽ هڪ هٿ (يعني تقريبًا اڌ گز) ڊگهو ۽ آڱر جيترو ٿلهو هجڻ گهرجي. (درمختار ج 2 ص 484) **﴿5﴾** وڻ، ماڻهو ۽ جانور وغيره جو بہ سُتّرو ٿي سگهي ٿو. (غنيہ ص 367) **﴿6﴾** ماڻهوءَ کي ان حالت ۾ سُتّرو ڪيو وڃي جڏهن ان جي پُٺي نمازي ڏانهن هجي جو نمازي ڏانهن منهن ڪرڻ منع آهي. (بهار شريعت حصو 4 ص 184) (جيڪڏهن نماز پڙهڻ واري جي چهري طرف ڪنهن منهن ڪيو تہ پوءِ ڪراهت نمازي تي ناهي پر ان منهن ڪرڻ واري تي آهي) **﴿7﴾** **اسلامي** ڀيڻ نمازي جي اڳيان گذرڻ چاهي ٿي جيڪڏهن ٻي **اسلامي** ڀيڻ ان کي آڙ ٻڻائي ان هلڻ واريءَ جي رفتار جيتري ان سان گڏ ئي لنگهي وڃي تہ پهرين **اسلامي** ڀيڻ گناهگار ٿي ۽ ٻئي جي لاءِ اها ئي پهرين **اسلامي** ڀيڻ سُتّرو بہ بڻجي ويئي. (عالمگيري ج 1 ص 104) **﴿8﴾** جيڪڏهن ڪا ايتري مٿاهين جڳهہ تي نماز پڙهي رهي آهي جو گذرڻ واري جا عُضوا نمازي جي سامهون نہ ٿيا تہ گذرڻ ۾ حرج ناهي. (بهارشريعت حصو 3 ص 183) **﴿9﴾** بہ اسلامي ڀينرون نمازي جي اڳيان گذرڻ چاهن ٿيون ان جو طريقو اهو آهي تہ انهن مان هڪ نمازي جي سامهون پُٺ ڏئي بيهي رهي، هاڻي ان کي آڙ ٻڻائي ٻي گذري وڃي، پوءِ ٻي پهرئين جي پُٺيءَ جي پويان نمازيءَ ڏانهن پُٺي ڪري بيهي رهي، پوءِ پهرين گذري وڃي پوءِ ٻي جتان کان آئي هئي انهيءَ پاسي هٽي وڃي. (عالمگيري ج 1 ص 104، ردالمحتار ج 2 ص 483) **﴿10﴾** ڪا نمازيءَ جي اڳيان گذرڻ چاهي ٿي تہ نمازي کي اجازت آهي تہ هو

ان کي اتان گذرڻ کان روڪي چاهي "سُبْحٰنَ الله" چوي يا جهر (يعني وڏي آواز) سان قِراءَت ڪري يا هٿ يا مٿي يا اک جي اشاري سان منع ڪري، ان کان وڌيڪ جي اجازت ناهي، مثال طور ڪپڙا پڪڙي جهٽڪو ڏيڻ يا مارڻ بلڪ جيڪڏهن عملِ ڪثير ٿي ويو ته نماز ئي ٽُٽي ويندي. (درمختار معه ردالمحتار ج 2 ص 485) ﴿11﴾ تسبيح ۽ اشارو ٻنهي کي بنا ضرورت جي جمع ڪرڻ مڪروه آهي. (درمختار ج 2 ص 486) ﴿12﴾ عورت جي اڳيان کان گذري ته عورت تَصفِيق سان منع ڪري يعني ساڄي هٿ جون آڱريون کاٻي هٿ جي پُٺ تي هڻي ﴿13﴾ جيڪڏهن مرد تَصفِيق ڪئي ۽ عورت تسبيح چوي ته نماز فاسد نه ٿي پر سنّت جي خلاف ٿي. (ايضاً) ﴿14﴾ طواف ڪرڻ واريءَ کي طواف جي دؤران نمازي جي اڳيان گذرڻ جائز آهي. (ردالمحتار ج 2 ص 482) ﴿15﴾ سعي جي دوران نمازي جي اڳيان گذرڻ جائز ناهي.

## "تراويح سنّتِ مؤڪّده آهي" جي سترهن اکرن جي نسبت سان تَراوِيح جا 17 مدني گل

﴿1﴾ تراويح هر عاقل ۽ بالغ اسلامي ڀيڻ جي لاءِ سنت مؤڪده آهي. انهيءَ جو ترڪ جائز ناهي. (درمختار ج 2، ص 596 وغيره)

﴿2﴾ تراويح جون ويهه رڪعتون آهن، حضرت سيدنا فاروق اعظم رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہُ جي دور ۾ ويهه رڪعتون ئي پڙهيون وينديون هيون.
(معرفة السنن والآثار للبيهقي، ج 2 ص 305 رقم 1365)

﴿3﴾ تراويح جو وقت عشاء جي فرض پڙهڻ کان پوءِ صبح صادق تائين آهي. عشاء جي فرض ادا ڪرڻ کان پهرين جيڪڏهن پڙهي ورتي ته نه ٿيندي. (عالمگيري ج 1 ص 115 وغيره)

﴿4﴾ عشاء جي فرض ۽ وتر کان پوءِ به تراويح پڙهي سگهجي ٿي

جيئن تہ ڪڏهن ڪڏهن 29 تي رويتِ هلال (يعني چنڊ ڏسڻ) جي شاهدي ملڻ ۾ دير جي سبب ائين ٿي ويندو آهي.

﴿5﴾ مستحب هي آهي تہ تروايح ۾ رات جي ٽئين حصي 1/3 تائين تاخير ڪريو جيڪڏهن اڌ رات کان پوءِ پڙهو تڏهن بہ ڪراهت ناهي. (در مختار ج 2 ص 598)

﴿6﴾ تراويح جيڪڏهن فوت ٿي (يعني نہ پڙهي سگهيون، رهجي ويئي) تہ انهيءَ جي قضا ناهي. (ايضا)

﴿7﴾ بهتر اهو آهي تہ تراويح جون ويهہ (20) رڪعتون ٻہ ٻہ ڪري ڏهہ سلامن سان گڏ ادا ڪري. (در مختار ج 2 ص 599)

﴿8﴾ تراويح جون ويهہ رڪعتون هڪ سلام سان گڏ بہ ادا ڪري سگهجن ٿيون، پر ائين ڪرڻ مڪروهہ آهي. (ايضا) هر ٻئي رڪعت تي قعدو ڪرڻ فرض آهي. هر قعده ۾ اَلتَّحِيَّات کان پوءِ درود شريف بہ پڙهي ۽ طاق رڪعت (يعني پهرين، ٽئين، پنجين وغيره) ۾ ثناء تَعَوُّذ ۽ تَسمِيہ بہ پڙهي.

﴿9﴾ احتياط هي آهي تہ جڏهن ٻہ ٻہ رڪعتون ڪري پڙهي رهي آهي تہ هر ٻن رڪعتن جي الڳ الڳ نيت ڪري ۽ جيڪڏهن ويهن رڪعتن جي هڪ ئي ڀيري گڏ نيّت ڪري ورتائين تڏهن بہ جائز آهي. (رد المحتار ج 2 ص 597)

﴿10﴾ بنا عذر جي تراويح ويهي پڙهڻ مڪروهہ آهي بلڪ ڪجهہ فقهاءِ ڪرام رَحِمَهُمُ اللّٰهُ السَّلَام جي ويجهو تہ ٿئي ئي نٿي. (درمختار ج 2 ص 603)

﴿11﴾ جيڪڏهن (حافظ اسلامي ڀيڻ پنهنجي تراويح ادا ڪري رهي آهي ۽) ڪنهن سبب سان (تراويح) جي نماز فاسد ٿي وڃي تہ جيترو قرآن پاڪ انهن رڪعتن ۾ پڙهيو هو ان جو اِعادو ڪري (يعني ٻيهر

پڙهي) تہ جيئن ختم ۾ ڪمي نہ رهي. (عالمگيري ج 1 ص 118)

﴿12﴾ ٻئي رڪعت تي ويهڻ وسري ويس تہ جيستائين ٽئين جو سجدو نہ ڪيو هجي ويهي رهي آخر ۾ سجدو سهو ڪري وٺي ۽ جيڪڏهن ٽئين جو سجدو ڪري ورتو تہ چار پوريون ڪري وٺي پر اهي ٻہ شمار ٿينديون. ها جيڪڏهن ٻہ قعدا ڪيا هئا تہ چار ٿيون. (ايضاً)

﴿13﴾ ٽي رڪعتون پڙهي سلام ڦيريو جيڪڏهن ٻئي تي نہ ويني هئي تہ نہ ٿيون، ان جي بدلي ٻہ رڪعتون وري پڙهي. (عالمگيري ج 1 ص 118)

﴿14﴾ جيڪڏهن ستاويهہ تي (يا ان کان پهرين) قرآن پاڪ ختم ٿي ويو تڏهن بہ آخر رمضان تائين تراويح پڙهنديون رهو جو سنّتِ مؤڪده آهي. (ايضا)

﴿15﴾ هر چار رڪعتن کان پوءِ اوتري دير آرام ڪرڻ جي لاءِ ويهڻ مستحب آهي جيتري دير ۾ چار رڪعتون پڙهيون آهن. انهي وقفي کي تَرَوِيْحَہ چوندا آهن. (عالمگيري ج 1 ص 115)

﴿16﴾ تَرَوِيْحَہ جي دوران اختيار آهي تہ چپ ڪري ويهو يا ذِڪر، درود ۽ تلاوت ڪريو يا اڪيليون نفل پڙهو، يا هي تسبيح بہ پڙهي سگهو ٿيون:

سُبۡحٰنَ ذِی الۡمُلۡكِ وَ الۡمَلَكُوۡتِ ۝ سُبۡحٰنَ ذِی الۡعِزَّةِ

وَ الۡعَظَمَةِ وَ الۡهَيۡبَةِ وَ الۡقُدۡرَةِ وَ الۡكِبۡرِ يَآءِ وَ الۡجَبَرُوۡتِ ۝

سُبۡحٰنَ الۡمَلِكِ الۡحَيِّ الَّذِیۡ لَا يَنَامُ وَ لَا يَمُوۡتُ ۝

سُبُّوۡحٌ قُدُّوۡسٌ رَّبُّنَا وَ رَبُّ الۡمَلٰٓئِكَةِ وَ الرُّوۡحِ ۝

اَللّٰهُمَّ اَجِرۡنِیۡ مِنَ النَّارِ ۝ يَا مُجِيۡرُ يَا مُجِيۡرُ يَا مُجِيۡرُ ۝

بِرَحۡمَتِكَ يَا اَرۡحَمَ الرَّاحِمِيۡنَ ۝

﴿17﴾ ويهہ 20 رڪعتون پوريون ڪرڻ کان پوءِ پنجون ترويحو بہ مستحب آهي. الخ (بهار شريعت حصو 4 ص 39)

# پنج وقتي نماز بابت تفصيل

پنجن نمازن ۾ ڪُل 48 رڪعتون آهن. جن مان 17 رڪعتون فرض، 3 رڪعتون واجب، 12 رڪعتون سنت مؤڪده، 8 رڪعتون سنت غير مؤڪّده آهن ۽ 8 رڪعتون نفل آهن.

| نمبر شمار | نمازن جا نالا | سنّت مؤڪده قبليه | سنّت غير مؤڪده | فرض | سنّت مؤڪده بعديه | نفل | واجب | نفل | ڪل تعداد |
|---|---|---|---|---|---|---|---|---|---|
| 1 | فجر | 2 | — | 2 | — | — | — | — | 4 |
| 2 | ظهر | 4 | — | 4 | 2 | 2 | — | — | 12 |
| 3 | عصر | — | 4 | 4 | – | — | — | — | 8 |
| 4 | مغرب | — | — | 3 | 2 | 2 | — | — | 7 |
| 5 | عشاء | — | 4 | 4 | 2 | 2 | 3 | 2 | 17 |

# نماز کان پوءِ پڙهيا ويندڙ وِرد

نماز کان پوءِ جيڪي طويل وِرد حديثن ۾ آيل آهن، اهي ظهر، مغرب ۽ عشاء ۾ سنتن کان پوءِ پڙهيا وڃن، سنت کان پهرين مختصر دعا تي قِناعت ڪرڻ گهرجي نہ تہ سنتن جو ثواب گهٽجي ويندو آهي. (ردالمحتار، ج 2 ص 300، بهار شريعت حصو 3 ص 107)

حديثن ۾ ڪنهن دعا جي باري ۾ جيڪا تعداد آيل آهي ان کان گهٽ وڌ نہ ڪريو ڇو تہ جيڪي فضائل انهن وظيفن جي لاءِ آهن اهي انهيءَ عدد سان خاص آهن انهن ۾ گهٽ وڌائي ڪرڻ جو مثال هي آهي تہ ڪو قفل (تالو) ڪنهن خاص قسم جي چابي سان کلي ٿو هاڻي جيڪڏهن چابي جا ڏندا گهٽ يا وڌ ڪري ڇڏيا تہ انهيءَ سان تالو نہ کلندو، البت جيڪڏهن ڳڻتي ۾ شڪ ٿئي تہ

وڏيڪ ڪري سگهي ٿي ۽ اهو اضافو نہ بلڪ اِتمام (يعني مڪمل ڪرڻ) آهي. (ايضاً 302) پنج وقتن جي نمازن جي سنتن ۽ نفلن مان فراغت ڪان پوءِ هيٺيان وِرد پڙهي وٺو سهولت جي لاءِ نمبر ضرور ڏنا آهن پر انهن ۾ ترتيب جي شرط ناهي. هر وِرد جي اول ۽ آخر درود شريف پڙهڻ سون تي سهاڳو آهي.

﴿1﴾ "آيَةُ الْكُرْسِيِّ" هڪ هڪ ڀيرو پڙهڻ وارو مرندي ئي جنّت ۾ داخل ٿيندو. (مشڪوٰة المصابيح ج 1 ص197 حديث 974)

﴿2﴾ اَللّٰهُمَّ اَعِنِّيْ عَلٰى ذِكْرِكَ وَشُكْرِكَ وَ حُسْنِ عِبَادَتِكَ[1]

(سنن ابي داوٗد ج 2 ص 123 حديث 1522)

﴿3﴾ اَسْتَغْفِرُ اللّٰهَ الَّذِیْ لَآاِلٰهَ اِلَّاهُوَ الْحَیُّ الْقَیُّوْمُ وَاَتُوْبُ اِلَیْهِ[2] (ٽي ٽي ڀيرا) ان جا گناهہ معاف ٿيندا جيتوڻيڪ جو اهو جهاد جي ميدان مان ڀڳل هجي. (سنن الترمذي ج 5 ص 336 حديث 3588)

﴿4﴾ تسبيح فاطمہ رَضِیَ اللّٰهُ تَعَالٰی عَنْهَا: سُبْحٰنَ اللّٰه 33 ڀيرا، اَلْحَمْدُ لِلّٰه 33 ڀيرا، اَللّٰهُ اَكْبَر 33 ڀيرا، هي 99 ٿيا، آخر ۾ هڪ ڀيرو لَآاِلٰهَ اِلَّااللّٰهُ وَحْدَهٗ لَاشَرِيْكَ لَهٗ ط لَهُ الْمُلْكُ وَلَهُ الْحَمْدُ وَهُوَ عَلٰى كُلِّ شَیْءٍ قَدِيْرٌ ط[3] پڙهي ڪري (100 جو عدد پورو ڪري وٺي) انهي جا گناهہ بخشيا ويندا جيتوڻيڪ جو سمنڊ جي گجي جي برابر هجن.

﴿5﴾ هر نماز ڪان پوءِ پيشانيءَ تي هٿ رکي: بِسْمِ اللّٰهِ الَّذِیْ لَآاِلٰهَ اِلَّا

---

[1] اي الله عَزَّوَجَلَّ! تون پنهنجي ذڪر، پنهنجي شڪر ۽ پنهنجي سٺي عبادت ڪرڻ تي منهنجي مدد فرما

[2] مان معافي گهران ٿو (گهران ٿي) ان الله عَزَّوَجَلَّ ڪان جنهن ڪان سواءِ ڪو معبود ناهي، هو زندهہ آهي، قائم رکڻ وارو آهي ۽ ان جي بارگاهہ ۾ توبهہ ڪريان ٿو (ٿي).

[3] الله عَزَّوَجَلَّ ڪان سواءِ ڪو عبادت جي لائق ناهي، هو اڪيلو آهي ان جو ڪو شريڪ ناهي، ان جي ئي بادشاهت آهي، ان جي ئي حَمد (يعني ساراهہ) آهي، هو هر شيءِ تي قادر آهي.

هُوَ الرَّحْمٰنُ الرَّحِيْمُ ط اَللّٰهُمَّ اَذْهِبْ عَنِّيَ الْهَمَّ وَالْحُزْنَ [1] پڙهي (هٿ مٿي تي رکي پوءِ پيشاني تائين آڻي) تہ اِنْ شَآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ هر غم ۽ پريشانيءَ کان بچندو. اعليٰ حضرت، اِمامِ اَهلسُنّت مولانا شاهہ احمد رضا خان عَلَيہ رحمةُ الرَّحمٰن هن دعا تي وڌيڪ هنن لفظن جو واڌارو فرمايو آهي: وَعَنْ اَهْلِ السُّنَّةِ يعني ۽ اهلسنت کان.

﴿6﴾ عصر ۽ فجر کان پوءِ بغير پير بدلائڻ جي، بنا ڳالهائڻ جي لَآاِلٰهَ اِلَّااللّٰهُ وَحْدَهٗ لَاشَرِيْكَ لَهٗ ط لَهُ الْمُلْكُ وَلَهُ الْحَمْدُ وَهُوَ عَلٰى كُلِّ شَيْءٍ قَدِيْرٌ ط [2] ڏهہ ڏهہ ڀيرا پڙهو. (بهار شريعت حصو 3 ص 107)

﴿7﴾ حضرت سيدنا انس رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنْهُ کان روايت آهي تہ نبي رحمت، شفيع اُمت، تاجدارِ رسالت صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: جنهن نماز کان پوءِ اهو چيو: سُبْحٰنَ اللّٰهِ الْعَظِيْمِ وَبِحَمْدِهٖ لَاحَوْلَ وَلَا قُوَّةَ اِلَّا بِاللّٰهِ [3] تہ اهو مغفرت حاصل ڪري اُٿندو. (مجمع الزوائد ج 10 ص129 حديث 12968)

﴿8﴾ حضرت ابن عباس رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنْهُ کان روايت آهي تہ الله عَزَّوَجَلَّ جي محبوب، داناءِ غُيُوب، مُنَزَّه عَنِ الْعُيُوب صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: "جيڪو هر فرض نماز کان پوءِ ڏهہ ڀيرا "قُلْ هُوَ اللّٰهُ اَحَدٌ" (پوري سورت) پڙهندو الله تعاليٰ ان جي لاءِ پنهنجي رضا ۽ مغفرت لازم فرمائي ڇڏيندو. (تفسير در منثور ج 8 ص 678)

﴿9﴾ حضرت سيدنا زيد بن اَرقم رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنْهُ کان روايت آهي رسول اڪرم، نور مُجَسَّم، شاهِ بني آدم، رسولِ مُحتَشَم صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

---

[1] الله جي نالي سان شروع جنهن کان سواءِ ڪو عبادت جي لائق ناهي، هو رَحمٰن ۽ رحيم آهي ، اي الله عَزَّوَجَلَّ! مون کان غم ۽ ڏک دُور فرماءِ .

[2] الله عَزَّوَجَلَّ کان سواءِ ڪو عبادت جي لائق ناهي، هو اڪيلو آهي ان جو ڪو شريڪ ناهي، ان جي ئي بادشاهت آهي، ان جي ئي حَمد آهي، هو هر شيءِ تي قادر آهي.

[3] پاڪ آهي عظمت وارو رب ۽ ان جي تعريف آهي ۽ ان جي عطا سان نيڪي جي توفيق ۽ گناهہ سان بچڻ جي قوت آهي.

فرمايو: جيڪو شخص هر نماز کان پوءِ سُبۡحٰنَ رَبِّكَ رَبِّ الۡعِزَّةِ عَمَّا يَصِفُوۡنَ ﴿۱۸۰﴾ وَ سَلٰمٌ عَلَى الۡمُرۡسَلِيۡنَ ﴿۱۸۱﴾ وَ الۡحَمۡدُ لِلّٰهِ رَبِّ الۡعٰلَمِيۡنَ ﴿۱۸۲﴾[1] (پ23 الصّٰفّٰت 180، 182) ٽي ڀيرا پڙهي، جڏهن انهي اجر جو تمام وڏو پيمانو ڀري ورتو.

(تفسير در منثور للسيوطي ج 7 ص141)

## منٽن ۾ چار ختم قرآن پاڪ جو ثواب

حضرت سيدنا ابو هريره رَضِیَ اللّٰهُ تَعَالٰی عَنۡهُ کان روايت آهي مديني جي تاجدار، ٻنهي جهانن جي سلطان، رحمت عالميان صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمان حقيقت نشان آهي: جيڪو فجر کان پوءِ ٻارهن ڀيرا ”قُلۡ هُوَ اللّٰهُ اَحَدٌ“ (پوري سورت) پڙهندو جڻ اهو چار ڀيرا (پورو) قرآن پڙهندو ۽ انهي ڏينهن ان جو اهو عمل سڄي زمين وارن کان افضل آهي جڏهن تہ اهو تقويٰ جو پابند رهي.(شعب الايمان للبيهقي ج 2 ص 501 حديث 2528)

## شيطان کان محفوظ رهڻ جو عمل

سرڪار مدينہ راحت قلب وسينہ صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمان عاليشان آهي: جنهن فجر جي نماز ادا ڪئي ۽ ڳالهائڻ کان بنا ”قُلۡ هُوَ اللّٰهُ اَحَدٌ“ (پوري سورت) ڪي ڏهہ ڀيرا پڙهيو تہ انهي ڏينهن ۾ ان کي ڪو گناهہ نہ پهچندو، ۽ اهو شيطان کان بچايو ويندو.

(تفسير در منثور ج 8 ص 678)

(نماز کان پوءِ پڙهڻ جا وڏيڪ وِرد مڪتبة المدينہ جي شايع ٿيل بهار شريعت حصو 2 صفحو 107 کان 110 تي الوظيفة الڪريمہ ۽ شجرهٔ قادريہ ۾ ملاحظہ فرمايو)

---

[1] ترجمو ڪنزالايمان: پاڪائي آهي تنهنجي عزت واري رب جي انهن جي ڳالهين کان ۽ سلام هجي پيغمبرن تي ۽ سموريون خوبيون الله جي واسطي جيڪو سمورن جهانن جو رب آهي.

اَلۡحَمۡدُ لِلّٰهِ رَبِّ الۡعٰلَمِيۡنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الۡمُرۡسَلِيۡنَ
اَمَّا بَعۡدُ فَاَعُوۡذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيۡطٰنِ الرَّجِيۡمِ ؕ بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ ؕ

# قضا نماز جو طريقو (حنفي)

## دُرُود شريف جي فضيلت

بنهي جهانن جي سُلطان، رحمت عالميان صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمان مَغۡفِرَت نشان آهي: مون تي درود پاڪ پڙهڻ پُلصِراط تي نور آهي جيڪو جُمعي جي ڏينهن مون تي **اَسي ڀيرا** درود پاڪ پڙهندو، ان جا **اَسي سالن** جا گناهه معاف ٿيندا. (الجامع الصغير ص 320 حديث 5191)

صَلُّوا عَلَى الۡحَبِيۡب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

30 سيپاري سورتُ الماعون جي آيت نمبر 4 ۽ 5 ۾ ارشاد آهي:

فَوَيۡلٌ لِّلۡمُصَلِّيۡنَ ۝ الَّذِيۡنَ هُمۡ عَنۡ صَلَاتِهِمۡ سَاهُوۡنَ ۝

**ترجموڪنزالايمان:** پوءِ خرابي آهي انهن نمازين جي واسطي، جيڪي پنهنجي نماز کان غافل ويٺا آهن.

مُفسّر شهير، حڪيمُ الاُمّت، حضرت مفتي **احمد يار خان** عَلَيۡهِ رَحۡمَةُ الۡحَنَّان سورةُ الماعون جي آيت نمبر 5 جي تحت فرمائن ٿا: نماز کي وسارڻ جون ڪجهه صورتون آهن ڪڏهن نه پڙهڻ، **پابندي سان نه پڙهڻ**، صحيح وقت تي نه پڙهڻ، نماز صحيح طريقي سان ادا نه ڪرڻ، شوق سان نه پڙهڻ، سمجهي ادا نه ڪرڻ، سُستي ۽ ڪاهلي سان پڙهڻ، بي پرواهي سان پڙهڻ (نورالعرفان ص 958)

## جهنّم جي خوفناڪ وادي

صَدرُالشَّريعه بَدرُالطَّريقه، حضرت مولانا مفتي محمد **امجد علي اعظمي** عَلَيۡهِ رَحۡمَةُ اللهِ الۡقَوِي فرمائن ٿا: ”جهنّم ۾ هڪ ويل نالي خوفناڪ وادي

آهي جنهن جي سختي کان خود جهنّم بہ پناھ گهرندو آهي، ڄاڻي واڻي نماز قضا ڪرڻ وارا ان جا حقدار آهن.“ (بهارشريعت ج 1 ص 348)

## گرمي جي ڪري جبل ڳري وڃن

حضرت سيدنا امام محمد بن احمد ذهبي عَلَيۡهِ رَحۡمَةُ اللهِ القوي فرمائن ٿا: ”چيو ويو آهي تہ جهنّم ۾ هڪ وادي آهي جنهن جو نالو ”وَيل“ آهي جيڪڏهن ان ۾ جبل وڌا وڃن تہ اهي بہ ان جي گرمي جي ڪري ڳري وڃن ۽ هي انهن ماڻهن جو ٺڪاڻو آهي جيڪي نماز ۾ سُستي ڪن ٿا ۽ وقت کان پوءِ قضا ڪري پڙهن ٿا پر هي تہ اهي پنهنجي ڪوتاهي تي شرمسار ٿين ۽ ربّ عَزَّوَجَلَّ جي بارگاھ ۾ توبہ ڪن.“ (ڪتاب الڪبائر ص 19)

## هڪ نماز قضا ڪرڻ وارو بہ فاسق آهي

اعليٰ حضرت امام احمد رضا خان عَلَيۡهِ رَحۡمَةُ الرَّحۡمٰن فتاويٰ رضويہ جلد 5 صفحي 110 تي فرمائن ٿا: جيڪو هڪ وقت جي نماز بہ قصداً بنا شرعي عذر جي ڄاڻي واڻي قضا ڪري تہ فاسق ۽ ڪبيري گناھ ڪرڻ وارو ۽ دوزخ جو حقدار آهي.

## مٿو چٿڻ جي سزا

سرڪار مدينۂ منورہ، سردارمڪۂ مڪرمہ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن صحابہ ڪرام عَلَيۡهِمُ الرِّضۡوَان کي فرمايو: اڄ رات مون وٽ بہ شخص (يعني جبريل عَلَيۡهِ السَّلام ۽ ميڪائيل عَلَيۡهِ السَّلام) آيا ۽ مون کي مُقَدَّس سر زمين ڏانهن وني ويا، مون ڏٺو تہ هڪ شخص ليٽيل آهي ۽ ان جي سيرانديءَ تي هڪ شخص پٿر کنيو بيٺو آهي ۽ لاڳيتو پٿر سان ان جو مٿو چٿي رهيو آهي، هر ڀيري چِٿجڻ کان پوءِ وري مٿو ٺيڪ ٿي پئي ويو مون فِرشتن کي چيو: سُبۡحٰنَ الله عَزَّوَجَلَّ هي ڪير آهي؟ انهن

عرض ڪيو: اڳتي تشريف وٺي هلو (وڏيڪ مَنظر ڏيکارڻ کان پوءِ) فِرشتن عرض ڪيو: تہ پهريون شخص جيڪو توهان ڏٺو هي اهو هو جنهن قرآن شريف پڙهيو پوءِ ان کي ڇڏي ڏنو هو، ۽ فرض نمازن جي وقت سمهڻ جو عادي هو، ان سان اهو سُلوڪ قِيامت تائين ٿيندو.

(ملخص از صحيح بخاري ج 4 ص 425 حديث 7047)

## قبر ۾ باهہ جا شعلا

هڪ شخص جي ڀيڻ فوت ٿي وئي، جڏهن ان کي دفن ڪري واپس موٽيا تہ ڪيس ياد آيو تہ پيسن واري ٿيلهي قبر ۾ ڪري وئي آهي، پوءِ هن قَبرِستَان اچي ٿيلهي ڪڍڻ لاءِ پنهنجي ڀيڻ جي قبر کوٽي ورتي! هڪ خوفناڪ مَنظر ان جي سامهون هو ان ڏٺو تہ ڀيڻ جي قبر ۾ باهہ جا شعلا ڀڙڪي رهيا آهن! پوءِ هن جيئن تيئن قبر تي مٽي وڌي ۽ صدمي ۾ روئندو ماءُ وٽ آيو ۽ پڇيائين: پياري اَمان! منهنجي ڀيڻ جا عمل ڪهڙا هئا؟ ماءُ چيس: پٽ ڇو ٿو پڇين؟ چيائين: مون پنهنجي ڀيڻ جي قبر ۾ باهہ جا شعلا ڀڙڪندي ڏٺا آهن، اهو ٻڌي ماءُ بہ روئڻ لڳي ۽ چيائين افسوس تنهنجي ڀيڻ نماز ۾ سُستي ڪندي هئي ۽ نماز قضا ڪري پڙهندي هئي.

(ڪتاب الڪبائر ص 26)

اسلامي ڀينرو! جڏهن قضا ڪرڻ وارين لاءِ اهڙيون سخت سزائون آهن تہ جيڪي بدنصيب نماز ئي نہ ٿيون پڙهن انهن جو انجام ڇا ٿيندو!

## جيڪڏهن نماز پڙهڻ وسري وڃي تہ...؟

تاجدار رسالت، شهنشاهِ نُبُوَّت صَلَّى اللهُ تَعَالَى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ارشاد فرمايو: جنهن جي نماز ننڊ جي ڪري نڪري وڃي يا (پڙهڻ) وسري وڃي تہ

جڏهن ياد اچي پڙهي وٺي جو اهو ئي ان جو وقت آهي.
(صحيح مسلم ص 346 حديث 684)

فُقهاءِ ڪرام رَحِمَهُمُ اللهُ السَّلام فرمائن ٿا: ”سمهڻ سبب يا ڀلجي وڃڻ جي ڪري نماز قضا ٿي ته ان جي قضا پڙهڻ فرض آهي، البت قضا جو گناه ان تي ناهي، پر جاڳڻ يا ياد اچڻ تي جيڪڏهن مڪروه وقت نه هجي ته انهيءَ وقت پڙهي وٺي دير ڪرڻ مڪروه آهي.“
(بهار شريعت حصو 4 ص 50)

## مجبوري ۾ ادا جو ثواب ملندو يا نه؟

اڪ نه ڪلڻ (سجاڳ نه ٿيڻ) جي صورت ۾ جيڪڏهن فجر جي نماز ”قضا“ ٿي وڃي ته انهيءَ صورت ۾ ”ادا“ جو ثواب ملندو يا نه؟ ان باري ۾ منهنجا آقا اعليٰ حضرت، امام اهلسنّت، حضرت علامه مولانا الشاه امام احمد رضا خان عَلَيْهِ رَحْمَةُ الرَّحْمٰن فتاويٰ رضويه ج 8 ص 161 تي فرمائن ٿا: ”رهيو **ادا** جو ثواب ملڻ اهو **الله**عَزَّوَجَلَّ جي اختيار ۾ آهي. جيڪڏهن ان (شخص) پنهنجي طرفان ڪا ڪوتاهي ناهي ڪئي صبح تائين جاڳڻ جي ارادي سان ويٺو ۽ اوچتو ننڊ اچي وئي ته ان تي (ضرور) ڪو گناه ناهي. **رسول الله** صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمائن ٿا: ننڊ (اچڻ) جي صورت ۾ ڪوتاهي ناهي، ڪوتاهي ان شخص جي آهي جنهن (سجاڳي ۾) نماز نه پڙهي ايستائين جو ٻي نماز جو وقت اچي وڃي. (صحيح مسلم ص 344 حديث 681)

## رات جي آخري حصي ۾ سُمهڻ

نماز جو وقت داخل ٿيڻ کان بعد سُمهي پيو پوءِ وقت نڪري ويو ۽ نماز قضا ٿي وئي ته بلڪل گنهگار ٿيو جڏهن ته جاڳڻ

تي صحيح اِعتِماد يا جاڳائڻ وارو موجود نہ هجي بلڪ فجر ۾ وقت داخل ٿيڻ کان اڳ بہ سمهڻ جي اجازت نہ ٿي ملي سگهي جڏهن تہ اڪثر حصو رات جو جاڳڻ ۾ گذريو ۽ غالب گمان آهي تہ هاڻي سمهندو تہ وقت تي اک نہ کلندي. (بهارشريعت حصو 4 ص 50)

## رات دير تائين جاڳڻ

ڪي اسلامي ڀينرون رات دير تائين گهرن ۾ جاڳنديون رهنديون آهن، پهرين تہ اهي عشاء جي نماز پڙهي جلدي سمهڻ جو ذهن ناهن جو عشاء نماز کان پوءِ بنا ڪنهن سبب جي جاڳڻ ۾ ڪا ڀلائي ناهي، جيڪڏهن اتفاق سان ڪڏهن دير ٿي وڃي، تڏهن بہ ۽ جيڪڏهن پاڻ مرادو اک نہ کلندي هجي، تڏهن بہ گهر جي ڪنهن اِعتِماد جوڳي مَحرم يا جيڪا جاڳائي سگهي ان اسلامي ڀيڻ کي درخواست ڪري تہ اها فجر نماز جي لاءِ جاڳائي. يا الارم واري گهڙي رکو جنهن سان اک کلي وڃي پر صرف هڪ عدد گهڙي تي ڀروسو نہ ڪيو وڃي جو ننڊ ۾ هٿ لڳي وڃڻ، يا سيل ختم ٿيڻ سان يا ائين ئي خراب ٿي ڪري بند ٿي وڃڻ جو اِمڪان رهندو آهي، بہ يا ضرورت مطابق وڌيڪ گهڙيون هجن تہ بهتر آهي. سگِ مدينہ عُفِيَ عَنہ سمهڻ وقت ڪوشش ڪري ٿي گهڙيون سيراندي رکي ٿو، ٿي عدد رکڻ ۾ اَلحَمدُلله عَزَّوَجَلَّ هن حديث شريف تي عمل جي نيت آهي، جنهن ۾ فرمايو ويو آهي: اِنَّ اللهَ وِتۡرٌ يُحِبُّ الوِتۡرَ يعني بيشڪ الله عَزَّوَجَلَّ وتر (يعني اڪيلو) آهي، ۽ وِتر کي پسند ڪري ٿو. (سنن ترمذي ج 2 ص 4 حديث 453) فُقهاءِ ڪرام رَحِمَهُمُ اللهُ السَّلام فرمائن ٿا: **”جڏهن اهو انديشو هجي تہ صبح جي نماز نڪري ويندي تہ بنا شَرعِي ضرورت جي ان کي رات دير تائين جاڳڻ منع آهي.“** (ردالمحتار ج 2 ص 33)

# ادا، قَضاءِ اِعاده جي تعريف

جنهن شيءِ جو ماڻهن کي حُڪم آهي ان کي وقت جي اندر بجا آڻڻ کي **ادا** چئبو آهي ۽ وقت ختم ٿيڻ کان پوءِ **عمل** ۾ آڻڻ **قضا** آهي، ۽ جيڪڏهن ان حڪم کي بجا آڻڻ ۾ ڪا خرابي پيدا ٿي وڃي ته ان خرابي کي دور ڪرڻ لاءِ اهو عمل ٻيهر بجا آڻڻ **اِعاده** چورائيندو آهي. وقت جي اندر اندر جيڪڏهن تڪبيرِ تحريمہ چئي ورتي ته نماز قضا نہ ٿي بلڪ ادا آهي. (درمختار ج 2 ص 627، 632) پر فجر جي نماز، جُمعي ۽ عيدن ۾ وقت جي اندر سلام ڦيرڻ لازمي آهي نہ ته نماز نہ ٿيندي. (بهار شريعت حصو 4 ص 50) **بنا شَرعِي عُذر** جي نماز قضا ڪرڻ سخت گناهه آهي، ان تي فرض آهي ته ان جي قضا پڙهي ۽ سچي دل سان توبه بہ ڪري، دير ڪرڻ جو گناهه توبهہ يا مَقبُول حج سان اِنْ شَآءَاللهُ عَزَّوَجَلَّ معاف ٿي ويندو. (ردالمحتار ج 2 ص 626) **توبهہ** ان وقت ئي صحيح آهي جڏهن قضا پڙهي وٺي، ان کي ادا ڪرڻ کان بنا توبهہ ڪندو رهڻ توبهہ ناهي ڇو ته جيڪا نماز ان جي ذِمي هئي ان جو نہ پڙهڻ ته اجا بہ باقي آهي ۽ جڏهن گناهه کان نہ رُڪيو ته توبهہ ڪٿان ٿي؟ (ردالمحتار ج 2 ص 627) **حضرت سيدنا ابن عباس** رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُمَا **کان** روايت آهي ته تاجدار رسالت، شهنشاهِ نُبُوَّت صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ارشاد فرمايو: ته گناهه تي قائم رهي ڪري توبهہ ڪرڻ وارو ان وانگر آهي جيڪو پنهنجي ربّ عَزَّوَجَلَّ سان ٺٺول (يعني مذاق) ڪري ٿو.

(شُعَبُ الايمان ج 5 ص 436 رقم الحديث 7178)

# توبهہ جا ٽي رڪن آهن

**صدرُالافاضل** حضرت علامہ سيد محمد نعيم الدّين مراد آبادي عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللهِ الهادي فرمائن ٿا: توبهہ جا ٽي رڪن آهن: ﴿1﴾ گناهه جو اِعتِراف

﴿2﴾ پشيمان ٿيڻ ﴿3﴾ ان گناهه کي ڇڏي ڏيڻ جو پڪو ارادو. جيڪڏهن گناهه تلافي جي قابل آهي ته ان جي تلافي به لازمي آهي، مثلاً بي نمازي جي توبهه لاءِ نمازن جي قضا به لازم آهي. (خزائن العرفان ص 12)

## سُتل کي نماز جي لاءِ جاڳائڻ ڪڏهن واجب آهي

ڪو ستل آهي ڪائنس نماز پڙهڻ وسري وئي آهي ته جنهن کي معلوم آهي ان تي واجب آهي ته ستل کي جاڳائي ۽ وسارڻ واري کي ياد ڏياري.(نه ته گناهگار ٿيندو) (بهارشريعت حصو 4 ص 50) ياد رهي! جاڳائڻ يا ياد ڏيارڻ ان وقت واجب ٿيندو جڏهن اهو غالب گمان آهي ته هي نماز پڙهندو، نه ته واجب ناهي. مَحرم کي بيشڪ پاڻ ئي جاڳائي پر نامَحرمن مثلاً: ڏير، وغيره کي مَحرم جي ذريعي جاڳائي.

## جلد کان جلد قضا پڙهي وٺو

جنهن جي ذِمي قضا نمازون هجن انهن کي جلد کان جلد پڙهڻ واجب آهي پر ٻارن ٻچن جي پرورش ۽ پنهنجي ضرورتن جي سبب دير ڪرڻ جائز آهي، تنهنڪري واندڪائي جو جيڪو وقت ملي ان ۾ قضا پڙهندي رهي ايتري تائين جو پوريون ٿي وڃن.(درمختار ج 2 ص 646)

## لڪي قضا پڙهو

قضا نمازون لڪي ڪري پڙهو ماڻهن تي (يا گهروارن بلڪ قريبي ساهيڙين تي به) ان جو اِظهار نه ڪريو (مثلاً هي نه چئو ته منهنجي اڄ فجر جي نماز قضا ٿي وئي يا مان قضا عمري ڪري رهي آهيان وغيره) ڇو ته **گناهه جو اظهار به مڪروهه تحريمي ۽ گناهه آهي.** (ردالمحتار ج 2 ص 650) تنهنڪري جيڪڏهن ماڻهن جي موجودگي ۾ وتر قضا پڙهو ته دعاءِ قُنُوت واري تڪبير لاءِ هٿ نه کڻو.

# جُمُعَةُ الوَداع ۾ قَضا عُمري!

رمضانُ المُبارڪ جي آخري جُمعي ۾ ڪي ماڻهو باجماعت قضا عمري پڙهندا آهن ۽ هي سمجهندا آهن ته سڄي عمر جون قضائون انهيءَ هڪ نماز سان ادا ٿي ويون، اهو بلڪل غلط آهي. (بهار شريعت حصو 4 ص 57) **مُفسّر شهير، حڪيمُ الاُمّت، حضرت مفتي احمد يار خان** عَلَيْهِ رَحْمَةُ الحنّان **فرمائن ٿا:** "**جُمُعَةُ الوَداع** جي اڳين ۽ وچين جي وچ ۾ ٻارهن رڪعتون نَفل ٻه ٻه رَڪعَت جي نيّت سان پڙهي، ۽ هر رَڪعَت ۾ سُورَةُ الفاتحه ڪان پوءِ هڪ ڀيرو آيةُ الڪُرسي ۽ ٽي ڀيرا "قُلْ هُوَاللهُ اَحَد" ۽ هڪ ڀيرو سورةُ الفَلَق ۽ سورةُ النَّاس پڙهي، ان جو فائدو هي آهي ته جيتري قدر نمازون هن قضا ڪري پڙهيون هونديون اُنهن جي قَضا ڪرڻ جو گناهه اِنْ شَاءَالله عَزَّوَجَلَّ معاف ٿي ويندو، ائين ناهي ته قضا نمازون ان سان معاف ٿي وينديون، اُهي ته پڙهڻ سان ئي ادا ٿينديون. (اسلامي زندگي ص 135)

# سڄي عمر جي قَضا جو حِساب

جنهن ڪڏهن نمازون ئي نه پڙهيون هجن ۽ هاڻي توفيق ملي آهي ۽ قضا عمري ڪرڻ چاهي ٿو ته هو جڏهن ڪان بالغ ٿيو يا بالغه ٿي آهي، ان وقت ڪان نمازن جو حساب لڳائي بالغ ٿيڻ جي تاريخ به معلوم ناهي ته اِحتِياط ان ۾ آهي ته هجري سن جي اعتبار سان ڇوڪريءَ نوَن سالن جي عمر ڪان ۽ ڇوڪرو ٻارهن سالن جي عمر ڪان نمازن جو حساب لڳائي.

# قضا ڪرڻ ۾ ترتيب

قضاءِ عمري ۾ هيئن به ڪري سگهو ٿا ته پهريان تمام فجر

جون نمازون ادا ڪري ونو پوءِ تمام ظهر جون نمازون اهڙي طرح عصر، مغرب ۽ عشاء جون.

صَلُّوا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

# قضا عُمري جو طريقو (حنفي)

قضا هر ڏينهن جون ويهہ رڪعتون آهن بہ فجر جا فرض، چار ظهر، چار عصر، ٽي مغرب، چار عشاء ۽ ٽي وِتر. نيّت هيئن ڪريو، مثال طور سڀ کان پهرين فجر جي نماز جيڪا مون کان قضا ٿي ان کي ادا ڪريان ٿي، هر نماز ۾ اهڙي طرح نيّت ڪريو، جنهن تي تمام گهڻيون قضا نمازون آهن اهو آساني لاءِ جيڪڏهن هيئن بہ ڪري تہ جائز آهي جو هر رڪوع ۽ هر سجدي ۾ ٽي ٽي ڀيرا "سُبْحٰنَ رَبِّیَ الْعَظِیْم، سُبْحٰنَ رَبِّیَ الْاَعْلٰی" جي بدران صرف هڪ هڪ ڀيرو چوي پر هي هميشہ ۽ هر طرح جي نماز ۾ ياد رکڻ گهرجي تہ جڏهن رڪوع ۾ پورو پهچي وڃي تہ ان وقت سُبحٰن جو "سين" شروع ڪري ۽ جڏهن عظيم جو "ميم" ختم ڪري وني تہ ان وقت رُڪوع مان مٿو کڻي، ائين ئي سجدي ۾ بہ ڪري، هڪ تَخفِيف (يعني آساني) تہ اها ٿي ۽ ٻي اها تہ فرضن جي ٽين ۽ چوٿين رڪعت ۾ اَلحَمد شريف جي بدران فقط "سُبْحٰنَ الله" ٽي ڀيرا چئي ڪري رڪوع ڪري، پر وتر جي ٽنهي رڪعتن ۾ اَلحَمد شريف ۽ سورت ٻئي ضرور پڙهيون وڃن، ٽئين تَخفِيف اها تہ آخري قعدي ۾ تَشَهُّد يعني التَّحِيّات کان پوءِ ٻنهي درودن ۽ دعا جي بدران صرف اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰی مُحَمَّدٍ وَّ آلِهٖ پڙهي ڪري سلام ڦيري ڇڏي، چوٿين تَخفِيف اها تہ وتر جي ٽين رڪعت ۾ دعاءِ قُنُوت جي بدران "اَللهُ اَکبَر" چئي ڪري فقط هڪ ڀيرو يا ٽي

ڀيرا رَبِّ اغْفِرْلِی چوي. (ملخص از فتاوي رضويہ ج 8 ص 157)

## قصر نماز جي قضا

جيڪڏهن سفر جي دوران قضا ٿيل نماز اِقامت جي حالت (يعني پنهنجي شهر) ۾ پڙهندي تہ قصر ئي پڙهڻي پوندي ۽ اِقامت جي حالت واري قضا نماز سفر ۾ پڙهندي تہ پوري پڙهڻي پوندي يعني قصر نہ ڪندي. (عالمگيري ج 1 ص 121)

## مُرتَد ٿي وڃڻ واري زماني جون نمازون

جيڪا عورت مَعَاذَالله عَزَّوَجَلَّ مُرتَد ٿي وئي پوءِ ٻيهر اسلام قبول ڪيائين تہ مُرتد ٿيڻ واري عرصي جي نمازن جي قضا ناهي ۽ مرتد ٿيڻ کان اڳ اسلام جي زماني ۾ جيڪي نمازون رهيل هيون تن جي قضا واجب آهي. (ردالمحتار ج 2 ص 647)

## ٻار جي پيدائش جي وقت نماز

دائي (Midwife) نماز پڙهندي تہ ٻار جي مري وڃڻ جو انديشو آهي تہ (نماز قضا ڪري) نماز قضا ڪرڻ لاءِ اهو عذر آهي.
(ردالمحتار ج 2 ص 627)

## مريض کي نماز ڪڏهن معاف آهي؟

اهڙي بيمار عورت جيڪا اشاري سان بہ نماز نہ ٿي پڙهي سگهي جيڪڏهن اها حالت پورا ڇهہ وقت رهي تہ ان حالت ۾ جيڪي نمازون رهجي ويون تن جي قضا واجب ناهي. (عالمگيري ج 1 ص 121)

## سڄي عمر جون نمازون ٻيهر پڙهڻ

جنهن جي نمازن ۾ ڪا خرابي يا ڪراهت اچي وئي هجي

اهو سڄي عمر جون نمازون ٻيهر پڙهي ته سٺي ڳالهه آهي ۽ ڪا خرابي نه هجي ته موٽائڻ نه گهرجي ۽ جيڪڏهن پڙهڻ چاهي ته فجر ۽ عصر ڪان پوءِ نه پڙهي ۽ تمام رڪعتون ڀريل پڙهي (يعني سورتون ملائي) ۽ وِتر ۾ دُعاءِ قُنُوت پڙهي ڪري ٽئين ڪان پوءِ قعدو ڪري وري هڪ ٻي ملائي جو چار تي وجن. (عالمگيري ج 1 ص 124)

## "قضا" جو لفظ چوڻ وسري وڃي ته ڪو حرج ناهي؟

اعليٰ حضرت، امام اهلسنّت، مولانا شاهه امام احمد رضا خان عَلَيۡهِ رَحۡمَةُ الرَّحۡمٰن فرمائن ٿا: "اسان جا علماء تصريح فرمائن ٿا ته قضا (نماز) ادا جي نيّت سان ۽ ادا (نماز) قضا جي نيّت سان ٻئي صحيح آهن." (فتاوي رضويه ج 8 ص 161)

## نفلن جي بدران قضا عمري پڙهو

قضا نمازون نفلن ڪان وڌيڪ اهم آهن يعني جنهن وقت نفل پڙهي ٿي انهن کي ڇڏي انهن جي بدران، قضا نمازون پڙهي ته جيئن مٿس ڀيل (قضائن مان) بَرِيءُ الذِّمه ٿي وڃي، البت تراويح ۽ ٻارهن رڪعتون سُنّت مؤڪده نه ڇڏي. (بهار شريعت حصو 4 ص 55)

## فجر ۽ عصر ڪان پوءِ نفل نه ٿا پڙهي سگهجن

فجر (جي پوري وقت ۾ يعني صبح صادق ڪان وٺي سج اُڀرڻ تائين جڏهن ته) عصر ڪان پوءِ اهي تمام نفل ادا ڪرڻ مڪروهه (تحريمي) آهن جيڪي ڄاڻي واڻي ادا ڪيا هجن، جيتوڻيڪ تَحِيَةُ المَسجد جا هجن ۽ هر اها نماز جيڪا غير جي ڪري لازم ٿي هجي، مثال طور نذر ۽ طواف جا نفل ۽ هر اها نماز جنهن کي شروع ڪري پوءِ ان کي ٽوڙي ڇڏيو، جيتوڻيڪ اهي فجر ۽ عصر

جون سنّتون ئي چو نہ ھجن. (درمختار ج 2 ص 45،44)

قضا جي لاءِ ڪو وقت مقرر ناهي عمر ۾ جڏهن بہ پڙهندي ذِمو لهي ويندو، پر سج اُيرڻ، لهڻ ۽ زوال جي وقت نماز نہ ٿي پڙهي سگهي جو انهن وقتن ۾ نماز جائز نہ آهي.

(بهار شريعت حصو 4 ص 51، عالمگيري ج 1 ص 52)

## ظهر جون چار سنتون رهجي وڃن تہ ڇا ڪري؟

جيڪڏهن ظهر جا فرض پهريان پڙهي ورتا تہ بہ رڪعتون سُنّتِ بَعدِيَّہ (يعني بعد واريون سنّتون) ادا ڪرڻ کان پوءِ چار رڪعتون سنَّت قَبلِيَّہ (يعني پهرين واريون سنّتون) ادا ڪريو. جيئن تہ سرڪار اعلٰي حضرت رَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيۡه فرمائن ٿا: ظهر جون پهريون چار سنتون جيڪڏهن فرض کان اڳ ۾ نہ پڙهيون هجن تہ (اهي) فرض کان بعد بلڪ اَرجَح مذهب (پسنديده ترين موقف) مطابق بعد وارين سنَّتن کان پوءِ پڙهو پر شرط اهو آهي تہ ظهر جو وقت اڃا باقي هجي.

(ملخصاً فتاوي رضويہ ج 8 ص 148)

عصر ۽ عشاء جي فرض نماز کان اڳ ۾ جيڪي رڪعتون آهن اهي سنّتِ غير مؤڪّده آهن انهن جي قضا ناهي.

## ڇا مغرب جو وقت ٿورو هوندو آهي؟

مغرب جي نماز جو وقت سج لهڻ کان وٺي عشاء جي وقت شروع ٿيڻ تائين هوندو آهي اهو وقت جڳهن ۽ تاريخن جي اعتبار کان گهٽندو وڌندو رهندو آهي، مثال طور بابُ المدينہ ڪراچي ۾ نِظامُ الاَوقات جي نقشي جي مطابق مغرب جو وقت گهٽ ۾ گهٽ هڪ ڪلاڪ 18 منٽ هوندو آهي، فُقهاءِ ڪرام رَحِمَهُمُ اللهُ السَّلَام فرمائن ٿا: جنهن ڏينهن جُهڙ هجي ان ڏينهن کان سواءِ مغرب ۾ هميشہ تَعجِيل

(يعني جلدي) مُستَحَب آهي ۽ ٻن رڪعتن کان وڌيڪ جي دير مَڪرُوھ تَنزيهي آهي ۽ سفر ۽ بيماري جي مجبوري کان بغير ايتري دير ڪيائين جو تارا گِهرا ٿي ويا تہ مڪروھ تحريمي آهي. (بهار شريعت حصو 3 ص 21) سرڪار اعليٰ حضرت، امام اهلسنّت مولانا شاہ امام احمد رضا خان عَلَيْهِ رَحْمَةُ الرَّحْمٰن فرمائن ٿا: هن (يعني مغرب) جو مُستَحَب وقت ايستائين آهي جيستائين تارا خوب ظاهر نہ ٿي وڃن ايتري دير ڪرڻ جو (وڏن وڏن تارن کان علاوه) ننڍڙا ننڍڙا تارا بہ چمڪڻ لڳن تہ مڪروھ آهي. (فتاويٰ رضويہ ج 5 ص 153)

## تراويحن جي قضا جو ڇا حُڪم آهي؟

جڏهن تراويحون رهجي وڃن تہ انهن جي قضا ناهي، ۽ جيڪڏهن ڪا قضا ڪري بہ ڇڏي تہ اهي الڳ نفل ٿي ويندا تراويحن سان انهن جو تعلق نہ هوندو. (تنويرالابصار، درمختار ج 2 ص 598)

## نماز جو فديو

### جن جا مائٽ فوت ٿي ويا هجن اهي هن مضمون جو ضرور مطالعو ڪن

مَيِّت جي عمر معلوم ڪري ان مان نوَ سال عورت لاءِ ۽ ٻارهن سال مرد جي لاءِ نابالغي جا ڪڍي ڇڏيو، باقي جيترا سال بچيا انهن ۾ حساب لڳايو تہ ڪيتري عرصي تائين اهو (يعني مرحوم يا مرحومہ) بي نمازي يا بي روزائتو رهيو يا ڪيتريون نمازون يا روزا ان جي ذمي تي قضا باقي آهن، وڌ ۾ وڌ اندازو لڳايو، بلڪ چاهيو تہ نابالغي جي عمر کان پوءِ باقي تمام عمر جو حساب لڳايو هاڻي في نماز هڪ هڪ فِطرو خيرات ڪري ڇڏيو، هڪ فطري جي مقدار تقريباً ٻہ ڪلو مان 80 گرام گهٽ ڪڻڪ يا ان جو اٽو يا ان جا

پيسا آهن ۽ هڪ ڏينهن جون ڇهه نمازون آهن، پنج فرض ۽ هڪ وتر واجب، مثال طور ٻه ڪلو مان 80 گرام گهٽ ڪڻڪ جا پيسا 12 روپيا ٿيا تہ هڪ ڏينهن جي نمازن جا 72 روپيا ٿيا ۽ 30 ڏينهن جا 2160 روپيا ۽ ٻارهن مهينن جا تقريباً 25920 روپيا ٿيا، هاڻي ڪنهن ميّت تي 50 سالن جون نمازون باقي آهن تہ فديو ادا ڪرڻ جي لاءِ 1296000 روپيا خيرات ڪرڻا پوندا، ظاهر آهي تہ هر ماڻهو ايترا پيسا خيرات ڪرڻ جي طاقت نہ ٿو رکي، ان لاءِ علماءِ ڪرام رَحِمَهُمُ اللّٰهُ السَّلَام شَرعِي حِيلو ارشاد فرمايو آهي مثال طور هو 30 ڏينهن جي تمام نمازن جي فديي جي نيت سان 2160 روپيا ڪنهن فقير جي مِلڪ ڪري (يعني فقير کي مالڪ ڪري ڇڏي) هي 30 ڏينهن جي نمازن جو فديو ادا ٿي ويو، هاڻي اهو فقير اهي پيسا ڏيندڙ کي ئي هِبہ ڪري ڇڏي (يعني تحفي ۾ ڏئي ڇڏي) هو هٿ ۾ وٺڻ بعد وري فقير کي 30 ڏينهن جي نمازن جي فديي جي نيّت سان قبضي ۾ ڏئي ان کي مالڪ بڻائي، اهڙي طرح ڏي وٺ ڪندا رهن ۽ ائين سمورين نمازن جو فديو ادا ٿي ويندو. 30 ڏينهن جي پيسن جي ذريعي ئي حِيلو ڪرڻ شرط ناهي اهو تہ سمجهائڻ لاءِ مثال ڏنو آهي، جيڪڏهن بالفرض 50 سالن جي فديي جا پيسا موجود هجن تہ هڪ ڀيري ئي ڏي وٺ ڪرڻ سان ڪم ٿي ويندو، گڏوگڏ فِطري جي پيسن جو حساب بہ ڪڻڪ جي موجوده اگهہ سان لڳائڻو پوندو، **اهڙي طرح في روزي جو فديو بہ هڪ فِطرو آهي.** نمازن جو فديو ادا ڪرڻ کان پوءِ روزن جو بہ انهيءَ طريقي سان فديو ادا ڪري سگهو ٿا، غريب ۽ امير سڀئي فديي جو حيلو ڪري سگهن ٿا، جيڪڏهن وارث پنهنجي مرحومن جي لاءِ اهو عمل ڪن تہ هي ميّت جي زبردست مدد ٿيندي،

اهڙي طرح مرڻ وارو بہ ان شآءالله عَزَّوَجَلَّ فرضن جي بار کان آجو ٿيندو ۽ وارث بہ اجر ۽ ثواب جا حقدار ٿيندا، ڪجھ اسلامي ڀينرون مسجد وغيره ۾ هڪ قرآن شريف جو نسخو ڏئي ڪري پنهنجي دل کي تسلي ڏينديون آهن تہ اسان مرحوم جي تمام نمازن جو فديو ادا ڪري ڇڏيو هي انهن جي غلط فهمي آهي.

(تفصيل لاءِ ڏسو فتاوي رضويہ ج 8 ص 167)

## مرحوم جي فديي جو هڪ مسئلو

جيڪڏهن عورت جي حيض (ماهواريءَ) جي عادت معلوم هجي تہ اوترا ڏينهن ۽ جيڪڏهن معلوم نہ هجي تہ هر مهيني مان ٽي ڏينهن، نوَ سالن جي عمر کان الڳ ڪريو (يعني نوَن سالن جي عمر کان پوءِ وفات تائين هر مهيني مان ٽي ڏينهن حيض جا سمجهي ڪڍي ڇڏيو ۽ بقايا جيترا ڏينهن ٿين انهن جي حساب سان فديو ادا ڪريو) پر جيترا ڀيرا حمل رهيو هجي، حمل جي مدت جي مهينن مان حيض جي ڏينهن کي الڳ نہ ڪيو، جيڪڏهن عورت جي نفاس جي عادت معلوم هجي تہ هر حمل کان پوءِ اوترا ڏينهن الڳ ڪريو ۽ جيڪڏهن معلوم نہ هجي تہ ڪجھ ناهي ڇو تہ نِفاس جي لاءِ گهٽ ۾ گهٽ (مُدّت) شرعي طور تي ڪا بہ مقرر ناهي، ممڪن آهي تہ هڪ ئي منٽ اچي پوءِ فوراً پاڪ ٿي وڃي. (يعني جيڪڏهن نفاس جي مدت ياد ناهي، تہ ڏينهن گهٽ نہ ڪري) (ماخوذاً فتاوي رضويہ ج 8 ص 154)

## 100 ڪوَڙن جو حِيلو

اسلامي ڀينرو! نماز جي فديي جو حيلو مون پنهنجي طرفان نہ لکيو آهي، شَرعِي حِيلي جو جواز قرآن، حديث ۽ فِقهِ حنفي جي مُعتَبر ڪتابن ۾ موجود آهي. جيئن تہ مُفسّر شهير، حڪيمُ الاُمّت،

حضرت مفتي احمد يار خان عَلَيۡهِ رَحۡمَةُ الحَنّان ”نورالعرفان“ ص 728 تي فرمائن ٿا: حضرت سيّدنا ايوب عَلٰی نَبِیِّنَا وَ عَلَیۡهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام جي بيماري جي زماني ۾ سندن گهرواريءَ رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنۡهَا هڪ دفعي خدمت سراپاءِ عظمت ۾ دير سان حاضر ٿي ته پاڻ عَلَيۡهِ السَّلَام قسم کنيو ته مان تندرست ٿي ڪري سؤ دُرا (يعني ڦٽڪا) هڻندس، تندرست ٿيڻ تي الله عَزَّوَجَلَّ کين ٻهاري جا سؤ تيلا هڻڻ جو حڪم فرمايو، جيئن ته قرآن پاڪ ۾ آهي:

وَ خُذۡ بِيَدِكَ ضِغۡثًا فَاضۡرِبۡ بِّهٖ وَلَا تَحۡنَثۡ ؕ (پاره 23،ص 44)

**ترجموڪنزالايمان:** ۽ اسان فرمايو ته تون پنهنجي هٿ ۾ هڪ ٻُهارو ڪٽي ان سان مار ڏيئي ڇڏ ۽ قسم نه ٽوڙ.

”عالمگيري“ ۾ حِيلن جو هڪ مُستَقل باب آهي، جنهن جو نالو ”ڪتاب الحِيَل“ آهي جيئن ته ”عالمگيري ڪتابُ الحِيَل“ ۾ آهي جيڪو حِيلو ڪنهن جو حق ڦٻائڻ يا ان ۾ شڪ پيدا ڪرڻ يا ڪوڙ سان فريب ڏيڻ لاءِ ڪيو وڃي ته اهو مڪروهه آهي ۽ جيڪو حيلو ان لاءِ ڪيو وڃي جيئن ماڻهو حرام کان بچي وڃي يا حلال کي حاصل ڪري وٺي اهو صحيح آهي، ان قسم جي حيلن جي جائز هجڻ جو دليل الله عَزَّوَجَلَّ جو هي فرمان آهي:

وَ خُذۡ بِيَدِكَ ضِغۡثًا فَاضۡرِبۡ بِّهٖ وَلَا تَحۡنَثۡ ؕ (پاره 23،ص 44)

**ترجموڪنزالايمان:** ۽ اسان فرمايو ته تون پنهنجي هٿ ۾ هڪ ٻُهارو ڪٽي ان سان مار ڏيئي ڇڏ ۽ قسم نه ٽوڙ.

## ڪن ٽوپڻ جو رواج ڪڏهن کان پيو؟

حيلي جي جائز هجڻ تي هڪ ٻيو دليل ملاحظ فرمايو جيئن حضرت سيدنا عبدالله ابن عباس رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنۡهُمَا کان روايت آهي ته هڪ ڀيري حضرت سَيِّدَتُنَا ساره ۽ حضرت سَيِّدَتُنَا هاجره رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنۡهُمَا ۾ ڪا اڻبڻت ٿي پئي، حضرت سيدتنا ساره رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنۡهَا قسم کنيو ته جيڪڏهن مون کي موقعو مليو ته مان حاجره رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنۡهَا جو ڪو

عُضوو ڪٽينديس، اللهعَزَّوَجَلَّ حضرت سيّدنا جبريل عَلَيۡهِ السَّلَام کي حضرت سيّدنا ابرهيم خليلُ الله عَلٰی نَبِیِّنَا وَعَلَیۡهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام جي خدمت اَقدَس ۾ موڪليو ته انهن جي وچ ۾ ناهه ڪرائي ڇڏيو، حضرت سَيِّدَتُنَا ساره رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنۡهَا عرض ڪيو: ”مَا حِيۡلَةُ يَمِيۡنِي“ يعني منهنجي قسم جو ڇا حيلو ٿيندو؟ حضرت سيدنا ابراهيم خليل الله عَلٰی نَبِیِّنَا وَ عَلَیۡهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام تي وحي نازل ٿي ته (حضرت) ساره رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنۡهَا کي حڪم ڏي ته هوءَ (حضرت) هاجره رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنۡهَا جا ڪن ٽوپي، ان وقت کان ڪن ٽوپڻ جو رواج پيو.

(غمز عيون البصائر شرح الاشباه والنظائر ج 3 ص 295)

## ڳئون جي گوشت جو تحفو

اُمُّ المؤمِنِين حضرت سَيِّدَتُنَا عائِشہ صِدِيقہ رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنۡهَا کان روايت آهي ته ٻنهي جهانن جي سلطان، سروَرِ ذيشان صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَیۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي خدمت ۾ ڳئون جو گوشت حاضر ڪيو ويو، ڪنهن عرض ڪيو: هي گوشت حضرت سَيِّدَتُنَا بَرِيره رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنۡهَا تي صدقو ٿيو هو، فرمايائون: ”هُوَ لَهَا صَدَقَةٌ و لَنَا هَدِيَّةٌ“ يعني هي بَرِيره جي لاءِ صدقو هيو اسان جي لاءِ تحفو آهي.

(صحيح مسلم ص 541 حديث 1075)

## زَڪوٰت جو شَرعِي حِيلو

هن حديث پاڪ مان صاف ظاهر آهي ته حضرت سيّدتنا بَرِيره رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنۡهَا جيڪي صدقي جون حقدار هيون انهن کي صدقي طور مليل ڳئون جو گوشت جيتوڻيڪ سندن جي حق ۾ صدقو ئي هو پر قبضي ڪرڻ کان پوءِ جڏهن بارگاهِ رِسالت ۾ پيش ڪيو ويو ته ان جو حڪم بدلجي ويو ۽ پوءِ اهو صدقو نه رهيو، ائين ئي ڪو مستحق شخص زڪوٰت پنهنجي هٿ ۾ ڪرڻ کان بعد ڪنهن به ماڻهو کي تحفي ۾ ڏئي سگهي ٿو يا مسجد وغيره جي لاءِ پيش

ڪري سگهي ٿو، انهيءَ مستحق شخص جو پيش ڪرڻ هاڻي زڪوٰت نہ آهي، هديو يا عطيو ٿي ويو. فُقهاءِ ڪرام رَحِمَهُمُ اللّٰهُ السَّلام زڪوٰت جو شرعي حيلو ڪرڻ جو طريقو هيئن ارشاد فرمائن ٿا: ”زڪوٰت جا پيسا مردي جي ڪَفن دَفن يا مسجد جي تَعمِير ۾ نہ ٿا لڳائي سگهجن ڇو تہ فَقِير جي تَملِيڪ (يعني فقير کي پيسن جو مالڪ بڻائڻ واري صورت) موجود ناهي، جيڪڏهن هنن ڪمن ۾ خرچ ڪرڻ چاهيو تہ ان جو طريقو هي آهي تہ فقير کي (زڪوٰت جي پيسن جو) مالڪ بڻائي ڇڏيو ۽ اهو (مسجد جي تعمير وغيره ۾) لڳائي اهڙي طرح ٻنهي کي ثواب ملندو. (بهارشريعت حصو 5 ص 25)

## 100 ماڻهن کي هڪ جيترو ثواب ملندو

اسلامي ڀينرو! توهان ڏٺو! ڪفن دفن بلڪ مسجد جي تعمير ۾ بہ شَرعِي حيلي جي ذريعي زڪوٰت استعمال ڪري سگهجي ٿي، ڇو تہ زڪوٰت تہ فقير جي حق ۾ هئي جڏهن فقير قبضو ڪيائين تہ هاڻي هو مالڪ ٿي چڪو آهي جيڪو چاهي ڪري، **شرعي حيلي** جي برڪت سان ڏيڻ واري جي زڪوٰت بہ ادا ٿي وئي ۽ فقير بہ مسجد ۾ ڏئي ڪري ثواب جو حقدار ٿي ويو، حيلو ڪرڻ وقت ٿي سگهي تہ گهڻن ماڻهن جي هٿ ۾ زڪوٰت ڦيرائڻ گهرجي تہ جيئن سڀني کي ثواب ملي، مثلاً حيلي جي لاءِ **شرعي فقير** کي 12 لک روپيا زڪوٰت ڏني، هٿ ۾ ڪرڻ کان پوءِ هو ڪنهن بہ اسلامي ڀاءُ کي تحفي طور ڏي هو بہ هٿ ۾ ڪرڻ کان بعد ڪنهن ٻئي کي مالڪ بڻائي، ائين سڀئي ثواب جي نيّت سان هڪ ٻئي کي مالڪ بڻائيندا رهن، آخري شخص مسجد يا جنهن ڪم لاءِ حيلو ڪيو هو ان لاءِ ڏئي ڇڏي تہ اِنْ شَآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ سڀني کي ٻارهن ٻارهن لک روپيا

صدقو ڪرڻ جو ثواب ملندو، جيئن حضرت سيدنا ابوهريره رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہُ کان روايت آهي تہ تاجدارِ رسالت، شهنشاهِ نُبُوَّت صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم ارشاد فرمايو: "جيڪڏهن سؤ هٿن ۾ صدقو گذريو تہ سيني کي اوترو ئي ثواب ملندو جيترو ڏيڻ واري جي لاءِ آهي ۽ ان جي اَجر ۾ ڪا ڪمي نہ ٿيندي." (تاريخ بغداد ج 7 ص 135 رقم 3568)

## فقير ڪنهن کي چوندا آهن

فَقير اهو آهي (الف) جنهن وٽ ڪجھ هجي، پر ايترو نہ هجي جو نصاب تائين پهچي. (ب) يا نصاب جيترو تہ آهي پر ان جي حَاجتِ اَصليہ (يعني زندگي جي ضرورتن) ۾ گهيريل آهي مثال طور رهائش واري جڳهہ، گهريلو سامان، سواري جا جانور (يا سائيڪل، اسڪوٽر يا ڪار) ڪاريگرن جا اوزار، پائڻ جا ڪپڙا، خدمت لاءِ ٻانهي ۽ غلام، علمي شغل رکڻ واري لاءِ اسلامي ڪتاب جيڪي ان جي ضرورت کان وڌيڪ نہ هجن (ڄ) اهڙي طرح جيڪڏهن قرضي آهي ۽ قرض ڏيڻ کان بعد نصاب باقي نہ بچي تہ فقير آهي جيتوڻيڪ ان وٽ هڪ نہ بلڪ ڪيترائي نصاب هجن. (ردالمحتار ج 3 ص 333)

## مسڪين ڪنهن کي چوندا آهن

مسڪين اهو آهي جنهن وٽ ڪجھ نہ هجي، ايستائين جو کائڻ ۽ جسم ڍڪڻ لاءِ ان جو محتاج آهي جو ماڻهن کان سوال ڪري ۽ ان کي سوال ڪرڻ جائز آهي. فقير کي (يعني جنهن وٽ گهٽ ۾ گهٽ هڪ ڏينهن جو کائڻ ۽ پائڻ لاءِ موجود آهي) **بنا ضرورت ۽ مجبوري جي سوال ڪرڻ حرام آهي.** (فتاوي عالمگيري ج 1 ص 187، 188)

اسلامي ڀينرو! معلوم ٿيو تہ جيڪي ڀينو فقير ڪمائڻ جي طاقت رکڻ باوجود بنا ضرورت ۽ مجبوري جي، ڌنڌي جي طور تي

پنندا آهن اهي گنهگار آهن ۽ اهڙن جي حال کان باخبر هجڻ جي باوجود انهن کي ڏيڻ جائز ناهي.

## طرح طرح جا فديا ۽ ڪفارا

**اسلامي ڀينرو!** ياد رهي! نماز روزي کان علاوه ميّت جي طرفان تمام گهڻا فديہ ۽ ڪفارا ٿي سگهن ٿا مثلاً ﴿1﴾ زڪوٰة ﴿2﴾ فطرا (مرد تي ننڍن ٻارن وغيره جا فطرا بہ آهن جڏهن تہ ادا نہ ڪيا هجن) ﴿3﴾ قربانيون ﴿4﴾ قسمن جا ڪفارا ﴿5﴾ سجدهٴ تلاوت جيترا واجب ٿيڻ باوجود زندگي ۾ ادا نہ ڪيا ﴿6﴾ جيترا نفل فاسد ٿيا ۽ انهن جي قضا نہ ڪئي ﴿7﴾ جيڪي جيڪي سُڪائون باسيون ۽ پوريون نہ ڪيون ﴿8﴾ زمين جو عُشر (يعني ڏهون حصو) يا خِراج جيڪو ادا ڪرڻ کان رهجي ويو ﴿9﴾ فرض هئڻ جي باوجود حج ادا نہ ڪيو ﴿10﴾ حج ۽ عمري جي احرام جا ڪفّارا مثلاً دم، يا صدقا جيڪڏهن واجب ٿيا هجن ۽ ادا نہ ڪيا هجن انهن کان علاوه بہ بيشمار فديہ ۽ ڪفارا ٿي سگهن ٿا.

## انهن فدين جي ادائگي جون صورتون

روزا، سجده تلاوت، فاسد ٿيل نفلن جي قضا وغيره جي فديي ۾ هر هڪ جي بدلي هڪ هڪ فطري جي رقم ادا ڪري ۽ زڪوٰة، فطرا، قربانيون، عُشر ۽ خِراج وغيره ۾ جيتري رقم مرحوم يا مرحومہ جي ذمي نڪري ٿي، اها بہ ادا ڪري.

(ماخوذ از فتاويٰ رضويہ ج 10 ص 540، 541)

(تفصيلي معلومات جي لاءِ فتاويٰ رضويہ "تخريج ٿيل" جلد 10 ۾ صفحي 523 کان 549 تي مشتمل رسالي "**تَفاسِيرُ الاَحڪام لِفِديةِ الصَّلواةِ وَالصِّيَام**" ٻيو مُفسّر شهير، حڪيم الامت، حضرت مفتي احمد يار خان عَلَيۡهِ رَحۡمَةُ الحنّان جي تصنيف "جاءَ الحق" مان "اِسقاط جو بيان" پڙهي وٺو)

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ
اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ط بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ط

# نفلن جو بيان

## درود شريف جي فضيلت

خاتَمُ الْمُرسَلين، رحمة لّلعٰلمين، شَفِيعُ المُذنبين صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمان عاليشان آهي: ”جڏهن جمعرات (يعني خميس) جو ڏينهن ايندو آهي الله تعاليٰ ملائڪن کي موڪليندو آهي جن وٽ **چاندي** جا ورق ۽ **سون** جا قلم هوندا آهن، اهي لکندا آهن تہ ڪير **خميس جي ڏينهن** ۽ **جمعي جي رات** مون تي ڪثرت سان درود شريف پڙهي ٿو.

(ڪنزالعمال ج 1 ص 250 حديث 2174)

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## الله جو پيارو بڻجڻ جو نسخو

حضرت سيّدنا **ابوهريره** رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ کان راويت آهي، حُضُورِ پاڪ، صاحبِ لَولاڪ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمائن ٿا تہ **الله** عَزَّوَجَلَّ فرمايو: ”جيڪو منهنجي ڪنهن وليءَ سان دشمني ڪري، مون ان سان جنگ جو اعلان ڪيو، ۽ منهنجو ٻانهو جن شين جي ذريعي منهنجو قُرب چاهي ٿو انهن مان مون کي سڀ کان وڌيڪ محبوب **فرض** آهن ۽ نفلن جي ذريعي قُرب حاصل ڪندو رهندو آهي ايسيتائين جو مان ان کي پنهنجو محبوب بڻائي ڇڏيندو آهيان. جيڪڏهن اهو مون کان سوال ڪري تہ مان هُن کي ضرور ڏيندس ۽ پناهہ گهري تہ مان ان کي ضرور پناهہ ڏيندس.

(صحيح البخاري ج 4 ص 248 حديث 6502)

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

# صلوٰةُ اللَّيل

رات ۾ عشاء جي نماز کان پوءِ جيڪي نفل پڙهيا ويندا آهن انهن کي **صلوٰةُ اللَّيل** چيو وڃي ٿو، رات جا نفل ڏينهن جي **نفلن** کان افضل آهن. صحيح مسلم شريف ۾ آهي: **سَيِّدُالمُبلِّغِين، رَحمَة لِّلعٰلَمِين** صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايو: فرضن کان پوءِ افضل نماز رات جي نماز آهي. (صحيح مسلم ص 591 حديث 1163)

## تَهَجُّد ءِ رات ۾ نماز پڙهڻ جو ثواب

الله تبارک و تعالٰي ايڪيهين سيپاري سورةُ السَّجده آيت نمبر 16، 17 ۾ ارشاد فرمائي ٿو:

تَتَجَافٰى جُنُوْبُهُمْ عَنِ الْمَضَاجِعِ يَدْعُوْنَ رَبَّهُمْ خَوْفًا وَّطَمَعًا ۫ وَّمِمَّا رَزَقْنٰهُمْ يُنْفِقُوْنَ ﴿۱۶﴾ فَلَا تَعْلَمُ نَفْسٌ مَّآ اُخْفِيَ لَهُمْ مِّنْ قُرَّةِ اَعْيُنٍ ۚ جَزَآءًۢ بِمَا كَانُوْا يَعْمَلُوْنَ ﴿۱۷﴾

**ترجمو ڪنزالايمان**: انهن جا پاسا جدا هوندا آهن سمهڻ جي جاين کان، ۽ پنهنجي رب کي پڪاريندا آهن ڊڄندي ۽ اميد ڪندي، ۽ اسان جي ڏني مان ڪجهه خيرات ڪندا آهن. پوءِ ڪنهن به ساهه کي معلوم ناهي جيڪي اکيون ٺاريندڙ (نعمتون) انهن جي لاءِ لڪائي رکيون ويون آهن. سندن عملن جي انعام ۾.

صلوٰةُ اللَّيل جو هڪ قسم **تَهَجُّد** به آهي جيڪو عشاء کان پوءِ رات ۾ سُمهي ڪري اُٿو پوءِ **نفل** پڙهو. سُمهڻ کان پهرين جيڪو ڪجهه پڙهبو اهو **تَهَجُّد** ناهي. گهٽ ۾ گهٽ **تَهَجُّد** جون ٻه رڪعتون آهن ۽ حُضُور اڪرم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کان اٺ رڪعتون به ثابت آهن. (بهارشريعت حصو 4 ص 26، 27) هن ۾ قِراءَت جو اختيار آهي جيڪو وڻي سو پڙهو، بهتر هي آهي جيترو قرآن شريف ياد آهي اهو سڀ پڙهو، نه ته هيئن به ٿي سگهي ٿو ته هر رڪعت ۾ سورة فاتحه کان پوءِ ٽي ٽي

پيرا سورة الاِخلاص (يعني قُلۡ هُوَ اللّٰهُ اَحَدٌ) پڙهو، اهڙيءَ طرح هر رکعت ۾ قرآن شريف ختم ڪرڻ جو ثواب ملندو، ائين ڪرڻ بهتر آهي بهرحال سورة فاتحہ کان پوءِ ڪابہ سورة پڙهي سگهو ٿا.

(ملخصاً فتاويٰ رضويہ ج 7 ص 447).

صَلُّوا عَلَى الۡحَبِيۡب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## تَهَجُّد گُذار جي لاءِ جنت جا عاليشان مَحلَ

اَمِيرُالمُومِنِين حضرت سيدنا عَليُّ المُرتضيٰ ڪَرَّمَ اللّٰهُ تَعَالٰى وَجۡهَهُ الۡكَرِيۡم کان روايت آهي تہ سيّدالمُبلغين، رَحمَةٌ لِّلۡعٰلَمِيۡن صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمان آهي: جنّت ۾ اهڙا بالاخانا (يعني مَحلَ) آهن جنهن جو ٻاهر اندر کان ۽ اندر ٻاهر کان ڏسڻ ۾ ايندو آهي. هڪ اعرابي ٻيهي ڪري عرض ڪيو: يارسول الله صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم! اهي ڪنهن جي لاءِ آهن؟ نبي ڪريم صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايو: اهي ان جي لاءِ آهن جيڪو نرم گفتگو ڪري، ڪاڌو کارائي، لاڳيتو روزا رکي ۽ رات جو اُٿي ڪري الله عَزَّوَجَلَّ جي لاءِ نماز پڙهي جڏهن ماڻهو سُتا پيا هجن.

(سنن ترمذي ج 4 ص 237 حديث 2535، شعب الايمان ج 3 ص 404 حديث 3892)

مُفسّر شهير، حڪيمُ الاُمّت، حضرت مفتي احمد يار خان عَلَيۡهِ رَحۡمَةُ الۡحَنَّان مِراۃُ المَناجِيح جلد 2 صفحي 260 تي هن حديث جي حصي ”وَتَابَعَ الصِّيَامَ“ يعني ”لڳاتار روزا رکي“ جي شرح ڪندي فرمائن ٿا: هميشہ روزا رکن، سواءِ انهن پنج ڏينهن جي جنهن ۾ روزو رکڻ حرام آهي. يعني شَوال جي پهرين تاريخ ۽ ذِي الحَج جي ڏهين کان تيرهين تائين. هي حديث انهن ماڻهن جو دليل آهي جيڪي هميشہ روزو رکندا آهن، ڪجھ عالمن فرمايو: ان جي معنيٰ آهي هر مهيني ۾ مسلسل ٽي روزا رکن.

# ”تَهَجّد گذار“ جي آٹ اکرن جي نسبت سان نيک ڀانهن ۽ ٻانهين جون 8 حڪايتون

## ﴿1﴾ سڄي رات نماز پڙهندا رهندا هئا

حضرت سيدنا عبدالعزيز بن رواد عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللهِ الْجَواد رات جو سُمهڻ لاءِ پنهنجي بستر تي ايندا ۽ ان تي هٿ گهمائي چوندا هئا: ”تون نرم آهين پر الله عَزَّوَجَلَّ جو قسم! جنّت ۾ تو کان وڌيک نرم بستر ملندو، پوءِ سڄي رات نماز پڙهندا رهندا هئا.“ (احياءالعلوم ج 1 ص 467)

**الله عَزَّوَجَلَّ جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بي حساب بخشش ٿئي.** اٰمِين بِجَاهِ النَّبِيِّ الْاَمِين صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

بالیقین ایسے مسلمان ہیں بے حد نادان
جو کہ رنگینیٔ دنیا پہ مرا کرتے ہیں

## ﴿2﴾ ماکي جي مک جي ڀونياٽ جهڙو آواز

مشهور صحابي حضرت سيدنا عبدالله بن مسعود رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ جڏهن ماڻهن جي سمهڻ کان پوءِ اُٿي قِيام (يعني عبادت) ڪندا هئا ته صبح تائين ڪانئن ماکي جي ڀونياٽ (يعني ڀون) جيان آواز ٻڌڻ ۾ ايندو هو. (احياءالعلوم ج1 ص467) **الله عَزَّوَجَلَّ جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بي حساب بخشش ٿئي.** اٰمِين بِجَاهِ النَّبِيِّ الْاَمِين صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

محبت میں اپنی گما یا الٰہی
نہ پاؤں میں اپنا پتا یا الٰہی

## ﴿3﴾ مان جنّت ڪيئن گُهران!

حضرت سيدنا صِلَه بن اَشْيَم عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللهِ الْاَكْرَم سڄي رات نماز پڙهندا هئا جڏهن سَحري جو وقت ٿيندو هو ته **الله** عَزَّوَجَلَّ جي بارگاهه ۾

عرض ڪندا هئا: يا اِلٰهي! مون جهڙو ٻانهو جنّت نٿو گهري سگهي پر تون پنهنجي رَحمت سان مون کي جهنّم کان پناهه عطا فرماءِ. (احياءُالعلوم ج 1 ص 467) **الله** عَزَّوَجَلَّ **جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بي حساب بخشش ٿئي.** اٰمِين بِجَاهِ النَّبِيِّ الاَمِين صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

ترے خوف سے تیرے ڈر سے ہمیشہ
میں تھر تھر رہوں کانپتا یا الٰہی

## ﴿4﴾ توهان جو والد اوچتي عذاب کان ڊڄي ٿو!

حضرت سيدنا رَبِيع بِن خُثَيم رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه جي نياڻي پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه کي عرض ڪيو: بابا سائين! ڇا ڳالهه آهي جو ماڻهو سُمهي پوندا آهن ۽ توهان نہ سمهندا آهيو؟ تہ ارشاد فرمايائون: ڌيءُ! **تنهنجو پيءُ اوچتي عذاب کان ڊڄي ٿو جيڪو رات جو اوچتو اچي وڃي."** (شعب الايمان ج 1 ص 543 حديث 984) **الله** عَزَّوَجَلَّ **جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بي حساب بخشش ٿئي.** اٰمِين بِجَاهِ النَّبِيِّ الاَمِين صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

گر تُو ناراض ہوا میری ہلاکت ہوگی
ہائے! میں نارِ جہنّم میں جلوں گا یارب!

## ﴿5﴾ عبادت جي لاءِ جاڳڻ جو عجيب انداز

حضرت سيدنا صَفوان بن سُلَيم رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه جون پيڊيون نماز ۾ گهڻي دير ويهڻ جي ڪري سُڄي ويون هيون. پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه ايتري قدر ڪثرت سان عبادت ڪندا هئا جو بالفرض جيڪڏهن کين چيو وڃي ها تہ سڀاڻي قِيامت آهي تہ بہ پنهنجي عبادت ۾ اضافو نہ ڪري سگهن ها (يعني انهن وٽ عبادت ۾ اضافي ڪرڻ جي لاءِ وقت ۾ گنجائش نہ هئي) **جڏهن سياري جي موسم ايندي هئي تہ پاڻ** رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه

گھر جي ڇت تي سمھندا ھئا تہ جيئن سيءُ کين بيدار رکي ۽ جڏھن **گرمين جي موسم** ايندي ھئي تہ پاڻ رَحْمَۃُ اللہِ تَعَالٰی عَلَیْہ ڪمري جي اندر سمھندا ھئا تہ جيئن گرمي ۽ تڪليف جي ڪري سُمھي نہ سگھن (ڇو تہ A.C تہ پري جي ڳالھ آھي انھن ڏينھن ۾ بجلي وارو پکو بہ نہ ھوندو ھو) **سجدي جي حالت** ۾ ئي **پاڻ** رَحْمَۃُ اللہِ تَعَالٰی عَلَیْہ **جو انتقال** ٿيو. پاڻ رَحْمَۃُ اللہِ تَعَالٰی عَلَیْہ **دعا** ڪندا ھئا: **اي اللّٰہ** عَزَّوَجَلَّ **مان تنھنجي ملاقات** کي **پسند** ڪريان ٿو تون بہ **منھنجي ملاقات** کي **پسند** فرماءِ. (اِتحافُ السَّادةُ المُتقِين بشرح احياءالعلوم الدين ج 13ص 248،247) **اللّٰہ** عَزَّوَجَلَّ **جي انھن تي رحمت ھجي ۽ انھن جي صدقي اسان جي بي حساب بخشش ٿئي.**

اٰمِين بِجَاہِ النَّبِيِّ الاَمِين صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم

عفو کر اور سدا کیلئے راضی ہو جا
گر کرم کردے تو جنّت میں رہوں گا یارب!

## ﴿6﴾ روئندي روئندي نابين ٿيڻ واري عورت

**حضرت سيدنا خَواص** رَحْمَۃُ اللہِ تَعَالٰی عَلَیْہ **فرمائن** ٿا تہ اسان رحلہ عابِدہ وٽ وياسين، اھا ڪثرت سان روزا رکندي ھئي ۽ **ايترو روئندي ھئي جو سندن نظر ختم ٿي وئي.** ايتري ڪثرت سان نماز پڙھندي ھئي جو بيھي نہ سگھندي ھئي. ان ڪري ويھي ڪري ئي نماز پڙھندي ھئي، اسان ان کي سلام ڪيوسين، پوءِ **اللّٰہ** عَزَّوَجَلَّ **جي** عَفو ۽ ڪَرم جو تذڪرو ڪيوسين تہ جيئن انھن تي معاملو آسان ٿئي. ھن اھا ڳالھ ٻڌي ھڪ رَڙ ڪئي ۽ فرمايائين: منھنجي نفس جو حال مون کي معلوم آھي ۽ ھن منھنجي دل کي زخمي ڪري ڇڏيو آھي ۽ جگر ٽڪرا ٽڪرا ٿي ويو آھي، خدا جو قسم! مان چاھيان ٿي تہ ڪاش! **اللّٰہ** عَزَّوَجَلَّ **مون کي پيدا ئي نہ ڪري ھا** ۽ مان ڪجھ بہ نہ ھجان ھا،

اهو چئي وري نماز ۾ مصروف ٿي وئي. (احياءُالعُلوم ج 5 ص 152 ملخصاً) اللهعَزَّوَجَلَّ جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بي حساب بخشش ٿئي. اٰمِين بِجَاہِ النَّبِیِّ الاَمِین صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم

آہ سلب ایماں کا خوف کھائے جاتا ہے
کاش! میری ماں نے ہی مجھ کو نہ جنا ہوتا

## ﴿7﴾ موت جي ياد ۾ بڪايل رهندڙ عورت

حضرت سيّدتنا مُعَاذَه عَدَوِيَّہ رَحْمَۃُ اللّٰہِ تَعَالٰی عَلَیْہَا روزانو صبح جي وقت فرمائيندي هئي: ”شايد هي اهو ڏينهن آهي جنهن ۾ مون کي مرڻو آهي.“ پوءِ شام تائين ڪجهہ نہ کائيندي هئي پوءِ جڏهن رات ٿيندي تہ چوندي هئي: ”شايد هي اها رات آهي جنهن ۾ مون کي مرڻو آهي، پوءِ صبح تائين نماز پڙهندي رهندي هئي.“ (ايضا ص 151) اللهعَزَّوَجَلَّ جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بي حساب بخشش ٿئي.

اٰمِين بِجَاہِ النَّبِیِّ الاَمِین صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم

مرا دل کانپ اٹھتا ہے کلیجہ منہ کو آتا ہے
کرم یا رب اندھیرا قبر کا جب یاد آتا ہے

## ﴿8﴾ آھ ۽ زاري ڪرڻ وارو خاندان

حضرت سيّدنا قاسم بن راشِد شيباني قُدِّسَ سِرُّہُ النُّورَانِي فرمائن ٿا تہ حضرت سيدنا زَمعہ رَحْمَۃُ اللّٰہِ تَعَالٰی عَلَیْہ مُحَصَّب ۾ ترسيل هئا، سندن گهرواريءَ ۽ نياڻيون بہ ساڻ هيون. پاڻ رَحْمَۃُ اللّٰہِ تَعَالٰی عَلَیْہ رات جو سجاڳ ٿي گهڻي دير تائين نماز پڙهندا رهيا، جڏهن سَحري جو وقت ٿيو تہ بلند آواز سان پُڪارڻ لڳا: ”اي رات جو پڙاءُ ڪرڻ واري قافلي جا مسافرو! چا سڄي رات سمهندا رهندؤ؟ ڇا اُٿي ڪري سفر نہ ڪندؤ؟

تہ اهي ماڻهو جلدي جاڳي پيا ۽ ڪتان روئڻ جو آواز اچڻ لڳو ۽ ڪتان دعا گهرڻ جو هڪ طرف ڪان قرآن پاڪ پڙهڻ جو آواز ٻڌڻ ۾ آيو ۽ ٻئي پاسي ڪو وضو ڪري رهيو هو. پوءِ جڏهن صبح ٿيو تہ پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه بلند آواز سان پڪاريو: ”ماڻهو صبح جي وقت هلڻ ڪي سنو سمجهن ٿا.“ (ڪتابُ التَّهجد و قيام الليل مع موسوعہ امام ابن ابي الدنيا ج 1 ص261 رقم72) اللهعَزَّوَجَلَّ جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بي حساب بخشش ٿئي. اٰمِين بِجَاهِ النَّبِيِّ الْاَمِين صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

مرے غوث کا وسیلہ رہے شاد سب قبیلہ
انہیں خلد میں بسانا مدنی مدینے والے

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

# اِشراق جي نماز

ٻہ فرمان مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: ﴿1﴾ جيڪو فجر نماز باجماعت ادا ڪري ”الله جو ذِڪر“ ڪندو رهي ايستائين جو سج بلند ٿي وڃي، پوءِ ٻہ رڪعتون پڙهي تہ ان کي پوري حج ۽ عمري جو ثواب ملندو. (سنن الترمذي ج 2 ص 100 حديث 586) ﴿2﴾ جيڪو نماز فجر ڪان فارغ ٿيڻ بعد پنهنجي مُصَلّي تي (يعني جتي نماز پڙهي اتي) وينو رهيو ايستائين جو اِشراق جا نفل پڙهي، صرف چڱيءَ ڳالهہ ڪري تہ ان جا گناهہ بخشيا ويندا توڙي جو سمنڊ جي جهڳ ڪان بہ وڌيڪ هجن. (سنن ابي داؤد ج 2 ص 41 حديث 1287)

حديث پاڪ جي هن حصي ”پنهنجي مُصَلّي تي وينو رهي“ جي وضاحت ڪندي حضرت سَيِّدُنا مُلا علي قاري عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللهِ الْبَارِي فرمائن ٿا: ”يعني مسجد يا گهر ۾ هن حال ۾ رهي جو ذِڪر يا غور و فِڪر

ڪري، يا علم دين سکڻ سيکارڻ يا بيتُ اللّٰه شريف جي طواف ڪرڻ ۾ مشغول رهي، ۽ ”صرف چڱي ڳالهه ڪري“ جي باري ۾ فرمائن ٿا: ”يعني فجر ۽ اِشراق جي وچ ۾ خير يعني ڀلائي کان سواءِ ڪا بہ ٻي گفتگو نہ ڪري ڇو تہ ثواب ڀلائي جي ڳالهہ تي ملندو آهي.

(مرقاة ج 3 ص 396 تحت الحديث 1317)

**نمازِاشراق جو وقت:** سج اُڀرڻ کان پوءِ گهٽ ۾ گهٽ 20 يا 25 منٽ بعد کان وٺي ضَحوَةُ الكُبرىٰ تائين نماز اِشراق جو وقت رهندو آهي.

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## نمازِ چاشت جي فضيلت

حضرت سيدنا ابوهريره رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنْهُ کان روايت آهي تہ حُضُورِ پاڪ، صاحبِ لَولاڪَ، سَيَّاحِ اَفلاڪ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: ”جيڪو شخص چاشت جون ٻہ رڪعتون پابندي سان ادا ڪندو رهي ان جا گناهہ بخشيا ويندا آهن جيتوڻيڪ سمنڊ جي جهڳ جي برابر هجن.

(سنن ابن ماجہ ج 2 ص 153، 154 حديث 1382)

**نمازِ چاشت جو وقت:** هن جو وقت سج بلند ٿيڻ کان وٺي زوال يعني نصفُ النَّهار شَرعِي تائين آهي ۽ بهتر هي آهي تہ ڏينهن جو چوٿون حصو گذرڻ کان پوءِ پڙهي. (بهارشريعت حصو 4 ص 25)

نماز اِشراق کان فورًا بعد بہ چاهيو تہ پڙهي سگهو ٿا.

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## صَلوٰةُ التَّسبِيح

هن نماز جو بہ تمام گهڻو ثواب آهي، شَهنشاهِ خُوش خِصَال،

پيڪرِ حُسن و جَمال صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم پنهنجي پياري چاچي حضرت سيدنا عباس رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہُ کي ارشاد فرمايو تہ اي منهنجا چاچا: جيڪڏهن تي سگهي تہ صلوٰةُ التَّسبيح روزانو هڪ ڀيرو پڙهو ۽ جيڪڏهن روزانو نہ پڙهي سگهو تہ هر جمعي تي هڪ ڀيرو پڙهو، ۽ هي بہ نہ تي سگهي تہ هر مهيني ۾ هڪ ڀيرو، ۽ هي بہ نہ تي سگهي تہ سال ۾ هڪ ڀيرو، ۽ اهو بہ نہ تي سگهي تہ عمر ۾ هڪ ڀيرو.

(سنن ابي داؤد ج 2 ص 44،45 حديث 1297)

صَلُّوا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## صلوٰةُ التَّسبِيح پڙهڻ جو طريقو

هن نماز جو طريقو هي آهي تہ تڪبيرِ تَحرِيمہ کان پوءِ ثناءَ پڙهي پوءِ 15 ڀيرا هي تسبيح پڙهي: "سُبْحٰنَ اللہِ وَالْحَمْدُ لِلّٰہِ وَلَآ اِلٰہَ اِلَّا اللہُ وَاللہُ اَکْبَرُ" پوءِ اَعُوْذُ بِاللہِ مِنَ الشَّیْطٰنِ الرَّجِیْم ۽ بِسْمِ اللہِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِیْم سُوره فَاتِحَہ ۽ ڪا بہ سورة پڙهي ڪري رُڪوع کان پهرين ڏهہ ڀيرا اها ئي تسبيح پڙهو پوءِ رُڪوع ڪجي ۽ رُڪوع ۾ سُبْحٰنَ رَبِّیَ الْعَظِیْم ٽي ڀيرا پڙهي وري ڏهہ ڀيرا اها ئي تَسبِيح پڙهي پوءِ رُڪوع کان مٿي اُٿي سَمِعَ اللہُ لِمَنْ حَمِدَہ ۽ اَللّٰھُمَّ رَبَّنَا وَلَکَ الْحَمْد پڙهي ڪري پوءِ بيني بيني اها ئي تسبيح ڏهہ ڀيرا پڙهي، پوءِ سجدي ۾ وڃي ۽ ٽي ڀيرا سُبْحٰنَ رَبِّیَ الْاَعْلٰی پڙهي پوءِ ڏهہ ڀيرا اها ئي تسبيح پڙهي پوءِ سجدي مان اٿي ۽ بنهي سجدن جي وچ ۾ ويهي ڪري ڏهہ ڀيرا اها تسبيح پڙهي پوءِ بئي سجدي ۾ وڃي ٽي ڀيرا سُبْحٰنَ رَبِّیَ الْاَعْلٰی پڙهي، ان کان پوءِ اها تسبيح ڏهہ ڀيرا پڙهي. اهڙيءَ طرح چار رڪعتون پڙهي ۽ ياد رهي تہ قيام جي حالت ۾ سُورةِ فَاتِحَہ کان پهرين پندرهن ڀيرا ۽ باقي هر جڳهہ ڏهہ ڏهہ ڀيرا پڙهي، ائين هر رڪعت ۾ 75 ڀيرا تسبيح پڙهي ويندي ۽ چئن

رڪعتن ۾ تسبيح جي ڳڻپ 300 ڀيرا ٿيندي. (بهار شريعت حصو 4 ص 32)
تسبيح آڱرين تي نہ ڳڻي بلڪ ٿي سگهي تہ دل ۾ شمار ڪري، نہ تہ آڱرين ڪي زور ڏئي ياد رکي. (ايضا ص 33)

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## اِسْتِخَارو

حضرت سيدنا جابر بن عبدالله رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُمَا کان روايت آهي تہ رسولِ اَڪرم، نورِ مُجَسَّم صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم اسان ڪي سمورن ڪمن ۾ استخاري جي تعليم ڏيندا هئا جيئن قرآن جي سورت جي تعليم ڏيندا هئا، فرمائن ٿا: ”جڏهن توهان مان ڪو ڪنهن ڪم جو ارادو ڪري تہ ٻہ رڪعتون نفل پڙهي پوءِ چوي:

اَللّٰهُمَّ اِنِّیۡ اَسۡتَخِیۡرُکَ بِعِلۡمِکَ وَاَسۡتَقۡدِرُکَ بِقُدۡرَتِکَ وَاَسۡأَلُکَ مِنۡ فَضۡلِکَ الۡعَظِیۡمِ فَاِنَّکَ تَقۡدِرُوَلَا اَقۡدِرُ وَتَعۡلَمُ وَلَا اَعۡلَمُ وَاَنۡتَ عَلَّامُ الۡغُیُوۡبِ اَللّٰهُمَّ اِنۡ کُنۡتَ تَعۡلَمُ اَنَّ هٰذَا الۡاَمۡرَخَیۡرٌ لِّیۡ فِیۡ دِیۡنِیۡ وَمَعَاشِیۡ وَعَاقِبَةِ اَمۡرِیۡ اَوۡقَالَ عَاجِلِ اَمۡرِیۡ وَاٰجِلِهٖ فَاقۡدِرۡهُ لِیۡ وَیَسِّرۡهُ لِیۡ ثُمَّ بَارِکۡ لِیۡ فِیۡهِ وَ اِنۡ کُنۡتَ تَعۡلَمُ اَنَّ هٰذَا الۡاَمۡرَ شَرٌّ لِّیۡ فِیۡ دِیۡنِیۡ وَمَعَاشِیۡ وَعَاقِبَةِ اَمۡرِیۡ اَوۡ قَالَ عَاجِلِ اَمۡرِیۡ وَاٰجِلِهٖ فَاصۡرِفۡهُ عَنِّیۡ وَاصۡرِفۡنِیۡ عَنۡهُ وَاقۡدِرۡ لِیَ الۡخَیۡرَ حَیۡثُ کَانَ ثُمَّ رَضِّنِیۡ بِهٖ.

1اي الله عَزَّوَجَلَّ مان تنهنجي علم سان تو کان ڀلائي گهران ٿو (ٿي) ۽ تنهنجي قدرت جي ذريعي قدرت طلب ڪيان ٿو (ٿي) ۽ توکان تنهنجو

عظيم فضل گهران ٿو (ٿي) ڇو تہ تون قدرت رکين ٿو ۽ مان قدرت نٿو (نٿي) رکان، تون سڀ ڪجهہ ڄاڻين ٿو ۽ مان نٿو (نٿي) ڄاڻان ۽ تون تمام ڳجهين ڳالهين کي خوب ڄاڻين ٿو. **اي الله**عَزَّوَجَلَّ! جيڪڏهن تنهنجي علم ۾ هيءُ ڪم (جنهن جو آءُ ارادو رکان ٿو (ٿي)) منهنجي دين ۽ ايمان ۽ منهنجي زندگي ۽ منهنجي پڇاڙي دنيا ۽ آخرت ۾ منهنجي لاءِ بهتر آهي تہ ان کي منهنجو نصيب ڪر ۽ مون لاءِ سولو ڪر، پوءِ ان ۾ مون لاءِ برڪت وجهہ. (**اي الله** عَزَّوَجَلَّ) تنهنجي علم ۾ اهو ڪم مون لاءِ برو آهي منهنجي دين ۽ ايمان ۽ منهنجي زندگي ۽ منهنجي پڇاڙي دنيا ۽ آخرت ۾ تہ ان کي مون کان ۽ مون کي ان کان ڦيري ڇڏ ۽ جتي بہ مون لاءِ بهتري هجي اهو منهنجو نصيب ڪر، پوءِ ان کان مون کي راضي ڪر. (صحيح البخاري ج 1 ص 393 حديث 1162 ردالمحتار ج 2 ص 569)

اَوْ قَالَ عَاجِلِ اَمْرِیْ ۾ "او" شَڪِ راوي (يعني روايت ڪندڙ جو شڪ) آهي، فقهاء ڪرام رَحِمَهُمُ اللهُ السَّلام فرمائن ٿا تہ جمع ڪري يعني ائين چوي: وَعَاقِبَةِ اَمْرِیْ وعَاجِلِ اَمْرِی وَ اٰجِلِهٖ (غُنْيہ ص 431)

**مسئلو:** حج ۽ جهاد ۽ ٻين نيڪ ڪمن جي ڪرڻ يا نہ ڪرڻ لاءِ اِستِخَارو نٿو ڪري سگهجي، ها وقت مقرر ڪرڻ لاءِ ڪري سگهجي ٿو. (ايضاً)

## اِستِخَارِي جي نماز ۾ ڪهڙيون سورتون پڙهجن؟

مُسْتَحب (يعني بهتر) هي آهي تہ هن دعا جي اول آخر اَلْحَمْدُلله ۽ درود شريف پڙهي ۽ پهرين رڪعت ۾ قُلْ يَا اَيُّهَا الْكَافِرُوْن (الڪافرون) ۽ ٻئي ۾ قُلْ هُوَ اللهُ اَحَد (سوره اخلاص) پڙهي ۽ ڪجهہ مشائخ سڳورا فرمائن ٿا: پهرين ۾ وَرَبُّكَ يَخْلُقُ مَا يَشَآءُ وَيَخْتَارُ ؕ مَا كَانَ لَهُمُ الْخِيَرَةُ ؕ سُبْحٰنَ اللّٰهِ وَتَعٰلٰى عَمَّا يُشْرِكُوْنَ ﴿٦٨﴾ وَرَبُّكَ يَعْلَمُ مَا تُكِنُّ صُدُوْرُهُمْ وَمَا يُعْلِنُوْنَ ﴿٦٩﴾ (پ 20 القصص: 68،69) ۽ ٻئي ۾ وَمَا كَانَ لِمُؤْمِنٍ وَّلَا مُؤْمِنَةٍ اِذَا

قَضَى اللّٰهُ وَ رَسُوْلُهٗۤ اَمْرًا اَنْ يَّكُوْنَ لَهُمُ الْخِيَرَةُ مِنْ اَمْرِهِمْ ؕ وَ مَنْ يَّعْصِ اللّٰهَ وَ رَسُوْلَهٗ فَقَدْ ضَلَّ ضَلٰلًا مُّبِيْنًا ﴿۳۶﴾ (پ 22 الاحزاب 36) پڙهي. (ردالمحتار ج 2 ص 570)

بهتر هي آهي تہ ست ڀيرا استخارو ڪجي، هڪ حديث ۾ آهي: ”اي اَنس! جڏهن تون ڪنهن ڪم جو ارادو ڪرين تہ پنهنجي ربّ عَزَّوَجَلَّ ڪان ان بابت ست ڀيرا استخارو ڪر ۽ ڏس تہ تنهنجي دل ۾ ڇا ظاهر ٿيو ڇو تہ بيشڪ انهيءَ ۾ ڀلائي آهي.“
(ردالمحتار ج 2 ص 570)

۽ ڪجھ مَشائخ ڪرام رَحِمَهُمُ اللّٰهُ السَّلام ڪان منقول آهي تہ مٿي ڏنل دعا پڙهي، باوُضو قِبلي رُخ سُمهي، جيڪڏهن خواب ۾ اڇاڻ يا ساواڻ ڏسي تہ اهو ڪم بهتر آهي، ڪاراڻ يا ڳاڙهاڻ ڏسي تہ بُرو آهي ان ڪان بچي.

ان وقت تائين استخاري جو وقت آهي جيستائين هڪ طرف راءِ پوري طرح پڪي نہ ٿي وڃي. (بهار شريعت حصو 4 ص 32)

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## صلوٰةُ الاَوَّابِين جي فضيلت

حضرت سيدنا ابوهريره رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنْهُ ڪان روايت آهي تہ تاجدار رسالت، شهنشاھ نُبُوَّت، مَخزَنِ جُود و سَخاوت، پيڪر عَظمت و شَرافت، محبوبِ ربُّ العِزّت، مُحسِنِ اِنسانيت صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: ”جيڪو مغرب (جي نماز) ڪان پوءِ ڇھ رڪعتون انهيءَ طرح ادا ڪري جو انهن جي وچ ۾ ڪا بہ بُري ڳالھ نہ ڪري تہ اهي ڇھ رڪعتون ٻارهن سالن جي عبادت جي برابر ٿينديون.“

(سنن ابن ماجہ ج 2 ص 45 حديث 1167)

# اَوَّابِين جي نماز جو طريقو

مغرب جون ٽي رڪعتون فرض پڙهڻ کان پوءِ ڇهہ رڪعتون هڪ ئي نيّت سان پڙهو، هر ٻن رڪعتن تي قعدو ڪري ۽ ان ۾ اَلتَّحِيَّات، دُرُودِ اِبرَاهِيم ۽ دُعا پڙهو، پهرين، ٽئين ۽ پنجين رڪعتن جي شروع ۾ ثناء، تَعَوُّذ ۽ تَسمِيہ (يعني اعوذ بالله ۽ بسم الله) بہ پڙهو، ڇهين رڪعت جي قعدي کان پوءِ سلام ڦيريو. پهريون ٻہ رڪعتون سنّت مُؤَڪَّدَہ ٿيون ۽ باقي چار نفل، هي آهي اَوَّابِين (يعني توبهہ ڪرڻ وارن) جي نماز. (الوظيفۃ الکريمۃ ص 24 ملخصاً) چاهيو تہ ٻہ ٻہ رڪعتون بہ پڙهي سگهو ٿا. بهارشريعت حصو 4 صفحي 15 ۽ 16 تي آهي: مغرب کان پوءِ ڇهہ رڪعتون مُستَحب آهن جنهن کي صلوٰۃُ الاَوَّابِين چئبو آهي، چاهي هڪ سلام سان سڀ پڙهي يا ٻن سان يا ٽن سان، ۽ ٽن سلامن سان يعني هر ٻن رڪعتن تي سلام ڦيرڻ افضل آهي.
(درمختار و ردالمحتار ج 2 ص 547)

صَلُّوا عَلَی الحَبِيب! صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

# تحيۃُ الوُضو

**وضوءَ** کان پوءِ عُضوا خُشڪ ٿيڻ کان پهرين ٻہ رڪعتون نماز پڙهڻ مُستَحب آهي. (درمختار ج 2 ص 563) **حضرت سيدنا عُقبہ بِن عَامِر** رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنهُ **کان روايت آهي، تہ نبي ڪريم** صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم **جن** فرمايو: ”جيڪو شخص وضو ڪري ۽ سٺي طرح وضو ڪري ۽ ظاهر ۽ باطن سان متوجّهہ ٿي ٻہ رڪعتون پڙهي، ان لاءِ جنّت واجب ٿي ويندي آهي.“ 1 (صحيح مسلم ص 144 حديث 234)

غُسلَ کان پوءِ بہ ٻہ رڪعتون نماز مُستَحَب آهي وَضوءَ کان پوءِ فرض وغيره پڙهي تہ اِهي تَحِيَّۃُ الوضو جي قائم مقام ٿي ويندا.

(ردالمحتار ج 2 ص 563) مڪروهه وقت ۾ **تَحِيَّةُ الوضو** ۽ غسل کان پوءِ واريون ٻه رڪعتون نه ٿا پڙهي سگهو.

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

# صلوٰةُ الاَسرار

دعائون قبول ٿيڻ ۽ مُرادون پُوريون ٿيڻ لاءِ هڪ مُجَرَّب (يعني آزمايل) نماز صلواةُ الاَسرار به آهي جنهن کي امام ابوالحسن نُورُالدِّين علي بن جَرير لخمي شَطْنُوفِي رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه بَهجةُ الاَسرار ۾ ۽ حضرت مُلا علي قَاري عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللهِ البَارِي ۽ شيخ عبدُالحق مُحَدِّث دهلوي عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللهِ القوي جن حُضُور غوثِ پاڪ رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ کان روايت ڪندي لکيو آهي. ان جي ترڪيب هيءَ آهي ته مَغْرِب جي نماز کان پوءِ سُنّتون پڙهي ٻه رڪعتون نفل نماز پڙهي ۽ بهتر هي آهي ته اَلحَمد کان پوءِ هر رڪعت ۾ يارهن ڀيرا قُلْ هُوَ الله پڙهي، سلام کان پوءِ الله عَزَّوَجَلَّ جي حمد ۽ ثناءَ ڪري، (مثلاً: حمد ۽ ثنا جي نيّت سان سُوره فَاتِحَه پڙهي) پوءِ نبي ڪريم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن تي يارهن ڀيرا درود ۽ سلام عرض ڪري ۽ يارهن ڀيرا هيئين چوي:

**يَا رَسُوْلَ اللهِ يَانَبِيَّ اللهِ اَغِثْنِىْ وَامْدُدْنِىْ فِىْ قَضَاءِ حَاجَتِىْ يَا قَاضِىَ الْحَاجَات**

**ترجمو:** اي الله عَزَّوَجَلَّ جا رسول! اي الله عَزَّوَجَلَّ جا نبي! منهنجي فرياد تي پهچو ۽ منهنجي مراد پوري ٿيڻ ۾ منهنجي مدد ڪريو، اي مرادون پوريون ڪرڻ وارا.

پوءِ عراق ڏانهن يارهن قدم هلي ۽ هر قدم تي هيئن چوي:

**يَاغَوْثَ الثَّقَلَيْنِ يَا كَرِيْمَ الطَّرَفَيْنِ اَغِثْنِىْ وَامْدُدْنِىْ فِىْ قَضَاءِ حَاجَتِىْ يَاقَاضِىَ الْحَاجَاتِ.**

**ترجمو:** اي انسانن ۽ جنّن جا فرياد رَس! (يعني سڏ ٻُڌندڙ) ۽ اي ٻنهي طرفن (يعني ماءُ پيءُ ٻنهي ئي طرفان) بُزُرگ! منهنجي فرياد لاءِ پهچو ۽ منهنجي

مراد پوري ٿيڻ لاءِ منهنجي مدد ڪريو، اي مُرادون پوريون ڪرڻ وارا.

پوءِ **حُضُور اَڪرم** صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم **جن ڪي وسيلو بڻائي الله** تعاليٰ کان پنهنجي مراد لاءِ دعا گهرو. (عربي دعائن سان گڏ ترجمو پڙهڻ ضروري ناهي) (بهار شريعت حصو 4 ص 35، بهجةُ الاسرار ص 197)

حُسنِ نیّت ہو، خطا پھر کبھی کرتا ہی نہیں

آزمایا ہے یگانہ ہے دوگانہ تیرا

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

# صلوٰةُ الحاجات

حضرت سيدنا **حُذَيفہ** رَضِیَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ **کان روايت آهي تہ** "جڏهن حضور اڪرم، **نُورِ مُجَسَّم، رَسُولِ مُحتَشَم، شَافعِ اُمَم** صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم **کي ڪو** اهم معاملو پيش ايندو هو تہ پاڻ سڳورا صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم **نماز پڙهندا هئا.**" (سنن ابي داؤد ج 2 ص 52 حديث 1319)

ان جي لاءِ ٻہ يا چار رڪعتون پڙهو. حديث شريف ۾ آهي: "پهرئين رڪعت ۾ سوره **فاتحہ** ۽ ٽي ڀيرا **آيتُ الڪُرسِي** پڙهي ۽ باقي ٽن رڪعتن ۾ سورهءِ **فاتحہ** ۽ قُلْ هُوَ اللهُ ۽ قُلْ اَعُوْذُ بِرَبِّ الْفَلَقِ ۽ قُلْ اَعُوْذُ بِرَبِّ النَّاسِ هڪ هڪ ڀيرو پڙهي تہ هي ائين آهن جيئن شبِ قَدر ۾ چار رڪعتون پڙهيون. (بهار شريعت حصو 4 ص 34) **مشائخ ڪرام** رَحِمَهُمُ اللهُ السَّلَام فرمائن ٿا: اسان اها نماز پڙهي ۽ اسان جون مرادون پوريون ٿيون. (ايضاً) حضرت سيدنا **عبدالله بن اَوفي** رَضِیَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ **کان روايت آهي تہ** **حُضُور اڪرم** صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم **فرمائن ٿا: جنهن جي ڪا حاجت** (مُراد) **الله** عَزَّوَجَلَّ جي طرف هجي يا ڪنهن ٻئي بني آدم (يعني انسان) جي طرف تہ چڱيءَ طرح وضو ڪري پوءِ ٻہ رڪعتون نماز پڙهي الله عَزَّوَجَلَّ جي حمد ڪري ۽ نبي صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم تي دُرود موڪلي پوءِ

هي دعا پڙهي:

لَا اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ الْحَلِيْمُ الْكَرِيْمُ سُبْحَانَ اللّٰهِ رَبِّ الْعَرْشِ الْعَظِيْمِ اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعَالَمِيْنَ اَسْأَلُكَ مُوْجِبَاتِ رَحْمَتِكَ وَعَزَائِمَ مَغْفِرَتِكَ وَالْغَنِيْمَةَ مِنْ كُلِّ بِرٍّ وَّالسَّلَامَةَ مِنْ كُلِّ اِثْمٍ لَا تَدَعْ لِيْ ذَنْبًا اِلَّا غَفَرْتَهٗ وَلَا هَمًّا اِلَّا فَرَّجْتَهٗ وَلَا حَاجَةً هِيَ لَكَ رِضًا اِلَّا قَضَيْتَهَا يَا اَرْحَمَ الرّٰحِمِيْنَ

(سنن ترمذي ج 2 ص 21 حديث 478)

**ترجمو:** الله عَزَّوَجَلَّ کان سواءِ ڪوبہ معبود ناهي جيڪو حليم ۽ ڪريم آهي، پاڪ آهي الله عَزَّوَجَلَّ مالڪ آهي عظيم عرش جو، حمد آهي الله عَزَّوَجَلَّ جي لاءِ جيڪو پالڻهار آهي سموري جهان جو، مان توکان تنهنجي رحمت جا سبب گهران ٿو (ٿي) ۽ طلب ڪريان ٿو (ٿي) تنهنجي بخشش جا ذريعا، ۽ هر نيڪيءَ جي غنيمت ۽ هر گناهہ کان سلامتي ڪي، مون لاءِ ڪوبہ گناهہ بغير مغفرت جي نہ ڇڏ ۽ هر غم کي دور ڪر ۽ جيڪا مراد تنهنجي راضپي جي مطابق آهي ان کي پورو ڪر، اي سمورن مهربانن کان وڌيڪ مهربان.

# نابين کي اکيون ملي ويون

حضرت سيدنا عُثمان بن حُنيف رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ کان روايت آهي تہ هڪ نابين صحابي رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ بارگاهِ رسالت ۾ حاضر ٿي عرض ڪيو: الله عَزَّوَجَلَّ کان دعا گهرو تہ مون کي عافيت ڏئي. ارشاد فرمايائون: ”جيڪڏهن تون چاهين تہ دعا ڪيان جيڪڏهن چاهين تہ صبر ڪر ۽ اهو تنهنجي لاءِ بهتر آهي.“ ان عرض ڪيو: حُضور! دعا فرمايو: تنهن تي ڪين حڪم فرمايائون تہ وُضو ڪريو ۽ چڱي

ريت وُضو ڪري ۽ ٻہ رڪعتون نماز پڙهي هي دعا پڙهو:

اَللّٰهُمَّ اِنِّیْ اَسْئَلُکَ وَاَتَوَسَّلُ وَاَتَوَجَّهُ اِلَیْکَ بِنَبِیِّکَ مُحَمَّدٍ نَّبِیِّ الرَّحْمَةِ یَا رَسُوْلَ اللّٰهِ[1] اِنِّیْ تَوَجَّهْتُ بِکَ اِلٰی رَبِّیْ فِیْ حَاجَتِیْ هٰذِهٖ لِتُقْضٰی لِیْ اَللّٰهُمَّ فَشَفِّعْهُ فِیَّ

**ترجمو: اي** الله عَزَّوَجَلَّ! مان تو کان سوال ڪريان ٿو ۽ وسيلو وٺان ٿو ۽ تو ڏانهن ڌيان ڌريان ٿو تنهنجي نبي **محمّد** صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي ذريعي سان جيڪي رحمت ڀريا نبي آهن. **يا رسول الله** صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم مان اوهان جي ذريعي سان پنهنجي پالڻهار عَزَّوَجَلَّ ڏانهن هن مراد بابت متوجّهہ ٿيان ٿو، تہ جيئن منهنجي مراد پوري ٿئي. "**الاهي** عَزَّوَجَلَّ! سندن شفاعت منهنجي حق ۾ قبول فرماءِ."

حضرت سيدنا عثمان بن حُنيف رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ فرمائن ٿا: "خدا عَزَّوَجَلَّ جو قسم! اسان اڃا اُٿيا ئي ڪونہ هئاسين، ڳالهيون ئي ڪري رهيا هئاسين تہ هو اسان وٽ آيو، ڄڻ تہ هو ڪڏهن انڌو هو ئي نہ."

(سنن ابن ماجہ ج 2 ص 156 حديث 1385، سنن ترمذي ج 5 ص 336 حديث 3589، **المعجم الڪبير** ج 9 ص 30 حديث 8311، بهار شريعت حصو 4 ص 34)

**اسلامي ڀينرؤ!** شيطان جيڪو هيءَ وسوسو وجهندو آهي تہ رڳو "**ياالله**" چوڻ گهرجي "**يارسول الله**" نہ چوڻ گهرجي، **اَلحَمدلله** عَزَّوَجَلَّ انهيءَ حديث شريف، شيطان جي ان نهايت خطرناڪ وسوسي کي ٻہ ڀاڙان پٽي ڇڏيو تہ جيڪڏهن "**يارسول الله**" چوڻ جائز نہ هجي ها تہ اسان جا پيارا آقا، مديني وارا مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم اهو چوڻ جي تعليم پاڻ ڇو ڏين ها؟ تنهن ڪري جهومي جهومي "**يا رسول الله**" جا

---

1 حديث پاڪ ۾ ان جڳهہ "يا محمد" (صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم) آهي پر مجدِّد اعظم، اعليٰ حضرت امام احمد رضا خان عَلَيْهِ رَحْمَةُ الرَّحْمٰن "يا محمد" (صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم) چوڻ جي بجاءِ **يارسول الله** (صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم) چوڻ جي تعليم ڏني آهي.

نعرا لڳائيندا رهو.

يارسول الله کے نعرے سے ہم کو پیار ہے

جس نے یہ نعرہ لگایا اُس کا بیڑا پار ہے

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

# گِرهڻ جي نماز

حضرت سيدنا ابو موسيٰ اَشعري رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْہُ کان روايت آهي ته شهنشاهِ خوش خِصال، پيڪرِ حُسن و جَمال، دافِع رَنج و مَلال، صاحب جُود و نَوال صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي مُبارَڪ دور ۾ هڪ ڀيري سج گِرهڻ ٿيو، پاڻ ڪريم صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم مسجد تشريف وٺي آيا تمام طويل قيام، رڪوع ۽ سُجُود سان نماز پڙهيائون جو مون ڪڏهن به ڪين ائين ڪندي ڪونه ڏٺو هو ۽ هي فرمايائون: اللهعَزَّوَجَلَّ ڪنهن جي موت ۽ حيات جي ڪارڻ پنهنجون اهي نشانيون ظاهر نٿو فرمائي، بلڪ انهن سان پنهنجي ٻانهن کي ديڄاريندو آهي، ان ڪري جڏهن انهن مان ڪجهه ڏسو ته گهٻرائي ذِڪر، دعا ۽ اِستِغفار (يعني توبهه) ڪريو. (صحيح البخاري ج 1 ص 363 حديث 1059) سج گرهڻ جي نماز سُنّتِ مُؤڪَّدَه ۽ چنڊ گرهڻ جي نماز مُستَحَب آهي. (درمختار ج 3 ص 80)

# گِرهڻ جي نماز پڙهڻ جو طريقو

هي نماز ٻين نفلن وانگر ٻه رڪعتون پڙهو يعني هر رڪعت ۾ هڪ رُڪوع ۽ ٻه سجدا ڪريو، نه هن ۾ اَذان آهي، نه اِقامت، نه بلند آواز سان قراءَت ۽ نماز کان پوءِ دعا گهرندا رهو ايستائين جو سج صاف ٿي وڃي ۽ ٻن رڪعتن کان وڌيڪ به پڙهي سگهو ٿا، چاهي ٻه ٻه رڪعتن تي سلام ڦيريو يا چئن تي. (بهارشريعت حصو 4 ص 136)

اهڙي وقت گرهڻ لڳو جو ان وقت نماز پڙهڻ منع آهي ته نماز نه پڙهو، بلڪ دعا ۾ مشغول رهو ۽ انهيءَ ئي حالت ۾ سج لهي وڃي ته دعا ختم ڪري ڇڏيو ۽ مَغرِب جي نماز پڙهو.

(الجوهرة النيرة ص 124، ردالمحتار ج 3 ص 78)

تيز جهڪ (آنڌي) اچي يا ڏينهن جو سخت اونداهي ڇائنجي وڃي يا رات مهل ڀوائتي روشني ٿئي يا لاڳيتو ڪثرت سان مينهن وسي يا ڪثرت سان برف جا ڳڙا ڪِرن يا آسمان ڳاڙهو ٿي وڃي يا وِڄ ڪري يا ڪثرت سان تارا ٽُٽن يا طاعون وغيره وبا پکڙجي يا زلزلا اچن يا دشمن جو خوف هجي ۽ ڪو خوفناڪ معاملو ٿي پوي ته انهن سينيءَ لاءِ ٻه رڪعتون نماز مُستَحب آهي.

مخلصاً (عالمگيري ج 1 ص 153، درمختار ج 3 ص 80 وغيرهما)

## نماز توبهه

حضرت سيدنا ابوبڪر صديق رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْهُ کان روايت آهي ته حُضورِ پاڪ، صاحبِ لَولاڪَ، سَيّاحِ اَفلاڪ صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن فرمائن ٿا: ”جڏهن ڪو ٻانهو گناهه ڪري پوءِ وضو ڪري نماز پڙهي پوءِ اِستِغفار (يعني توبهه) ڪري، الله تعاليٰ سندس گناهه بخشي ڇڏيندو. پوءِ هيءَ آيت پڙهيائون:

وَالَّذِيْنَ اِذَا فَعَلُوْا فَاحِشَةً اَوْ ظَلَمُوْٓا اَنْفُسَهُمْ ذَكَرُوا اللّٰهَ فَاسْتَغْفَرُوْا لِذُنُوْبِهِمْ ۠ وَمَنْ يَّغْفِرُ الذُّنُوْبَ اِلَّا اللّٰهُ ڗ وَلَمْ يُصِرُّوْا عَلٰى مَا فَعَلُوْا وَهُمْ يَعْلَمُوْنَ ﴿۱۳۵﴾

**ترجمو ڪنزالايمان:** ۽ اهي جڏهن ڪا بي حيائي يا پاڻ تي ظلم ڪري ويهندا آهن ته **الله** کي ياد ڪري پنهنجن گناهه جي معافي گهرندا آهن ۽ **الله** کانسواءِ ڪير گناهه معاف ڪندو ۽ جيڪي ڪيائون تنهن تي ڄاڻي واڻي اصرار نه ڪندا آهن.

(پ 4، آل عمران 135)

(سنن ترمذي ج 1 ص 415 حديث 406)

## عشاءَ کان پوءِ ٻن نفلن جو ثواب

حضرت سَيِّدُنا عَبدُاللّٰه بِن عَباس رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنۡھُما کان روايت آهي تہ رسولِ اکرم صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم ارشاد فرمايائون: جيڪو عشاء کان پوءِ ٻہ رڪعتون پڙهندو ۽ هر رڪعت ۾ سورة فاتحہ کان پوءِ پندرهن ڀيرا قُل هُوَ اللّٰهُ اَحَد پڙهندو، الله تعاليٰ ان لاءِ جنّت ۾ ٻہ اهڙا محل تعمير ڪندو جن کي جنّت وارا ڏسندا. (تفسير در منثور ج 8 ص 681)

## عصر جي سنتن بابت ٻہ فرمان مصطفيٰ صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم:

﴿1﴾ جيڪو عصر کان پهرين چار رڪعتون پڙهي، الله تعاليٰ ان جي بدن تي باهہ حرام فرمائي ڇڏيندو.

(المعجم الکبير للطبراني ج 23 ص 281 حديث 611)

﴿2﴾ جيڪو عصر جي نماز کان پهرين چار رڪعتون پڙهي تنهن کي باهہ نہ ڇُهندي. (المعجم الاوسط للطبراني ج 2 ص 77 حديث 2580)

## ظهر جي آخري ٻن نفلن جي ٻہ ڇا ڳالهہ ڪجي!

ظهر جي نماز کان پوءِ چار رڪعتون پڙهڻ مُستَحَب آهي جو حديث پاڪ ۾ فرمايو ويو: جنهن ظهر (جي فرضن) کان پهريان چار ۽ بعد ۾ چار رڪعتن جي پابندي رکي، الله تعاليٰ ان تي باهہ حرام فرمائي ڇڏيندو. (سنن النسائي ص 310 حديث 1813) علامہ سيّد طحطاوي عَلَيۡهِ رَحۡمَةُ اللهِ القوي فرمائن ٿا: شروع کان ئي باهہ ۾ داخل ڪونہ ٿيندو ۽ سندس گناهہ ختم ڪيا ويندا ۽ ان تي (حُقُوقُ العِباد يعني ٻانهن جي حق تلفين جا) جيڪي مطالبا آهن الله تعاليٰ ان جي فريق (يعني فريادي) کي راضي ڪري ڇڏيندو يا هي مطلب آهي تہ اهڙن ڪمن جي توفيق ڏيندو جن تي سزا نہ هجي. (حاشية الطحطاوي علي الدر ج 1 ص 284) ۽ علامہ شامي قُدِّسَ سِرُّهُ السَّامِی فرمائن ٿا: ان جي لاءِ بِشارت (خوشخبري)

هيءَ آهي تہ سَعادت تي سندس خاتمو ٿيندو ۽ دوزخ ۾ ڪونہ ويندو.
(ردالمحتار ج 2 ص 547)

اسلامي ڀينرؤ! اَلحَمدلله عَزَّوَجَلَّ جتي ظُهر جون ڏهہ رڪعتون پڙهي وننديون آهيو، اتي آخر ۾ وڌيڪ ٻہ رڪعتون نفل پڙهي ٻارهين شريف جي نسبت سان ٻارهن رڪعتون ڪرڻ ۾ دير ئي ڪيتري لڳندي آهي! اِستِقامت سان (آخري) ٻہ نفل پڙهڻ جي نيّت فرمائي ڇڏيو.

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## مدني گل

حضرت سيِّدُنا اَنَس بن مالڪ رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ ڪان روايت آهي، رسولن جي سالار، نبين جي سردار صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو ارشاد حق بنياد آهي: (لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللهُ (مُحَمَّدٌرَّسُوْلُ الله) هميشہ پنهنجي پڙهڻ واري ڪي نفعو پهچائيندو رهندو ۽ انهن ڪان عذاب ڪي پري ڪندو رهندو جيستائين ان جو حق هلڪو نہ ڄاڻن. صحابہ ڪرام عَلَيْهِمُ الرِّضْوَان عرض ڪيو: يارسول الله صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ڪلمي پاڪ ڪي هلڪو ڄاڻڻ ڇا آهي؟ ارشاد فرمايائون: يَظْهَرُ الْعَمَلُ بِمَعَاصِى اللهِ فَلَا يُنْكَرُ وَلَا يُغَيَّرُ- يعني (لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللهُ جي حق ڪي هلڪو سمجهڻ هي آهي تہ) الله تعالیٰ جي نافرماني وارو ڪم ڏسي ڪري ان ڪي نہ روڪيو وڃي ۽ نہ ئي ان ڪي تبديل ڪيو وڃي. (الترغيب والترهيب ج 3 ص 184 حديث 3538)

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ
اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ط بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ط

# استنجا جو طريقو (حنفي)

## دُرُود شريف جي فضيلت

سرڪارِ نامدار، مَديني جا تاجدار، حَبيب پَروَردگار، شَفِيع رَوزِشُمار، جنابِ احمد مُختار صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو ارشاد نُور بار آهي: توهان پنهنجي مَجلسن کي درود پاڪ پڙهي آراسته ڪيو (يعني سينگاريو) ڇوته توهان جو مون تي درود پاڪ پڙهڻ قِيامت جي ڏينهن توهان لاءِ نور هوندو. (الجامع الصغير للسيوطي ص280 حديث 4580)

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## عذاب ۾ گهٽتائي ٿي ويئي

حضرت سَيِّدنا ابن عباس رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ کان روايت آهي رسولِ مُحتَشَم، نورِ مُجَسَّم، شاهِ بَني آدم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ٻن قبرن وٽان گذريا (ته غيب جي خبر ڏيندي) فرمايائون: ٻنهي قبر وارن کي عذاب ڏنو پيو وڃي ۽ ڪنهن وڏي شيءِ (جنهن کان بچڻ مشڪل هجي) جي ڪري عذاب نه پيو ڏنو وڃي، بلڪ هڪ ته پيشاب جي ڇنڊن کان نه بچندو هو ۽ ٻيو چُغل خوري ڪندو هو، پوءِ پاڻ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ڪجي جي تازي ٽاري گهرائي ۽ ان کي وچ مان ٻه ٽڪر ڪري هر هڪ جي قبر تي اڌ اڌ ٽاري رکيائون، ۽ فرمايائون: جيستائين اهي خشڪ نه ٿين تيستائين ٻنهي جي عذاب ۾ گهٽتائي ٿيندي.

(سنن نسائي ص 13 حديث 31، صحيح بخاري ج 1 ص 95 حديث 216)

صَلُّوا عَلَی الْحَبِيْب!   صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

# اِستنجا جو طريقو

﴿1﴾ استنجا خانن ۾ شيطان ۽ جنّ رهندا آهن جيڪڏهن وڃڻ کان پهرين بِسمِ اللهِ پڙهي وڃي ته ان جي برڪت سان اهي اوگهڙ نه ڏسي سگهندا، حديث پاڪ ۾ آهي: جنّ جي اکين ۽ ماڻهن جي اوگهڙ وچ ۾ پردو اهو آهي جو جڏهن پاخاني لاءِ وڃي ته بِسمِ اللهِ چوي. (سنن ترمذي ج 2 ص113 حديث 606) يعني جيئن ديوار ۽ پردو ماڻهن جي لاءِ اوٽ (آڙ) بڻجي ٿو ائين ئي الله عَزَّوَجَلَّ جو ذِڪر جنّن جي نگاهن کان اوٽ بڻجندو آهي ته جيئن جنّ ان کي ڏسي نه سگهن. (مرأةالمناجيح ج 1 ص 268) ﴿2﴾ استنجاخانن ۾ داخل ٿيڻ کان پهرين بِسمِ اللهِ پڙهو، بلڪ بهتر اهو آهي هيءَ دعا پڙهو (اول ۽ آخر درود شريف)

بِسْمِ اللّٰهِ اَللّٰهُمَّ اِنِّيْ اَعُوْذُ بِكَ مِنَ الْخُبُثِ وَالْخَبَائِثِ

(ڪتابُ الدّعاء لِلطّبَراني حديث 357 ص132)

ترجمو: الله عَزَّوَجَلَّ جي نالي سان شروع، يااللهﷻ آئون ناپاڪ جنّن (نر ۽ مادي) کان تنهنجي پناهه گهران ٿو/ ٿي.

﴿3﴾ پوءِ پهرين کابو پير استنجا خاني ۾ رکي داخل ٿيو ﴿4﴾ مٿي تي رئو (چادر) وغيره سني طريقي سان ڍڪيو جيئن ان جا ڪنارا وغيره نجاست وغيره ۾ ڪري ناپاڪ نه ٿين ﴿5﴾ مٿي اُگهاڙي استنجا خاني ۾ داخل ٿيڻ منع آهي ﴿6﴾ جڏهن پيشاب ڪرڻ يا قضاءِ حاجت جي لاءِ ويهو ته منهن يا پُٺي ٻنهي مان ڪا به قِبلي ڏانهن نه هجي جيڪڏهن ڀُل ۾ قبلي ڏانهن مُنهن يا پُٺ ڪري ويهي رهيون ياد اچڻ تي هڪدم قبلي کان منهن ڦيرايو جو گهٽ ۾ گهٽ 45 ڊگري کان ٻاهر ٿي وڃو، اميد آهي انهي سبب فورًا ان جي مَغفِرت ۽ بخشش ٿي ويندي ﴿7﴾ اڪثر اسلامي ڀينرون ٻارن کي به قِبلي

ڏانهن منهن يا پُٺ ڪرائي پيشاب يا پاخانو ڪرائينديون آهن، ائين نہ ڪريو جيڪڏهن ڪنهن ائين ڪيو تہ اها گنهگار ٿيندي ﴿8﴾ جيستائين قضاءِ حاجت جي لاءِ ويهڻ کي ويجهو نہ ٿيو ڪپڙو بدن تان نہ لاهيو ۽ نہ ئي حاجت کان وڌيڪ بدن ظاهر ڪيو ﴿9﴾ پوءِ پيرن کي ڪشادو ڪري کابي پير تي زور ڏئي ويهو، ائين وڏي آنڊي جو منهن کلي ٿو ۽ اِجابت آساني سان ٿيندي آهي ﴿10﴾ ڪنهن ديني مسئلي تي غور نہ ڪيو اهو محرومي جو سبب آهي ﴿11﴾ انهيءَ وقت ڇِڪ ﴿12﴾ سلام يا ﴿13﴾ اذان جو جواب زبان سان نہ ڏيو ﴿14﴾ جيڪڏهن پاڻ کي ڇِڪ اچي تہ زبان سان اَلۡحَمۡدُلِلّٰهِ نہ چوي، دل ۾ چئي ڇڏي ﴿15﴾ ڳالهہ ٻولهہ نہ ڪري ﴿16﴾ پنهنجي شرمگاهہ ڏانهن نہ ڏسي ﴿17﴾ انهي نَجاست ڏانهن بہ نہ ڏسي جيڪا بدن مان نڪتي آهي ﴿18﴾ ڄاڻي واڻي دير تائين استنجا خاني ۾ نہ ويهي جو بواسير (يعني موڪن جي بيماري) ٿيڻ جو انديشو آهي ﴿19-25﴾ پيشاب ۾ نہ ٿُڪ اڇلائي، نہ نڪ صاف ڪري، نہ بنا ضرورت کنگهي، بار بار هيڏانهن هوڏانهن نہ نهاري، نہ بدن تي هٿ گهمائي، نہ آسمان ڏانهن نگاهہ ڪري بلڪ شرم وچان مٿو جهڪائي ويهي ﴿26﴾ قضاءِ حاجت کان فارغ ٿيڻ کان پوءِ پهرين پيشاب جي جاءِ ڌوئي پوءِ پاخاني واري جاءِ ﴿27﴾ عورت جي لاءِ پاڻي سان اِستِنجا ڪرڻ جو مُستَحَب طريقو هي آهي تہ ٿورو ڪشادو ويهي ساڄي هٿ سان آهستي آهستي پاڻي وهائي ۽ کابي هٿ جي آڱرين جي پيٽ سان نَجاست جي جاءِ ڌوئي، ڪوُنرو يا لوٽو مٿانهين جاءِ تي رکي تہ جيئن ڇنڊا نہ پون، ساڄي هٿ سان استنجا ڪرڻ مڪروهہ آهي ڌوئڻ ۾ مُبالغو ڪري يعني ساهہ جو دٻاءُ هيٺين پاسي ڪري ايستائين جو نَجاست جي جاءِ چڱي

طرح ڌوپجي وڃي ۽ سٽپ جو اثر بہ باقي نہ رهي جيڪڏهن عورت روزي سان هجي تہ پوءِ مبالغو نہ ڪري ﴿28﴾ پاڪائيءِ حاصل ٿيڻ کان پوءِ هٿ بہ پاڪ ٿي ويا پوءِ بہ صابڻ وغيره سان ڌوئو. (بهار شريعت حصو 2 ص 131 کان 132 ردالمحتار ج 1 ص 615 وغيره) ﴿29﴾ جڏهن اِستِنجا خاني مان نڪري تہ پهرين ساڄو پير ٻاهر ڪڍي، ٻاهر نڪرڻ کان پوءِ (اول آخر دُرود شريف پڙهي پوءِ) هي دعا پڙهي:

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ الَّذِىْ اَذْهَبَ عَنِّى الْاَذٰى وَعَافَانِىْ

**ترجمو:** الله تعالي جو شڪر آهي جنهن مون کان تڪليف واري شيء پري ڪئي ۽ مون کي عافيت (يعني راحت) بخشي.

(سنن ابن ماجہ ج 1ص193 حديث 301)

بهتر هي آهي تہ هي دعا بہ ملائي پڙهو، اهڙي طرح ٻن حديثن تي عمل ٿي ويندو: غُفْرَانَكَ ترجمو: آئون اللهعَزَّوَجَلَّ کان مَغفِرت جو سوال ڪيان ٿو (ٿي). (سنن ترمذي ج 1 ص87 حديث 7)

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## آبِ زَم زَم سان استنجا ڪرڻ ڪيئن آهي؟

﴿1﴾ زَم زَم شريف سان اِستِنجا ڪرڻ مڪروه آهي، ۽ (جيڪڏهن) پٿر سان وٽ نہ ڪيو تہ پوءِ ناجائز آهي. (بهار شريعت حصو 2 ص 135) ﴿2﴾ وضو جي بچيل پاڻي سان طهارت ڪرڻ خلافِ اَوليٰ آهي. (ايضاً) ﴿3﴾ طهارت جي بچيل پاڻي سان وضو ڪري سگهو ٿا، ڪجهہ ماڻهو ان کي وهائي ڇڏيندا آهن ائين نہ ڪرڻ گهرجي، اهو اِسراف آهي. (ايضاً)

## استنجا خاني جو رخ صحيح رکو

جيڪڏهن خدانخواستہ اوهان جي گهر جي اِستِنجا خاني جو رُخ غلط آهي يعني ويهڻ مهل قِبلي ڏانهن منهن يا پُٺ ٿئي ٿي تہ

ان کي صحيح ڪرائڻ جي فورًا ترڪيب ڪيو. پر اهو ذهن ۾ رهي تہ معمولي پاسيرو ڪرڻ ڪافي ناهي. W.C ائين هجي جو ويهڻ مهل مُنهن يا پُٺي قبلي کان 45 ڊگري ٻاهر رهي. آساني انهيءَ ۾ آهي قبلي کان 90 ڊگري جي رخ تي هجي يعني نماز کان پوءِ ٻنهي پاسي سلام ڦيرڻ ۾ منهن جنهن پاسي ڪندا آهيو، انهي ٻنهي پاسن مان ڪنهن هڪ پاسي W.C جو رخ رکو.

## استنجا کان پوءِ پير ڌوئو

پاڻي سان استنجا ڪرڻ وقت اڪثر ڪري پيرن جي پيڏين تي پاڻي جا ڇنڊا پوندا آهن، تنهنڪري احتياط انهي ۾ آهي فراغت کان پوءِ پيرن جي انهن حصن کي ڌوئي پاڪ ڪريو پر اهو خيال رهي ڌوئڻ مهل پنهنجي ڪپڙن يا ٻين شين تي پاڻي جا ڇنڊا نہ پون.

## سوراخ ۾ پيشاب ڪرڻ

رحمت وارا آقا، ٻنهي جهانن جا داتا، شافِع رَوزِ جَزا، مڪي مدني مصطفيٰ، محبوبِ ڪبريا صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جو فرمان شَفقت نشان آهي: توهان مان ڪو شخص سوراخ ۾ پيشاب نہ ڪري.
(سنن نسائي ص 14 حديث 34)

## جنّ شهيد ڪري ڇڏيو

**مُفسّر شهير، حڪيمُ الاُمّت، حضرت مفتي احمد يار خان** عَلَیْہِ رَحْمَۃُ الحَنّان فرمائن ٿا: جُحر مان مراد زمين ۾ سوراخ آهي يا ديوار جي ڦوٽ (يعني ڏار)، جيئن تہ اڪثر سوراخن ۾ زهريلا جانور (يا) ڪِوليون وغيره ڪمزور جيت يا جنّ رهندا آهن، ڪِولين کي پيشاب يا پاڻي سان تڪليف ٿيندي يا نانگ يا جنّ نڪري اسان کي تڪليف ڏيندا،

انهيءَ ڪري اتي پيشاب ڪرڻ منع فرمايو آهي. (حضرت سَيِّدنا) سَعُد ابن عُباده انصاري (رَضِيَ اللهُ تَعَالٰی عَنۡهُ) جي وفات ان ڪري ٿي جو پاڻ رَضِيَ اللهُ تَعَالٰی عَنۡهُ هڪ سوراخ ۾ پيشاب ڪيائون، جنّ ٻاهر نڪري ڪين شهيد ڪري ڇڏيو، ماٺهن انهيءَ سوراخ مان اهو آواز ٻُڌو:

نَحۡنُ قَتَلۡنَا سَيِّدَ الۡخَزۡرَجِ سَعۡدَ بۡنِ عُبَادَةَ وَرَمَيۡنَاهُ بِسَهۡمٍ فَلَمۡ نُخۡطِ فُؤَادَه.

ترجمو: يعني اسان خزرج قبيلي جي سردار سَعد بن عُباده (رَضِيَ اللهُ تَعَالٰی عَنۡهُ) کي شهيد ڪيو ۽ اسان (اهڙو) تير هنيو جيڪو انهن مان دل جي آرپار ٿي ويو. (مراة ج 1 ص 267، مِرقاة ج 2 ص 72، اِشِعّةُ اللَّمعات ج 1 ص 220)

**اللهعَزَّوَجَلَّ جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بي حساب بخشش ٿئي.** اٰمِين بِجَاهِ النَّبِيِّ الۡاَمِين صَلَّى اللهُ تَعَالٰی عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

## حمّام ۾ پيشاب ڪرڻ

سرڪار مدينهءِ منوره، سردار مڪهءِ مڪرمه صَلَّى اللهُ تَعَالٰی عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: ڪو به حمّام (يعني غسل خاني) ۾ پيشاب نه ڪري، پوءِ ان ۾ وهنجي يا وضو ڪري جو اڪثر وسوسا انهيءَ ڪري ٿيندا آهن. (ابوداؤد ج 1 ص 44 حديث 27) **مُفسّر شهير، حڪيمُ الاُمّت، حضرت مفتي احمد يار خان** عَلَيۡهِ رَحۡمَةُ الۡحَنَّان **هن حديث شريف جي تحت فرمائن ٿا:** جيڪڏهن غسل خاني جي زمين پڪي ۽ ان ۾ پاڻي جي نيڪال واري نالي به آهي ته اتي پيشاب ڪرڻ ۾ حرج ناهي، جيتوڻيڪ بهتر اهو آهي ته نه ڪري، پر جيڪڏهن زمين ڪچي هجي ۽ پاڻي نڪرڻ جو رستو به نه هجي ته پيشاب ڪرڻ سخت بُرو آهي ڇوته زمين نَجس (يعني ناپاڪ) ٿي ويندي، ۽ غسل يا وضو ۾ خراب پاڻي جسم تي لڳندو. هتي بي صورت مراد آهي تنهنڪري تاڪيد سان

منع فرمائي وئي، يعني انهيءَ سان وسوسا ۽ وهم جي بيماري پيدا ٿيندي آهي جيئن ته تجربو آهي، يا خراب ڇندا لڳڻ جو وسوسو رهندو. (مرأة ج 1 ص 266)

## استنجا جي پٿرن جا احڪام

﴿1﴾ جڏهن اڳيان يا پويان ڪان نجاست نڪري ته پٿر سان استنجا ڪرڻ سنّت آهي، ۽ جيڪڏهن صرف پاڻي سان پاڪائي حاصل ڪئي ته اهو به جائز آهي، پر مُستَحَب اهو آهي ته (پٿر سان) وٽ ڪرڻ ڪان پوءِ پاڻي سان طهارت ڪري فتاويٰ رضويه جلد 4 ص 598 تي آهي، سوال: عورت پيشاب ڪان پوءِ پٿر سان صاف ڪري يا صرف پاڻي سان استنجا ڪري؟ جواب: ٻنهي جو (جمع) ڪرڻ افضل آهي ۽ ان جي حق ۾ پٿر ڪان ڪپڙو بهتر آهي ﴿2﴾ اڳيان ۽ پويان ڪان پيشاب، پاخاني ڪان علاوه ڪا ٻي نجاست مثلاً خون، پونء وغيره نڪري، يا انهيءَ جڳهه تي خارج ڪان ناپاڪي لڳي وڃي ته به پٿر سان صاف ڪرڻ سان طهارت ٿي ويندي، جڏهن ته انهي جڳهه ڪان ٻاهر نه هجي، پر ڌوئڻ مُستَحَب آهي ﴿3﴾ پٿرن جي ڪا مُعَيَّن (يعني مقرر) تعداد سنّت ناهي، بلڪ جيترن ڪان صفائي ٿئي. جيڪڏهن هڪ سان صفائي ٿي ته سنّت ادا ٿي وئي ۽ جيڪڏهن ٽي پٿر ورتا ۽ صفائي نه ٿي ته سنّت ادا نه ٿي، البت مُستَحب اهو آهي اِڪي (مثلاً هڪ، ٽي، پنج) هجن جيڪڏهن هڪ يا ٻه سان ٿي وئي ته ٽي جي ڳڻپ پوري ڪري ۽ جيڪڏهن چار سان صفائي ٿي ته هڪ ٻيو وٺي، ته جيئن اِڪي ٿي وڃن ﴿4﴾ پٿرن سان طهارت انهي وقت ٿيندي جڏهن نجاست مَخرَج (خارج ٿيڻ جي جڳهه) جي آس پاس هڪ دِرهم[1] ڪان

---

[1] درهم جو مقدار مڪتبة المدينہ جي بهار شريعت جلد 1 ص 389 تي ڏسو

وڏيڪ نہ لڳل هجي جيڪڏهن دِرهم کان وڏيڪ پکڙيل هجي تہ ڌوئڻ فرض آهي، پر پٿر ونڻ هاڻي بہ سنّت آهي **﴿5﴾** نِڪري، پٿر، ڦاٽل ڪپڙو، اهي سڀ پٿر جي حڪم ۾ آهن، انهن سان صاف ڪرڻ بنا ڪَراهت جي جائز آهي (ڦاٽل ڪپڙو يا درزي جي بي قيمت ڪتر، بهتر هي آهي تہ سوٽي (Cotton) هجي تہ جيئن جلد جَذب ڪري) هي سڀ پٿر جي حڪم ۾ آهن، انهن سان صاف ڪرڻ بنا ڪراهت جائز آهي **﴿6﴾** هڏي، ڪاڏي، ڇيڻي (گوبر)، پڪل سِر، نِڪري، شيشي، ڪوئلي ۽ جانورن جي چاري ۽ اهڙي شيءِ جنهن جي ڪجهہ قيمت هجي، چاهي روپيو، اٺ آنا سهي انهن شين سان اِستِنجا ڪرڻ مڪروهہ آهي **﴿7﴾** ڪاغذ سان استنجا ڪرڻ منع آهي، جيتوڻيڪ ان تي ڪجهہ بہ نہ لکيل هجي، يا ابوجهل جهڙي ڪافر جو نالو لکيل هجي **﴿8﴾** ساڄي هٿ سان اِستِنجا ڪرڻ مڪروهہ آهي، جيڪڏهن ڪنهن جو کابو هٿ بيڪار ٿي ويو تہ ان جي لاءِ ساڄي هٿ سان (اِستِنجا ڪرڻ) جائز آهي **﴿9﴾** جنهن پٿر سان هڪ دفعو استنجا ڪيو ويو ٻيهر ان ڪي ڪتب آڻڻ مڪروهہ آهي، پر ٻيو پاسو جيڪڏهن صاف هجي تہ ان سان ڪري سگهو ٿا **﴿10﴾** عورت جي لاءِ طريقو هي آهي، تہ پهريون پٿر اڳيان کان پويان ڪڍي وڃي ۽ ٻيو پويان کان اڳيان جي طرف ڪڍي اچي ۽ ٽيون اڳيان کان پويان **﴿11﴾** پاڪ پٿر ساڄي پاسي رکڻ ۽ ڪم آڻڻ کان پوءِ کابي پاسي ائين رکو جو نجاست لڳل پاسو هيٺ هجي، هيءَ مُستَحَب آهي. (بهار شريعت حصو 2 ص 132، 134، عالمگيري ج 1 ص 48، 50) **﴿12﴾** ٽائليٽ پيپر استعمال ڪرڻ جي عالمن سڳورن اجازت ڏني آهي جو تہ اهو انهيءَ مقصد لاءِ ٺاهيو ويندو آهي، ۽ لکڻ جي ڪم ناهي ايندو، البت بهتر مٽي جو پٿر آهي.

# ڀتر ۾ سائنسي تحقيق

هڪ تحقيق مطابق مٽي ۾ نوشادر (Ammonium Chloride) ۽ ڏپ ختم ڪرڻ جا بهترين اَجزا موجود آهن. پيشاب ۽ فُضلو جراثيم وارو هوندو آهي ان جو انساني بدن تي لڳڻ نقصانڪار آهي. ان جا اجزاء بدن تي چنبڙي وڃڻ جي صورت ۾ مختلف بيماريون پيدا ٿيڻ جو انديشو آهي. ”ڊاڪٽر هلوڪ“ لکي ٿو: اِستِنجا واري مٽي جي ڀتر سائنسي دنيا کي حيرت ۾ وجهي ڇڏيو آهي مٽي جا تمام اجزاء جراثيم کي ختم ڪرڻ وارا هوندا آهن، ان ڪري ڀتر استعمال ڪرڻ سان پردي جي جڳهه تي موجود جراثيم جو خاتمو ٿي ويندو آهي بلڪ ان جو استعمال ”پردي جي جڳهه جي ڪينسر“ (Cancer of Penis) کان بچائيندو آهي.

# پوڙهي ڪافر ڊاڪٽر جو انڪشاف

اسلامي ڀينرؤ! سنّت جي مطابق قضاءِ حاجت ڪرڻ ۾ آخرت جي سعادت ۽ دنيا ۾ بيمارين کان حفاظت آهي. ڪافر بہ اسلامي طريقن جو نہ چاهيندي بہ اقرار ڪندا آهن، ان جي هڪ جهلڪ هن حڪايت ۾ ملاحظہ فرمايو: فزيالوجي جي هڪ سينئر پروفيسر جو بيان آهي: مان انهن ڏينهن ۾ مراڪش ۾ هيس، مون کي بخار ٿي پيو، دوا جي لاءِ هڪ غير مسلم پوڙهي تجربيڪار ڊاڪٽر وٽ پهتس، ان پڇيو: ڇا مسلمان آهين؟ مون چيو: ها مسلمان آهيان ۽ پاڪستاني آهيان. اهو ٻڌي هو چوڻ لڳو: جيڪڏهن توهان جي پاڪستان ۾ هڪ طريقو جيڪو توهان جي نبي (صَلَّى اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم) جو ٻڌايل آهي زندهہ ٿي وڃي تہ پاڪستاني گهڻين بيمارين کان

بچي ويندا! مون حيرت سان پڇا ڪئي! اهو ڪهڙو طريقو آهي؟ چيائين: جيڪڏهن قضاء حاجت جي لاءِ اسلامي طريقي مطابق ويهن ته اپنڊي سائيٽس (Appendicitis)، دائمي قبض، بواسير ۽ گُڙدن جون بيماريون نه ٿينديون!

## قضاءِ حاجت جي لاءِ ويهڻ جو طريقو

اسلامي ڀينرو! يقينًا اوهان به ڄاڻڻ چاهينديون ته اهو ڪرشماتي طريقو ڪهڙو آهي، ته ٻڌو! حضرت سَيِّدنا سُراقه بن مالڪ رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنۡہُ فرمائن ٿا: اسان کي تاجدار رسالت، محبوب ربُّ العِزّت صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن حڪم ڏنو ته اسين قضاءِ حاجت جي وقت کاٻي پير تي وزن ڏيون ۽ ساڄو پير بيهاريون. (مجمع الزوائد ج 1 ص 488 حديث 1020)

## کاٻي پير تي زور ڏيڻ جي حڪمت

رَفعِ حاجت جي وقت اوڪڙو ويهي ساڄو پير بيهاري يعني پنهنجي اصلي حالت تي (Normal) رکي کاٻي پير تي وزن (يعني زور) ڏيڻ سان وڏو آندو جيڪو کاٻي پاسي هوندو آهي انهيءَ ۾ فضلو هوندو آهي ان جو منهن چڱي نموني کلي پوندو آهي ۽ آساني سان فراغت ٿيندي آهي ۽ پيٽ سٺي نموني صاف ٿي ويندو آهي ۽ جڏهن پيٽ صاف ٿي ويندو ته گهڻين بيمارين کان بچاءُ ٿي ويندو.

## ڪرسيءَ نما ڪموڊ

افسوس! اڄڪلهه استنجا جي لاءِ ڪموڊ (Commode) عام ٿيندو پيو وڃي، انهي تي ڪرسي وانگر ويهڻ سبب ٽنگون پوري طرح ڪلنديون ناهن، اوڪڙو ويهڻ جي ترڪيب نه هجڻ سبب کاٻي

پير تي وزن بہ نٿو ڏئي سگهجي ۽ ائين آندن ۽ معدي تي زور ناهي پوندو ۽ ان ڪري فراغت بہ صحيح نہ ٿي ٿئي، ڪجھ نہ ڪجھ فضلو آندي ۾ باقي رهجي ويندو آهي جنهن سبب آندي ۽ معدي جي مختلف بيماريون پيدا ٿيڻ جو انديشو رهندو آهي ڪموڊ جي استعمال سان اَعصابي تناؤ پيدا ٿيندو آهي. حاجت ڪان پوءِ پيشاب جا قطرا ڪرڻ جو انديشو بہ رهندو آهي.

## پردي جي جڳھ جو ڪينسر

ڪرسي نما ڪموڊ ۾ پاڻي سان استنجا ڪرڻ ۽ پنهنجي بدن ۽ ڪپڙن کي پاڪ رکڻ ڏکيو آهي، اڪثر ڪري ان ۾ ٽائيلٽ پيپرز جو استعمال ٿيندو آهي، ڪجھ عرصو اڳ يورپ ۾ پردي جي حصن جي خطرناڪ بيمارين خاص طور **پردي جي جڳھ جو ڪينسر** تيزي سان ڦهلجڻ جون خبرون اخبارن ۾ شايع ٿيون تحقيقي بورڊ وِيٺو ۽ نتيجو اهو بيان ڪيو تہ ان بيمارين جا ٻہ سبب ظاهر ٿيا آهن: ﴿1﴾ ٽائليٽ پيپر جو استعمال ۽ ﴿2﴾ پاڻي جو استعمال نہ ڪرڻ.

## ٽائيلٽ پيپر سان پيدا ٿيندڙ بيماريون

ٽائليٽ پيپر ناهڻ لاءِ ڪجھ اهڙا ڪيميڪل استعمال ٿيندا آهن جيڪي جِلد (يعني چمڙي) جي لاءِ نهايت نقصانڪار آهن، ان جي استعمال سان چمڙي جون بيماريون پيدا ٿينديون آهن جيئن اَيگزيما ۽ چمڙي جو رنگ بدلجڻ. ”ڊاڪٽر ڪينن ڊيوس“ جو چوڻ آهي: ٽائليٽ پيپرز جو استعمال ڪرڻ وارا انهن بيمارين جي استقبال جي تياري ڪن: ﴿1﴾ پردي جي جڳھ جو ڪينسر ﴿2﴾ ڀڳندر (هڪ قسم جو ڦُڙ جيڪو مَقعَد (يعني ويهڻ جي جڳھ) وٽ ٿئي ٿو ۽ گهٽي

تڪليف پهچائيندو آهي) ﴿3﴾ چمڙي جون بيماريون (Skin Infection) ﴿4﴾ وچڙندڙ بيماريون (Viral Diseases)

## ٽائليٽ پيپر ۾ ڳُرِدن جون بيماريون

اَطِبّاء (ڊاڪٽرن) جو چوڻ آهي ٽائيلٽ پيپر سان صفائي صحيح ناهي ٿيندي، لهٰذا جراثيم ڦهلجندا آهن ۽ انساني بدن جي اندر وڃي طرح طرح جي بيمارين جو سبب بڻجندا آهن. خاص ڪري عورتن جي پيشاب گاهه ذريعي ڳُرِدن ۾ داخل ٿي ويندا آهن جنهن سبب ڪڏهن ڪڏهن ڳُرِدن مان پونءِ اچڻ شروع ٿي ويندي آهي. ها جيڪڏهن ٽائيلٽ پيپر استعمال ڪرڻ کان پوءِ پاڻي سان استنجا ڪيو وڃي ته ان جو نقصان نه هجڻ برابر رهجي ويندو آهي.

## سخت زمين تي قضاءِ حاجت ڪرڻ جا نقصان

ڪرسي نما ڪموڊ ۽ W.C جو استعمال شرعاً جائز آهي. سهولت جي لحاظ کان ڪموڊ جي مقابلي ۾ W.C بهتر آهي جڏهن ته ڪشادي هجي ته جيئن سنّت جي مطابق ويهي سگهجي، پر اڄڪلهه ننڍيون W.C لڳايون ٿيون وڃن، جنهن تي ڪشادو ويهي نٿو سگهجي، جيڪڏهن پير رکڻ جي جاءِ فرش سان هموار ڪئي وڃي ته ضرورت مطابق ڪشادو ويهي سگهجي ٿو، هڪ سنّت نرم زمين تي رفع حاجت ڪرڻ به آهي جيئن ته رسول **الله** صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي حديث ۾ آهي: جڏهن توهان مان ڪو پيشاب ڪرڻ چاهي ته پيشاب جي لاءِ نرم جڳهه ڳولهي. (الجامع الصغير للسيوطي ص37 حديث 507) ان جي فائدن کي تسليم ڪندي ليول پاول (Louval Poul) چوي ٿو: ”انسان جي بقا مٽي آهي ۽ فنا به مٽي آهي جڏهن کان ماڻهن نرم مٽي جي

زمين تي قضاءِ حاجت ڪرڻ بدران سخت زمين (يعني W.C، ڪموڊ وغيره) جو استعمال شروع ڪيو آهي ان وقت کان مردن ۾ جنسي (مردانہ) ڪمزوري ۽ پٿري جي بيمارين ۾ اضافو ٿيو آهي، سخت زمين تي حاجت ڪرڻ جا اثر مثاني جي غُدود (Prostate Gland) تي بہ پوندا آهن، پيشاب يا فضلو جڏهن نرم زمين تي ڪرندو آهي تہ ان جا جراثيم ۽ تيزابيت فورًا جذب ٿي ويندا آهن جڏهن تہ سخت زمين جذب نہ ڪري سگهندي آهي تنهن ڪري تيزابي ۽ جراثيمي اثر سڌو سئنون جسم تي حملو ڪندا آهن ۽ مختلف بيمارين جو سبب بڻجندا آهن.

## آقا ﷺ پري تشريف وٺي ويندا هئا

مديني جي سلطان، رحمت عالميان صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي شانِ عظمت نشان تي قربان جو جڏهن قضاءِ حاجت لاءِ تشريف وٺي ويندا هئا تہ ايترو پري ويندا هئا جو ڪو بہ نہ ڏسي سگهي. (سنن ابي داؤد ج 1 ص35 حديث 2) يعني يا تہ وڻ يا ديوار جي پويان ويهندا هئا ۽ جيڪڏهن برپٽ ميدان هوندو تہ ايترو پري تشريف وٺي ويندا هئا جتي ڪنهن جي نگاهہ نہ پوي. (مراٰة ج 1 ص 262) يقينًا مديني جي تاجدار صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي هر فِعل ۾ دين ۽ دنيا جون بيشمار ڀلائيون لڪل آهن. پيشاب ڪرڻ کان پوءِ جيڪڏهن هر ماڻهو هڪ لوٽو پاڻي وهائي تہ ان شآءَالله عَزَّوَجَلَّ ڏپ ۽ جراثيم جي واڌ ويجهہ ۾ گهٽتائي ٿيندي، وڏو پيشاب ڪرڻ کان پوءِ بہ جتي هڪ اڌ لوٽو پاڻي ڪافي هجي اتي فلش ٽينڪ مان پاڻي نہ وهايو، ڇو تہ اهو ڪئي لوٽن تي مشتمل هوندو آهي.

## قضاءِ حاجت کان پھرين ھلڻ جا فائدا

اڄڪلهہ خاص ڪري شهرن ۾ بند ڪمرن ۾ بيتُ الخلا (يعني ليٽرين) هوندا آهن، جيڪي جراثيم جي واڌ ويجهہ ۽ ان جي ذريعي ڦهلجڻ وارين بيمارين جا سبب آهن. هڪ بائيو ڪيمسٽري جي ماهر جو چوڻ آهي: جڏهن کان شهرن جي پڪيڙ، آبادي ۾ گهٽائي ۽ فصلن ۾ گهٽتائي ٿيڻ لڳي آهي تڏهن کان بيماريون وڌڻ لڳيون آهن، جڏهن کان قضاءِ حَاجت جي لاءِ پري وڃڻ ڇڏيو آهي تہ **قبضي، گيس، تبخير ۽ جگر** جون بيماريون وڌي ويون آهن، هلڻ سان آنڊن جي حرڪت ۾ تيزي ايندي آهي. جنهن ڪري حاجت سولائي سان ٿيندي آهي، اڄ ڪلهہ بنا هلڻ جي (گهر ۾ ئي) بيت الخلا ۾ داخل ٿيڻ جي ڪري گهٽو ڪري فراغت بہ دير سان ٿيندي آهي.

## بيتُ الخلا ۾ وڃڻ جون 47 نيتون

**فرمان مصطفيٰ** صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: **”مسلمان جي نيّت ان جي عمل کان بهتر آهي.“** (المعجم الڪبير للطبراني ج 6 ص 185 حديث 5942)

۞ مٿو ڍڪي ۞ داخل ٿيڻ وقت کابي پير سان ۽ ۞ ٻاهر نڪرڻ وقت ساڄي پير سان ابتدا ڪري اِتباعِ سنّت (يعني سنّت جي پيروي) ڪنديس ۞ ٻنهي پيري يعني داخل ٿيڻ کان پهرين ۽ نڪرڻ کان پوءِ مَسنُون دعائون پڙهنديس ۞ اونداهي جي صورت ۾ اها نيّت ڪيو طهارت تي مدد حاصل ڪرڻ لاءِ بتي ٻارينديس ۞ فراغت کان فورًا پوءِ اِسراف کان بچڻ جي نيت سان بتي بند ڪنديس ۞ حديث شريف ۾ آهي: ”اَلطُّهُورُ شَطْرُ الْاِيمَان“ (صحيح مسلم ص 140 حديث 223) ترجمو: ”صفائي نصف ايمان آهي“ تي عمل ڪندي پيرن ڪي گندگي

ڪان بچائڻ لاءِ چپل پائيندي ۞ پائڻ مهل ساڄي پير ۽ ۞ لاهڻ مهل کاٻي پير سان ابتدا ڪري سنّت جي پيروي ڪندي ۞ اوگهڙ ظاهر هئڻ جي صورت ۾ اِستِقبالِ قبلہ (يعني قبلي ڏانهن منهن ڪرڻ) ۽ اِستِدبارِ قِبلہ (يعني قبلي ڏانهن پٺي ڪرڻ) کان بچندي ۞ زمين جي ويجهو ٿي فقط ضرورت مطابق اوگهڙ کوليندي، انهيءَ طرح فراغت کان پوءِ ۞ بيهڻ کان پهرين اوگهڙ ڍڪيندي ۞ جيڪو خارج ٿيو ان ڏانهن نہ نهاريندي ۞ پيشاب جي ڇنڊن کان بچندي ۞ حياء سبب مٿو جهڪائي رکندي ۞ ضرورتًا اکيون بند ڪندي ۽ ۞ بنا ضرورت شرمگاهہ کي ڏسڻ ۽ ڇهڻ کان بچندي ۞ کاٻي هٿ سان پٿر پڪڙي کاٻي ئي هٿ سان خشڪ (يعني سُڪائي) ڪري کاٻي هٿ سان اوبتو (يعني نجاست وارو حصو زمين ڏانهن) رکندي، پاڪ پٿر ساڄي پاسي رکندي مُستَحَب تعداد ۾ مثلاً ٽي، پنج، ست پٿر استعمال ڪندي ۞ پاڻي سان طهارت ڪندي وقت بہ صرف کاٻو هٿ شرمگاهہ کي لڳائيندي ۞ شرعي مسئلن تي غور نہ ڪندي (جو محرومي جو سبب آهي) ۞ اوگهڙ کُليل هجڻ جي صورت ۾ ڳالهہ ٻولهہ نہ ڪندي ۽ ۞ پيشاب وغيره ۾ نہ ٿُڪندي، نہ ئي ان ۾ نڪ صاف ڪندي ۞ جيڪڏهن فورًا حمام ۾ ئي وضو ڪرڻ نہ ٿيو تہ طهارت واري حديث تي عمل ڪندي ٻئي هٿ ڌوئيندي ۽ ۞ جيڪو ڪجهہ نڪتو ان تي پاڻي وهائيندي. (پيشاب ڪرڻ کان پوءِ جيڪڏهن هر شخص هڪ لوٽو پاڻي وهائي تہ ان‌شاءَالله عَزَّوَجَلَّ بدبو ۽ جراثيم جي واڌ ۾ گهٽتائي ٿيندي وڏي استنجي ڪرڻ کان پوءِ جتي هڪ اڌ لوٽو ڪافي هجي اتي فلش ٽينڪ مان پاڻي نہ وهايو ڇو تہ اهو ڪئي لوٽن تي مشتمل هوندو آهي) ۞ پاڻي سان

استنجا ڪرڻ کان پوءِ پيرن جي پيڏين واري حصي کي احتياط ڪندي ڌوئيندِيس (ڇو تہ ان موقعي تي عمومًا پيڏين تي گندي پاڻي جا ڇنڊا لڳي ويندا آهن) ۞ فارغ ٿي جلدي نڪرنديس ۞ بي پردگي کان بچڻ جي لاءِ بيتُ الخلا (يعني استنجا خاني) جو دروازو بند ڪنديس ۞ مسلمانن کي بدبو کان بچائڻ جي لاءِ فراغت کان پوءِ دروازو بند ڪنديس.

## عوامي استنجا خاني ۾ وڃڻ وقت هي نيتون ڪيو

۞ جيڪڏهن قطار ڊگهي هوندي تہ صبر ڪري پنهنجي واري جو انتظار ڪنديس، ڪنهن جي حق تلفي نہ ڪنديس، بار بار دروازو وڄائي ڪنهن کي ايذاءُ نہ ڏينديس ۞ منهنجي اندر هئڻ وقت جيڪڏهن ڪنهن بار بار دروازو وڄايو تہ صبر ڪنديس ۞ جيڪڏهن ڪنهن کي مون کان وڌيڪ حاجت آهي ۽ سخت مجبوري يا نماز فوت ٿيڻ جو انديشو ناهي تہ ايثار ڪنديس ۞ حتي الامڪان رش جي وقت استنجا خاني ۾ داخل ٿي رش ۾ وڌيڪ اضافو ڪري مسلمانن تي بوجهہ نہ بڻجنديس ۞ در ۽ ديوارن تي ڪجهہ نہ لکنديس ۞ اتي نهيل خراب تصويرون ڏسي ۽ ۞ (اتي لکيل) حيا سوز (يعني بي حيائي واريون) تحريرون پڙهي پنهنجي اکين کي قيامت جي ڏينهن پنهنجي خلاف گواهہ نہ بڻائنديس.

صَلُّوا عَلَی الْحَبِيْب!　　صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

تُوبُوا اِلَی اللّٰه!　　اَسْتَغْفِرُ اللّٰه

صَلُّوا عَلَی الْحَبِيْب!　　صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

اَلۡحَمۡدُ لِلّٰهِ رَبِّ الۡعٰلَمِيۡنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الۡمُرۡسَلِيۡنَ
اَمَّا بَعۡدُ فَاَعُوۡذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيۡطٰنِ الرَّجِيۡمِ ؕ بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ ؕ

# حيض ۽ نِفاس جو بيان

## دُرُود شريف جي فضيلت

هڪ ڀيري ڪنهن فقير ڪافرن ڪان سوال ڪيو، انهن مذاق ڪندي ان کي حضرت موليٰ علي كَرَّمَ اللّٰهُ تَعَالٰى وَجۡهَهُ الۡكَرِيۡم وٽ موڪليو جيڪي سامهون تشريف فرما هئا، اُن حاضر ٿي سوال ڪندي هٿ ڦهلايو، پاڻ كَرَّمَ اللّٰهُ تَعَالٰى وَجۡهَهُ الۡكَرِيۡم جن ڏهه ڀيرا درود شريف پڙهي ان جي هٿ تي دم ڪيو ۽ فرمايو: مُٺ بند ڪر ۽ جن ماڻهن موڪليو آهي انهن جي سامهون وڃي کولي ڇڏ. (ڪافر کِلي رهيا هئا ته خالي ڦوڪ هٿڻ سان ڇا ٿو ٿئي!) پر جڏهن سائل انهن جي سامهون وڃي مُٺ کولي ته اُها سون جي دينارن سان ڀريل هئي! اها ڪرامت ڏسي ڪيترائي ڪافر مسلمان ٿي ويا. (رَاحَتُ القُلُوب ص 72)

صَلُّوا عَلَى الۡحَبِيۡب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

اللّٰه تعاليٰ ارشاد فرمائي ٿو:

وَ يَسۡـَٔلُوۡنَكَ عَنِ الۡمَحِيۡضِ ؕ قُلۡ هُوَ اَذًى ۙ فَاعۡتَزِلُوا النِّسَآءَ فِي الۡمَحِيۡضِ ۙ وَ لَا تَقۡرَبُوۡهُنَّ حَتّٰى يَطۡهُرۡنَ ۚ فَاِذَا تَطَهَّرۡنَ فَاۡتُوۡهُنَّ مِنۡ حَيۡثُ اَمَرَكُمُ اللّٰهُ ؕ (پ 2 البقرة 222)

**ترجمو ڪنزالايمان:** ۽ توهان ڪان حيض جو حڪم پڇن ٿا اوهان فرمايو ته اها پليتي آهي سو حيض جي ڏينهن ۾ عورتن ڪان الڳ رهو ۽ انهن سان قُربت نه ڪريو جيستائين پاڪ نه ٿين، پوءِ جڏهن پاڪ ٿين ته انهن وٽ وڃو جتان اللّٰه اوهان کي حڪم ڏنو آهي.

صَدرُالاَفاضِل حضرت علامه مولانا سيِّد محمد نعيمُ الدِّين مراد آبادي عَلَيۡهِ رَحۡمَةُ اللّٰهِ الۡهَادِي هن آيت شريف جي تَحۡت تفسير "خزائنُ العِرفان"

۾ لکن ٿا: عرب جا ماڻهو يهودين ۽ مَجُوسين (يعني باھ جي پوڄارين) جيان حائِضہ عورت کان تمام گهڻي نفرت ڪندا هئا، گڏ کائڻ پيئڻ، هڪ گهر ۾ رهڻ پسند نہ هو، بلڪ شدت ايستائين پهچي وئي هئي جو انهن ڏانهن ڏسڻ ۽ انهن سان ڳالهائڻ بہ حرام سمجهندا هئا ۽ نَصارا (يعني ڪِرسچن) ان جي برعڪس (يعني اُبتڙ) حيض جي ڏينهن ۾ عورتن سان وڏي محبت سان ميل جول رکندا هئا، مسلمانن حضورِ انور صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم کان حيض جي حڪم جي باري ۾ پڇيو، انهيءَ تي هي آيت نازل ٿي اِفراط وتَفْرِيط (يعني بي اعتدالي) جون راهون ڇڏي اِعْتِدال (يعني وچٿرائي) جي تعليم فرمائي وئي ۽ ٻڌايو ويو آهي تہ حَيض (ماهواري) جي حالت ۾ عورت سان مُجامَعَت (يعني همبستري ڪرڻ) منع آهي. (خزائن العرفان ص 56)

صَلُّوا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## حَيض ڇا کي چئبو آهي؟

بالغہ عورت جي اڳيان واري مقام مان جيڪو رت عادت طور نڪري ٿو ۽ اهو بيماري يا ٻار پيدا ٿيڻ جي سبب کان نہ هجي تہ انهيءَ کي **حيض** چئبو آهي. (بهار شريعت حصو 2 ص 93) **حيض جي لاءِ** ماهواري، ڏينهن سان هئڻ، ڪپڙا اچڻ، مهينو اچڻ، مهيني سان هئڻ، رت اچڻ، ۽ Monthly Course (منٿلي ڪورس) وغيره جا لفظ بہ ڳالهايا وڃن ٿا.

## اِسْتِحاضو ڇا کي چئبو آهي؟

جيڪو رت بيماري جي ڪري اچي، ان کي اِسْتِحاضو چئبو آهي. (ايضًا) **اُمُّ الْمُؤمِنِين** حضرت سيِّدنا اُمِّ سَلَمہ رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْھَا کان روايت

آهي تہ رسولِ اڪرم، نورِ مُجَسَّم، شاهِ بني آدم صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي مبارڪ زماني ۾ هڪ عورت جي اڳئين مقام مان رت وهندو رهندو هو، ان جي لاءِ اُمُّ الْمُؤمِنِين حضرت سيِّدنا اُمِّ سَلَمہ رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنْهَا حضور اڪرم صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کان فتويٰ پڇا ڪيائون، ارشاد فرمايائون: هن بيماري کان پهرين مهيني ۾ جيترا ڏينهن ۽ راتيون حيض ايندو هو، انهن ڏينهن جو حساب ڪري مهيني ۾ ايترن ڏينهن جي حساب سان نماز ڇڏي ڏي ۽ جڏهن اُهي ڏينهن ختم ٿي وڃن تہ غسل ڪري ۽ شرم گاهہ تي ڪپڙو ٻڌي ڪري نماز پڙهي.

(مُؤطّا امام مالِڪ ج 1 ص 77، 78 حديث 140)

## حَيض جا رنگ

حيض جا ڇهہ رنگ آهن: ﴿1﴾ ڪارو ﴿2﴾ ڳاڙهو ﴿3﴾ سائو ﴿4﴾ زَرَد (يعني پيلو) ﴿5﴾ گدلو ﴿6﴾ مٽيارو. سفيد رنگ جي رُطُوبت حيض ناهي. (بهار شريعت حصّو 2 ص 95) ياد رهي تہ عورت جي اڳئين مقام مان جيڪا خالص رطُوبت خون جي ملاوٽ کان بغير نڪري ٿي اُنهيءَ سان وُضُو نٽو ٽُٽي، جيڪڏهن ڪپڙي تي لڳي وڃي تہ ڪپڙو پاڪ آهي. (ايضًا ص 26) **نوٽ:** حَمَل واري عورت کي جيڪو رت آيو اُهو اِسۡتِحاضہ آهي. (دُرِّ مُختَار ج 1 ص 524)

## حَيض جي حِڪمت

بالغ عورت جي بدن ۾ فِطْرتاً ضرورت کان ڪجهہ وڌيڪ رت پيدا ٿيندو آهي، حَمل جي حالت ۾ اُهو رت ٻار جي غذا جي لاءِ ڪم ايندو آهي ۽ ٻار جي کير پيئڻ جي زماني ۾ اُهو ئي رت کير ٿي ويندو آهي ۽ جيڪڏهن ايئن نہ ٿئي تہ حَمل ۽ کير پيارڻ جي زماني ۾ ان جي جان خطري ۾ پئجي ويندي. اهو ئي سبب آهي جو حَمل ۽

کير پيارڻ جي شروع ۾ رت نٿو اچي ۽ جنهن زماني ۾ نہ حَمل هجي ۽ نہ کير پيارڻ، ان وقت جيڪڏهن اهو رت بدن مان نہ نڪري تہ مختلف قسمن جون بيماريون پيدا ٿي وينديون.

(بهار شريعت حصو 2 ص 93)

# حَيض جي مُدت

حيض جي گهٽ ۾ گهٽ مُدّت (يعني وقت) ٽي ڏينهن ۽ ٽي راتيون يعني پورا 72 ڪلاڪ آهن، جيڪڏهن هڪ مِنٽ بہ گهٽ ٿيو هوندو تہ اُهو حيض نہ بلڪ اِسۡتِحاضو يعني بيماري جو رت آهي ۽ (حيض جي) وڌ کان وڌ مُدّت ڏهہ ڏينهن ۽ ڏهہ راتيون يعني 240 ڪلاڪ آهن.

# ڪيئن خبر پوي تہ اِستِحاضو آهي

جيڪڏهن ڏهہ ڏينهن ۽ ڏهہ راتين کان وڌيڪ رت آيو تہ جيڪڏهن اهو حيض پهريون دفعو آيو آهي تہ ڏهہ ڏينهن تائين حيض مڃيو ويندو، ۽ اُنهي کان پوءِ جيڪو رت آيو اهو اِسۡتِحاضو (يعني بيماري وارو رت) آهي، ۽ جيڪڏهن عورت کي پهرين حيض اچي چڪا آهن ۽ ان جي عادت ڏهن ڏينهن کان گهٽ هئي تہ عادت کان جيترا ڏينهن وڌيڪ رت آيو اهو اِسۡتِحاضہ آهي، مثال طور ڪنهن عورت کي هر مهيني ۾ پنج ڏينهن حيض اچڻ جي عادت هئي هن ڀيري ڏهہ ڏينهن آيو تہ اهي ڏهي ڏينهن حيض جا مڃيا ويندا، البت جيڪڏهن ٻارهن ڏينهن رت آيو تہ عادت وارا پنج ڏينهن حيض جا مڃيا ويندا ۽ ست ڏينهن اِسۡتِحاضي جا ۽ جيڪڏهن هڪ عادت مقرّر نہ هئي بلڪ ڪنهن مهيني چار ڏينهن تہ ڪنهن مهيني ست ڏينهن حيض ايندو هو تہ پوئين ڀيري جيترا ڏينهن حيض جا هئا اُهي ئي هاڻي بہ حيض جا مڃيا ويندا، ۽ باقي اِسۡتِحاضي جو رت آهي.

# حيض اچڻ جي عمر

گهٽ ۾ گهٽ 9 سالن جي عمر کان حَيض شروع ٿيندو آهي ۽ حيض جي اِنتِهائي عمر پنجونجاهہ سال آهي، انهي عمر واري کي آئسہ (يعني اولاد کان نا اُميد ٿيڻ واري) چوندا آهن. (بهار شريعت حصو 2 ص 94) نوَن سالن جي عمر کان پهرين جيڪو رت ايندو اُهو حيض ناهي بلڪ اِسۡتِحاضو آهي ايئن ئي پنجونجاهہ سالن جي عمر کان پوءِ جيڪو رت ايندو تہ اُهو بہ اِسۡتِحاضو آهي، پر جيڪڏهن ڪنهن کي پنجونجاهہ سالن جي عمر کان پوءِ بہ خالص رت بلڪل اهڙي ئي رنگ جو آيو جهڙو حيض جي زماني ۾ ايندو هو تہ انهي کي حيض مڃيو ويندو.

# ٻن حيضن جي وچ ۾ گهٽ ۾ گهٽ فاصلو

ٻن حيضن جي وچ ۾ گهٽ ۾ گهٽ پورن 15 ڏينهن جو فاصلو ضروري آهي. (دُرِّ مُختَار ج ا ص 524) اسلامي ڀيڻ کي گهرجي تہ اها حيض اچڻ جي مُدّت چڱي طرح ياد رکي يا لکي وٺي تہ جيئن شريعتِ مُطَهَّره تي سٺي طريقي سان عمل ڪري سگهي، حيض جي مدّت ياد نہ رکڻ جي صورت ۾ تمام گهڻيون مشڪلاتون پيدا ٿي وينديون آهن.

# اَهَم مَسئَلو

اهو ضروري ناهي تہ مُدّت ۾ هر وقت رت جاري رهي تڏهن ئي حَيض ٿيندو بلڪ جيڪڏهن ڪنهن ڪنهن وقت بہ اچي، تہ اهو حيض آهي. (دُرِ مُختار ج 1 ص 523)

# نِفاس جو بيان

ٻار پيدا ٿيڻ کان پوءِ عورت جي اڳيان جي مقام مان جيڪو رت اچي ٿو ان کي نِفاس چئبو آهي. (عالمگيري ج 1 ص 37)

# نِفاس جي ضَروري وَضاحت

اکثر اسلامي ڀينرن ۾ اهو مشهور آهي ته ٻار ڄڻڻ کان پوءِ اسلامي ڀيڻ 40 ڏينهن تائين لازمي طور تي ناپاڪ رهندي آهي اها ڳالهه بلڪل غلط آهي، براءِ ڪرم! **نِفاس** جي ضروري وضاحت پڙهي وٺو:

نِفاس جي وڌ کان وڌ مُدّت **40** ڏينهن آهي يعني جيڪڏهن **40** ڏينهن کان پوءِ به رت بند نه ٿئي ته بيماري آهي، ان ڪري **40** ڏينهن پورا ٿيندي ئي غسل ڪري وٺي ۽ **40 ڏينهن کان پهرين بند ٿي وڃي چاهي ٻار جي ولادت کان پوءِ هڪ مِنٽ ۾ ئي بند ٿي وڃي ته جنهن وقت به بند ٿئي غسل ڪري وٺي ۽ نماز روزو شروع ڪري وٺي،** جيڪڏهن **40** ڏينهن جي اندر اندر ٻيهر رت اچي ويو ته ولادت جي شروع کان رت ختم ٿيڻ تائين سڀ ڏينهن نِفاس جا ئي شمار ٿيندا، مثال طور ولادت کان پوءِ ٻه منٽ تائين رت اچي ڪري بند ٿي ويو ۽ غسل ڪري نماز روزو وغيره ڪندي رهي **40** ڏينهن پورا ٿيڻ ۾ فَقَط ٻه مِنَٽ باقي هئا جو وري رت اچي ويو ته سڄو چلو يعني مڪمّل **40 ڏينهن نفاس** جا چئبا، جيڪي به نمازون پڙهيون يا روزا رکيا سڀ بيڪار ويا، ايستائين جو جيڪڏهن انهيءَ دوران فرض ۽ واجب نمازون يا روزا قضا ڪيا هئا ته اُهي به ٻيهر ادا ڪري.

(ماخوذ از فتاوٰي رضويه، ج 4 ص 354 کان 356)

## نِفاس جي باري ۾ ڪجهه ضَروري مسئلا

ڪنهن عورت کي 40 ڏينهن ۽ راتين کان وڌيڪ نفاس جو خون آيو، جيڪڏهن پهريون ٻار پيدا ٿيو آهي ته 40 ڏينهن ۽ رات نفاس جا آهن، باقي جيترا ڏينهن 40 رات ڏينهن کان وڌيڪ ٿيا آهن اُهي **اِسۡتِحاضي** جا آهن، ۽ جيڪڏهن هن کان پهرين به ٻار ته پيدا ٿيو هو پر اهو ياد ناهي رهيو ته ڪيترا ڏينهن رت آيو هو ته انهيءَ صورت ۾ به اِهو ئي مَسئلو آهي يعني 40 ڏينهن رات نفاس جا ۽ باقي اِسۡتِحاضي جا ۽ جيڪڏهن پهرئين ٻار جي پيدا ٿيڻ تي رت اچڻ جا ڏينهن ياد آهن مثلاً پهريون ٻار جيڪو پيدا ٿيو هو ته 30 ڏينهن رات خون آيو هو ته انهيءَ صورت ۾ 30 ڏينهن رات نفاس جا آهن باقي اِسۡتِحاضي جا مَثلاً پهرين ٻار جي پيدا ٿيڻ تي 30 ڏينهن رات خون آيو هو ۽ ٻي ٻار جي پيدائش تي 50 ڏينهن رات خون آيو ته 30 ڏينهن نفاس جا ٿيندا باقي 20 ڏينهن رات اِسۡتِحاضي جا.

(بهار شريعت حصو 2 ص 99)

## حمل ضايع ٿي وڃي ته.....؟

حمل ساقِط (يعني ٻار ضايع) ٿي ويو ۽ ان جو ڪو عضوو نهي چڪو آهي جيئن هٿ، پير يا آڱريون، ته اِهو رت **نِفاس** آهي. (عالمگيري ج 1 ص 37) نه ته جيڪڏهن ٽي ڏينهن رات تائين رهيو ۽ ان کان پهرين پندرهن ڏينهن پاڪ رهڻ جو وقت گذري چڪو آهي ته حيض آهي ۽ جيڪو ٽن ڏينهن کان پهرين ئي بند ٿي ويو، يا اجا پورا پندرهن ڏينهن پاڪائي جا نه گذريا آهن ته اِسۡتِحاضو آهي.

(بهار شريعت حصو 2 ص 99)

# ڪجھ غلط فهمين جو اِزالو

ٻار ڄڻڻ کان وٺي نفاس کان پاڪ ٿيڻ تائين عورت کي زَچّہ چئبو آهي اهڙي عورت يعني زَچّہ کي ويم گهر مان نڪرڻ جائز آهي، ان کي گڏ کارائڻ يا ان جي اوبر کائڻ ۾ ڪو حرج ناهي، ڪجھ اسلامي ڀينرون زَچّہ جا ٿانوَ الڳ ڪري ڇڏينديون آهن بلڪ انهن ٿانئن کي مَعَاذالله عَزَّوَجَلَّ هڪ طرح سان ناپاڪ سمجهنديون آهن اهڙين اجاين رسمن کان احتياط لازمي آهي، اهڙي طرح اهو مسئلو بہ مَن گهڙت (يعني جڙتو) آهي جو زَچّہ (نِفاس واري) جڏهن غسل ڪري تہ اها چاليھ کوئرن جي پاڻي سان غسل ڪري نہ تہ غسل ڪونہ لهندو، صحيح مسئلو هي آهي تہ پنهنجي ضرورت مطابق پاڻي استعمال ڪري.

# اِستِحاضي جا احڪام

﴿1﴾ اِسۡتِحاضي ۾ نہ نماز معاف آهي نہ روزو، نہ اهڙي عورت سان صحبت حرام آهي. (عالمگيري ج 1 ص 39)

﴿2﴾ مُسۡتَحاضہ (يعني اِسۡتِحاضي واري) جو ڪعبي شريف ۾ داخل ٿيڻ، طوافِ ڪعبہ، وضو ڪري قرآن شريف کي هٿ لڳائڻ ۽ ان جي تلاوت ڪرڻ اهي تمام ڪم بہ جائز آهن. (رَدّ الۡمُحتار، ج 1 ص 544)

﴿3﴾ اِسۡتِحاضو جيڪڏهن انهيءَ حد تائين پهچي ويو جو (هر هر خون اچڻ جي ڪري) ان کي ايتري مُهلَت نٿي ملي جو وضو ڪري فرض نماز ادا ڪري سگهي تہ نماز جو پورو هڪ وقت شروع کان آخر تائين انهيءَ حالت ۾ گذري وڃڻ تي ان کي معذور چيو ويندو، هڪ وضو سان اُن وَقت ۾ جيتريون نمازون چاهي پڙهي، رت اچڻ سان ان جو وُضو نہ ويندو. (بهار شريعت حصو 2 ص 107)

﴿4﴾ جيڪڏهن ڪپڙو وغيره رکي ڪري ايتري دير تائين رت روڪي سگهي ٿي جو وضو ڪري فرض پڙهي وني، ته عُذر ثابت نه ٿيندو. (يعني اهڙي صورت ۾ ”مَعذور“ نه چئبي) (ايضاً)

## حَيض ۽ نِفاس جا 21 احڪام

﴿1﴾ حيض ۽ نِفاس جي حالت ۾ نماز پڙهڻ ۽ روزو رکڻ **حرام** آهي. (بهار شريعت حصو 2 ص 102، عالمگيري ج 1 ص 38)

﴿2﴾ انهن ڏينهن ۾ نمازون معاف آهن انهن جي **قضا** به ناهي، جڏهن ته روزن جي قضا ٻين ڏينهن ۾ رکڻ **فرض** آهي. (بهار شريعت حصو 2 ص 102، دُرِّمُختار ج 1 ص 532) هن معاملي ۾ اسلامي ڀينرون امتحان ۾ پئجي وجن ٿيون، هڪ تعداد آهي جيڪا روزا قضا نٿي ڪري مهرباني ڪري لازمي روزا قضا ڪريو نه ته جهنّم جو عذاب برداشت نه ٿي سگهندو.

﴿3﴾ حيض ۽ نفاس واريءَ کي قرآن شريف پڙهڻ حرام آهي چاهي ڏسي ڪري پڙهي يا زَباني پڙهي، ائين ئي قرآن شريف کي هٿ لڳائڻ به حرام آهي، ها جيڪڏهن قرآن شريف غِلاف ۾ آهي ته ان کي هٿ لڳائڻ ۾ ڪو حرج ناهي. (بهار شريعت حصو 2 ص 101)

﴿4﴾ قرآن شريف پڙهڻ کان علاوه ٻيا تمام وِردَ ۽ وَظيفا ڪلمو شريف ۽ درود شريف وغيره حيض ۽ نفاس جي حالت ۾ اسلامي ڀيڻ بنا ڪراهت جي پڙهي سگهي ٿي بلڪ مُستَحب آهي ته نماز جي وقتن ۾ وُضو ڪري ايتري دير تائين درود شريف ۽ ٻيا وظيفا پڙهي وٺندي ڪري جيتري دير ۾ نماز پڙهي سگهي ٿي ته جيئن عادت باقي رهي. (بهار شريعت حصو 2 ص 101، 102)

﴿5﴾ حيض ۽ نفاس جي حالت ۾ همبستري حرام آهي، انهي حالت ۾

ڏُن کان گوڏن تائين عورت جي بدن کي مرد پنهنجي ڪنهن عُضْوي سان نہ ڇُهي، چاهي شهوت سان يا بنا شهوت سان، جو اهو بہ ناجائز آهي جڏهن تہ ڪپڙو وغيره وچ ۾ ڪو رڪاوٽ نہ هجي، ۽ جيڪڏهن اهڙي رڪاوٽ وچ ۾ هجي جو بدن جي گرمي مَحسوس نہ ٿئي تہ حرج ناهي، ها ڏُن کان مٿي ۽ گوڏي کان هيٺ جي بدن کي ڇُهڻ ۽ چمي وغيره ڏيڻ جائز آهي. (ايضاً ص 104) انهيءَ حالت ۾ عورت مرد جي بدن جي هر حصي کي هٿ لڳائي سگهي ٿي. (ايضًا ص 105)

﴿6﴾ حيض ۽ نِفاس جي حالت ۾ اسلامي ڀيڻ کي مسجد ۾ وڃڻ حرام آهي ها جيڪڏهن چور يا درندي (يعني ڦاڙيندڙ جانور) کان ڊڄي يا ڪنهن بہ سخت مجبوري جي ڪري مسجد ۾ هلي وڃي تہ جائز آهي پر ان کي گهرجي تہ تَيَمُّم ڪري پوءِ مسجد ۾ وڃي. (ايضًا ص 101)

﴿7﴾ حيض ۽ نفاس واري اسلامي ڀيڻ جيڪڏهن عيد گاهہ ۾ داخل ٿئي تہ ڪو بہ حرج ناهي. (ايضًا ص 102) اهڙي ئي طرح فِناءِ مسجد ۾ بہ وڃي سگهي ٿي، مثال طور دعوت اسلامي جي عالمي مَدَني مرڪز فيضانِ مدينہ باب المدينہ ڪراچي جو وسيع و عريض (يعني ڪشادو ۽ ويڪرو) تهہ خانو جتي اسلامي ڀينرن جو سنتن ڀريو اجتماع ٿيندو آهي اِهو فِناءِ مسجد آهي اتي حيض ۽ نفاس واريءَ اچي سگهي ٿي، اجتماع ۾ شريڪ ٿي سگهي ٿي، سنتن ڀريو بيان بہ ڪري سگهي ٿي، نعت شريف بہ پڙهي سگهي ٿي، دعا بہ ڪرائي سگهي ٿي.

﴿8﴾ حيض ۽ نِفاس جي حالت ۾ جيڪڏهن مسجد کان ٻاهر رهي ۽ هٿ وڌائي مسجد مان ڪا شيءِ ڪڍي وٺي يا مسجد ۾ ڪا شيءِ رکي ڇڏي تہ جائز آهي. (بهار شريعت حصو 2 ص 102)

﴿9﴾ حيض ۽ نِفاس واريءَ کي خانہءِ ڪعبہ جي اندر وڃڻ ۽ ان جو

طواف ڪرڻ يلي اهو (طواف) مسجدُ الْحرام جي ٻاهَران ڪان هجي حرام آهي. (ايضًا)

﴿10﴾ حيض ۽ نِفاس جي حالت ۾ زال ڪي پنهنجي بستري تي سُمهارڻ ۾ شَهوت جي غلبي يا پاڻ ڪي قابو نہ رکڻ جو انديشو هجي تہ مڙس جي لاءِ لازمي آهي تہ زال ڪي پنهنجي بستر تي نہ سُمهاري، بلڪ جيڪڏهن غالب گُمان هجي تہ شَهوت تي قابو نہ رکي سگهندو تہ مڙس ڪي اهڙي حالت ۾ زال ڪي پاڻ سان گڏ سُمهارڻ گناهہ آهي. (بهار شريعت حصو 2 ص 105)

﴿11﴾ حيض ۽ نفاس جي حالت ۾ زال سان همبستري ڪي حلال سمجهڻ ڪُفر آهي ۽ حرام سمجهي ڪيائين تہ سخت گنهگار ٿيو، ان تي توبہ ڪرڻ فرض آهي. ۽ جيڪڏهن حيض ۽ نفاس جي شروع ۾ ائين ڪيائين تہ هڪ دينار[1] ۽ جيڪڏهن ختم ٿيڻ جي ويجهو ڪيائين تہ نِصف (يعني اڌ) دينار خيرات ڪرڻ مُستَحَب آهي. (ايضًا ص 104) عجب ناهي جو هتي سون ڏيڻ ئي وڌيڪ مناسِب هجي. (فتاوٰي رضويہ ج 4 ص 364) تہ جئين خدا جي غضب ڪان امان حاصل ڪري، ان جو مطلب هرگز اِهو ناهي تہ خيرات ڪرڻ جو ذهن ناهي ڪري مَعَاذَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ ڇاڻي واٽي جِماع ۾ مبتلا ٿئي، جيڪڏهن ائين ڪيائين تہ سخت گنهگار ۽ جهنّم جو حقدار آهي، دُرِّمُخْتار ۾ آهي: ان جو مَصرف اهو ئي آهي جيڪو زڪواة جو آهي. ڇا عورت تي بہ صَدَقو ڪرڻ مستَحَب آهي؟ ظاهر اهو آهي تہ عورت تي هي حڪم ناهي. (دُرِّ مُختار، ج 1 ص 543)

---

(1) فتاوٰي رضويہ ج 4 ص 356 تي هڪ دينار ڏهہ درهم جي برابر لکيو آهي ان مان ماخوذ ڪري دينار مان مراد (ہِ تولو ساڍا ست ماشہ (30.618 گرام) چاندي يا انهي جي رقم ٻڌجي ٿي.

**﴿12﴾** روزي جي حالت ۾ جيڪڏهن حيض ۽ نِفاس شروع ٿي ويو ته اهو روزو ٽٽي ويندو ان جي قضا رکي، فرض هو ته قضا **فرض** آهي ۽ **نفل** هو ته قضا **واجب** آهي. (بهار شريعت حصو 2 ص 104)

**﴿13﴾** حيض جيڪڏهن پورن ڏهن ڏينهن تي ختم ٿيو ته پاڪ ٿيندي ئي ان سان جِماع ڪرڻ جائز آهي پلي ڪٽي اڃا غسل نه ڪيو هجي پر مُسۡتَحَب اهو آهي ته وهنجڻ کان پوءِ همبستري ڪري. (ايضًا ص 105)

**﴿14﴾** جيڪڏهن ڏهن ڏينهن کان گهٽ ۾ حيض بند ٿيو ته جيستائين غسل نه ڪري، يا اُهو نماز جو وقت جنهن ۾ پاڪ ٿي هئي گذري نه وڃي صحبت ڪرڻ جائز ناهي. (ايضًا)

**﴿15﴾** حيض ۽ نِفاس جي حالت ۾ سَجدو تلاوت به حرام آهي ۽ سجدي جي آيت ٻُڌڻ سان ان تي سجدو واجب ناهي. (ايضًا ص 104)

**﴿16﴾** رات جو سُمهڻ وقت عورت پاڪ هئي ۽ صُبح جو سُمهي اُٿي ۽ حيض جو اثر ڏٺائين ته اُنهي وَقت کان حيض جو حُڪم ڏنو ويندو رات کان حائضه نه مڃي ويندي. (بهار شريعت حصو 2 ص 104)

**﴿17﴾** حيض واريءَ صُبح جو سمهي اُٿي ۽ ڪپڙي وغيره تي ڪو نشان حيض جو ناهي ته رات ئي کان پاڪ مڃي ويندي. (ايضًا)

**﴿18﴾** جيستائين عورت کي خون هلي نماز ڇڏي ڏي، ها البت جيڪڏهن خون جو وهڻ پورن ڏهن ڏينهن ۽ راتين کان اڳتي وڌي وڃي ته غسل ڪري نماز پڙهڻ شروع ڪري ڇڏي اِهو اُن صورت ۾ آهي جو پويون حيض به ڏهه ڏينهن رات آيو هجي ۽ جيڪڏهن پويون حيض ڏهه ڏينهن کان گهٽ هو، مثلاً ڇهن ڏينهن جو هو ته هاڻي غسل ڪري چار ڏينهن جي قضا نمازون پڙهي ۽ جيڪڏهن پويون حيض چار ڏينهن جو هو ته هاڻي ڇهن ڏينهن جون قضا نمازون

پڙهندي. (فتاوٰي رضويه ج 4 ص 350)

﴿19﴾ جيڪو حيض پنهنجي پوري مدّت يعني پورن ڏهہ ڏينهن کان گهٽ ۾ ختم ٿي وڃي ان ۾ بہ صورتون آهن: (1) يا تہ عورت جي عادت کان بہ گهٽ مدت ۾ ختم ٿيو يعني ان کي پهرين مهيني ۾ جيترا ڏينهن حيض آيو هو اوترا ڏينهن بہ اڃا نہ گذريا هئا جو خون بند ٿي ويو، تنهن ڪري انهيءَ صورت ۾ صحبت اڃا جائز ناهي جيستوڻيڪ غسل بہ ڪري وٺي. (2) ۽ جيڪڏهن عادت کان گهٽ مُدّت حيض نہ آيو، مثلاً اڳئين مهيني ست ڏينهن حيض آيو هو هاڻي بہ ست يا اٺ ڏينهن حيض اچي ڪري ختم ٿي ويو يا هي پهريون ئي حيض آهي جيڪو هن عورت کي آيو ۽ ڏهن ڏينهن کان گهٽ ۾ ختم ٿيو، تہ انهن صورتن ۾ صحبت جائز ٿيڻ جي لاءِ ٻن ڳالهين مان هڪ ڳالهہ ضروري آهي: (الف) يا تہ عورت غسل ڪري وٺي ۽ جيڪڏهن بيماري جي ڪري يا پاڻي نہ هجڻ سبب تَيَمُّم ڪرڻو پوي تہ تَيَمَّم ڪري نماز بہ پڙهي وٺي، صرف تَيَمَّم ڪافي ناهي. (ب) يا عورت غسل نہ ڪري تہ ايترو هجي جو انهيءَ عورت تي ڪا فرض نماز، فرض ٿي وڃي يعني پنج وقتي نماز مان ڪنهن نماز جو وقت گذري وڃي جنهن ۾ گهٽ ان کي ايترو وقت مليو هجي جنهن ۾ اها وهنجي ڪري مٿي کان پيرن تائين هڪ چادر اوڍي تڪبيرِ تحريمہ چئي سگهي ٿي تہ ان صورت ۾ بنا طهارت يعني غسل ڪانسواءِ بہ انهيءَ سان صحبت جائز ٿي ويندي.

(فتاوٰي رضويه ج 4، ص 352)

﴿20﴾ نِفاس ۾ رت جاري ٿيندو آهي جيڪڏهن پاڻي جاري ٿئي تہ اها ڪا شيءِ ناهي، تنهن ڪري چاليهہ ڏينهن جي اندر جڏهن بہ رت آيو،

جم کان وٺي خون ختم ٿيڻ تائين سڀ ڏينهن نِفاس جا ئي ڳڻيا ويندا، جيڪي ڏينهن وچ ۾ رت نہ اچڻ جي ڪري خالي گذريا اُهي بہ نفاس ئي ۾ شمار ٿيندا، مثال طور ٻار جي ولادت کان پوءِ ٻہ مِنٽ تائين رت اچي ڪري بند ٿي ويو، عورت طهارت جو گمان ڪري غسل ڪيو ۽ نماز روزو وغيره ادا ڪندي رهي پر چاليهہ ڏينهن پورا ٿيڻ ۾ اجا ٻہ مِنٽ باقي هئا تہ وري رت اچي ويو تہ اِهي سيئي ڏينهن نفاس جا ڳڻيا ويندا ۽ نمازون بيڪار ويون، فرض يا واجب روزا يا پويون قضا نمازون جيتريون پڙهيون هجن انهن کي موٽائي پڙهي. (فتاوٰي رضويہ ج 4 ص 354)

﴿21﴾ حيض واري عورت جي هٿ جو پچايل کاڌو بہ جائز ۽ ان کي پاڻ سان گڏ کاڌو کارائڻ بہ جائز، انهن ڳالهين کان پرهيز ۽ عليحدگي يهودين ۽ مَجوسين (يعني باهہ جي پوڄارين) جو طريقو آهي جو اُهي ائين ڪندا آهن. (ايضًا ص 355)

## حيض ۽ نِفاس جي باري ۾ اَٺ مَدَني گل

﴿1﴾ حيض ۽ نفاس جي حالت ۾ اسلامي ڀينرون درس بہ ڏئي سگهن ٿيون ۽ بيان بہ ڪري سگهن ٿيون اسلامي ڪتاب کي هٿ لڳائڻ ۾ بہ ڪو حرج ناهي، قرآن شريف کي هٿ يا آڱر جو ڇيڙو يا بدن جو ڪو حصو لڳائڻ حرام آهي، ۽ ڪنهن پرچي تي جيڪڏهن صرف قرآني آيت لکيل هجي ٻي ڪا عبارت نہ لکيل هجي تہ ان ڪاغذ جي اڳيان پويان ڪنهن بہ حصّي ڪُند ڪَناري کي ڇهڻ جي اجازت ناهي.

﴿2﴾ قرآن شريف يا قرآني آيت يا ان جو ترجمو پڙهڻ ۽ هٿ لڳائڻ ٻئي حرام آهن.

﴿3﴾ جيڪڏهن قرآن شريف جُزدان (يعني غلاف) ۾ هجي تہ جُزدان کي هٿ لڳائڻ ۾ حرج ناهي، ائين ئي رومال وغيره ڪنهن اهڙي ڪپڙي سان پڪڙڻ جيڪو نہ پنهنجي تابع هجي نہ قرآن شريف جي تہ جائز آهي، ڪُڙتي جي آستين، پوتي (چادر) جي ڪناري ايستائين جو چادر جو هڪ ڪنارو ان جي ڪلهي تي آهي ٻئي ڪناري سان ڇُهڻ حرام آهي جو اهي سڀ ان جا تابع آهن. جيئن قرآن تي سبيل ڪپڙو قرآن شريف جي تابع هو. (بهارشريعت حصّو 2 ص 48)

﴿4﴾ جيڪڏهن قرآن جي آيت دعا جي نيت يا تَبرُّڪ جي لاءِ جئين بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ يا شُڪر ادا ڪرڻ جي لاءِ نڇ اچڻ ڪان پوءِ اَلۡحَمۡدُ لِلّٰهِ رَبِّ الۡعٰلَمِيۡنَ يا پريشاني جي خبر تي اِنَّا لِلّٰهِ وَاِنَّاۤ اِلَيۡهِ رَاجِعُوۡنَ چيائين يا ثنا جي نيت سان پوري سورة فاتِحه يا آيةُ الڪُرسي يا سورهءِ حَشَر جون آخري ٽي آيتون هُوَ اللّٰهُ الَّذِيۡ لَاۤ اِلٰهَ اِلَّا هُوَ ڪان سورت جي آخر تائين پڙهيائين ۽ انهن سيني صورتن ۾ قرآن جي نيّت نہ هجي تہ ڪو حرج ناهي، ايئن ئي ٽئي قُلۡ لفظِ قُلۡ ڪانسواءِ ثنا جي نيّت سان پڙهي سگهي ٿي ۽ لفظِ قُلۡ سان گڏ نٿي پڙهي سگهي جيتوڻيڪ ثنا جي نيت هجي ڇوتہ انهيءَ صورت ۾ ان جو قرآن هجڻ مُتَعَيَّن (يعني ظاهر) آهي، نيّت ڪي ڪو دَخل ناهي. (بهار شريعت حصو 2 ص 48)

﴿5﴾ ذِڪر ۽ اَذڪار، دُرُود و سلام، نعت پڙهڻ، اذان جو جواب ڏيڻ وغيره ۾ ڪو حرج ناهي، ذِڪر جي حلقي ۾ شرڪت ڪري سگهن ٿيون، بلڪ ذڪر ڪرائي سگهن ٿيون.

﴿6﴾ خاص ڪري اها ڳالهہ ياد رکو تہ (انهن ڏينهن ۾) نماز ۽ روزو حرام آهي. (ايضا ص 102)

﴿7﴾ مُرُوَّت ۾ بہ اهڙي موقعي تي هرگز هرگز نماز نہ پڙهو جو فقهاءِ

ڪرام رَحِمَهُمُ اللهُ السَّلام ايستائين فرمائن ٿا: بنا ڪنهن عُذر جي ڄاڻي واڻي بنا وُضو جي نماز پڙهڻ ڪُفر آهي، جڏهن ته هن کي جائز سمجهي يا اِسۡتِهۡزاءَ (يعني مذاق اُڏائيندي) اهو فعل ڪري.

(منح الروض الازهر ص 468)

﴿8﴾ انهن ڏينهن جي نمازن جي قضا ناهي، البت رَمَضانُ الۡمُبارڪ جي روزن جي قضا فرض آهي. (بهار شريعت حصو 2 ص 102) جيستائين قضا روزا ذمي باقي رهندا آهن ان وقت تائين نفلي روزي جي مقبول ٿيڻ جي اُميد ناهي، انهن احڪامن جي تفصيلي معلومات جي لاءِ مڪتبة المدينہ جي شايع ٿيل بهار شريعت حصو 2 صفحي 91 کان 109 جو مطالعو ڪرڻ جي هر اسلامي ڀيڻ کي نہ صرف درخواست آهي بلڪ سخت تاڪيد آهي.

صَلُّوا عَلَى الۡحَبِيۡب! صَلَّى اللهُ تَعالٰى عَلٰى مُحَمَّد

تُوبُوا اِلَى الله! اَسۡتَغۡفِرُالله

صَلُّوا عَلَى الۡحَبِيۡب! صَلَّى اللهُ تَعالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## مدني گل

1 فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: جيڪو شخص منهنجي اُمت تائين ڪا اسلامي ڳالھ پهچائي تہ جيئن ان سان سنّت قائم ٿي وڃي يا ان سان بد مذهبي دُور ڪئي وڃي تہ اهو جنّتي آهي.

(حلية الاولياء ج 10 ص 45 رقم الحديث 14466)

2 فرمان مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ارشاد فرمايو: ”الله عَزَّوَجَلَّ ان کي شاد و آباد رکي جيڪو منهنجي حديث ٻڌي، ياد رکي ۽ ٻين تائين پهچائي.“ (جامع ترمذي ج 4 ص 298 حديث 2665)

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِیْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰی سَیِّدِ الْمُرْسَلِیْنَ
اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّیْطٰنِ الرَّجِیْمِ ؕ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِیْمِ ؕ

# زناني بيمارين جا گهريلو علاج

## دُرود شريف جي فضيلت

اللّٰه عَزَّوَجَلَّ جي محبوب، داناءِ غُيُوب، مُنَزَّه عَنِ الْعُيُوب صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمانِ بخشش نشان آهي: اللّٰه عَزَّوَجَلَّ جي خاطر پاڻ ۾ محبت رکڻ وارا جڏهن پاڻ ۾ ملن ۽ مُصافحو ڪن (يعني هٿ ملائن) ۽ نبي ڪريم (صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم) تي درود پاڪ موڪلين تہ اُنهن جي جُدا ٿيڻ ڪان پهريان ٻنهي جا اڳيان پويان گناهہ بخشيا ويندا آهن.“

(مسند ابي يعليٰ، ج 3 ص 95 حديث 2951)

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

اسلامي ڀينرؤ! هر هڪ جو طَبعي مزاج الڳ الڳ هوندو آهي هڪ ئي دوا ڪنهن جي لاءِ آبِ حيات جو ڪم ڏيکاري ٿي تہ ڪنهن جي موت جو پيغام آڻي ٿي، تنهن ڪري ڪتابن ۾ لکيل (۽ هن ڪتاب جا بہ) يا عام ماڻهن جا ٻُڌايل علاج شروع ڪرڻ ڪان پهريان پنهنجي طَبِيبہ (يعني علاج ڪرڻ واريءَ ڊاڪٽرياڻي) سان مشورو ڪرڻ ضروري آهي. هڪ مَدَني گُل اِهو بہ قبول ڪريو تہ بار بار مختلف طبيبن ڪان نہ بلڪ هڪ ئي طبيبہ ڪان علاج ڪرائڻ مُناسب آهي جو اُها طَبَعي مزاج ڪان واقف ٿي ويندي آهي.

## بيمارين ڪان حفاظت جي لاءِ

پراڻين زناني بيمارين ڪان نجات ۽ آئينده اُنهن ڪان تحفُّظات

(يعني بچاءُ) جي لاءِ اسلامي ڀينرون هي شيون ڪثرت سان استعمال ڪن ﴿1﴾ چقندر ﴿2﴾ (ساون) پنن واريون سبزيون ﴿3﴾ ساڳ ﴿4﴾ سويا بين ﴿5﴾ ڄانيي جو ساڳ ﴿6﴾ سرنهن جو ساڳ ﴿7﴾ ڪڙهي پتا، مريض غير مريض سيئي ان کي کائيندا رهن، ان کي ٻوڙ مان ڪڍي اڇلائي نہ ڇڏيندا ڪريو ﴿8﴾ ساوا ڏاڻا ﴿9﴾ ڦُودنو ﴿10﴾ ڪارا ۽ سفيد چڻا ﴿11﴾ داليون ﴿12﴾ اڻ ڇڻيل اٽي جي ماني (براؤن خبز ۽ براؤن بريڊ (ڊبل روٽي) جي نالي سان اڻ ڇڻيل اٽي جون مانيون بيڪري تان ملي سگھن ٿيون)

## ماهواريءَ جي خرابي جا نقصان

ماهواري جو کُلي ڪري نہ اچڻ، يا تڪليف سان اچڻ يا بند ٿي وڃڻ سان ڪيترين ئي قسمن جون بيماريون پيدا ٿين ٿيون. مثال طور چڪر اچڻ، مٿي جو سور ۽ رت جي خرابي جون بيماريون جهڙوڪ خارِش، ڦوڙا، ڦرڙيون وغيره.

## حيض جي خرابي ۾ ڀوائتا خواب

ماهواري جي خرابين جي ڪري مريضہ کي ٻين پريشاني کان علاوه ڀوائتا خواب بہ تنگ ڪندا آهن، ايستائين جو ڪڏهن ڪڏهن عامل ”اثرات“ چئي ڪري وڏيڪ خوفزده ڪري ڇڏيندا آهن! جڏهن تہ اها آسيب زده ناهي هوندي، اسلامي ڀيڻ يا اسلامي ڀاءُ کي جنهن سبب کان بہ ڀوائتا خواب نظر ايندا هجن روزانو سُمهڻ وقت ”يَامُتَكَبِّرُ“ 21 ڀيرا (اول ۽ آخر هڪ ڀيرو درود شريف) پڙهي ڇڏي. انهيءَ عمل جي پابندي ڪرڻ سان اِنْ شَآءَالله عَزَّوَجَلَّ خواب ۾ نہ ڊڄندؤ.

## ماهواري جي ڪثرت جا ۾ علاج

﴿1﴾ تمام گھڻو رت ايندو هجي ۽ چڪر ايندا هجن تہ توري

تُلسي جي رس ۾ هڪ چمچو ماکي مِلائي پيئڻ مفيد آهي ﴿2﴾ ڇهه گرام ڏاٿا (ٻج) اڌ ڪلو پاڻي ۾ چڱيءَ طرح پچايو ايستائين جو پاڻي اڌ رهجي وڃي هاڻي لاهي هڪ چمچو ماکي ملائي هلڪو گرم ڪري پي ونو، اِنْ شَآءَالله عَزَّوَجَلَّ جلدي فائدو ٿي ويندو. (مدت 20 ڏينهن)

# ماهواري جي خرابين جا ٿي علاج

﴿1﴾ هِڱ (هڪ پسارڪو وکر) کائڻ سان رِحم (يعني ٻچي داڻي) سُڪڙندي آهي ۽ ماهواري کلي ايندي آهي ﴿2﴾ 12 گرام ڪارا تِرِ، پاءُ پاڻي ۾ چڱي طرح اُباريو جڏهن ٿي حصّا پاڻي ختم ٿي وڃي تہ ان ۾ ڪجهہ ڳُڙ وجهي ڪري ٻيهر اُباريو (پيئڻ جي قابل ٿيڻ کان پوءِ) اهو پاڻي پيئڻ سان اِنْ شَآءَالله عَزَّوَجَلَّ ماهواري جي تڪليف گهٽجي ويندي ۽ (مخصوص ڏينهن) درست ٿي ويندا ﴿3﴾ ڪچو بصر کائڻ سان ماهواري صاف ايندي آهي ۽ تڪليف ناهي ٿيندي.

# ماهواري بند ٿيڻ جا 6 علاج

﴿1﴾ جيڪڏهن گرمي يا خشڪي جي سبب ماهواري بند ٿي وڃي تہ هڪ ڪوپ سونف (يعني وڏف) جي عَرق ۾ هڪ ننڍو چمچو چانهين جي ٻج جو مغز ۽ هڪ چمچو ماکي ملائي صبح ۽ شام پيئو اِنْ شَآءَالله عَزَّوَجَلَّ فائدو ٿيندو. تمام گهڻو پاڻي پيئو، ٿي سگهي تہ روزانو 12 گلاس پيئو ﴿2﴾ 25 گرام ڳُڙ ۽ 25 گرام سونف کي هڪ ڪلو پاڻي ۾ جوش ڏيو، اندازي سان جڏهن هڪ پيالي رهجي وڃي تہ ڇاڻي ڪري گرم گرم پي ونو. شفا حاصل ٿيڻ تائين روزانو صبح ۽ شام اهو علاج ڪريو ﴿3﴾ هر ڪاڌي سان ڳڏ ٿوم جي هڪ سِري (يعني ٿوم جي سڄي ڳنڍ مان هڪ ڳڙي) سنهي ڪَٽي ڳڙڪائي ڇڏيو ۽ بهتر آهي تہ اوباري پئي ونو. (نماز ۽ ذڪر درود جي جي لاءِ

منهن چڱيءَ طرح صاف ڪيو ايستائين جو ڏپ ختم ٿي وڃي) ﴿4﴾ ٽي عدد ڪارڪون، مَغزِ بادام 10 گرام، ناريل 10 گرام ۽ ڪِشمِش يعني خشڪ ننڍا انگور 20 گرام، ماهواري جي ڏينهن ۾ روزانو گرم کير سان گڏ استعمال ڪيو ﴿5﴾ ماهواري جي ڏينهن کان هڪ هفتو پهرين روزانو کير سان گڏ 25 گرام سونف استعمال ڪيو ﴿6﴾ پٽاٽا، مسور ۽ خشڪ غذائون ماهواري ۾ رڪاوٽ بڻجن ٿيون تنهنڪري انهن ڏينهن ۾ انهن کان پرهيز ڪريو.

## ماهواري جي تڪليف جو علاج

25 گرام ڳُڙ ۽ گجر جا ٻج 15 گرام، ٻه گلاس پاڻي ۾ اوٻاريو جڏهن پاڻي اڌ گلاس رهجي وڃي ته ڇاڻي ڪري پي وٺو، جيڪڏهن ماهواري تڪليف سان ايندي هوندي ته انهن ڏينهن ۾ بنا ڪنهن تڪليف جي اچڻ لڳندي، اِنْ شَآءَالله عَزَّوَجَلَّ

## ”يا خُدا“ جي پنج اکرن جي نسبت سان سنڌاپڻ جا 5 علاج

﴿1﴾ هر نماز کان پوءِ ٻئي زال مڙس (اول آخر هڪ ڀيرو درود شريف پڙهي) قرآن شريف ۾ موجود هي دعاءِ ابراهيم (عَلَيْهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام) ٽي ڀيرا پڙهندا رهن: رَبِّ اجْعَلْنِیْ مُقِیْمَ الصَّلٰوةِ وَ مِنْ ذُرِّیَّتِیْ ﳓ رَبَّنَا وَ تَقَبَّلْ دُعَآءِ ﴿۴۰﴾ رَبَّنَا اغْفِرْ لِیْ وَ لِوَالِدَیَّ وَ لِلْمُؤْمِنِیْنَ یَوْمَ یَقُوْمُ الْحِسَابُ ﴿۴۱﴾ [1] (پ: 13 ابراهيم 40، 41)

﴿2﴾ ٻئي زال مڙس هر نماز کان پوءِ (اول آخر هڪ ڀيرو درود شريف)

---

[1] ترجمو ڪنزالايمان: اي منهنجا رب! مون کي ۽ منهنجي ڪجهه منهنجي اولاد کي نماز قائم ڪندڙ رک، اي اسان جا رب! ۽ اسان جي دعا قبول فرماءِ، اي اسان جا رب! مون کي بخش، ۽ منهنجي ماءُ پيءُ کي ۽ سمورن مسلمانن کي جنهن ڏينهن حساب قائم ٿيندو.

**دعاءِ ذَكَرِيَّا** (عَلَيۡهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام) ﺑﻪ ٽي ڀيرا پڙهي وٺن:

رَبِّ هَبۡ لِيۡ مِنۡ لَّدُنۡكَ ذُرِّيَّةً طَيِّبَةً ۚ اِنَّكَ سَمِيۡعُ الدُّعَآءِ ﴿۳۸﴾ [1] (پ 3 آل عمران 38)

﴿3﴾ هڪ عدد جائفل (يعني جافر) سنهو پيهي ڪري ست حصا ڪريو، ٽِن مهينن تائين عورت هڪ هڪ حصو روزانو صبح پاڻي سان استعمال ڪري پر ماهواري جي دوران نہ کائي ﴿4﴾ 12 گرام سونف ۽ 50 گرام گُلقَند روزانو رات جو گرم کير سان کائو ﴿5﴾ اڌ ڪلو شڪر (يعني ڳاڙهي ڪنڊ) اڌ ڪلو سونف، 250 گرام مغز بادام، اڌ ڪلو ديسي گيهہ، سونف کي سنهو پيهي گرم گيهہ ۾ ملائي ڇڏيو ۽ شڪر وجهي ڇڏيو پوءِ چُلهہ تان لاهي ڪُتيل بادام مٿان وجهي ڇڏيو.

**ترڪيب استعمال:** جنهن ڏينهن ماهواري شروع ٿئي ان ڏينهن کان زال مڙس ٻئي ٽيهہ ٽيهہ گرام صبح شام کير سان استعمال ڪرڻ شروع ڪري ڇڏين. (علاج جي مدت گهٽ ۾ گهٽ 92 ڏينهن)

## ٻِورهاري عورت جي تڪليف بابت 6 علاج

﴿1﴾ ديسي گيهہ ۾ پُچيل هِڳَ، ديسي گيهہ سان کائڻ سان دردِزِه (يعني ٻار پيدا ٿيڻ جي تڪليف) ۽ چَڪر ۾ فائدو ٿئي ٿو ﴿2﴾ جيڪڏهن ٻورهاري کي بک نہ لڳندي هجي تہ ﺑﻪ چمچا ادرڪ جي رس ۾ سوپاري جيترو ڳُڙ ۽ چوٿائي چمچ اَجِما (يعني جاڻ) جي ڦڪي ملائي صبح ۽ شام استعمال ڪرڻ سان بک گهٽي لڳندي آهي ﴿3﴾ دوران حَمَل بخار ۽ پيدائش کان پوءِ چيلهہ جو سُور هجي تہ اڌ چمچو پينل سُنڍ (يعني سُڪل ادرڪ)، اڌ چمچو اَجمو ۽ اڌ چمچو

(1) ترجمو ڪنزالايمان: اي رب منهنجا مون کي پاڻ وٽان سٺي اولاد ڏي، بيشڪ تون ئي آهين دعا ٻڌندڙ.

ديسي گيهه ملائي ڪري صبح ۽ شام کارايو اِنْ شَآءَالله عَزَّوَجَلَّ آرام اچي ويندو ﴿4﴾ حامله روزانو مالٽو ۽ صرف هڪ عدد ننڍو صوف کائي، جيڪڏهن مجبوري هجي تڏهن ٻه آئرن جون گوريون گهٽ کان گهٽ استعمال ڪري. اِنْ شَآءَالله عَزَّوَجَلَّ هر قسم جي بيماري کان حفاظت ٿيندي ۽ ٻار **خوبصورت** پيدا ٿيندو، صوف ۽ آئرن جون گوريون وڏيڪ کائڻ سان ٻار ڪارو پيدا ٿي سگهي ٿو ﴿5﴾ اُلٽي، يا اوڪارا، بدهضمي، گيس سان پيٽ ڦوڪجڻ، بلغم، پيٽ جو سور ۽ ڳورهاري جي ٻين تڪليفن ۾ اَجْما جي ڦڪي اڌ چمچو نيم گرم پاڻي سان صبح شام استعمال ڪرڻ تمام فائديمند آهي ﴿6﴾ ٽي گرام پيپنل ڏاٿا ۽ 12 گرام شڪر ڪي چانورن جي ڌووَڻ (يعني چانورن جي ڌوتل پاڻي) سان گڏ ڳورهاري استعمال ڪري ته اُلٽي ۾ فائدو ٿيندو آهي.

## خوبصورت ۽ عقلمند اولاد جي لاءِ

ڳورهاري جيڪڏهن ڪثرت سان گدرو کائي ته اولاد خوبصورت ۽ صحت مند پيدا ٿيندو اِنْ شَآءَالله عَزَّوَجَلَّ. ۽ جيڪڏهن ڳورهاري ”چوئنرا“ (جيڪا هڪ مشهور ڀاجي آهي) ڪثرت سان کائي ته اولاد عقلمند پيدا ٿيندو اِنْ شَآءَالله عَزَّوَجَلَّ.

## حمل جي ڏينهن ۾ بهترين عمل

حمل ۾ ڪنهن به قسم جي تڪليف هجي ان جي لاءِ ۽ ولادت ۾ آساني جي خاطر سورت مَرْيَم (سيپارو 15) جو وِرد بيحد مفيد آهي، ڳورهاري روز پڙهي پنهنجي مٿان دم ڪري يا ڪو ٻيو پڙهي دم ڪري ڇڏي. روزانو نه پڙهي سگهي ته جڏهن سور جي شدّت

هجي يا ٻار پيٽ ۾ ٽيڙو ٿي وڃي تہ پڙهي ڪري دم ڪري. اِنْ شَآءَ اللّٰه عَزَّوَجَلَّ ان جون خوب برڪتون ظاهر ٿينديون.

## ويم ۾ تاخير

جيڪڏهن حمل ۾ مطلوبہ سور شروع ٿيڻ ۾ دير ٿي وڃي تہ تمام گهٽو پراڻو گُڙ 30 يا 40 گرام وٺي 100 گرام پاڻي ۾ گرم ڪريو، جڏهن گُڙ وِڳهري وڃي تہ "سهاڳو" ۽ "ڦُلاريل ڦٽڪي" بہ گرام ملائي پيئارڻ سان اِنْ شَآءَ اللّٰه عَزَّوَجَلَّ آساني سان ولادت ٿي ويندي.

## جيڪڏهن پيٽ ۾ ٻار ٽيڙو ٿي ويو تہ.....

سُورت اِنْشِقاق جون ابتدائي پنج آيتون ٽي ڀيرا پڙهي (اول آخر ٽي ڀيرا دُرود شريف بہ پڙهي) هر ڀيري بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ آيتن جي شروع ۾ پڙهي، اهي سڀ پڙهي ڪري پاڻي تي دم ڪري پي وٺي. روزانو اهو عمل ڪندي رهي، وقت بوقت انهن آيتن جو وِرد ڪندي رهي، ٻيو بہ ڪو دم ڪري ڏيئي سگهي ٿو، اِنْ شَآءَ اللّٰه عَزَّوَجَلَّ ٻار سڌو ٿي ويندو دردِزِه (يعني ويم جي تڪليف) جي لاءِ بہ هي عمل مفيد آهي.

## سفيد پاڻي

﴿1﴾ ٽي گرام زيرو ۽ ٽي گرام شڪر ڪي پيهي ملايو، ان ڦڪي کي مناسب مقدار ۾ چانورن جي ڌوون ۾ ملائي پيئڻ سان اِنْ شَآءَ اللّٰه عَزَّوَجَلَّ سفيد پاڻي نڪرڻ بند ٿي ويندو ﴿2﴾ 6 گرام خالص گيهہ ۽ هڪ پڪل ڪيلو گڏ کائڻ سان اِنْ شَآءَ اللّٰه عَزَّوَجَلَّ پاڻي نڪرڻ بند ٿيندو.

# ”يا فاطم“ جي سنت اکرن جي نسبت سان حمل جي حفاظت جا 7 علاج

﴿1﴾ لَآ اِلٰہَ اِلَّا اللہُ (اعراب لڳائڻ جي حاجت ناهي پر ٻنهي جڳهه ه جا دائره کليل رکو) ڪنهن ڪاغذ تي 55 ڀيرا لکي (يا لکرائي) ضرورت مطابق تعويذ وانگر ويڙهي موم جامو ڪري يا پلاسٽڪ ڪوٽنگ ڪرائي ڪپڙي يا ريگزين يا چمڙي ۾ سبي حامله گلي ۾ پائي يا ٻانهن ۾ ٻڌي وٺي، اِنْ شَآءَ الله عَزَّوَجَلَّ حمل جي به حفاظت ٿيندي ۽ ٻار به بَلا ۽ آفت کان سلامت رهندو. جيسيتائين 55 ڀيرا (اول آخِر هڪ ڀيرو درود شريف) پڙهي پاڻي تي دم ڪري رکي ڇڏيو ۽ پيدا ٿيندي ئي ٻار جي منهن تي لڳائي ڇڏيو ته اِنْ شَآءَ الله عَزَّوَجَلَّ ٻار ذهين ٿيندو ۽ ٻارن کي ٿيڻ وارين بيمارين کان به محفوظ رهندو. جيسيتائين اهو ئي پڙهي ڪري زيت (يعني زيتون شريف جي تيل) تي دم ڪري ٻار جي جسم تي نرمي سان مَلي ڇڏيو ته بيحد فائديمند آهي. اِنْ شَآءَ الله عَزَّوَجَلَّ جيت جڻيا ۽ ٻيا مُوذي (يعني تڪليف ڏيڻ وارا) جانور ٻار کان پري رهندا. ان طرح جو پڙهيل زيتون جو تيل وڏن جي جسماني سُورن ۾ مالش جي لاءِ به تمام گهڻو ڪارائتو (يعني فائديمند) آهي. (فيضان سنت جلد اول ص 995)

﴿2﴾ لَآ اِلٰہَ اِلَّا اللہُ (اعراب لڳائڻ جي حاجت ناهي پر ٻنهي جڳهه ه جا دائره کليل رکو) ڪنهن پليٽ (يا ڪاغذ) تي 11 ڀيرا لکي اهو ڌوئي ڪري عورت کي پيئاري ڇڏيو، اِنْ شَآءَ الله عَزَّوَجَلَّ حمل جي حفاظت ٿيندي. جنهن عورت کي کير نه ايندو هجي يا گهٽ ايندو هجي اِنْ شَآءَ الله عَزَّوَجَلَّ ان جي لاءِ به هي عمل مفيد آهي. چاهيو ته هڪ ئي ڏينهن پياريو، يا ڪيئي ڏينهن تائين روزانو ئي لکي پياريو هر طرح سان اختيار آهي

﴿3﴾ يَا حَيُّ يَا قَيُّوْمُ 111 ڀيرا ڪنهن ڪاغذ تي لکي ڪري

حامله جي پيٽ تي ٻڌي ڇڏيو ۽ پيدائش جي وقت تائين ٻڌي رکي (ضرورتاً ڪجهه دير جي لاءِ کولڻ ۾ حرج ناهي) اِنْ شَآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ حمل به محفوظ رهندو ۽ ٻار به صحت مند پيدا ٿيندو. (فيضان سنّت جلد اول ص 1296) ﴿4﴾ حمل جي حفاظت جي لاءِ حمل جي شروع کان وٺي ٻار جي کير ڇڏائڻ تائين روزانو هڪ ڀيرو سورهءِ والشَّمس (پ 30) پڙهي ﴿5﴾ حمل ضايع ٿيڻ جي خطري جي صورت ۾ روزانو فجر جي نماز کان پوءِ ڏهه ڀيرا مڙس ڳورهاري زال جي پيٽ تي شهادت جي آڱر سان دائرو ناهي ۽ هر ڀيري آڱر گهمائيندي يَا مُبْتَدِئُ پڙهي ﴿6﴾ عورت يَا رَقِيْبُ ست ڀيرا روزانو پنج نمازن کان پوءِ پنهنجي پيٽ تي هٿ رکي ڪري پڙهي اِنْ شَآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ ٻار ضايع نه ٿيندو ﴿7﴾ جنهن عورت جو حمل ڪِري پوندو هجي ان کي گهرجي ته شروع کان آخري ڏينهن تائين روزانو صبح جو سُکل ڏاٽا 21 عدد ۽ شام جو ڪارو زيرو به چپٽيون ٿڌي پاڻي سان ڳڙڪائي ڇڏي اِنْ شَآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ مقرر وقت تي تندرست ٻار جي ولادت ٿي ويندي.

## ليڪوريا جو علاج

ناشتي (يعني نيرن) کان پوءِ ٿي خشڪ انجير کائو اِنْ شَآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ فائدو ٿيندو.

## عِرقُ النساء جا ٻه علاج

﴿1﴾ روزانو سُور جي جڳهه تي هٿ رکي اوّل آخِر درود شريف، سورَةُ الْفَاتِحه هڪ ڀيرو ۽ ست ڀيرا هي دعا پڙهي دم ڪريو: اَللّٰهُمَّ اَذْهَبْ عَنِّیْ سُوْءَ مَا اَجِدُ (اي الله عَزَّوَجَلَّ مون کان بيماري پري فرماءِ) جيڪڏهن ڪو ٻيو پڙهي ڪري دم ڪري ته عَنّي جي جڳهه مرد جي

لاءِ عَنۡہُ ۽ عورت جي لاءِ عنۡهَا چوي. (مدت شفا حاصل ٿيڻ تائين) ﴿2﴾ يامُحۡيِیُ ست ڀيرا پڙهي گيس هجي يا پُٺيءَ يا پيٽ ۾ تڪليف يا عِرقُ النّساء يا ڪنهن بہ جاءِ تي سُور هجي يا ڪنهن عُضوي جي ضايع ٿيڻ جو خوف هجي، پنهنجي مٿان دم ڪري ڇڏيو. (مدت: شفا حاصل ٿيڻ تائين)

صَلُّوا عَلَی الۡحَبِیۡب! صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## مدني گل

حضرت سيّدنا حاتِم اَصَم عَلَیۡہِ رَحۡمَۃُ اللهِ الاَکرَم جي خدمتِ مُعَظَّم ۾ هڪ شخص حاضر ٿي نصيحت جو طالب ٿيو، پاڻ رَحۡمَۃُ اللهِ تَعَالٰی عَلَیۡہِ فرمايائون: ﴿1﴾ جيڪڏهن تون رفيق چاهين ٿو تہ الله تعالي (جي ياد) تنهنجو رفيق (يعني ساٿي) ڪافي آهي ﴿2﴾ همراهي چاهين ٿو تہ ڪِراماً ڪاتبين (يعني اعمال لکڻ وارا بزرگ فرشتا) تنهنجي لاءِ ڪافي آهن ﴿3﴾ جيڪڏهن عبرت چاهين ٿو تہ دنيا جو فاني هجڻ عبرت جي لاءِ ڪافي آهي ﴿4﴾ جيڪڏهن مونِس ۽ غمخواري درڪار آهي تہ قرآن شريف ڪافي آهي ﴿5﴾ جيڪڏهن شُغل (يعني ڪم) گهرجي تہ ”عبادت“ ڪافي آهي ﴿6﴾ جيڪڏهن واعظ (يعني نصيحت ڪرڻ وارو) چاهين ٿو تہ ”موت“ ڪافي آهي هي ڇهہ مدني گل عنايت ڪرڻ کان پوءِ ستين نمبر تي ارشاد فرمايو: جيڪڏهن هي ڳالهيون تون کي پسند ناهن تہ دوزخ تنهنجي لاءِ ڪافي آهي.

(تذڪرة الاولياء الجزءالاوّل ص 224)

الله عَزَّوَجَلَّ جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بي حساب بخشش ٿئي.

اٰمِين بِجَاہِ النَّبِیِّ الۡاَمِین صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ
اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ؕ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ؕ

# ڪپڙا پاڪ ڪرڻ جو طريقو ۽ نجاستنُ جو بيان

## دُرُود شريف جي فضيلت

**اللّٰه**عَزَّوَجَلَّ جي محبوب، داناءِ غُيُوب، مُنَزَّہ عَنِ الْعُيُوب صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمانِ تَقَرُّب نِشان آهي: ”جنهن مون تي سؤ ڀيرا دُرُود شريف پڙهيو الله تعاليٰ ان جي ٻنهي اکين جي وچ ۾ لکي ڇڏيندو آهي تہ هي (ٻانهو) نِفاق ۽ جهنّم جي باھ کان آزاد آهي ۽ ان کي قِيامت جي ڏينهن شهيدن سان گڏ رکندو.“ (مجمع الزوائد ج 10 ص 253 حديث 17298)

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## نَجاست جا قسم

نَجاست جا ٻہ قسم آهن: ﴿1﴾ نَجاستِ غَلِيظَہ (غَ - لِي- ظَ) ﴿2﴾ نَجاستِ خَفِيفَہ (خَ - فِي- فَہ) (فتاويٰ قاضي خان ج 1 ص 10)

## نَجاستِ غَلِيظَہ

﴿1﴾ اِنسان جي بَدَن مان ڪا اهڙي شيء نڪري جو ان سان غُسل يا وُضو واجب ٿئي اها نِجاستِ غَلِيظَہ آهي، جيئن پاخانو، پيشاب، وهندڙ رت، پونءِ، وات ڀريل اُلٽي، حَيض و نِفاس ۽ اِستِحاضہ جو رت، مَني، مَذي، وَدي. (فتاويٰ عالمگيري ج 1 ص 46) ﴿2﴾ جيڪو رَت زخم مان وهيو نہ هجي اهو پاڪ آهي. (فتاويٰ رضويہ ج 1 ص 280) ﴿3﴾

اُتيل اک مان جيڪو پاڻي نڪري اهو نَجاستِ غَلِيظ آهي. اِئين ڏُن يا پِستان (يعني ٻُبي) مان سُور جي ڪري جيڪو پاڻي نڪري اهو نَجاستِ غَلِيظ آهي. (ايضًا ص 269، 270) ﴿4﴾ خُشڪيءَ تي رهندڙ هر جانور جو وهندڙ رت، مُردار جو گوشت ۽ چَربي، (يعني جنهن جانور ۾ وهندڙ رت هوندو آهي اهو شَرعِي ذبح کانسواءِ مري وڃي ته مُردار (يعني حرام) آهي، ۽ پڻ مَجُوسِي يا بُت پرست يا مُرتَد جو ذبح ڪيل جانور به مُردار آهي جيتوڻيڪ ان حلال جانور مِثال طور ٻڪري وغيره کي "بِسۡمِ اللّٰهِ اَللّٰهُ اَکۡبَر" پڙهي پوءِ ذبح ڪيو هجي ان جو گوشت ۽ پَوست (يعني کَلَ)، سڀ ناپاڪ ٿي ويا، ها مسلمان حرام جانور کي به جيڪڏهن شَرعِي طريقي سان ذبح ڪري ورتو ته ان جو گوشت پاڪ آهي جيتوڻيڪ کائڻ حرام آهي، سواءِ خِنزير (يعني سوئر) جي جو اهو نَجِسُ الۡعَين آهي ڪنهن به طريقي سان پاڪ نه ٿو ٿي سگهي) ﴿5﴾ حرام چوپايو جانور جيئن ڪُتو، شينهن، لومڙي، ٻِلي، ڪوئو، گڏھ، خچر، هاٿي ۽ سوئر جو پاخانو، پيشاب ۽ گھوڙي جي لِدّ ۽ ﴿6﴾ هر حلال چوپائي جانور جو پاخانو جيئن ڳئون ۽ مينهن جو ڇيڻو، ٻڪريءَ جون ڦولڙيون ۽ اُٺ جا ڦولڙا ۽ ﴿7﴾ جيڪو پکي مٿي نه اُڏري سگهي ان جي وِٺ جيئن ڪُڪڙ ۽ بَدَڪ ننڍي هجي يا وڏي، ۽ ﴿8﴾ هر قسم جو شراب ۽ نشو ڏيارڻ واري تاڙي (يعني ڪجي جو نشيدار رس) ۽ سينڌي (يعني نشيدار رس) ۽ ﴿9﴾ نانگ جو پاخانو، پيشاب ۽ ﴿10﴾ ان جهنگلي نانگ ۽ ڏيڏر جو گوشت جن ۾ وهندڙ رَت هوندو آهي جيتوڻيڪ ذبح ڪيا ويا هجن اهڙيءَ طرح انهن جي کَلَ جيتوڻيڪ سُڪائي وئي هجي ۽ ﴿11﴾ سوئر جو گوشت، هڏي ۽ وار جيتوڻيڪ ذبح ڪيو ويو هجي اهي سڀ نجاستِ غليظ آهن. (بهارِ شريعت حصو 2 ص 112، 113) ﴿12﴾ ڪِرڙي يا ساندي جو رت نجاستِ غليظ آهي. (ايضًا ص 113) ﴿13﴾

هاٿي جي سُونڊ جي رُطوبت ۽ شينهن، ڪُتي، چيتي ۽ ٻين خونخوار جانورن ۽ پالتو جانورن جو گِگَ (يعني وات جو پاڻي) نَجاستِ غليظ آهي. (ايضًا)

## ڪير پياڪ ٻارن جو پيشاب ناپاڪ آهي

عوام ۾ هيءَ ڳالهه مشهور آهي ته ڪير پياڪ ٻار جيئن ته کاڌو نه کائيندا آهن، تنهن ڪري انهن جو پيشاب ناپاڪ ناهي، اهو سراسر غلط آهي، ڪير پياڪ ٻار يا ٻارڙيءَ جو پيشاب ۽ پاخانو به نجاستِ غليظ آهي. اهڙيءَ طرح جيڪڏهن ڪير پياڪ ٻار وات مان کير ڪڍي ڇڏيو جيڪڏهن اهو وات ڀريل آهي ته نجاستِ غليظ آهي.
(بهارِ شريعت حصو 2 ص 112 ملخصًا)

## نَجاستِ غَلِيُظ جو حُڪم

نجاستِ غليظ جو حڪم هي آهي ته جيڪڏهن ڪپڙي يا بدن تي هڪ دِرهَم کان وڌيڪ لڳي وڃي ته ان جو پاڪ ڪرڻ فرض آهي، پاڪ ڪرڻ کانسواءِ جيڪڏهن نماز پڙهيائين ته نماز نه ٿيندي، ۽ ان صورت ۾ ڄاڻي واڻي نماز پڙهڻ سخت گناهه آهي، ۽ جيڪڏهن نماز کي هلڪو ڄاڻندي ائين نماز پڙهيائين ته ڪُفر آهي.

نجاستِ غليظ جيڪڏهن دِرهَم جي برابر ڪپڙي يا بدن تي لڳل هجي ته ان جو پاڪ ڪرڻ **واجب** آهي جيڪڏهن پاڪ ڪرڻ کان سواءِ نماز پڙهيائين ته اها نماز مڪروهِ تحريمي ٿيندي ۽ اهڙي صورت ۾ ڪپڙي يا بدن کي پاڪ ڪري ٻيهر نماز پڙهڻ واجب آهي، ڄاڻي واڻي اهڙي طرح نماز پڙهڻ گناهه آهي. جيڪڏهن نجاستِ غليظ دِرهَم کان گهٽ ڪپڙي يا بدن تي لڳل آهي ته ان جو پاڪ ڪرڻ سنّت آهي جيڪڏهن پاڪ ڪرڻ کان سواءِ نماز پڙهيائين ته

نماز ٿي ويندي، پر سنّت جي خلاف آهي، اهڙي نماز جو اِعادو يعني موٽائي پڙهڻ بهتر آهي. (بهارِشريعت حصو 2 ص 111)

## دِرهم جي مِقدار جي وضاحت

نجاستِ غَلِيظہ جو دِرهَم يا ان کان گهٽ يا وڌيڪ هجڻ مان مُراد هي آهي تہ نَجاستِ غليظہ جيڪڏهن گهاٽي هجي مثال طور پاخانو، لِدُ وغيره تہ دِرهم مان مُراد وزن ۾ ساڍا چار ماشا (يعني 4.374 گرام) آهي ها جيڪڏهن نَجاست دِرهَم کان وڌيڪ يا گهٽ آهي تہ ان مان مُراد وزن ۾ ساڍن چئن ماشن کان گهٽ يا وڌيڪ هجڻ آهي ۽ جيڪڏهن نَجاستِ غَليظہ ڄِڊي هجي جيئن پيشاب وغيره تہ دِرهَم مان مُراد ڊيگهہ ۽ ويڪر آهي يعني هٿ جي تِريءَ کي کولي سِڌو ڪريو ۽ ان تي آهستي ايترو پاڻي وجهو جو ان کان وڌيڪ پاڻي نہ بيهي سگهي، هاڻي جيتري جڳهہ پاڻي ڦهليل آهي اهو دِرهَم جو مقدار سمجهيو ويندو. (بهارِ شريعت حصو 2 ص 111)

ڪنهن ڪپڙي يا بدن جي چند جاين تي نَجاستِ غليظ لڳي ۽ ڪنهن جڳهہ تي دِرهَم جي برابر ناهي، پر مَجمُوعي طور تي دِرهَم جي برابر آهي، تہ دِرهَم جي برابر سمجهي ويندي ۽ وڌيڪ آهي تہ وڌيڪ، نجاستِ خَفِيفہ ۾ بہ مجموعي تي ئي حڪم ڏنو ويندو. (ايضًا ص 115)

## نَجاستِ خَفِيُفہ

جن جانورن جو گوشت حلال آهي (جيئن ڳئون، ڍڳي، مينهن، ٻَڪري، اُٺ وغيره) انهن جو پيشاب، ۽ پڻ گهوڙي جو پيشاب ۽ جن پکين جو گوشت حرام آهي، توڙي شڪاري هجن يا نہ هجن، (جيئن ڪانءُ، ڳِجهہ، باز، شِڪرو) انهن جي وِٺ نَجاستِ خَفِيفہ آهي.(ايضًا ص113)

# نجاستِ خَفِيفَہ جو حڪم

نجاستِ خَفِيفَہ جو حُڪم هي آهي تہ ڪپڙي جي جنهن حصي يا بَدن جي جنهن عُضوي ۾ لڳي آهي جيڪڏهن ان جي چوٿائيءَ کان گهٽ آهي تہ مُعاف آهي، مثال طور آستين ۾ نجاستِ خفيفہ لڳل آهي تہ جيڪڏهن آستين جي چوٿين حصي کان گهٽ آهي يا دامن ۾ لڳل آهي تہ دامن جي چوٿائيءَ کان گهٽ آهي يا اهڙيءَ طرح هٿ ۾ لڳل آهي تہ هٿ جي چوٿائيءَ کان گهٽ آهي تہ مُعاف آهي يعني ان صورت ۾ پڙهي ويندڙ نماز ٿي ويندي ۽ جيڪڏهن پوري چوٿائيءَ ۾ لڳل هجي تہ پاڪ ڪرڻ کان سواءِ نماز نہ ٿيندي. (بهارِ شريعت، حصو 2 ص 111)

# اوڳر جو حڪم

**هر** چوپائي جانور جي **اوڳر** جو اهو ئي حڪم آهي جيڪو ان جي ڇيڻي وغيره جو. (ايضًا ص 113، درمختار، ج 1 ص 620) **جانور** پنهنجي معدي مان چارو (ڪاڏل گاهہ) کي ڪڍي وات ۾ ٻيهر چٻاڙي تہ ان کي **اوڳر** چئبو آهي. جيئن اڪثر ڳئون، مينهن ۽ اُٺ پنهنجو وات هلائيندا رهندا آهن ۽ انهن جي وات مان صابڻ جهڙي جهڳ (يعني ڳجي) نڪرندي آهي، انهن (يعني ڳئون، مينهن ۽ اُٺ) جي اوڳر ۾ نڪرڻ واري جهڳ وغيره نجاستِ غليظ آهي.

# پِتي جو حُڪم

هر جانور جي پِتي جو اهو ئي حڪم آهي جيڪو ان جي پيشاب جو، حرام جانورن جو پِتو نجاستِ غليظ ۽ حلال جو نجاستِ خَفِيفہ آهي. (درمختار، ج 1 ص 620 ، بهارِ شريعت حصو 2 ص 113)

# جانورن جي اُلٽي

هر جانور جي اُلٽي، ان جي وِٺ وارو حڪم آهي ۽ جنهن جي وِٺ پاڪ آهي جيئن جِهرڪي يا ڪبوتر انهن جي اُلٽي بہ پاڪ آهي ۽ جنهن جي وِٺ نجاستِ خفيف آهي جيئن باز يا ڪانءُ، انهن جي اُلٽي بہ نجاستِ خفيف آهي. ۽ جنهن جي نجاستِ غليظ آهي جيئن بَدڪ يا ڪُڪڙ، انهن جي اُلٽي بہ نجاستِ غليظ آهي. اُلٽيءَ مان مُراد اهو ڪاڏو يا پاڻي وغيره آهي جيڪو گُجيءَ (يعني معدي) مان ٻاهر نڪري جو جنهن جانور جي وِٺ ناپاڪ آهي ان جي گُجي مَعدنِ نَجاسات (يعني نَجاستن جي جاءِ) آهي، گُجيءَ مان جيڪا شيءِ ٻاهر ايندي پاڻ نَجس (يعني ناپاڪ) هوندي يا نَجس سان ملي ايندي، بهرحال وِٺ جهڙي نَجاست رڪندي آهي يعني خَفِيفَ ۾ خَفِيف، غَلِيظَ ۾ غليظ، ها جيڪڏهن ڪا شيءِ جيڪا اجا گُجيءَ تائين نہ پهتي هئي ۽ نڪري اچي (اها نَجس ناهي). مثال طور ڪڪڙ پاڻي پيتو اجا نِڙيءَ ۾ ئي هيو تہ اُلٽو[1] آيو ۽ (پاڻي وغيره) نڪري ويو تہ اهو پاڻي وِٺ جو حڪم نٿو رکي لِاَنَّہٗ مَا اسْتَحَالَ اِلَی نَجَاسَۃٍ وَّلَا لَاقٰی مَحَلَّھَا (يعني ڇوتہ اهو نہ نَجاست ۾ مليو ۽ نہ ئي نَجاست جي جاءِ سان مليو) بلڪ ان کي اوبر جو حڪم ڏنو ويندو ڇو تہ ان جي منهن سان ملي پوءِ نڪتو آهي. ان جانور جي اوبر نَجاستِ غَليظ يا خَفيف يا مشڪوڪ يا مڪروهہ يا طاهر (يعني پاڪ) يعني جهڙو اوبر هوندو اهڙو ئي ان شيءِ جو حڪم ڏنو ويندو، جيڪا معدي تائين پهچڻ کان اڳ ۾ ٻاهر آئي، جيڪا مرغي آزاد گهمي ڦري ان جي اوبر مڪروهہ آهي اهو پاڻي بہ مَڪروهہ ٿيندو ۽ گُجي (يعني معدي) ۾ پهچي پوءِ اچي ها تہ نجاستِ

---

[1] پاڻي پيئندي ڪڏهن ڪڏهن ڪنگهہ ٿيندي آهي ان کي اُلٽو يا اُتاڙو چئبو آهي.

غليظ ٿئي ٿي. (فتاويٰ رضويه مخرجه ج 4 ص 390، 391)

## کير يا پاڻيءَ ۾ نجاست پئجي وڃي ته...؟

نجاستِ غَليظه ۽ خَفيفه جا جيڪي الڳ الڳ حڪم ٻُڌايا ويا آهن اهي اَحڪام ان وقت آهن جڏهن **بدن** يا **ڪپڙي** ۾ لڳي. جيڪڏهن ڪنهن ٻِڏي شيءِ مثال طور کير يا پاڻي ۾ نَجاست پئجي وڃي چاهي غَلِيظه هجي يا خَفيفه ٻنهي صورتن ۾ اهو کير يا پاڻي جنهن ۾ نَجاست پئي آهي **ناپاڪ** ٿي ويندو، جيتوڻيڪ هڪ ئي قطرو نَجاست پئي هجي. نجاستِ خفيفه جيڪڏهن نجاستِ غليظه ۾ ملي وڃي ته اها سڄي نجاست غليظه ٿي ويندي. (بهارِ شريعت حصو 2 ص 112، 113)

## پٽ، زمين، وڻ وغيره ڪيئن پاڪ ٿين؟

﴿1﴾ **ناپاڪ** زمين جيڪڏهن سُڪي وڃي ۽ نَجاست جو اثر يعني رنگ ۽ بوءِ ختم ٿي وڃي ته اها زمين **پاڪ** ٿي وئي، چاهي اها ناپاڪائي هوا سان سُڪي وئي هجي يا اُس سان، يا باهه سان، ان زمين تي نماز پڙهي سگهو ٿا پر ان زمين سان تَيَمُّم نه ٿا ڪري سگهو ﴿2﴾ وڻ، ڇٻر، پٽ ۽ اهڙي سِرَ جيڪا زمين سان جُڙيل هجي، اهي سڀ سُڪي وڃڻ سان پاڪ ٿي ويا (جڏهن ته نَجاست جو اثر ۽ بوءِ ختم ٿي وئي هجي) ۽ جيڪڏهن سِرَ جڙيل نه هجي ته سُڪي وڃڻ سان پاڪ نه ٿيندي، بلڪ ڌوئڻ ضروري آهي. ائين ئي وڻ يا گاهه (نَجاست) سُڪي وڃڻ کان اڳ ۾ ڪٽيا ويا ته طهارت (يعني پاڪ ڪرڻ) جي لاءِ ڌوئڻ ضروري آهي. (بهارِ شريعت حصو 2 ص 123) ﴿3﴾ جيڪڏهن پٿر اهڙو هجي جيڪو زمين مان جُدا نه ٿي سگهي ته سُڪي وڃڻ سان پاڪ ٿي ويندو جڏهن ته نَجاست جو اثر ختم ٿي وڃي، نه ته ڌوئڻ جي ضرورت آهي. (ايضًا) ﴿4﴾ جيڪا شيءِ زمين سان مليل هئي ۽ نَجس

(يعني ناپاڪ) ٿي وئي، پوءِ سُڪي وڃڻ (۽ نَجاست جو اثر دور ٿي وڃڻ) ڪان پوءِ جُدا ڪئي وئي، تہ هاڻي بہ پاڪ ئي آهي. (ايضًا ص 124) ﴿5﴾ جيڪا شيءِ سُڪڻ يا رَهڙڻ وغيره سان پاڪ ٿي وئي پوءِ ان ڪان پوءِ آلي ٿي وئي تہ اها شيءِ ناپاڪ نہ ٿيندي.(ايضًا) جيئن زمين تي پيشاب پوڻ سان اها ناپاڪ ٿي وئي پوءِ اها زمين سُڪي وئي ۽ نَجاست جو اثر ختم ٿي ويو تہ زمين پاڪ ٿي وئي. هاڻي جيڪڏهن اها زمين وري ڪنهن پاڪ شيءِ سان آلي ٿي وئي تہ ناپاڪ نہ ٿيندي.

## رت لڳل زمين پاڪ ڪرڻ جو طريقو

ٻار يا وڏي زمين تي پيشاب يا پاخانو ڪيو يا زخم وغيره مان رَت يا پونءِ يا جانور ذبح ڪرڻ وقت نڪتل رت زمين تي ڪِري پيو ۽ بنا پاڻيءَ جي ڪنهن ڪپڙي وغيره سان اُگهي ڇڏيو، سُڪڻ ۽ نَجاست جو اثر ختم ٿي وڃڻ ڪان پوءِ اها زمين پاڪ ٿي وئي، ان تي نماز پڙهي سگهو ٿا.

## ڇيڻي سان ليپيل زمين

جيڪا زمين ڇيڻي سان ليپي وئي جيتوڻيڪ اها سُڪي وڃي پوءِ بہ زمين جي انهيءَ حصي تي نماز پڙهڻ جائز ناهي، باقي اهڙي زمين جيڪا ڇيڻي سان ليپي وئي هجي، ان جي سُڪي وڃڻ ڪانپوءِ ان تي ٿلهو ڪپڙو وِڇائي ان تي نماز پڙهي وئي تہ نماز ٿي ويندي. (بهارِ شريعت حصو 2 ص 126)

## جن پکين جي وٺ پاڪ آهي

﴿1﴾ چمڙي[1] جي وِٺ ۽ پيشاب بئي پاڪ آهن. (درمختار، ردالمحتار

(1) چمڙو اونداهيءَ ڪي پسند ڪرڻ وارو پکي آهي جيڪو رات جو اُڏامي ٿو ۽ ڏينهن جو وڻ يا ڇت تي اونڌو لٽڪيل هوندو آهي.

ج 1 ص 574، بهارِ شريعت حصو 2 ص 113) ﴿2﴾ جيڪي حلال پکي مٿي اُڏامندا آهن، جيئن (ڄهرڪي) ڪبوتر، مينا، آڙي وغيره انهن جي وِٺ پاڪ آهي. (ايضًا)

# مڇيءَ جو رت پاڪ آهي

مڇي ۽ پاڻي جي ٻين جانورن ۽ مُنگهڻ (هڪ قسم جو جيت) ۽ مڇرن جو رت ۽ خچر ۽ گڏهه جي ڳِگَ (يعني وات جو پاڻي) ۽ پگهر پاڪ آهي. (بهارِ شريعت حصو 2 ص 114)

# پيشاب جون سنهيون ڦڙڪون

﴿1﴾ پيشاب جون تمام سنهيون ڦڙڪون (يعني ڇنڊا) سوئي جي سوراخ برابر بدن يا ڪپڙي تي پئجي وڃن، ته ڪپڙو ۽ بدن پاڪ رهندو. (عالمگيري ج 1 ص 46، ايضًا) ﴿2﴾ جنهن ڪپڙي تي پيشاب جون اهڙيون سنهيون ڦِڙڪون پئجي وڃن، جيڪڏهن اهو ڪپڙو پاڻيءَ ۾ پئجي ويو ته پاڻي به ناپاڪ نه ٿيندو. (بهارِشريعت حصو 2 ص 114)

# گوشت ۾ باقي رهيل رت

گوشت، تِري، جيري ۾ جيڪو رت باقي رهجي ويو اهو پاڪ آهي ۽ جيڪڏهن اهي شيون وهندڙ رت ۾ ملي وڃن (يعني آليون ٿي وڃن) ته ناپاڪ آهن، ڌوئڻ کان سواءِ پاڪ نه ٿينديون. (ايضًا)

# جانورن جون سُڪل هڏيون

سوئر کان سواءِ سڀني جانورن جي اها هڏي جنهن تي مُردار جي چَربي لڳل نه هجي ته پاڪ آهي، ۽ وار ۽ ڏند به پاڪ آهن. (ايضًا ص 117)

# حرام جانور جو کير

حرام جانور جو کير نَجِس (يعني ناپاڪ) آهي، باقي گهوڙيءَ

جو ڪير **پاڪ** آهي پر اهو پيئڻ جائز ناهي. (ايضًا ص 115)

# ڪوئي جون ڦولڙيون

**ڪوئِي** جي ڦولڙي (ناپاڪ آهي پر) ڪڻڪ ۾ مِلي پيسجي وئي يا تيل ۾ پئجي وئي تہ اَٽو ۽ تيل **پاڪ** آهي، ها جيڪڏهن مزي ۾ فرق اچي وڃي تہ نَجس (يعني ناپاڪ) آهي ۽ جيڪڏهن ماني ۾ مِلي وئي تہ ان جي آسپاس ڪان ٽورڙو الڳ ڪري ڇڏيو، باقي ۾ ڪو حرج ناهي. (عالمگيري ج 1 ص 46، 48، بهارِشريعت حصو 2 ص 115)

# گندگي تي ويهڻ واريون مکيون

﴿1﴾ پاخاني تان مکيون اُڏي ڪپڙي تي ويهن تہ ڪپڙو نَجس (يعني ناپاڪ) نہ ٿيندو. (بهارِ شريعت حصو 2 ص 116)

﴿2﴾ رستي جي گپَ (چاهي برسات جي هجي يا ڪا ٻي) پاڪ آهي جيستائين ان جو نَجس (يعني ناپاڪ) هجڻ معلوم نہ هجي، جيڪڏهن پيرن يا ڪپڙي ۾ لڳي ۽ ڌوئڻ ڪان سواءِ نماز پڙهي وئي تہ ٿي وئي پر ڌوئڻ بهتر آهي. (ايضًا)

# برسات جي پاڻيءَ جا احڪام

﴿1﴾ ڇت جي نيساري مان مِينهن جو پاڻي ڪِري تہ اهو پاڪ آهي جيتوڻيڪ ڇت تي ڪجھ جڳهن تي نَجاست پئي هجي، چاهي نَجاست نيساري جي منڍ تي پئي هجي، چاهي نَجاست سان ملي جيڪو پاڻي ڪِرندو هجي اهو اڌ ڪان گهٽ يا برابر يا وڌيڪ هجي، جيستائين نَجاست سان پاڻي جي ڪنهن وصف ۾ تَغَيُّر (يعني تبديلي) نہ اچي (يعني جيستائين نَجاست جي ڪري پاڻيءَ جو رنگ يا بوءِ يا ذائقو تبديل نہ ٿي وڃي) اهو ئي صحيح آهي ۽ انهيءَ تي اعتماد آهي

۽ جيڪڏهن مِينهن (يعني برسات) بيهي رهي ۽ پاڻيءَ جو وهڻ بند ٿي ويو ته پوءِ اهو بيٺل پاڻي ۽ جيڪو ڇِتَ مان ٽِمي اهو نَجس (يعني ناپاڪ) آهي. (بهارِ شريعت حصو 2 ص 52) ﴿2﴾ ائين ئي نالين ۾ وهندڙ برسات جو پاڻي پاڪ آهي جيستائين نَجاست جو رنگ، يا بوءِ، يا مَزو ان ۾ ظاهر نه ٿئي، باقي رهيو ان مان وُضو ڪرڻ ته جيڪڏهن ان پاڻيءَ مان نَجاستِ مَرئيَّه (يعني نظر اچڻ واري نَجاست) جا ذرڙا ائين وهي رهيا هجن جو ٻُڪ ۾ ڪنيو وڃي ته هن ۾ هڪ اڌ ذرو ان جو به ضرور اچي وڃي پوءِ ته هٿ ۾ کڻندي ئي ناپاڪ ٿي ويو، ان سان وُضو ڪرڻ **حرام** آهي (جيڪڏهن ڪو ناپاڪ ذرو نه هجي) ته پوءِ جائز آهي ۽ بچڻ بهتر آهي. (ايضًا) ﴿3﴾ ناليءَ جو پاڻي جيڪو برسات کان پوءِ بيهي رهيو، جيڪڏهن ان ۾ نَجاست جا ذرڙا ۽ بوءِ محسوس ٿئي ته ناپاڪ آهي نه ته پاڪ. (ايضًا)

## گهٽين ۾ بيٺل برسات جو پاڻي

هينانهين وارين گهٽين ۽ رستن تي مِينهن جو جيڪو پاڻي بيهي رهندو آهي اهو پاڪ آهي جيتوڻيڪ ان جو رنگ گدلو هوندو آهي. ڪڏهن ڪڏهن گٽر جو پاڻي به ان ۾ شامل ٿي ويندو آهي پر هتي به اهو ئي قاعدو آهي ته ناپاڪائي جي ڪري ان پاڻيءَ جي رنگ يا مَزي يا بوءِ ۾ تبديلي آئي ته ناپاڪ آهي نه ته پاڪ، ها جيڪڏهن مِينهن بيهجي ويو، پاڻي وهڻ به بند ٿي ويو ۽ ڏَه در ڏَه (يعني سو هٿ / 25 گز) کان گهٽ آهي ۽ ان ۾ ڪا نَجاست يا ان جا ذرڙا نظر اچي رهيا آهن ته هاڻي اهو ناپاڪ آهي. اهڙيءَ طرح ان ۾ ڪنهن پيشاب ڪري ڇڏيو ته ناپاڪ ٿي ويو. چَپل کان اُڏي جيڪي گپَ جا ڇَنڊا سلوار جي پوئين حصي تي پوندا آهن اهي پاڪ آهن

جيستائين يقيني طور تي ان جو ناپاڪ هجڻ معلوم نہ ٿئي.

## رستي تي ڇڻڪاريل پاڻيءَ جا ڇنڊا

رستي تي پاڻي ڇڻڪاريو پيو ويو تہ زمين مان ڇَنڊا اُڏي ڪپڙن تي پون، تہ ڪپڙا نَجس نہ ٿيندا پر ڌوئڻ بهتر آهي.

(بهارِ شريعت حصو 2 ص 116)

## پٿرن سان پاڪائي حاصل ڪرڻ کان پوءِ اچڻ وارو پگهر

پاخاني، پيشاب کان پوءِ پٿرن سان اِستِنجا ڪري ورتو، پوءِ ان جاءِ تان پگهر نڪري ڪپڙي يا بدن تي لڳو تہ بدن ۽ ڪپڙو ناپاڪ نہ ٿيندو. (عالمگيري ج 1 ص 48 ، بهارِ شريعت حصو 2 ص 117)

## ڪتو بدن کي ڇهي وڃي

ڪُتو بدن يا ڪپڙن کي ڇُهي وڃي جيتوڻيڪ ان جو جسم آلو هجي بدن ۽ ڪپڙو پاڪ آهي، ها جيڪڏهن ان (ڪتي) جي بدن تي نَجاست لڳل هجي تہ پوءِ ٻي ڳالهہ آهي يا ان جي ڪِڱَ لڳي تہ ناپاڪ ڪري ڇڏيندي. (بهارِ شريعت حصو 2 ص 117)

## ڪتو اَٽي ۾ وات هڻي تہ؟

ڪُتي وغيره يا ڪنهن اهڙي جانور (مثال طور سوئر، شينهن، چيتي، بگهڙ، هاٿي، گدڙ ۽ ٻين خونخوار جانورن مان) جنهن جي ڪِڱَ ناپاڪ آهي، اٽي ۾ وات وڌائين تہ جيڪڏهن ڳوهيل هيو تہ جتي ان جو وات لڳو ان کي جُدا ڪري ڇڏيو باقي اَٽو پاڪ آهي ۽ سُڪل هو تہ جيترو آلو ٿي ويو اهو اُڇلائي ڇڏيو. (بهارِ شريعت حصو 2 ص 117)

# ڪتو ٿانوءَ ۾ منهن وجهي ته

ڪُتي ٿانوَ ۾ وات وِڌو ته جيڪڏهن اهو چيني يا ڌات جو آهي يا مِٽيءَ جو روغني يا استعمالي سٽيو ته ٽي ڀيرا ڌوئڻ سان پاڪ ٿي ويندو، نه ته هر ڀيري سُڪائڻ سان. ها چيني جي (ٿانوَ) ۾ تمام سنهو ڏار هجي يا ٻئي ڪنهن ٿانوءَ ۾ ڏار هجن ته ٽي ڀيرا سُڪائڻ سان پاڪ ٿيندو صرف ڌوئڻ سان پاڪ نه ٿيندو. (ايضًا ص 64) (پاڻيءَ جي) مَٽَ کي ڪُتي مٿان (ٻاهرئين حصي) کان چٽيو ته ان ۾ پيَل پاڻي ناپاڪ نه ٿيندو. (ايضًا)

# ٻلي پاڻيءَ ۾ منهن وجهي ته؟

گهر ۾ رهڻ وارا جانور ٻِلي، ڪوئو، نانگ، ڪِرڙيءَ جي اوبر مَڪروهه آهي. (ايضًا ص 65)

# ٽن مدني مُنين جي موت جو ڏکوئيندڙ واقعو

ڪير، پاڻي ۽ ڪائڻ پيئڻ جون شيون ڍڪڻ گهرجن. بابُ المدينہ ڪراچي جو عبرتناڪ واقعو آهي ته هڪ زال مُڙس پنهنجي ٽن ننڍين ٻارڙين کي پاڙيسري عورت يا ڪنهن مائٽ جي حوالي ڪري حَجّ جي لاءِ روانا ٿيا، حج کان اڳ ۾ اوچتو ٽئي مدَني منّيون گڏجي موت جي ننڊ سُمهي پيون! ڪُهرام مچي ويو، ماءُ پيءُ بنا حج ڪرڻ جي مڪي شريف (زادھا اللہُ شَرَفاً وَّتَعْظِيمًا) مان روئيندي بابُ المدينہ ڪراچي پهتا، تحقيق ڪرڻ تي اِنڪشاف ٿيو ته ڪير کُليل رکيل هو ان ۾ ڪِرڙي مري وئي ۽ اهو ئي ڪير انهن ٻارڙين پيتو ۽ زهر جي اثر کان اهو حادثو پيش آيو. چيو وڃي ٿو ته ڪِرڙي (ڪنهن پاڻي يا) شربت ۾ ڪِري پوي ۽ ڦاٽي مري وڃي ته 100 ماڻهن جي لاءِ ان جو زهر ڪافي آهي!

# جانورن جو پڳهر

جنهن جي اوبر ناپاڪ آهي ان جو پڳهر ۽ ڳِگَ (يعني وات جو پاڻي) بہ ناپاڪ آهي ۽ جنهن جي اوبر پاڪ آهي ان جو پڳهر ۽ ڳِگَ بہ پاڪ آهي ۽ جنهن جي اوبر مڪروهہ آهي ان جي ڳِگَ ۽ پڳهر بہ مڪروهہ آهي. (بهارِ شريعت حصو 2 ص 66)

# گڏهہ جو پڳهر پاڪ آهي

گڏهہ، خَچر جو پڳهر جيڪڏهن ڪپڙي تي لڳي وڃي تہ ڪپڙو پاڪ آهي چاهي ڪيترو ئي وڏيڪ لڳو هجي. (ايضًا)

# رت واري منهن سان پاڻي پيئڻ

ڪنهن جي وات مان ايترو رت نِڪتو جو ٿُڪَ ۾ ڳاڙهاڻ اچي وئي ۽ ان فورًا پاڻي پيتو تہ اوبر (وارو پاڻي) ناپاڪ آهي ۽ ڳاڙهاڻ ختم ٿيڻ کان پوءِ ان تي لازمي آهي تہ ڪُرڙي ڪري وات پاڪ ڪري ۽ جيڪڏهن ڪُرڙي نہ ڪيائين ۽ ڪجهہ ڀيرا ٿُڪ جو گذر مَوضَع نَجاست (يعني ناپاڪ حصي) تي ٿيو چاهي ڳِرڪائڻ يا ٿُڪَ اُڇلائڻ جي ڪري ٿيو ۽ جيڪڏهن نَجاست جو اثر ختم ٿي ويو تہ طهارت ٿي وئي، ان کان پوءِ پاڻي پيئندو تہ پاڪ رهندو، جيتوڻيڪ اهڙي صورت ۾ ٿُڪَ ڳِرڪائڻ سخت ناپاڪ ۽ گناهہ آهي.

(بهارِ شريعت حصو 2 ص 63)

# عورت جي پردي واري جاءِ جي رُطُوبت

عورت جي پيشاب واري جاءِ مان جيڪا رُطُوبت (يعني پاڻيات) نڪري اها پاڪ آهي، ڪپڙي يا بدن ۾ لڳي تہ ڌوئڻ ضروري ناهي، ها ڌوئي ونڻ بهتر آهي. (ايضًا ص 117)

## خراب ٿيل گوشت

**جيڪو** گوشت خراب ٿي ويو يا بدبوءِ ڪري ويو ان جو ڪائڻ حرام آهي، جيتوڻيڪ نَجس (يعني ناپاڪ) ناهي.
(بهارِ شريعت حصو 2 ص 117)

## رت جي شيشي

جيڪڏهن نماز پڙهيائين ۽ کيسي وغيره ۾ شيشي آهي ۽ ان ۾ پيشاب يا رت يا شراب آهي ته نماز نه ٿيندي ۽ کيسي ۾ آنو آهي ۽ ان جي زَردي رت ٿي وئي آهي ته نماز ٿي ويندي. (ايضًا ص 114)

## مَيّت جي وات جو پاڻي

**مُردي** (يعني مَيِّت) جي وات جو پاڻي ناپاڪ آهي.
(فتاويٰ رضويه ج 1 ص 268 ، درمختار ج 1 ص 290)

## ناپاڪ بسترو

﴿1﴾ آلي ٿيل ناپاڪ زمين يا نَجس (يعني ناپاڪ) بستري تي سُڪل پير رکيائين ۽ پيرن ۾ آلاڻ اچي وئي ته پير نَجس ٿي ويا ۽ گِهميل (يعني اهڙي آلاڻ جيڪا پيرن کي آلي نه ڪري سگهي، ٿڌاڻ) آهي ته نه ٿيا. (بهارِ شريعت حصو 2 ص 115)

﴿2﴾ نَجس (يعني ناپاڪ) ڪپڙا پاتا يا نَجس بستري تي سُتو ۽ پگهر آيو جيڪڏهن پگهر سان اها ناپاڪ جاءِ آلي ٿي وئي ۽ پوءِ ان سان بدن آلو ٿي ويو ته ناپاڪ ٿيو، نه ته نه. (ايضًا 116)

## آلي ٻچي

ٻَچي[1] آلي هئي ۽ رِيح (يعني هوا) نڪتي ته ڪپڙو ناپاڪ نه

---

(1) ٻَچي يعني سلوار جي وچ وارو ڪپڙو. هن کي اُردو ۾ رومالي چئبو آهي.

ٿيندو. (ايضًا ص 116)

## انساني کَل جو ٽڪرو

انسان جي کَلَ جيتوڻيڪ ننهن برابر ٿوري پاڻي (يعني ڏَهه در ڏَهه کان گهٽ) ۾ پئجي وڃي تہ اهو پاڻي ناپاڪ ٿي ويو ۽ ننهن ڪري پوي تہ ناپاڪ ناهي. (ايضًا)

## سُڪل ڇيٽو

﴿1﴾ (ڳئون يا مينهن جا) سُڪل ڇيٽا ساڙي ڪاڌو پچائڻ جائز آهي. (بهارِ شريعت حصو 2 ص 124) ﴿2﴾ (ڳئون يا مينهن جي) سُڪل ڇيٽي جو دونهون مانيءَ تي لڳو تہ ماني ناپاڪ نہ ٿي. (ايضًا ص 116) ﴿3﴾ سُڪل ڇيٽي جي خاڪ پاڪ آهي ۽ جيڪڏهن خاڪ ٿيڻ کان اڳ ۾ وِسامي ويو تہ ناپاڪ آهي. (ايضًا ص 118)

## تئي تي ناپاڪ پاڻيءَ جو ڇنڊو هڻيو تہ؟

تَندور يا تَئي تي ناپاڪ پاڻي جا ڇَندا وڌا ۽ گرمائش سان ان جي آلاڻ ختم ٿي وئي هاڻي جيڪا ماني (ان ۾) لڳائي وئي اها پاڪ آهي. (ايضًا ص 124)

## حرام جانور جو گوشت ۽ چمڙو ڪيئن پاڪ ٿئي

سوئر کان سواءِ هر جانور چاهي حلال هجي يا حرام جڏهن تہ ذبح جي قابل هجي، ۽ بِسمِ اللهِ چئي ذبح ڪيو ويو تہ ان جو گوشت ۽ کَل پاڪ آهي ۽ نمازي وٽ جيڪڏهن ان جو گوشت آهي يا ان جي کل تي نماز پڙهي تہ نماز ٿي ويندي پر حرام جانور (جو گوشت کائڻ

وغيره) ذبح سان حلال نہ ٿيندو حرام ئي رهندو.

(بهارِ شريعت حصو 2 ص 124)

## ٻڪري جي کل تي ويهڻ سان عاجزي پيدا ٿئي ٿي

خونخوار جانورن جي کل جيتوڻيڪ سُڪائي وئي هجي، ان تي نہ ويهڻ گهرجي نہ ئي نماز پڙهڻ گهرجي جو ان سان طبيعت ۾ سختي ۽ تڪبُّر پيدا ٿيندو آهي. ٻڪري (يا ٻڪر) ۽ گهيٽي جي کلَ تي ويهڻ ۽ پائڻ سان طبيعت ۾ نرمي ۽ اِنڪساري (يعني عاجزي) پيدا ٿيندي آهي، ڪُتي جي کل جيتوڻيڪ سُڪائي وئي هجي يا ذبح ڪيل هجي استعمال ۾ نہ آڻڻ گهرجي جو عالمن جي اختلاف ۽ عوام جي نفرت کان بچڻ مُناسب آهي. (ايضًا ص 124، 125)

جيڪا نُجاست ڏسڻ ۾ ايندي آهي ان کي مَرئِيَّہ ۽ جيڪا ڏسڻ ۾ نہ ٿي اچي ان کي غيرِ مَرئِيَّہ چئبو آهي. (ايضًا ص 54)

## گهاٽي نجاست وارو ڪپڙو ڪيئن ڌوئجي؟

جيڪڏهن گهاٽي نُجاست هجي جنهن کي نُجاستِ مَرئِيَّہ چئبو آهي (جيئن پاخانو، ڇيڻو، رت وغيره) تہ ڌوئڻ ۾ ڳڻپ جو ڪو شرط ناهي بلڪ ان کي ختم ڪرڻ ضروري آهي، جيڪڏهن هڪ ڀيرو ڌوئڻ سان ختم ٿي وڃي تہ هڪ ئي ڀيري ڌوئڻ سان پاڪ ٿي ويندو ۽ جيڪڏهن چار پنج ڀيرا ڌوئڻ سان ختم ٿئي تہ چار پنج ڀيرا ڌوئڻو پوندو ها جيڪڏهن ٽِن ڀيرن کان گهٽ ۾ نُجاست صاف ٿي وڃي تہ ٽي ڀيرا پورا ڪرڻ مُستَحَب آهي.

(بهارِ شريعت حصو 2 ص 119)

## جيڪڏهن نَجاست جو رنگ ڪپڙي تي رهجي وڃي...؟

جيڪڏهن نَجاست صاف ٿي وئي پر ان جو ڪجھ اثر، رنگ يا بوءِ باقي آهي تہ ان کي بہ ختم ڪرڻ لازمي آهي ها جيڪڏهن ان جو اثر ڏکيائيءَ سان وڃي تہ اثر ختم ڪرڻ جي ضرورت ناهي ٽي ڀيرا ڌوئڻ سان پاڪ ٿي ويو، صابڻ يا ڪٽائيءِ يا گرم پاڻي (يا ڪنهن قسم جي ڪيميڪل وغيره) سان ڌوئڻ جي حاجت ناهي. (ايضًا)

## ڇدي نجاست وارا ڪپڙا پاڪ ڪرڻ جي باري ۾ 6 مدني گل

﴿1﴾ جيڪڏهن (ڪپڙي وغيره تي) رَقِيق نجاست (يعني ڇِدي جيئن پيشاب وغيره) هجي تہ ٽي ڀيرا ڌوئڻ ۽ ٽي ڀيرا پوري طاقت سان نِپوڙڻ سان پاڪ ٿيندو ۽ طاقت سان نِپوڙڻ جي اها معنيٰ آهي تہ اهو شخص پنهنجي طاقت آهر ان کي اهڙيءَ طرح نِپوڙي جو جيڪڏهن وري نِپوڙجي تہ ان مان ڪو قطرو نہ ٽِمي، جيڪڏهن ڪپڙي جو خيال ڪري چڱيءَ طرح نہ نِپوڙيو تہ پاڪ نہ ٿيندو. (بهارِ شريعت حصو 2 ص 120) ﴿2﴾ جيڪڏهن ڌوئڻ واري چڱيءَ طرح نِپوڙيو پر اجا ائين آهي جو جيڪڏهن ڪو ٻيو شخص جيڪو طاقت ۾ ان کان وڌيڪ آهي نِپوڙي تہ هڪ بہ قطرا ٽِمي سگهن ٿا تہ ان (اڳ ۾ نِپوڙڻ واري) جي حق ۾ پاڪ ۽ ٻئي جي حق ۾ ناپاڪ آهي ان ٻئي جي طاقت جو (ٻهرين جي حق ۾) اعتبار ناهي ها جيڪڏهن اهو ڌوئي ها يا ايتري قدر نِپوڙي ها (جيئن ٻهريان واري نِپوڙيو هو) تہ پاڪ نہ ٿيندو. (ايضًا) ﴿3﴾ ٻهرين ۽ ٻئي ڀيري نِپوڙڻ کان پوءِ هٿ پاڪ ڪرڻ بهتر آهن ۽ ٽئين ڀيري نِپوڙڻ سان ڪپڙو بہ پاڪ ٿي ويو ۽ هٿ بہ

پاڪ ٿي ويا، ۽ جنهن ڪپڙي ۾ ايتري آلاڻ رهجي وئي جو نِپوڙڻ سان هڪ ٻه قطرا ٽِمندا ته ڪپڙو ۽ هٿ ٻئي ناپاڪ آهن. (ايضًا) ﴿4﴾ پهرين يا ٻئي ڀيري هٿ پاڪ نه ڪيائين، ۽ ان جي آلاڻ سان ڪپڙي جو پاڪ حصو آلو ٿي ويو ته اهو به ناپاڪ ٿي ويو، پوءِ جيڪڏهن پهرين ڀيري نِپوڙڻ کان پوءِ آلو ٿيو آهي ته ان کي ٻه ڀيرا ڌوئڻ گهرجي ۽ ٻئي ڀيري نِپوڙڻ کان پوءِ هٿن جي آلاڻ سبب ڀِڳل آهي ته هڪ ڀيرو ڌوتو وڃي. اهڙيءَ طرح جيڪڏهن ان ڪپڙي مان جيڪو هڪ ڀيرو ڌوئي نِپوڙيو ويو آهي، ڪو پاڪ ڪپڙو ملي ڪري آلو ٿي وڃي ته اهو به ٻيرا ڌوتو وڃي ۽ جيڪڏهن ٻئي ڀيري نِپوڙڻ کان پوءِ ان سان اهو ڪپڙو آلو ٿيو ته هڪ ڀيرو ڌوئڻ سان پاڪ ٿي ويندو. (بهارِ شريعت حصو 2 ص 120) ﴿5﴾ ڪپڙي کي ٽي ڀيرا ڌوئي هر ڀيري چڱيءَ طرح نِپوڙيو جو ٻيهر نِپوڙڻ سان نه ٽِمي پوءِ ان کي ٽنگي ڇڏيو ۽ ان مان پاڻي ٽِمڻ لڳو ته اهو پاڻي پاڪ آهي ۽ جيڪڏهن چڱيءَ نموني نه نِپوڙيو ته اهو پاڻي ناپاڪ آهي. (ايضًا ص 121) ﴿6﴾ اهو ضروري ناهي ته هڪدم ٽئي ڀيرا ڌوئي ونو بلڪ جيڪڏهن مختلف وقتن بلڪ مختلف ڏينهن ۾ اهو تعداد پورو ڪريو تڏهن به پاڪ ٿي ويندو. (ايضًا ص 122)

## وهندڙ نلڪي جي هيٺان ڌوئڻ ۾ نپوڙڻ شرط ناهي

فتاويٰ امجديه جلد 1 صفحي 35 تي آهي ته اهو (يعني ٽي ڀيرا ڌوئڻ ۽ نِپوڙڻ جو) حڪم ان وقت آهي جڏهن توري پاڻيءَ ۾ ڌوتو وڃي، ۽ جيڪڏهن حوضِ ڪبير (يعني ڏهه در ڏهه يا ان کان وڏي تلاءُ، نهر، نَدي، درياء، سمنڊ وغيره) ۾ ڌوتو آهي يا (نلڪي، پائيپ يا

ڪونئري وغيره جي ذريعي) گهڻو پاڻي ان تي وهايو يا (درياءَ وغيره) وهندڙ پاڻيءَ ۾ ڌوتو تہ نِپوڙڻ جو شرط ناهي.

## وهندڙ پاڻيءَ ۾ پاڪ ڪرڻ لاءِ نپوڙڻ شرط ناهي

فُقهاءِ ڪرام رَحِمَهُمُ اللهُ السَّلام فرمائن ٿا: نُڪ (فراسي)، ٽاٽ (يعني سُوتليءَ مان نهيل) ڪو ناپاڪ ڪپڙو وهندڙ پاڻيءَ ۾ سڄي رات رکي ڇڏيو تہ پاڪ ٿي ويندو ۽ اصل هي آهي تہ جيتري دير تائين اهو يقين ٿي وڃي تہ پاڻي نَجاست کي وهائي ويو تہ پاڪ ٿي ويو جو وهندڙ پاڻيءَ سان پاڪ ڪرڻ ۾ نِپوڙڻ شرط ناهي.

(بهارِ شريعت حصو 2 ص 121)

## پاڪ ۽ ناپاڪ ڪپڙا گڏ ڌوئڻ جو مسئلو

جيڪڏهن بالٽي يا ڪپڙي ڌوئڻ جي مشين ۾ پاڪ ڪپڙن سان هڪ بہ ناپاڪ ڪپڙو پاڻيءَ ۾ وجهي ڇڏيو تہ سيئي ڪپڙا ناپاڪ ٿي ويندا ۽ بنا شرعي ضرورت جي ائين ڪرڻ جائز ناهي. جيئن تہ منهنجا آقا اعليٰ حضرت، امامِ اهلسنّت، مولانا شاهہ امام احمد رضا خان عَلَيْهِ رَحمَةُ الرَّحْمٰن فتاويٰ رضويہ جلد پهريون صفحو **792** تي فرمائن ٿا: ”بنا ضرورت جي پاڪ شيءِ کي ناپاڪ ڪرڻ ناجائز ۽ گناهہ آهي.“ ۽ جلد **4** صفحي **585** تي فرمائن ٿا: ”جسم ۽ لباس بغير شرعي ضرورت جي ناپاڪ ڪرڻ حرام آهي.“ ”اَلبَحرُ الرَّائِق“ ۾ آهي: ”پاڪ شيءِ کي ناپاڪ ڪرڻ حرام آهي.“ (البحرالرائق ج 1 ص 170)

اسلامي ڀينرن کي گهرجي تہ پاڪ ۽ ناپاڪ ڪپڙا الڳ الڳ ڌوئن. جيڪڏهن گڏ ئي ڌوئڻا آهن تہ ناپاڪ ڪپڙي جو نَجاست وارو حصو احتياط سان اڳ ۾ پاڪ ڪريو پوءِ ڀَلي ٻين ميرن ڪپڙن سان

گڏ هڪ ئي واشنگ مشين ۾ انهن کي بہ ڌوئي ڇڏيو.

## ناپاڪ ڪپڙا پاڪ ڪرڻ جو آسان طريقو

ڪپڙا پاڪ ڪرڻ جو هڪ آسان طريقو هي بہ آهي تہ بالٽي ۾ ناپاڪ ڪپڙا وجهي مٿان نلڪيءَ کي کولي ڇڏيو، ڪپڙن کي هٿ يا لوهي سيخ وغيره سان اهڙي طرح ٻوڙي جو ڪٿان ڪپڙي جو ڪو حصو پاڻيءَ کان ٻاهر اُڀريل نہ هجي. جڏهن بالٽي جي مٿان پاڻي اُڀري ڪري ايترو وهي وڃي جو يقين ٿئي تہ پاڻي نَجاست کي وهائي ويو هوندو تہ هاڻي اهي ڪپڙا ۽ بالٽيءَ جو پاڻي ۽ پڻ هٿ يا لوهي سِيخ جو جيترو حصو پاڻيءَ جي اندر هيو سڀ پاڪ ٿي ويا جڏهن تہ ڪپڙن وغيره تي نَجاست جو اثر باقي نہ هجي. ان عمل جي دؤران اهو احتياط ضروري آهي تہ پاڪ ٿي وڃڻ جي غالب گمان کان اڳ ۾ ناپاڪ پاڻيءَ جو هڪ بہ ڇنڊو توهان جي بدن يا ڪنهن ٻي شيءِ تي نہ پوي. بالٽي يا ٽانوَ جو مٿيون ڪنارو يا اندرئين پاسي وارو ڪو حصو ناپاڪ پاڻيءَ وارو آهي ۽ زمين بہ ايتري هموار ناهي جو بالٽي جي هر پاسي کان پاڻي اُڀري نڪري ۽ مڪمل ڪنارا وغيره ڌوپجي وڃن تہ اهڙي صورت ۾ ڪنهن ٽانوَ جي ذريعي يا جاري پاڻي واري نلڪيءَ جي هينان هٿ رکي ان سان بالٽي وغيره جي ڇئني پاسن کان اهڙي طرح پاڻي وهايو جو ڪنارا ۽ باقي اندرائين حصا ڌوپجي پاڪ ٿي وڃن، پر اهو ڪم شروع ۾ ئي ڪري ڇڏيو ڪٿي پاڪ ڪپڙا ٻيهر ناپاڪ نہ ڪري ويهو!

## واشنگ مشين ۾ ڪپڙا پاڪ ڪرڻ جو طريقو

واشنگ مشين ۾ ڪپڙا وجهي اڳ ۾ پاڻي ڀَري ڇڏيو ۽ ڪپڙن کي هٿ وغيره سان پاڻيءَ ۾ ٻوڙي ڇڏيو تہ جيئن ڪو حصو

اُيريل نہ رهي، مٿيون نلڪو کُليل رکو پوءِ هيٺيون سوراخ بہ کولي ڇڏيو، اهڙيءَ طرح مٿان نلڪيءَ مان پاڻي ايندو رهندو ۽ هيٺين سوراخ مان وهندو ويندو، جڏهن اهو يقين ٿي وڃي تہ پاڻي نَجاست کي وهائي ويو هوندو تہ ڪپڙن ۽ مشين جو اندريون پاڻي پاڪ ٿي ويندو جڏهن تہ نَجاست جو اثر ڪپڙن وغيره تي باقي نہ هجي. ضرورت مطابق مشين جا مٿيان ڪنارا وغيره ذڪر ڪيل طريقي مطابق اڳ ۾ ئي ڌوئڻ گهرجن.

## نلڪي جي هيٺان ڪپڙا پاڪ ڪرڻ جو طريقو

ذڪر ڪيل طريقي مطابق پاڪ ڪرڻ جي لاءِ بالٽي يا ٽانوَ ئي ضروري ناهي، نلڪي جي هيٺان هٿ ۾ جهلي بہ پاڪ ڪري سگهو ٿا. مثال طور رومال ناپاڪ ٿي ويو، تہ ان کي واش بَيسن ۾ نلڪي جي هيٺان رکي اوتري دير تائين پاڻي وهايو جو يقين ٿي وڃي تہ پاڻي نَجاست کي وهائي ويو هوندو تہ پاڪ ٿي ويندو. وڏو ڪپڙو يا ان جو ناپاڪ حصو بہ ان طريقي سان پاڪ ڪري سگهجي ٿو، پر اهو احتياط ضروري آهي تہ ناپاڪ پاڻيءَ جا ڇنڊا توهان جي ڪپڙن، بدن، ۽ چوڌاري بين جاين تي نہ پون.

## ڪارپيٽ پاڪ ڪرڻ جو طريقو

قالين (CARPET) جو ناپاڪ حصو هڪ ڀيرو ڌوئي ٽنگي ڇڏيو ايتري تائين جو پاڻي ٽِمڻ بند ٿي وڃي، پوءِ ٻيهر ڌوئي ٽنگي ڇڏيو ايتري تائين جو پاڻي ٽِمڻ بند ٿي وڃي، پوءِ ٽئين ڀيري بہ ائين ئي ڌوئي ٽنگي ڇڏيو جڏهن پاڻي ٽِمڻ بند ٿي وڃي تہ قالين پاڪ ٿي ويندو. فراسِي (چٽائي) چمڙي جي چَپل ۽ نِڪر جي ٽانوَن وغيره جن شين ۾ ڇِڊي نَجاست جذب ٿي ويندي هجي انهيءَ طريقي سان پاڪ

ڪريو. اهڙو نازڪ ڪپڙو جو نِپوڙڻ سان ڦاٽي پوڻ جو انديشو هجي اهو بہ اهڙي نموني پاڪ ڪريو. جيڪڏهن ناپاڪ ڪارپيٽ يا ڪپڙو وغيره وهندڙ پاڻيءَ ۾ (مثال طور درياءَ، نهر ۾ يا پائيپ يا نلڪي جي وهندڙ پاڻيءَ جي هينان) اوتري دير تائين رکي ڇڏيو جو گمان غالب ٿي وڃي تہ پاڻي نَجاست کي وهائي ويو هوندو تڏهن بہ پاڪ ٿي ويندو. ڪارپيٽ تي ٻار پيشاب ڪري تہ ان جاءِ تي پاڻيءَ جا ڇَنڊا هڻڻ سان اهو پاڪ نہ ٿيندو. ياد رهي تہ هڪ ڏينهن جي ٻار يا ٻارڙيءَ جو پيشاب بہ ناپاڪ هوندو آهي.

## ناپاڪ مينديءَ سان رنڱيل هٿ ڪيئن پاڪ ٿين؟

ڪپڙن يا هٿن ۾ ناپاڪ رنگ لڳو، يا ناپاڪ ميندي لڳائي تہ اوترا ڀيرا ڌوئو جو صاف پاڻي ڪِرڻ لڳي تہ پاڪ ٿي ويندو، توڙي جو ڪپڙن يا هٿن تي رنگ باقي هجي. (بهارِ شريعت حصو 2 ص 119)

## ناپاڪ تيل وارو ڪپڙو ڌوئڻ جو مسئلو

ڪپڙن يا بدن تي ناپاڪ تيل لڳو هو تہ ٽي ڀيرا ڌوئڻ سان پاڪ ٿي ويندو جيتوڻيڪ تيل جو سٽاپ موجود رهي. ان تڪليف جي ضرورت ناهي جو صابڻ يا گرم پاڻيءَ سان ڌوئي پر جيڪڏهن مُردار جي چَربي لڳي هئي تہ جيستائين ان جو سٽاپ نہ وڃي پاڪ نہ ٿيندو. (ايضًا ص 120)

## جيڪڏهن ڪپڙي جو ٿورو حصو ناپاڪ ٿي وڃي

ڪپڙي جو ڪو حصو ناپاڪ ٿي ويو ۽ اهو ياد ناهي تہ اها

کھڙي جاءِ آھي، تہ بھتر اھو آھي تہ سڄو ڌوئي ڇڏيو (يعني جڏھن بلڪل معلوم نہ ھجي تہ ڪھڙي حصي ۾ پليتي لڳي آھي ۽ جيڪڏھن خبر آھي مثال طور آستين (يعني ٻانھن) ناپاڪ ٿي وئي پر اھا خبر ناھي تہ آستين جو ڪھڙو حصو آھي، تہ سڄي آستين جو ڌوئڻ ئي سڄي ڪپڙي جو ڌوئڻ آھي) ۽ جيڪڏھن اندازي سان سوچي ان جو ڪو حصو ڌوتائين تڏھن بہ پاڪ ٿي ويندو، ۽ بنا سوچڻ جي ڪو حصو ڌوتائين تڏھن بہ پاڪ آھي پر ان صورت ۾ جيڪڏھن ڪجھ نمازون پڙھڻ کان پوءِ خبر پئي تہ ناپاڪ حصو نہ ڌوتو ھو تہ پوءِ ڌوئي ۽ نمازون موٽائي پڙھي، ۽ جيڪو سوچي ڌوتو ھئائين ۽ بعد ۾ غلطي جي خبر پئي تہ ھاڻي ڌوئي ڇڏي ۽ نمازن کي ٻيھر ادا ڪرڻ جي ضرورت ناھي. (ايضًا ص 121، 122)

## ڪير سان ڪپڙا ڌوئڻ ڪيئن آھي؟

ڪير، شوروي ۽ تيل سان ڌوئڻ سبب ڪپڙو پاڪ نہ ٿيندو ڇو تہ ان سان نَجاست ختم نہ ٿيندي. (بھارِ شريعت حصو 2 ص 119)

## مَني وارا ڪپڙا پاڪ ڪرڻ جا 6 احڪام

﴿1﴾ مَني ڪپڙي ۾ لڳي خشڪ ٿي وئي تہ صرف مَھٽي ڪري ڇَنڊڻ ۽ صاف ڪرڻ سان ڪپڙو پاڪ ٿي ويندو جيتوڻيڪ مَھٽڻ کان پوءِ ان جو اثر ڪپڙي ۾ باقي رھجي وڃي. (ايضًا ص 122) ﴿2﴾ ھن مسئلي ۾ عورت، مرد، انسان ۽ حيوان، تندرست ۽ جريان جي مريض سيني جو ھڪ ئي حڪم آھي. (ايضًا) ﴿3﴾ بدن تي جيڪڏھن مَني لڳي وڃي تہ بدن بہ اھڙيءَ طرح پاڪ ٿي ويندو. (ايضًا) ﴿4﴾ پيشاب ڪري پاڻي يا ڀِتر سان طھارت نہ ڪيائين ۽ مَني ان جاءِ تان گذري جتي پيشاب لڳل آھي، تہ اھا مھٽڻ سان پاڪ نہ ٿيندي بلڪ

ڌوئڻ ضروري آهي ۽ جيڪڏهن طهارت ڪري چُڪو هو يا مَني اُڇل سان نڪتي جو اها مَوضَعِ نَجاست (يعني ناپاڪ جاءِ) تان نہ گذري تہ مَهٽڻ سان پاڪ ٿي ويندي. (ايضًا ص 123) ﴿5﴾ جنهن ڪپڙي کي مَهٽي پاڪ ڪيو (هاٽي) جيڪڏهن اهو پاڻيءَ سان آلو ٿي وڃي تہ ناپاڪ نہ ٿيندو. (ايضًا) ﴿6﴾ جيڪڏهن مَني ڪپڙي ۾ لڳي آهي ۽ اجا تائين آلي آهي (بنا سُڪائڻ جي پاڪ ڪرڻ چاهيو) تہ ڌوئڻ سان ڪپڙو پاڪ ٿيندو، (سُڪڻ کان اڳ) مَهٽڻ ڪافي ناهي. (ايضًا)

## ٻئي جي ناپاڪ ڪپڙي جي نشاندهي ڪرڻ ڪڏهن واجب آهي

ڪنهن ٻئي مسلمان جي ڪپڙي تي نَجاست لڳل ڏٺائين ۽ اهو يقين آهي تہ ان کي ٻُڌائيندس تہ پاڪ ڪندو تہ ٻُڌائڻ واجب آهي. (اهڙي صورت ۾ نہ ٻُڌائيندو تہ گناهگار ٿيندو)
(بهارِ شريعت حصو 2 ص 127)

## ڪپهہ پاڪ ڪرڻ جو طريقو

ڪپهہ جو جيڪڏهن ايترو حصو ناپاڪ آهي جو ڪپهہ کي پِجڻ سان اُڏڻ جو صحيح گمان هجي تہ پِجڻ سان (ڪپهہ) پاڪ ٿي ويندي، نہ تہ بغير ڌوئڻ جي پاڪ نہ ٿيندي، ها جيڪڏهن خبر نہ هجي تہ ڪيتري ناپاڪ آهي تہ بہ پِجڻ سان پاڪ ٿي ويندي.
(بهارِ شريعت حصو 2 ص 125)

## ٿانوَ پاڪ ڪرڻ جو طريقو

جيڪڏهن اهڙي شيءِ آهي جو ان ۾ نَجاست جَذب نہ ٿي، جيئن چينيءَ جا ٿانوَ يا نِڪر جو پُراڻو استعمال ٿيل سٽيو ٿانوَ يا

لوهي، ٽامي، پِتل وغيره ڪنهن ڌاتو جون شيون ته ان ڪي صرف ٽي ڀيرا ڌوئڻ ڪافي آهي، ان جي ضرورت ناهي جو ان ڪي ايتري دير ڇڏي ڏجي جو پاڻي ٽمڻ بند ٿي وڃي. (ايضًا 121)

## ڇُري چاقو وغيره پاڪ ڪرڻ جو طريقو

لوهي شيءِ جيئن ڇُري، چاقو، تلوار وغيره جنهن ۾ نه زَنگ (يعني ڪَٽ) هجي نه چِٽسالي، نَجس (يعني ناپاڪ) ٿي وڃي ته چڱيءَ طرح اُگهڻ سان پاڪ ٿي ويندي ۽ ان صورت ۾ نَجاست گهاٽي يا ڇِدي هجڻ ۾ ڪو فرق ناهي. ائين ئي چاندي، سون، پِتل، ڪِلٽ ۽ هر قسم جي ڌاتوءَ جون شيون اُگهڻ سان پاڪ ٿي وينديون آهن پر شرط اهو آهي ته چِٽيل (يعني چِٽسالي ٿيل) نه هجن ۽ جيڪڏهن چِٽيل هجن يا لوهه ۾ زنگ هجي ته ڌوئڻ ضروري آهي اُگهڻ سان پاڪ نه ٿينديون. (بهارِ شريعت حصو 2 ص 122)

## آئينو پاڪ ڪرڻ جو طريقو

آئينو ۽ شيشي جون سيئي شيون ۽ چيني جا ٿانوَ يا نِڪر جا روغني ٿانوَ (يعني نڪر جا اهي ٿانوَ جن تي روغن جو سنهو ته چڙهيل آهي) يا پالش ڪيل ڪاٺي مطلب ته اهي سيئي شيون جن ۾ مَسام (يعني سَنها ڌار) نه هجن، ڪپڙي يا پَن سان اهڙي طرح اُگهيا وڃن جو (نَجاست جو) اثر بلڪل ختم ٿي وڃي ته پاڪ ٿي وڃندا آهن. (ايضًا) پر اهو خيال رهي ته ڌريل هجي، يا ڪٽان ڪان اُکڙيل هجي يا ڪو حصو ٽُٽل هجي يا ڪٽان ڪان پالِش نڪري وئي هجي مطلب ته ڪنهن به قسم جو گردرو پن هجڻ جي صورت ۾ ان حصي جو اُگهڻ ڪافي نه ٿيندو، ڌوئي پاڪ ڪرڻ ضروري آهي.

# جُتيون پاڪ ڪرڻ جو طريقو

(چمڙي جي) جوراب يا جُتي ۾ گھاٽي نَجاست لڳي، جيئن پاخانو، ڇيڻو، مَني ته جيتوڻيڪ اها نَجاست آلي هجي ته ڪرڙڻ سان پاڪ ٿي ويندا، ۽ جيڪڏهن پيشاب جهڙي ڪا ڇِڊي نَجاست لڳي هجي ۽ ان تي مٽي يا خاڪ يا واري وغيره وجهي گسايو ته تڏهن به پاڪ ٿي ويندا ۽ جيڪڏهن ائين نه ڪيو ايستائين جو اها نَجاست سُڪي وئي ته پوءِ بنا ڌوئڻ جي پاڪ نه ٿيندا. (بهارِ شريعت حصو 2 ص 123)

# ڪافرن جا استعمال ٿيل سويٽر وغيره

ڪافر ملڪن جا درآمد ڪيل (Imported) استعمال ٿيل سويٽر (Sweater) جوراب، قالين (Carpet) ۽ ٻيا پُراڻا ڪپڙا جڏهن ته انهن تي نَجاست جو اثر ظاهر نه هجي پاڪ آهن بغير ڌوئڻ جي نماز ۾ استعمال ڪرڻ ۾ حرج ناهي، البت پاڪ ڪرڻ مناسب آهي. صَدرُ الشَّرِيعَه بدرُالطَرِيقه، حضرتِ علامه مولانا مُفتي محمد امجد علي اعظمي عَلَيهِ رَحمَةُ اللهِ القوي مڪتبة المدينه جي شايع ٿيل **بهارِ شريعت** جي حصي **2** صفحي **127** تي فرمائن ٿا: فاسقن جا استعمال ٿيل ڪپڙا جن جو نَجس (يعني ناپاڪ) هجڻ معلوم نه هجي پاڪ سمجهيا ويندا، پر بي نَمازي جي سلوار وغيره ۾ احتياط اهو آهي ته بَچي پاڪ ڪئي وڃي جو اڪثر بي نمازي پيشاب ڪري ائين ئي سلوار ٻَڌندا آهن ۽ ڪافرن جي انهن ڪپڙن جي پاڪ ڪرڻ ۾ ته گھڻو خيال ڪرڻ گهرجي. (بهارِ شريعت حصو 2 ص 127)

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

تُوبُوا اِلَى الله! اَسْتَغْفِرُ الله

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

اَلۡحَمۡدُ لِلّٰہِ رَبِّ الۡعٰلَمِیۡنَ وَ الصَّلٰوۃُ وَ السَّلَامُ عَلٰی سَیِّدِ الۡمُرۡسَلِیۡنَ
اَمَّا بَعۡدُ فَاَعُوۡذُ بِاللّٰہِ مِنَ الشَّیۡطٰنِ الرَّجِیۡمِ ؕ بِسۡمِ اللّٰہِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِیۡمِ ؕ

# اسلامي ڀينرن جون 23 مَدَني بهارون

## درود شريف جي فضيلت

حضرت سيّدنا عبدُالرَّحمٰن بن عوف رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنۡہُ کان راويت آهي ته نبي رحمت، شفيع اُمت صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم هڪ ڀيري ٻاهر تشريف کڻي آيا ته آئون به پنيان هلڻ لڳس. پاڻ سڳورا صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم هڪ باغ ۾ داخل ٿيا ۽ سجدي ۾ تشريف کڻي ويا، پاڻ صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن سجدو ايترو ڊگهو ڪري ڇڏيو جو مون کي ڊپ ٿيو ته متان الله عَزَّوَجَلَّ سندن روح مبارڪ کي قبض نه فرمائي ڇڏيو هجي. اهڙي طرح آئون ويجهو ٿي غور سان ڏسڻ لڳس. جڏهن پاڻ متو مبارڪ مٿي کنيو ته فرمايائون: ”اي عبدُالرَّحمٰن! ڇا ٿيو؟“ مون جواب ڏيندي پنهنجو خدشو ظاهر ڪيو ته فرمايائون: جبرئيل امين (عَلَیۡہِ السَّلَام) مون کي چيو: ”ڇا اوهان کي اها ڳالهه خوش نٿي ڪري ته الله عَزَّوَجَلَّ فرمائي ٿو ته جيڪو توهان تي درود شريف پڙهندو مان ان تي رحمت نازل ڪندس ۽ جيڪو اوهان تي سلام موڪليندو مان ان تي سلامتي نازل ڪندس.“ (مُسند اِمام احمد بن حَنبل ج 1 ص 406 حديث 1662)

صَلُّوۡا عَلَی الۡحَبِیۡب! صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

### ﴿1﴾ مَدَني آقا سبز عمامي وارن جي جُهرمٽ ۾..

اَلۡحَمۡدُ لِلّٰہِ عَزَّوَجَلَّ! دعوت اسلامي وارن تي الله تعاليٰ جي بي شمار رحمت وسي ٿي، جيئن ته برمِنگهم (U.K) جي هڪ اسلامي ڀاءُ

جو بيان پنهنجي انداز ۾ لفظن ۾ پيش ڪيان ٿو، اسان هڪ ڀيري مسلمانن جي اڪثريتي آبادي واري علائقي Small Health جنهن کي اسان پنهنجي **مدني ماحول** ۾ ”مڪي حلقو“ چوندا آهيون، ان ۾ علاقائي دورو ڪندي **نيڪي جي دعوت** ڏيڻ جي لاءِ گهر گهر وڃي رهيا هئاسين. انهيءَ دوران هڪ گهر جو در کڙڪايو ته هڪ وڏي عمر جي عورت نڪتي. جنهن جو تعلق ميرپور (ڪشمير) سان هو، اُردو ۽ انگلش کان واقف نه هئي. اسان مٿو جهڪائي ڪري پنجابي ۾ **نيڪي جي دعوت** پيش ڪئي ۽ عرض ڪيو ته گهر جي مَردن کي فلاڻي وَقت مسجد ۾ موڪلجو. اسان جڏهن وڃڻ لڳاسين ته چوڻ لڳي: هاڻي منهنجي به ٻڌو! اسان وٽ وقت گهٽ هو اِنهيءَ ڪري اڳتي وڌي وياسين پر اسان جو هڪ اسلامي ڀاءُ بيهي رهيو. پوڙهي عورت فرمائڻ لڳي: **اَلحَمدُلله**عَزَّوَجَلَّ مون ڪجهه ئي ڏينهن پهرين اهو مبارڪ خواب ڏٺو ته سرڪارِ مدينه صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم **سبز سبز عمامي وارن جي جُهرمٽ** ۾ مسجدِ نبوي شريف علي صاحبها الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام مان ٻاهر تشريف وني اچي رهيا آهن. **الله**عَزَّوَجَلَّ جي قدرت جو اڄ اُهي ئي سبز سبز عمامي وارا منهنجي گهر **نيڪي جي دعوت** ڏيڻ لاءِ آيا آهن! اُنهن کي اسلامي ڀينرن جي هفتيوار سنتن ڀريي اجتماع جي دعوت ڏني وئي. هاڻي اها پنهنجي خاندان جي اسلامي ڀينرن سميت پابندي سان هفتيوار سنتن ڀريي اجتماع ۾ شرڪت ڪندي آهي.

ہیں صحابہ کے جُھرمَٹ میں بدرُالدُّجےٰ
نور ہی نور ہر سُو مدینے میں ہے

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

# اسلامي ڀينرن ۾ مَدَني اِنقِلاب

**اسلامي ڀينرؤ!** ڏٺو توهان! سرڪارِ نامدار، شهنشاهِ اَبرار صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جو دعوت اسلامي وارن تي ڪيڏو وڏو ڪرم آهي. **اَلحَمدُلله**عَزَّوَجَلَّ اسلامي ڀائرن سان گڏوگڏ اسلامي ڀينرن ۾ بہ دعوتِ اسلامي جي مَدَني ڪمن جي هر طرف ڌوم متل آهي. **اَلحَمدُلله**عَزَّوَجَلَّ لکين اسلامي ڀينرن بہ دعوت اسلامي جي **مدني پيغام** کي قبول ڪيو آهي، فيشن پرستي واري معاشري ۾ پلجي وڏيون ٿيڻ واريون بيشمار اسلامي ڀينرون گناهن جي ڪڏ مان نڪري اُمَّهاتُ الْمُؤمِنِين ۽ شهزاديءَ ڪونين بي بي **فاطِمہ** رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْھُنَّ جون ديوانيون بڻجي ويون. ڳلي ۾ رئو (چادر) لٽڪائي شاپنگ سينٽرن ۽ مخلوط (يعني گڏيل) تفريح گاهن ۾ ڀٽڪڻ وارين، نائٽ ڪلبَن ۽ سينما گهرن جي زينت بڻجڻ وارين کي ڪربلا وارين پاڪدامن شهزادين رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْھُنَّ جي شرم ۽ حيا جي صدقي اُهي برڪتون نصيب ٿيون جو **مدني برقعو** اُنهن جي لباس جو **جُزوِلَا يَنفَڪ** (يعني لازمي حصو) بڻجي ويو. **اَلحَمدُلله**عَزَّوَجَلَّ مدني مُنّين ۽ اسلامي ڀينرن کي قرآن شريف حِفظ ۽ ناظره جي مفت تعليم ڏيڻ جي لاءِ ڪيترائي مدارِسُ الْمَدينہ ۽ عالمہ بڻائڻ جي لاءِ ڪيترائي ”جامعاتُ الْمدينہ“ قائم آهن. **اَلحَمدُلله**عَزَّوَجَلَّ دعوت اسلامي ۾ ”حافظات“ ۽ ”مَدَنِيهَ عالمات“ جو تعداد وڌندو پيو وڃي. بهرحال اسلامي ڀينرون اسلامي ڀائرن ڪان ڪنهن طرح پوئتي ناهن، 1429 سن هجري جي مَدَني مهيني جمادِي الْاُوْلٰي (جون 2008ع) ۾ پاڪستان ۾ ٿيڻ واري دعوت اسلامي جي مدني ڪمن جي اسلامي ڀينرن جي ”مجلسِ مُشاوَرت“ جي طرفان ملڻ واري ڪارڪردگي جي هڪ جهلڪ ملاحظہ ٿئي: (1) هن هڪ مدني مهيني ۾ سڄي ملڪ ۾

روزانو تقريباً 24228 گهر درس ٿيا (2) روزانو لڳڻ واري مدرسةُ المدينہ (بالغات) جو تعداد لڳ ڀڳ 3275 ۽ اِنهن مان فائدو حاصل ڪرڻ وارين جو تعداد تقريباً 34633 (3) حلقي/ علائقي جي سطح جي هفتيوار سنتن ڀريي اجتماعن جو تعداد تقريباً 3000 انهن ۾ شريڪ ٿيڻ واريون لڳ ڀڳ 136245 (هڪ لک ڇٽيهه هزار ٻہ سو پنجيتاليهہ) (4) هفتيوار تربيتي حلقن جو تعداد تقريباً 26052 .

مری جس قدر ہیں بہنیں، سبھی مَدَنی بُرقع پہنیں
انہیں نیک تم بنانا مَدَنی مدینے والے

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## ﴿2﴾ مون مَدَني بُرقعو ڪيئن پاتو!

بابُ المدينہ (ڪراچي) جي هڪ اسلامي ڀيڻ جي بيان جو خلاصو آهي تہ دعوت اسلامي جي مدني ماحول سان وابستہ ٿيڻ کان اڳ ۾ تمام گهڻي فيشن اَيبل هيس، فون جي ذريعي غير مَردن سان دوستي ڪرڻ ۾ گهڻو مزو ايندو هو، پاڙي جي شادين ۾ مهندي وغيره جي رسم جي موقعي تي مون کي خاص ڪري گهرايو ويندو هو، اُتي آئون نہ فقط پاڻ ڊانس ڪندي بلڪ ٻين ڇوڪرين کي بہ "ڏانڊيو ڊانس" سيکاري پاڻ سان گڏ نچرائيندي هئس، بي شمار گانا مون کي زباني ياد هئا، آواز جيئن تہ سنو هو انهيءَ ڪري منهنجون سهيليون مون کان اڪثر گانو ٻڌائڻ جي فرمائش ڪنديون هيون. بدقسمتي سان گهر ۾ T.V گهڻي ڏني ويندي هئي، اُن جي بيهوده پروگرامن جو منهنجي تباهي ۾ تمام اهم ڪردار هو، ربيعُ النّور شريف جي هڪ من موهيندڙ شام هئي، مغرب جي نماز کان پوءِ منهنجو وڏو ڀاءُ گهر آيو تہ ان جي هٿ ۾ مڪتبة المدينہ جون شايع

ٿيل سنتن ڀريي بيانن جون ٽي ڪيسٽون هيون، انهن مان هڪ بيان جو نالو ”قبر کی پہلی رات“ هو، خوش قسمتي سان اها ڪيسٽ ٻڌڻ جي مون سعادت حاصل ڪئي، قبر جو مرحلو ڪيتري قدر دشوار آهي، ان جو احساس مون کي هي بيان ٻڌي ٿيو. پر افسوس! منهنجي دل تي گناهن جي لذّت جو ايتري قدر غلبو هو جو مون ۾ ڪا خاص تبديلي نه آئي. ها! ايترو فرق ضرور پيو جو هاڻي مون کي گناهن جو احساس ٿيڻ لڳو، ڪجهه ئي ڏينهن کان پوءِ پاڙي ۾ دعوت اسلامي جي ذميدار اسلامي ڀينرن ”يارهين شريف“ جي سلسلي ۾ اجتماع ذڪر و نعت جو اهتمام ڪيو. مون کي به شرڪت جي دعوت ڏني وئي، بيان ”قبر کی پہلی رات“ ٻڌي منهنجي دل پهرين ئي متاثر ٿي چڪي هئي، اهڙي طرح زندگي ۾ پهريون ڀيرو اجتماع ذڪر و نعت ۾ وڃڻ جو ارادو ڪيو، پر منهنجي ناداني جو خوب ميڪ اَپ ڪري، جديد فيشن وارو لباس پائي اجتماع ۾ ويس. هڪ اسلامي ڀيڻ اُتي سنتن ڀريو بيان ڪيو، جنهن کي ٻڌي منهنجي دل جي دنيا بدلجي وئي. بيان کان پوءِ جڏهن مَنقَبَت ”یا غوث بلاؤ مجھے بغداد بلاؤ“ پڙهي وئي، ان مون کي تمام گهڻو متاثر ڪيو! ائين آئون دعوت اسلامي جي سنتن ڀريي اجتماعن ۾ شريڪ ٿيڻ لڳيس، مَدَني آقاصَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي ديوانين جي صُحبتن جي برڪت سان منهنجي دل ۾ گناهن کان نفرت پيدا ٿي، توبهه جي سعادت ملي، ۽ اَلحَمدُلله عَزَّوَجَلَّ آئون دعوت اسلامي جي مدني ماحول سان وابسته ٿي نيڪين جي طرف اهڙي مائل ٿي ويس جو آئون اها ئي فيشن جي شوقين جيڪا پهرين ٻاهر نڪرڻ وقت رئو به صحيح طرح سان نه ڍڪيندي هيس، ڪجهه ئي عرصي

۾ **مدني برقعو** پائڻ جي سعادت حاصل ڪرڻ لڳيس. **اَلحَمدُلله**عَزَّوَجَلَّ اڄ آئون **دعوت اسلامي جي مدني ڪمن** جون ڌومون مچائڻ جي لاءِ ڪوششون ڪري رهي آهيان.

اللہ کرم ایسا کرے تجھ پہ جہاں میں
اے دعوتِ اسلامی تری دھوم مچی ہو

صَلُّوا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## ﴿3﴾ سرڪار مدينہ جو ديدار نصيب ٿي ويو

پنجاب (پاڪستان) جي شهر گلزارِ طيبہ (سرگوڌا) جي هڪ اسلامي ڀيڻ جي تحرير جو خلاصو آهي تہ دعوت اسلامي جي مدني ماحول سان وابستہ ٿيڻ کان پهرين منهنجي عملي حالت نهايت خراب هئي، مادرن سهيلين جي صحبت جي ڪري آئون فيشن جي شيدائي ۽ مخلوط تفريح گاهن جي بيحد شوقين هيس، **معاذالله** عَزَّوَجَلَّ نہ نماز پڙهندي هيس نہ ئي روزا رکندي هيس ۽ برقعي کان تہ تمام گهڻو پري ڀڄندي هيس، رڳو T.V ۽ V.C.R ڏسندي رهندي هيس، آئون ضدي ايتري هيس جو ڪنهن جي بہ نہ ٻڌندي هيس، اُنهن ڏينهن ۾ آئون ڪاليج ۾ فرسٽ ايئر جي شاگردياڻي هيس، هڪ ڏينهن مون ڪي ڪنهن مڪتبة المدينہ جي شايع ڪيل سنتن ڀريي بيان جي ڪيسٽ نالي ”وضو اور سائنس“ تحفي ۾ ڏني، بيان معلوماتي ۽ خوب دلچسپ هو. انهيءَ بيان کان متاثر ٿي مون علائقي ۾ ٿيڻ واري دعوت اسلامي جي اسلامي ڀينرن جي سنتن ڀريي اجتماع ۾ وڃڻ شروع ڪري ڇڏيو، **مدني ماحول** جو نور منهنجي تاريڪ زندگي کي روشن ڪرڻ لڳو، وقت گذرڻ سان گڏ **اَلحَمدُلله**عَزَّوَجَلَّ آئون پنهنجي خراب عادتن کان توبہ ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿي ويس، دعوت

اسلامي جي مدني ماحول سان وابستہ ٿيڻ جي برڪت سان ڪجھ ئي عرصي ۾ **مَدَني برقعو** پائڻ لڳيس، منهنجا گھر وارا، رشتيدار ۽ منهنجون سهيليون انهيءَ حيرت انگيز تبديلي تي حيران هئا، انهن کي اهو سڀ خواب لڳي رهيو هو، پر اها سؤ فيصد حقيقت هئي، **اَلحَمدُلله**عَزَّوَجَلَّ هاڻي آئون پنهنجي گھر ۾ **فيضان سنت** جو درس ڏيندي آهيان. ٻين اسلامي ڀينرن سان ملي ڪري **مدني ڪم** ڪرڻ جي سعادت بہ حاصل ٿيندي آهي. روزانو فڪر مدينہ جي ذريعي **مدني انعامات** جو رسالو ڀري هر مهيني جمع ڪرائڻ منهنجي عادت آهي، هڪ ڏينهن مون تي رب عَزَّوَجَلَّ جو اهڙو ڪرم ٿيو جو آئون جيترو بہ شُڪر ڪريان گھٽ، گھٽ ۽ گھٽ آهي، ٿيو ائين جو هڪ رات آئون سُتيس تہ منهنجي قسمت جاڳي پئي، مون خواب ۾ ڏٺو تہ **دعوت اسلامي جو سنتن ڀريو اجتماع** ٿي رهيو آهي، آئون جنهن جڳھہ تي ويٺي آهيان اُتان دري مان ٿڌي ٿڌي هوا اچي رهي آهي آئون اوچتو دري کان ٻاهر ڏسان ٿي تہ آسمان تي بادل نظر اچن ٿا، آئون بي اختيار هي سلام پڙهڻ شروع ڪيان ٿي:

اے صبا مصطفٰی سے کہہ دینا
غم کے مارے سلام کہتے ہیں

هڪدم منهنجي سامهون هڪ حسين خوبصورت ۽ نوراني چهري وارا بزرگ سفيد لباس پاتل سبز سبز عمامي شريف جو تاج مٿي مبارڪ تي سجائي مُرڪندي تشريف وني آيا، آئون اجا نظاري ۾ ئي گم هيس تہ ڪنهن جو آواز ٻڌڻ ۾ آيو: ”هي **حُضُور اڪرم، نُور مجَسَّم** صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم **آهن.**“ پوءِ منهنجي اک کلي وئي، آئون پنهنجي سعادتن جي انهي معراج تي جذبات جي شدت کان روئڻ

لڳيس، دل چاهيندي هئي تہ اکيون بند ڪريان ۽ بار بار اُهو ئي منظر ڏسان، هاڻي بہ هر رات اِنهيءَ اميد تي دُرود پاڪ پڙهندي پڙهندي سُمهندي آهيان جو ڪاش! منهنجو ڀاڳ ڀيهر جاڳي!

ڪيا خبر آج کی شب دید کا ارماں نکلے

اپنی آنکھوں کو عقیدت سے بچھائے رکھئے

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## ﴿4﴾ سِڌي راهہ ملي وئي

پنجاب (پاڪستان) جي هڪ اسلامي ڀيڻ جي بيان جو خلاصو آهي: اسان جو خاندان عقيدن جي لحاظ کان مختلف گروهن ۾ ورهايل هو، آئون سخت پريشان هيس تہ خبر ناهي ڪهڙا ماڻهو صحيح رستي تي آهن! آئون رب عَزَّوَجَلَّ جي بارگاهہ ۾ دعائون ڪندي هيس تہ يا الله! مون کي سڌي راهہ تي هلڻ جي توفيق عطا فرماءِ اَلحَمدُلله عَزَّوَجَلَّ مون کي سڌي راهہ ملي وئي ۽ ان جي صورت ائين بڻي جو هڪ ڏينهن ڪجھ اسلامي ڀينرن مون کي تبليغ قرآن ۽ سنّت جي عالمگير غير سياسي تحريڪ دعوت اسلامي جي اسلامي ڀينرن جي هفتيوار سنتن ڀريي اجتماع ۾ شرڪت جي دعوت پيش ڪئي، آئون سنتن ڀريي اجتماع ۾ شريڪ ٿيس، اتي هڪ مبلّغہ اسلامي ڀيڻ فيضان سنت مان ڏسي بيان ڪيو، بيان ٻڌي آئون خوفِ خدا کان ڏڪي ويس، رقت واري دعا، صلواة و سلام ۽ اسلامي ڀينرن جي محبت ڀري ملاقاتن تمام گهڻو متاثر ڪيو، اَلحَمدُلله عَزَّوَجَلَّ سنتن ڀريي اجتماع ۾ شرڪت جي برڪت سان مذهبِ مُهَذَّب اهلسنت جي صداقت تي يقين جي دولت سان گڏوگڏ مون کي پنج وقت جي نمازن ۽ رمضان المبارڪ جي روزن جي پابندي بہ نصيب

ٿي. ائين آئون دعوت اسلامي جي مدني ماحول جي برڪتن ڪي حاصل ڪندي ذميدار جي حيثيت سان اسلامي ڀينرن ۾ **نيڪي جي دعوت** عام ڪرڻ جي لاءِ ڪوششون ڪري رهي آهيان.

ظالم ہوں جَفا کار و ستم گر ہوں میں　　عاصی وخطاکار بھی حد بھر ہوں میں
یہ سب ہے مگر پیارے تری رحمت سے　　سُنّی ہوں مسلمان مقرر ہوں میں

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيب!　　صَلَّى اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## ﴿5﴾ آئون گانا لکندي هيس

پنجاب (پاڪستان) جي هڪ اسلامي ڀيڻ جي بيان جو خلاصو آهي ته آئون گانا باجا ٻڌڻ جي تمام شوقين هيس، مون وٽ گانن جون تمام گهڻيون ڪيسٽون ۽ ڪتاب جمع هيا، بلڪ آئون پاڻ به گانا لکندي هيس، فلمن ڊرامن جي اهڙي ديواني هيس جو لڳندو هو ته شايد انهن کان سواءِ (مَعَاذَالله) آئون زنده رهي نه سگهنديس، افسوس! نگاهن جي حفاظت جو بلڪل به ذهن ڪونه هو، الله عَزَّوَجَلَّ جي ڪرم سان آخرڪار گناهن ڀري زندگي کان ڀري ٿيڻ جي صورت ٻڻجي، ٿيو ائين جو مون دعوت اسلامي جي اسلامي ڀينرن جي هفتيوار **سنتن ڀريي اجتماع** ۾ شرڪت جي سعادت حاصل ڪئي، انهيءَ سنتن ڀريي اجتماع ۾ ٿيڻ واري بيان، دعا ۽ اسلامي ڀينرن جي **انفرادي ڪوشش** جي مَدَني گلن منهنجي دل ۾ مدني انقلاب برپا ڪري ڇڏيو، اَلحَمدُلله عَزَّوَجَلَّ مون پنهنجي گناهن کان توبه ڪئي ۽ سنتن ڀري زندگي گذارڻ جي لاءِ دعوت اسلامي جي مدني ماحول سان وابسته ٿي ويس، حلقي ذميدار جي حيثيت سان سنتن جي خدمت جي سعادت حاصل ڪري رهي آهيان.

کرم جو آپ کا اے سیّد ابرار ہو جائے
تو ہر بدکار بندہ دم میں نیکوکار ہو جائے (سامانِ بخشش)

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## ﴿6﴾ قابل رشڪ موت

مرڪز الاولياء (لاهور) جي هڪ ذميدار اسلامي ڀيڻ جي بيان جو خلاصو آهي تہ منهنجي والِده هڪ عرصي کان گُرِدن جي مرض ۾ مبتلا هئي، ربيع النُّور شريف جي پُر نور مهيني ۾ ڀهريون ڀيرو اسان ماءُ ڌيءُ دعوت اسلامي جي اسلامي ڀينرن جي الله الله (عَزَّوَجَلَّ) ۽ مرحبا يا مصطفيٰ (صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم) جي پُر ڪيف صدائن سان گونجندڙ هفتيوار سنتن ڀريي اجتماع ۾ شريڪ ٿيون سين، شرعي پردو ڪرڻ جي لاءِ مدني برقعو پائڻ، آئينده بہ سنتن ڀريي اجتماعن ۾ شرڪت ڪرڻ ۽ وڏيڪ سٺيون سٺيون نيتون ڪري اسين ٻئي گهر موٽي آيون سين، رات جي وَقت امڙ کي اوچتو دل جو دورو پيو سنتن ڀري اجتماع ۾ گونجڻ واري الله، اللهعَزَّوَجَلَّ جون مَن موهيندڙ صدائن جو نشو جڻ اجا باقي هو شايد ان ڪري منهنجي امڙ پنهنجي زندگي جا آخري تقريباً 25 منٽ الله، اللهعَزَّوَجَلَّ جو وِرد ڪندي رهي ۽ پوءِ..... پوءِ..... سندن روح قفسِ عُنصري مان پرواز ڪري ويو اِنَّا لِلّٰهِ وَاِنَّاۤ اِلَيْهِ رٰجِعُوْنَ، الله ربُّ الْعِزَّت مرحومہ کي پنهنجي رحمت ۾ جڳهہ نصيب ڪري، ان کي ۽ مون کي بي حساب مغفرت سان نوازي جنّتُ الْفِردوس ۾ پنهنجي مَحبوب صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو پاڙو نصيب فرمائي ۽ مون گنهگارن جي سردار سگِ مدينہ عُفِيَ عَنْه جي حق ۾ بہ اهي دعائون قبول ڪري. اٰمِيْن بِجَاهِ النَّبِيِّ الْاَمِيْن صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

عفو فرما خطائیں مری اے عفو! شوق و توفیق نیکی کی دے مجھ کو تو
جاری دل کر کہ ہردم رہے ذکر ھو عادت بد بدل اور کر نیک خو
اللہ اللہ اللہ اللہ

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## ﴿7﴾ مديني جي سفر جي سعادت ملي ويئي

پنجاب (پاڪستان) جي شهر ڪَروڙ پَڪا جي هڪ اسلامي ڀيڻ (عمر تقريباً 55 سال) جي بيان جو خلاصو آهي ته آئون دعوت اسلامي جي اسلامي ڀينرن جي هفتيوار **سنتن ڀريي اجتماع** ۾ پابندي سان حاضري ڪان محروم هيس، سنتن ڀريي بيانن ۾ دعوت اسلامي جي اجتماعن ۾ دعا قبول ٿيڻ جا واقعا جيتوڻيڪ ٻڌا هئا پر منهنجو اِعتِقاد (يعني يقين) هئين وڌيڪ پختو ٿيو جو آئون 3 سالن ڪان مديني جي سفر جي لاءِ فارم جمع ڪرائيندي رهيس پر حاضري جي ڪا صورت نه ٻڻجي سگهي، هن ڀيري فارم جمع ڪرايو ته مون هن طرح دعا گهري: ”يا الله عَزَّوَجَلَّ! آئون دعوت اسلامي جي هفتيوار **سنتن ڀريي اجتماع** ۾ لڳاتار 12 هفتا اول ڪان آخِر شرڪت ڪنديس، اي الله عَزَّوَجَلَّ! مون کي **مديني جي سفر** جي سعادت سان نواز. اَلحَمدُلله عَزَّوَجَلَّ اڃا 12 هفتا پورا نه ٿيا هئا ته مون تي ڪرم ٿي ويو ۽ مون کي مديني جو سڏ اچي ويو، آئون خوشي خوشي مديني جي سفر تي رواني ٿي ويس، مديني جي حاضري ڪان واپسي تي مون 12 هفتيوار سنتن ڀريي اجتماعن ۾ اوّل ڪان آخر شرڪت جي نيّت تي عمل به ڪيو، اَلحَمدُلله عَزَّوَجَلَّ هر هفتي پابندي سان هفتيوار سنتن ڀريي اجتماع ۾ شرڪت جي سعادت حاصل ڪيان ٿي.

ہم غریبوں کو روضے پہ بلوایئے راہِ طیبہ کا زادِ سفر چاہیئے

# ﴿8﴾ ڌيءَ جي اصلاح جوراز

پنجاب (پاڪستان) جي هڪ اسلامي ڀيڻ جي بيان جو خلاصو آهي ته منهنجي ڌيءُ **فلمن، ڊرامن** ۽ بي پردگين وغيره گناهن جي وادين ۾ پنهنجي زندگي جي قيمتي گهڙين کي برباد ڪري رهي هئي، آئون ان جي حرڪتن ڪان بيحد پريشان هيس، گهڻو ئي سمجهائيندي هيس پر هُوءَ هڪ ڪن مان ٻڌي ٻئي مان ڪڍي ڇڏيندي هئي، **اَلحَمدُلله**عَزَّوَجَلَّ آئون دعوت اسلامي جي اسلامي ڀينرن جي هفتيوار **سنتن ڀريي اجتماع** ۾ شرڪت ڪندي هيس ۽ اجتماع ۾ گهُريون ويندڙ **دعائن جي قبوليت** جا واقعا ٻه ٻڌندي هيس، هڪ ڀيري مون دعوت اسلامي جي تحت ٿيڻ واري **يارهين شريف** جي اجتماع ذڪر و نعت ۾ پنهنجي ڌيءُ جي اصلاح جي لاءِ ٻاڏائي ڪري دعا گهُري، منهنجي خواهش هئي ته منهنجي ڌيءَ ٻه دعوت اسلامي جي مبلّغہ ٿئي، **اَلحَمدُلله**عَزَّوَجَلَّ منهنجي دعا قبول ٿي ۽ منهنجي ڌيءَ ڪنهن نہ ڪنهن طرح اسلامي ڀينرن جي هفتيوار سنتن ڀريي اجتماع ۾ شريڪ ٿيڻ تي راضي ٿي ويئي، ان جڏهن شرڪت ڪئي ته ايتري متاثر ٿي جو بس دعوت اسلامي جي ئي ٿي ڪري رهجي ويئي، **اَلحَمدُلله**عَزَّوَجَلَّ ترقي جو منزلون طئي ڪندي ڪندي (هي سٽون لکڻ تائين) منهنجي ڌيءَ **حلقي ذميدار** جي حيثيت سان سنتن جي خدمت ۾ مشغول آهي.

گر پڑ کے یہاں پہنچا مر مر کے اسے پایا
چھوٹے نہ الٰہی اب سنگِ درِ جانانہ (سامانِ بخشش)

**اسلامي ڀينرؤ!** دعوت اسلامي جي سنتن ڀريي اجتماعن ۾ رحمتون ڇو نہ نازل ٿينديون جيئن ته انهن **عاشقان رسول** ۽ مدني

آقا صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي ديوانين ۾ خبر ناهي ڪيترا اولياءِ ڪِرام رَحِمَهُمُ اللّٰهُ السَّلَام هوندا، ۽ الله جون مقرّب ٻانهيون هونديون، منهنجا آقا اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰى عَلَيْه فتاوٰي رضويه جلد 24 صفحو 184 تي فرمائن ٿا: ”جماعت ۾ برڪت آهي ۽ دعاءِ مَجْمَعِ مُسلِمِين اَقْرَب بَقَبُول (يعني مسلمانن جي ميڙ ۾ دعا گهرڻ قبوليت جي تمام ويجهو آهي) عالم سڳورا فرمائن ٿا: جتي چاليهه صالح مسلمان (يعني نيڪ مسلمان) جمع ٿين ٿا انهن مان هڪ الله عَزَّوَجَلَّ جو ولي ضرور هوندو آهي.

(تيسير شرح جامع صغيرج 1 ص 312 زير حديث 714)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## ﴿9﴾ مَدَني مُنو ڇڱو ڀلو ٿي ويو

بابُ المدينه (ڪراچي) جي هڪ ذميدار اسلامي ڀيڻ جي بيان جو خلاصو آهي ته 2005ع ۾ تبليغ قرآن ۽ سنت جي عالمگير غير سياسي تحريڪ دعوت اسلامي جي بابُ الاسلام (سنڌ) جي سنتن ڀريي اجتماع (صحراءِ مدينه ٽول پلازا سپر هائي وي روڊ باب المدينه ڪراچي) ۾ آخري ڏينهن ٿيڻ واري خصوصي نشست ٽيليفون ذريعي اسلامي ڀينرن ۾ Relay (يعني نشر) جي ترڪيب هئي. جيئن ته اسان پنهنجي علائقي جي اسلامي ڀينرن ۾ ان جي دعوت عام ڪرڻ ۾ مصروف هيون سين. اجتماع جي آخري ڏينهن صبح جو ئي اسان ڪجهه اسلامي ڀينرون گهر گهر وڃي اجتماع ۾ شرڪت جي ترغيب ڏياري رهيون هيون سين، انهيءَ دوران اسان جي ملاقات هڪ انتهائي ڏکايل اسلامي ڀيڻ سان ٿي، ان غمگين لهجي ۾ چيو: منهنجي پٽ جي طبيعت خراب آهي، ڊاڪٽرن ان جون رپورٽون ڏسي ڪري ڪنهن موتمار بيماري جو خدشو ظاهر ڪيو آهي، توهان

دعا ڪيو تہ ”اللّٰه عَزَّوَجَلَّ منهنجي پُٽ کي شِفا عطا فرمائي اسان ان پريشان حال اسلامي ڀيڻ تي **انفرادي ڪوشش** ڪندي سنتن ڀريي اجتماع جون برڪتون ٻڌائي شرڪت جي دعوت پيش ڪئي. اهڙي طرح اهي هٿو هٿ اسان سان گڏ **سنتن ڀريي اجتماع** جي آخري نشست ۾ شريڪ ٿي ويون. اجتماع ۾ ٿيڻ واري رقت انگيز دعا جي دوران انهن پنهنجي پٽ جي تندرستي لاءِ دعا گهري. ڪجھ ڏينهن ڪان پوءِ اها اسلامي ڀيڻ دعوت اسلامي جي اسلامي ڀينرن جي هفتيوار **سنتن ڀريي اجتماع** ۾ بہ تشريف وٺي آيون ۽ اجتماع جي اختتام تي انهن ذميدار اسلامي ڀيڻ کي ٻڌايو تہ اَلحَمدُلِلّٰه عَزَّوَجَلَّ دعوت اسلامي جي سنتن ڀريي اجتماع جي خصوصي نشست ۾ شرڪت جون مون کي اهڙيون برڪتون نصيب ٿيون جو جڏهن مون پنهنجي پٽ جو ٻيهر ميڊيڪل ٽيسٽ ڪرايو تہ حيرت انگيز طور تي رپورٽون بلڪل صحيح آيون ۽ هاڻي منهنجو مَدَني مُنّو مڪمل طور تي صحت ياب ٿي چڪو آهي. منهنجي مُنّي جي اوچتي تندرست ٿيڻ ڊاڪٽرن کي بہ حيرت ۾ مبتلا ڪري ڇڏيو آهي!

وَاللّٰه! وہ سن لیں گے فریاد کو پہنچیں گے
اِتنا بھی تو ہو کوئی جو آہ! کرے دل سے

صَلُّوا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## ﴿10﴾ روزگار ملي ويو

باب المدينہ (ڪراچي) جي هڪ ذميدار اسلامي ڀيڻ جي بيان جو خلاصو آهي تہ اسان ڏکي عرصي کان معاشي بدحالي جا شڪار هئاسين، منهنجي ٻارن جي پيءُ کي ڪڏهن ڪڏهن ڪو ڪم ملي ويندو هو نہ تہ اڪثر بي روزگار رهندو هو. انهي پريشاني جي عالم

۾ منهنجي ملاقات **دعوت اسلامي** جي هڪ مبلّغہ سان ٿي، مون انهن کي پنهنجا حالات ٻڌائي دعا جي لاءِ چيو تہ انهن تمام گهڻي شفقت سان دلاسو ڏنو ۽ مون تي **انفرادي ڪوشش** ڪندي دعوت اسلامي جي اسلامي ڀينرن جي هفتيوار **سنتن ڀريي اجتماع** ۾ شرڪت جي دعوت پيش ڪئي ۽ منهنجو ڪجهہ اهڙي طرح ذهن ٺاهيو تہ **اَلحَمدُلله**عَزَّوَجَلَّ دعوت اسلامي جي **سنتن ڀريي اجتماع** ۾ شرڪت جون خوب خوب بهارون آهن جتي ڪثير اسلامي ڀينرن کي توبهہ جي توفيق ملي ۽ اهي گناهن ڀري زندگي ڇڏي ڪري نيڪ بڻجي ويون اُتي ڪڏهن ڪڏهن **ربِّ ڪائنات** عَزَّوَجَلَّ جي عنايتن سان ايمان افروز ڪرشمن جو ظُهُور بہ ٿيندو آهي مثال طور بيمارن کي شفا ملي، بي اولادن کي اولاد نصيب ٿيو، آسيب زده کي ڇوٽڪارو ملي ويو وغيره. انهن جي ”انفرادي ڪوشش“ جي من موهيندڙ انداز مون کي **سنتن ڀريي اجتماع** ۾ شريڪ ٿيڻ تي مجبور ڪري ڇڏيو. اهڙي طرح آئون سنتن ڀريي اجتماع ۾ شريڪ ٿيس ۽ آخر ۾ ٿيڻ واري رقت انگيز دعا جي دوران مون اها بہ دعا گهري تہ ”**يا الله** عَزَّوَجَلَّ هن اجتماع ۾ شرڪت جي برڪت سان اسان جي روزگار جي مسئلي کي حل فرماءِ. **اَلحَمدُلله**عَزَّوَجَلَّ اجا ڪجهہ ئي ڏينهن گذريا هئا جو **الله** عَزَّوَجَلَّ منهنجي ٻارن جي پيءُ کي بهترين روزگار عطا فرمايو. **اَلحَمدُلله**عَزَّوَجَلَّ اهڙي طرح دعوت اسلامي جي سنتن ڀريي اجتماع ۾ شرڪت جي برڪت سان اسان جي بدحالي خوش حالي ۾ تبديل ٿي وئي.

دوعالم میں بٹتا ہے صَدَقہ یہاں کا
ہمیں اِک نہیں رَیزہ خوار مدینہ

## ﴿11﴾ سچي نيت جي برڪت

باب المدينہ (ڪراچي) جي هڪ ذميدار اسلامي ڀيڻ جي بيان جو خلاصو آهي تہ دعوت اسلامي جو بين الاقوامي ٽن ڏينهن جو سنتن ڀريو اجتماع ويجهو هيو، آخري ڏينهن جي خصوصي نشست جي بيان، ذڪر و دعا ۽ صلواة و سلام ٽيلي فون ذريعي اسلامي ڀينرن جي باپرده اجتماعن ۾ بہ Relay (يعني نشر) ڪيو ويندو آهي. اسان جي علائقي جي اسلامي ڀينرن گهر گهر وڃي **سنتن ڀريي اجتماع** جي دعوت ڪي عام ڪرڻ شروع ڪري ڏنو، انهن اسلامي ڀينرن ۾ مرحومہ زاهده عطاريہ بہ شامل هيون، انهن جو جذبو ڏسڻ وٽان هو، اهي سنتن ڀريي اجتماع جي آخري نشست ۾ شرڪت جي لاءِ اسلامي ڀينرن تي ڀرپور **انفرادي ڪوشش** ۽ انهن کي اجتماع گاهہ ۾ وٺي وڃڻ جي انتظامن ۾ مصروف ڏسڻ ۾ اينديون هيون. **سنتن ڀريي اجتماع** کان هڪ هفتو پهرين آچر جي ڏينهن اوچتو انهن جي طبيعت خراب ٿي پئي ۽ انهن کي اسپتال ۾ پهچايو ويو جتي حالت ڏسندي فوراً ڪيس داخل ڪيو ويو. ٽي ڏينهن بيمار رهڻ کان پوءِ اُهي اڱاري جي ڏينهن هن فاني دنيا مان انتقال ڪري ويون، اِنَّا لِلّٰهِ وَاِنَّآ اِلَيۡهِ رٰجِعُوۡنَ آچر جي ڏينهن سنتن ڀريي اجتماع جي آخري نشست ۾ انهن جي علائقي جي بي شمار اسلامي ڀينرن شرڪت ڪئي، اوچتو هڪ اسلامي ڀيڻ اهو ايمان افروز منظر ڏٺو تہ ڪجهہ ڏينهن پهرين انتقال ڪرڻ واريءَ دعوت اسلامي جي مبلّغہ مرحومہ زاهده عطاريہ بہ سنتن ڀريي اجتماع ۾ شريڪ آهن. **اللّٰهُ رَبُّ الۡعِزت** عَزَّوَجَلَّ **جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بي حساب بخشش ٿئي.** آمِيۡن بِجَاهِ النَّبِيِّ الۡاَمِيۡن صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

آپ محبوب ہیں **اللہ** کے ایسے محبوب
ہر محب آپ کا محبوبِ خدا ہوتا ہے

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## ﴿12﴾ اولاد مليو، پيرن جو سور ختم ٿيو

باب المدينہ (ڪراچي) جي هڪ اسلامي ڀيڻ جي تحريري بيان جو خلاصو آهي تہ **معاذالله** عَزَّوَجَلَّ آئون نت نئين فيشن جي شوقين ۽ نمازون قضا ڪرڻ جي عادي هيس، اسان جي خوش نصيبي جو منهنجي هڪ ڏيءُ دعوت اسلامي جي مشڪبار **مدني ماحول** سان وابستہ ٿي ويئي، اُها مون کي بہ **انفرادي ڪوشش** جي ذريعي سنتن ڀريي اجتماع جي دعوت ڏيندي رهندي هئي پر آئون ان جي ڳالهہ کي نظر انداز ڪري ڇڏيندي هيس، هڪ ڀيري معمول مطابق منهنجي ڏيءَ مون تي ”انفرادي ڪوشش“ ڪئي ۽ مون کي دعوت اسلامي جي اجتماعن ۾ شرڪت جي هڪ برڪت اها بہ ٻڌايائين تہ **اَلحَمدُلله**عَزَّوَجَلَّ دعوت اسلامي جي اجتماعن ۾ شريڪ ٿيڻ وارين جي دعائن جي قبوليت جا ڪيترائي واقعا آهن، تنهنڪري اوهان بہ اجتماع ۾ شريڪ ٿيو ۽ ڀاءُ جي لاءِ دعا گهرو. ڳالهہ هي هئي جو منهنجي پٽ جي شادي کي 4 سالن جو عرصو گذري چڪو هو پر هو اولاد جي نعمت کان محروم هو اهڙي طرح مون پنهنجي ڏيءُ جي ترغيب ڏيارڻ تي اها نيّت ڪئي تہ انشاءَالله عَزَّوَجَلَّ آئون دعوت اسلامي جي **سنتن ڀريي اجتماع** ۾ شرڪت ڪنديس ۽ پنهنجي پٽ جي لاءِ اولاد جي دعا گهرنديس، **اَلحَمدُلله**عَزَّوَجَلَّ مون سنتن ڀريي اجتماع ۾ پابندي سان شرڪت ڪرڻ شروع ڪري ڏني، اُتي آئون پنهنجي پٽ جي لاءِ بہ دعا ڪندي هيس. ڪجهہ ئي عرصي ۾ **الله** عَزَّوَجَلَّ منهنجي

پٽ کي اولاد جي نعمت سان نوازي ڇڏيو. سنتن ڀريي اجتماع ۾ شرڪت جي هڪ ٻي برڪت اها به ملي جو تقريباً ٽن سالن کان منهنجي پيرن ۾ جيڪا سخت تڪليف رهندي هئي **اَلحَمدُلله** عَزَّوَجَلَّ مون کي ان کان به نجات ملي وئي.

مانگیں گے مانگے جائیں گے منہ مانگی پائیں گے
سرکار میں نہ "لا" ہے نہ حاجت "اگر" کی ہے

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## ﴿13﴾ منهنجا مسئلا حل ٿي ويا

باب المدينه (ڪراچي) جي هڪ وڏي عمر واري اسلامي ڀيڻ جو حلفيه بيان ڪجهه هن طرح آهي ته آئون مختلف گهريلو مسئلن ۾ گرفتار هيس. اسان ڪرايي جي مڪان ۾ رهندا هئاسين، پر آمدني گهٽ هجڻ جي ڪري ڪرايو به وقت تي نه ڏئي سگهندا هئاسين، ٻارڙيون جوان ٿي رهيون هيون. انهن جي شادين جو فڪر الڳ هيو، هڪ ڏينهن ڪنهن اسلامي ڀيڻ سان منهنجي ملاقات ٿي، انهن مون سان غمخواري ڪئي ۽ **انفرادي ڪوشش** ڪندي دعوت اسلامي جي اسلامي ڀينرن جي هفتيوار **سنتن ڀريي اجتماع** ۾ پابندي سان شرڪت جي نيت ڪرائي ۽ اُتي اچي پنهنجي مسئلن جي لاءِ دعا گهرڻ جي به ترغيب ڏني، **اَلحَمدُلله** عَزَّوَجَلَّ آئون هفتيوار سنتن ڀريي اجتماع ۾ شرڪت جي سعادت حاصل ڪرڻ لڳيس. آئون اُتي پنهنجي مسئلن جي حل جي لاءِ **الله** عَزَّوَجَلَّ جي بارگاهه ۾ دعا به ڪندي هيس. ڪجهه ئي عرصو گذريو هو جو الله ربُّ الْعِزَّت عَزَّوَجَلَّ جي ڪرم سان منهنجي ٻارن جي پيءُ کي سٺي نوڪري ملي وئي، ۽ وڏو ڪرم اهو ٿيو جو ڪجهه ئي عرصي ۾ اسان ڪرايي

جو گھر ڇڏي پنهنجو ذاتي مڪان بہ خريد ڪري ورتو، الله مُجِيب عَزَّوَجَلَّ پنهنجي حبيب صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي صدقي، سنتن ڀريي اجتماعن ۾ شرڪت جي برڪت سان نياڻين جي شادين جي فرض کان بہ آجو ٿيڻ جي توفيق ڏني. اهڙي طرح دعوت اسلامي جي مدني ماحول جي برڪت سان اسان جي مسئلن جو ريگستان، سر سبز ۽ شاداب گلستان ۾ تبديل ٿي ويو. اَلحَمدُلله رَبِّ العٰلمين

بے کس و بے بس و بے یار و مددگار ہو جو
آپ کے در سے شہا سب کا بھلا ہوتا ہے

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## ﴿14﴾ مدني انعامات تي عمل جي برڪت سان چل مدينہ جي سعادت ملي وئي.

باب المدينہ (ڪراچي) جي هڪ اسلامي ڀيڻ جي حلفيہ بيان جو خلاصو ڪجهہ هيئن آهي جو اَلحَمدُلله عَزَّوَجَلَّ اسان جو گهراڻو مجدّدِ دين و ملّت مولانا شاهہ امام احمد رضا خان عَلَيْهِ رَحْمَةُ الرَّحْمٰن جي هڪ عظيم المَرتبت خليفي رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه جي اولاد مان آهي سيدي اعليٰ حضرت عَلَيْهِ رَحْمَةُ رَبِّ الْعِزَّت جا اُهي خليفہءِ مڪرّم منهنجي امڙ سائڻ جا نانا هئا، ۽ اسان جا سيئي گهر وارا انهن جي ئي هٿ مبارڪ تي بيعت هئا انهن سان بيعت جي برڪت سان اَلحَمدُلله عَزَّوَجَلَّ سيدي اعليٰ حضرت عَلَيْهِ رَحْمَةُ رَبِّ الْعِزَّت جي محبت ۽ عقيدت رڳ رڳ ۾ سمايل هئي پر عملي زندگي ۾ اسان جي مثال ڪوري ڪاغذ جيان هئي، خاص ڪري نمازن جي پابندي کان محرومي هئي ۽ فيشن پرستي ۽ گانا باجا ٻڌڻ جي نحوست ڇانيل هئي، ڪاوڙ ۽ ڇڙڇڙو پڻ اسان جي عادت

۾ شامل هو. منهنجا ڀائر (جيڪو ته دعوت اسلامي جي مشڪبار **مدني ماحول** سان وابسته هئا) **انفرادي ڪوشش** ڪندي منهنجي ڀاءُ کي به دعوت اسلامي جي هفتيوار **سنتن ڀريي اجتماع** ۾ شرڪت جي نه صرف دعوت ڏني بلڪ پاڻ سان گڏ وٺي وڃڻ شروع ڪري ڏنو، ڀاءُ سنتن ڀريي اجتماع تان واپسي تي اجتماع جي رپورٽ ٻڌائيندا هئا **جن ۾ سيدي اعليٰ حضرت** عَلَيهِ رَحمَةُ رَبِّ العِزَّت **جو تذڪرو ٻڌڻ لاءِ ملندو هو** جنهن جي ڪري مون کي دعوت اسلامي جي مدني ماحول سان پنهنجائپ محسوس ٿيڻ لڳي. **اَلحَمدُلله** عَزَّوَجَلَّ انهي ئي پنهنجائپ جي سوچ مون کي ڀهريون ڀيرو 1985 ۽ جي سالانه سنتن ڀريي اجتماع جي **خصوصي نشست** ۾ شرڪت تي اُڀاريو. اهڙي طرح آئون اسلامي ڀينرن سان گڏ اجتماع ۾ شريڪ ٿيس جتي اسان پردي ۾ رهي ڪري سنتن ڀريي اجتماع ۾ ٿيڻ وارو بيان ٻڌو ۽ رقت انگيز دعا گهري. **اَلحَمدُلله** عَزَّوَجَلَّ انهي ئي اجتماع ۾ شرڪت جي برڪت سان مون کي گناهن کان توبهه ڪرڻ جي سعادت نصيب ٿي، آخرت جو فڪر مليو. جنهن تي استقامت حاصل ڪرڻ جي لاءِ مون مدني انعامات تي عمل ڪرڻ شروع ڪري ڏنو. **مدني انعامات** جي برڪت سان **اَلحَمدُلله** عَزَّوَجَلَّ مون کي "چل مدينه" جي سعادت به نصيب ٿي ويئي[1]

چل مدینہ وُہی ہو سکے جس کا دل
گھر میں رہ کر بھی اکثر مدینے میں ہے

صَلُّوا عَلَى الحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

(1) امير اهلسنت دامت برکاتهم العاليه جي قافلي سان گڏ حج ۽ مديني جي زيارت سان مُشَرَّف ٿيڻ دعوت اسلامي جي مدني ماحول ۾ "چل مدينه" جي سعادت حاصل ڪرڻ چيو ويندو آهي.
مجلس مڪتبة المدينه

## ﴿15﴾ بنا آپريشن جي اولاد ٿيو

حيدرآباد (باب الاسلام سنڌ) جي هڪ اسلامي ڀاءُ جي بيان جو خلاصو آهي غالباً 1998ع جو واقعو آهي، منهنجي گهر واريءَ اُميد سان هئي ”ڏينهن“ بہ پورا ٿي ويا هئا، ڊاڪٽر جو چوڻ هو تہ شايد آپريشن ڪرڻو پوندو. تبليغ قرآن ۽ سنت جي عالمگير غير سياسي تحريڪ، **دعوت اسلامي** جو بين الاقوامي ٽن ڏينهن جو سنتن ڀريو اجتماع (صحراءِ مدينہ ملتان) ويجهو هو. اجتماع کان پوءِ سنتن جي تربيت جي 30 ڏينهن جي **مدني قافلي** ۾ عاشقانِ رسول سان گڏ سفر جي منهنجي نيّت هئي. اجتماع جي لاءِ روانگي جي وقت قافلي جو سامان گڏ ڪٽي ڪري اَسپتال پهتس، جيئن تہ خاندان جا ٻيا عزيز **سار سنڀال** جي لاءِ موجود هئا، گهر واريءُ روئڻهارڪي اکين سان مون کي سنتن ڀريي اجتماع (ملتان) جي لاءِ الوداع ڪيو.

منهنجو اهو ذهن بڻيل هو تہ هاڻي مون کي بين الاقوامي **سنتن ڀريي اجتماع** ۽ پوءِ اتان کان 30 ڏينهن جي **مدني قافلي** ۾ ضرور سفر ڪرڻو آهي ڪاش! ان جي برڪت سان عافيت سان اولاد پيدا ٿئي. مون غريب وٽ تہ آپريشن جي خرچي جا پئسا بہ نہ هئا! بهرحال آئون مدينةُ الاولياء ملتان شريف حاضر ٿي ويس. سنتن ڀريي اجتماع ۾ ٻاڏائي عاجزي سان خوب دعائون گهريون. اجتماع جي اختتامي رقت انگيز دعا کان پوءِ مون گهر فون ڪيو تہ منهنجي امڙ سائڻ فرمايو: مبارڪ هجي! گذريل رات ربّ ڪائناتعَزَّوَجَلَّ بنا آپريشن جي توکي چنڊ جهڙي مَدَني مُنّي عطا فرمائي آهي. مون خوشي سان جهومندي عرض ڪيو: امڙ سائڻ! منهنجي لاءِ ڇا حڪم آهي؟ اڇي وڃان يا 30 ڏينهن جي لاءِ **مدني قافلي** جو مسافر بڻجان؟ امڙ فرمايو:

”پٽ بي فڪر ٿي مدني قافلي ۾ سفر ڪر“

پنهنجي مدني مُنّي جي زيارت جي حسرت دل ۾ دٻائي اَلحَمدُلله عَزَّوَجَلَّ آئون 30 ڏينهن جي مدني قافلي ۾ عاشقان رسول سان گڏ روانو ٿي ويس. اَلحَمدُلله عَزَّوَجَلَّ مدني قافلي ۾ سفر جي نيّت سان منهنجي مشڪل آسان ٿي ويئي هئي، مدني قافلن جي بهارن جي برڪت جي ڪري گهروارن جو تمام زبردست مَدَني ذهن بڻجي ويو، ايستائين جو منهنجي ٻارن جي ماءُ جو چوڻ آهي، جڏهن اوهان مَدني قافلي جا مسافر ٿيو ٿا، آئون ٻارن سميت پنهنجو پاڻ کي محفوظ تصّوُر ڪريان ٿي.

زچگی آسان ہو، خوب فیضان ہو — غم کے سائے ڈھلیں، قافلے میں چلو
بیوی بچّے سبھی، خوب پائیں خوشی — خیریت سے رہیں، قافلے میں چلو

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## ﴿16﴾ گهروارن تي انفرادي ڪوشش ڪيو

اسلامي ڀينرو! هن مَدَني بهار ۾ اسلامي ڀائرن ۽ اسلامي ڀينرن سيني جي لاءِ رحمت جا مهڪندڙ مدني گل آهن. اسلامي ڀينرن کي گهرجي ته اهي پنهنجي ٻارن، انهن جي پيءُ، پنهنجي والد صاحب، ڀائرن، وغيره مَحارم تي خوب انفرادي ڪوشش ڪن، ايتري خوب انفرادي ڪوشش ڪن جو اُهي سڀ جا سڀ پڪا نمازي، سنتن جا عادي، هفتيوار سنتن ڀريي اجتماع جا پابند، مَدَني انعامات جا عامل، هر مهيني ٽن ڏينهن جي مدني قافلن جا مسافر ۽ دعوت اسلامي جا باعمل مبلّغ بڻجي وڃن. اهڙي طرح انشاءَالله عَزَّوَجَلَّ اوهان جي لاءِ ثواب جو انبار لڳي ويندو. سنتون سيکارڻ ۽ نيڪين جي ترغيب ڏيارڻ جو عظيم الشان ثواب ڪمائڻ جي لاءِ بهتر اهو آهي

جو اوهان فيضان سنت جِلد اول مان ”گهر درس“ شروع ڪري ڇڏيو! اوهان جي ترغيب ۽ تحريص (يعني شوق ڏيارڻ) جي لاءِ چار حديثون پيش ڪيون وڃن ٿيون:

## چار فرامين مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

﴿1﴾ نيڪي جي راهه ڏيکارڻ وارو نيڪي ڪرڻ واري وانگر آهي. (سنن ترمذي ج 4 ص 05 حديث 2679) ﴿2﴾ جيڪڏهن الله تعاليٰ اوهان جي ذريعي ڪنهن هڪ شخص کي هدايت عطا فرمائي تہ اهو توهان جي لاءِ ان ڪان بهتر آهي جو توهان وٽ ڳاڙها اُٺ هجن. (صَحِيح مُسلِم ص 1311 حديث 2406) ﴿3﴾ بيشڪ الله تعاليٰ، ان جا ملائڪ، آسمان ۽ زمين جي مخلوق ايستائين جو ماڪوڙيون پنهنجي سوراخن ۾ ۽ مڇيون (پاڻيءَ ۾) ماڻهن کي نيڪي سيکارڻ واري تي ”صلواة“ موڪلين ٿيون. (سنن ترمذي ج 4 ص 314 حديث 2694) مُفَسّر شهير، حڪيم الامت حضرت مفتي احمد يار خان عَلَيْهِ رَحْمَةُ الْحَنَّان فرمائن ٿا: الله عَزَّوَجَلَّ جي ”صلٰوة“ مان اُن جي خاص رَحمت ۽ مخلوق جي ”صلواة “ مان خصوصي دعاءِ رَحمت مراد آهي.“ (مرأة المناجيح جلد 1، صحفو 200) ﴿4﴾ بهترين صدقو هي آهي تہ مسلمان علم حاصل ڪري پوءِ پنهنجي مسلمان ڀاءُ کي سيکاري.

(سنن ابن ماجه ج 1 ص 158 حديث 243)

## ﴿17﴾ پُٽ چڱو ڀلو ٿي ويو

باب المدينہ (ڪراچي) جي هڪ اسلامي ڀيڻ جي بيان جو خلاصو آهي تہ دعوت اسلامي جون ڪجهہ اسلامي ڀينرون نيڪي جي دعوت ڏيڻ جي لاءِ اسان جي گهر ايندِيون هيون، اهي مون تي انفرادي ڪوشش ڪندي اسلامي ڀينرن جي هفتيوار سنتن ڀريي اجتماع ۽ علاقائي دورو براءِ نيڪي جي دعوت ۾ شرڪت جي

دعوت پيش ڪنديون هيون پر آئون سُستي جي ڪري ان سعادت
کان محروم رهندي هيس. هڪ ڏينهن اوچتو منهنجي پٽ جي
طبيعت خراب ٿي پئي، ڊاڪٽر ڪي ڏيڪاريوسين ته ان خدشو ظاهر
ڪيو ته شايد هاڻي هي ٻار سڄي زندگي ٽنگن جي سهاري هلي نه
سگهي، ٻيو ته هن جو دماغي توازن به ٺيڪ ناهي رهيو. اهو ٻڌي
منهنجي پيرن هيٺان زمين نڪري وئي! هر ماءُ وانگر مون کي به
پنهنجي پٽ سان گهڻي محبت هئي، ان صدمي مون کي اڌ مئو
ڪري ڇڏيو. ڪجهه ڏينهن انهيءَ حالت ۾ گذري ويا، هڪ ڏينهن وري
اُهي ئي اسلامي ڀينرون **نيڪي جي دعوت** جي لاءِ آيون. انهن منهنجي
چهري تي پريشاني جا آثار ڏٺا ته غمخواري (يعني همدردي) ڪندي
پڇيائون: خيريت ته آهي اوهان پريشان نظر ۾ اچو پيون؟ ”مون انهن
کي سڄو ماجرو ٻڌايو ته انهن مون کي تمام گهڻو حوصلو ڏنو ۽
چيو ته اوهان دعوت اسلامي جي 12 هفتيوار سنتن ڀريي اجتماعن ۾
پابندي سان شرڪت ڪريو ۽ اُتي پنهنجي پٽ لاءِ دعا به گهرو،
**اِنْ شَاءَ الله** عَزَّوَجَلَّ اوهان جو پٽ چڱو ڀلو ٿي ويندو. اهڙي طرح مون 12
اجتماعن ۾ شرڪت جي پڪي نيّت ڪري ورتي. جڏهن آئون پهريون
ڀيرو **سنتن ڀريي اجتماع** ۾ شريڪ ٿيس ۽ جڏهن رقت انگيز دعا ٿي
ته مون به پنهنجي ربّ داور عَزَّوَجَلَّ کان پنهنجي جگر جي ٽڪري جي
صحت يابي جي لاءِ ٻاڏائي دعا گهري. اجتماع کان پوءِ جڏهن گهر
واپس آيس ته مون کي پنهنجي پٽ جي طبيعت پهرين کان بهتر ڏسڻ
۾ آئي **اَلْحَمْدُلله** عَزَّوَجَلَّ وقت گذرڻ سان گڏوگڏ منهنجو پٽ مڪمل
طور تي صحت ياب ٿي ويو. ائين ڊاڪٽرن جا انديشا غلط ثابت ٿيا ۽
سنتن ڀريي اجتماع ۾ شرڪت جي برڪت سان منهنجو پٽ هلڻ ڦرڻ

ٻہ لڳو، اَلحَمدُللهعَزَّوَجَلَّ اسان جو سڄو گھراڻو **دعوت اسلامي** جي مَدَني ماحول سان وابستہ ٿي جنت جي تياري ۾ مصروف آهي.

مرے غوث کا وسیلہ رہے شاد سب قبیلہ
انہیں خُلد میں بسانا مدنی مدینے والے

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

**اسلامي ڀينرؤ!** اوهان ڏٺو! سُبحٰن الله سنتن ڀريي اجتماع جي برڪت سان ڪهڙي طرح مَن جون مرادون پوريون ٿين ٿيون! اُميدن جا سُڪل فصل ساوا ٿي وڃن ٿا، دلين جون مرجهايل مکڙيون ٽڙي پون ٿيون ۽ پريشان حالن جون خوشيون موٽي اچن ٿيون. پر اهو ذهن ۾ رهي تہ ضروري ناهي هر هڪ جي دلي مراد لازمي ئي پوري ٿئي ڪيئي ڀيرا ائين ٿيندو آهي جو ٻانهو جيڪو گهرندو آهي اهو ان جي حق ۾ بهتر نہ هوندو آهي ۽ اُن جو سوال پورو ناهي ڪيو ويندو، ان جي مَن جون مراد نہ ملڻ ئي ان جي لاءِ انعام هوندو آهي مثال طور ائين تہ اهو پٽ جو اولاد گهري ٿو پر ان کي مدني مُنّين سان نوازيو وڃي ٿو ۽ اهو ئي ان جي حق ۾ بهتر بہ هوندو آهي جيئن تہ سيپارو 2 سورةُ البقره جي آيت نمبر 216 ۾ رَبُّ العِباد عَزَّوَجَلَّ جو ارشاد حقيقت بنياد آهي:

وَعَسٰۤى اَنْ تُحِبُّوْا شَیْــٴًـا وَّ هُوَ شَرٌّ لَّكُمْؕ

**ترجموڪنزالايمان:** ۽ عين ممڪن آهي تہ ڪا ڳالهہ اوهان پسند ڪريو ۽ اها اوهان جي حق ۾ خراب هجي.

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## ﴿18﴾ اسي ماحول نے ادنیٰ کو اعلیٰ کر دیا دیکھو!

باب المدينہ (ڪراچي) جي هڪ اسلامي ڀيڻ جي بيان جو خلاصو آهي تہ والدين جي بيحد زور ڀرڻ تي مون قرآن شريف حِفظ ڪرڻ

جي سعادت تہ حاصل ڪري ورتي هئي پر بعد ۾ ان ڪي دهرائڻ ڇڏي ڏنو هو جنهن سبب مائٽن ڪي سخت پريشاني هئي. ايتري عظيم سعادت ماڻڻ جي باوجود افسوس! منهنجي عملي ڪيفيت اها هئي جو آئون نمازن جي پابندي ڪان غافل هيس، نِت نوان فيشن اپنائڻ ۽ فلمي گانا ٻڌڻ جي تہ ايتري شوقين هيس جو هيڊ فون لڳائي ڪڏهن تہ سڄي سڄي رات گانا ٻڌڻ ۾ برباد ڪري ڇڏيندي هيس! T.V جي تباهہ ڪارين مون ڪي بري طرح پنهنجي وڪڙ ۾ وٺي لاٿو هو، اهڙي طرح آئون فلمن ڊرامن ڏسڻ جي تمام گهڻي ئي شوقين هيس، خاص طور تي هڪ گلوڪار جي گانن جي تہ ايتري ديواني هيس جو منهنجون سهيليون مذاق ۾ چونديون هيون تہ هي تہ مرندي وقت بہ انهيءَ گلوڪار ڪي ياد ڪندي دم ڏيندي. صد ڪروڙ افسوس! جيڪڏهن آئون ان گلوڪار جو ڪو پروگرام نہ ڏسي سگهندي هيس تہ روئي روئي برو حال ٿي ويندو هو ايستائين جو ماني بہ نہ کائيندي هيس! الغرض منهنجي صبح ۽ شام ائين ئي گناهن ۾ گذري رهي هئي، منهنجي مامي‌ءَ دعوت اسلامي جي اسلامي ڀينرن جي **سنتن ڀريي اجتماعن** ۾ شرڪت ڪندي هئي اُها مون ڪي بہ اجتماع ۾ شرڪت جي دعوت ڏيندي هئي پر آئون ٽاري (يعني ٻڌي اڻ ٻڌي ڪري) ڇڏيندي هيس، انهن جي مسلسل **انفرادي ڪوشش** جي نتيجي ۾ آخرڪار مون ڪي دعوت اسلامي جي هفتيوار سنتن ڀريي اجتماع ۾ شرڪت جي سعادت حاصل ٿي، اجتماع ۾ ٿيڻ واري سنتن ڀريي بيان، اللّٰه عَزَّوَجَلَّ جي ذڪر ۽ رقّت انگيز دعا مون تي تمام گهرو اثر وڌو، هڪ حلقي ذميدار اسلامي ڀيڻ مون تي ڏاڍي شفقت ڪندي هئي ۽ مون ڪي

گھر مان سڏي ڪري **سنتن ڀريي اجتماع** ۾ شرڪت ڪرائيندي هئي. انهن جي مسلسل شفقتون منهنجي اصلاح جو ذريعو ثيڻ لڳيون ايستائين جو فلمون، ڊراما ڏسڻ، گانا باجا ٻڌڻ ۽ ٻين گناهن کان مون توبهه ڪئي. مڪتبة المدينہ جي جاري ڪيل سنتن ڀريي بيانن جون ڪيسٽون ٻڌندي هيس تہ خوفِ خدا مان ڏڪي ويندي هيس تہ جيڪڏهن ائين ئي گناهہ ڪندي ڪندي موت اچي ويو تہ منهنجو ڇا ٿيندو؟ اهڙي ئي طرح مڪتبة المدينہ تان شايع ٿيڻ وارا ڪتاب ۽ رسالا پڙهي مون ۾ ذميداري جو احساس پيدا ٿيو ۽ آئون بہ اسلامي ڀينرن سان گڏ ملي **نيڪي جي دعوت** عام ڪرڻ ۾ مصروف ٿي ويس. ذميدار اسلامي ڀيڻ مون کي جيڪا بہ ذميداري ڏيندي هئي آئون نڀائڻ جي ڪوشش ڪندي هيس، ائين دعوت اسلامي جو ڪم ڪندي ڪندي **اَلحَمدُلله**عَزَّوَجَلَّ علاقائي مشاورت جي خادمہ (يعني ذميدار) جي حيثيت سان دعوت اسلامي جي مدني ڪم کي وڌائڻ جي ڪوشش ڪري رهي آهيان. **اَلحَمدُلله**عَزَّوَجَلَّ مفتيءِ دعوت اسلامي حافظ محمد فاروق العطاري المدني عَلَيهِ رَحمَةُ اللهِ الغني جي طالب علمي جو واقعو آهي تہ پاڻ رَحمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيه قرآن پاڪ جي ڪُل ست منزلن مان روزانو هڪ منزل تلاوت فرمائيندا هئا آئون بہ سندن پيروي ۾ روزانو هڪ منزل جي دهرائي ڪري هر ستن ڏينهن ۾ هڪ ڀيرو قرآن پاڪ ختم ڪرڻ جي سعادت حاصل ڪري رهي آهيان، ياالله عَزَّوَجَلَّ استقامت ڏي. آمِين بِجَاهِ النَّبِيِّ الْاَمِين صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

اِستقامت دین پر یا مصطفےٰ کر دو عطا
بہرِ خبّاب و بلال و آلِ یاسر یا نبی

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

دعوت اسلامي جو مَدَني ماحول ڪيڏو نہ پيارو آهي، ان جي دامن ۾ اچي مُعاشري جا خبر ناهي ڪيترائي بگڙيل ماڻهو باڪردار بڻجي سنتن ڀري باعزَّت زندگي گذارڻ لڳا آهن، ۽ اسلامي ڀينرن جي هفتيوار سنتن ڀريي اجتماعن جون بهارون بہ اوهان جي سامهون آهن. جهڙي طرح اجتماع ۾ شرڪت جي برڪت سان دنياوي مصيبت ڀري ٽي وڃي ٿي. اِنْ شَاءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ اهڙي ئي طرح تاجدار رسالت، شهنشاهِ نُبُوَّت صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي شفاعت سان مَعصيت (يعني گناهہ) جي شامت جي ڪري اچڻ واري آخرت جي آفت بہ راحت ۾ بدلجي ويندي.

ٹوٹ جائیں گے گنہگاروں کے فوراً قید و بند

حشر کو کھل جائے گی طاقت رسول اللہ کی

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## ﴿19﴾ آئون ڀينٽ شرٽ پائيندي هيس

باب المدينہ (ڪراچي) جي هڪ اسلامي ڀيڻ جو بيان ڪجھہ هن طرح آهي تہ آئون مغربي تهذيب جي جنون جي حد تائين شيدائي هيس، ايسٽائين جو ڇوڪرن وانگر ڀينٽ شرٽ پائيندي، نامحرم مَردن سان بلا جهجڪ گفتگو ڪندي ۽ بدتميز قسم جي دوستن جي صحبت ۾ رهندي هيس. منهنجا والد صاحب هوٽل هلائيندا هئا، آئون ايتري بيباڪ هيس جو والد صاحب جي منع ڪرڻ جي باوجود هوٽل جي ڪائونٽر تي ويهي رهندي هيس! آئون هڪ اسڪول ۾ پڙهندي هيس، الله عَزَّوَجَلَّ جو شان جو اوچتو منهنجي دل ۾ ديني مدرسي ۾ پڙهڻ جو شوق پيدا ٿيو! مون جڏهن والد صاحب سان ان جو اظهار ڪيو تہ انهن بهترين موقعو سمجهيو ۽ مون کي هٿو هٿ

دعوت اسلامي جي مدرسة المدينہ (للبنات) ۾ داخل ڪرائي ڇڏيو، مون اُتي قرآن پاڪ پڙهڻ شروع ڪري ڇڏيو. ڪجھ ڏينهن کان پوءِ اسان جي مُعلّمہ اسان کي صحراءِ مدينہ، مدينة الاوليا ملتان شريف ۾ ٿيڻ واري دعوت اسلامي جي سالانہ بين الاقوامي **سنتن ڀريي اجتماع** جي باري ۾ ٻڌايو ۽ گهر گهر وڃي **نيڪي جي دعوت** جي ذريعي اسلامي ڀينرن ۾ اجتماع جي دعوت عام ڪرڻ جي ترغيب ڏني. اسان تمام گهڻي شوق ۽ جذبي سان ان **سنتن ڀريي اجتماع** جي دعوت عام ڪرڻ ۾ مصروف ٿي ويون سين، مون کي اجتماع جي آخري ڏينهن جي خصوصي نشست جو وڏي بيچيني سان انتظار هو ڇاڪاڻ تہ مون پهرين ڪڏهن بہ اجتماع ۾ شرڪت نہ ڪئي هئي، آخرڪار انتظار جون گهڙيون ختم ٿيون ۽ اُهو ڏينهن بہ اچي ئي ويو! مون وڏي جذبي سان سالاني سنتن ڀري اجتماع جي **خصوصي نِشست** ۾ شرڪت جي سعادت حاصل ڪئي، جنهن ۾ ”گناهن جو علاج“ جي موضوع تي ٿيڻ واري ٽيليفونڪ بيان ٻڌڻ جو شرف حاصل ٿيو، بيان ٻڌي آئون **خوفِ خدا** عَزَّوَجَلَّ سبب ڏڪي ويس، مون کي هڪدم احساس ٿيو تہ هاءِ! هاءِ! آئون پنهنجي رب عَزَّوَجَلَّ جي ڪهڙين ڪهڙين نافرمانين ۾ مبتلا آهيان آخر ۾ رِقّت انگيز دعا ٿي، دعا جي دوران اجتماع ۾ شريڪ بي شمار اسلامي ڀينرن جي آھ ۽ زاري ڏسي منهنجي اکين مان بہ لڙڪ وهڻ لڳا، منهنجو دل ندامت جي سمنڊ ۾ غوطا کائڻ لڳو، **اَلحَمدُلله** عَزَّوَجَلَّ مون **الله** عَزَّوَجَلَّ جي بارگاھ ۾ پنهنجي هر گناھ کان توبھ ڪئي ۽ پنهنجي اصلاح جو پڪو ارادو ڪري ورتو. مدرسةُ المدينہ جي ذريعي اجتماع ۾ حاضري ۽ اُتان لڳل مدني چوٽ جي برڪت سان آئون دعوت

اسلامي جي **مدني ماحول** سان وابستہ ٿي ويس. **اَلحَمدُلله**عَزَّوَجَلَّ مون شرعي پردو ڪرڻ شروع ڪيو ۽ نمازن جي بہ پابند ٿي ويس. اڄ منهنجا والدين مون سان گهڻا خوش ۽ دعوت اسلامي جا احسان مند آهن تہ جنهن جي برڪت سان انهن جي فيشن پرست ڌيءُ سنتن ڀري زندگي جي شاهراه تي گامزن ٿي وئي.

سنتیں مصطفےٰ کی تُو اپنائے جا، دین کو خوب محنت سے پھیلائے جا

یہ وصیّت تو عطار پہنچائے جا، اُس کو جو اُن کے غم کا طلبگار ہے

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## ﴿20﴾ آئون روزانو ٿي، چار فلمون ڏسندي هيس!

باب المدينہ (ڪراچي) جي هڪ اسلامي ڀيڻ جي بيان جو خلاصو آهي تہ دعوت اسلامي جي مشڪبار مدني ماحول سان وابستہ ٿيڻ کان پهرين آئون هڪ مادرن ڇوڪريءَ هيس. دنياوي تعليم حاصل ڪرڻ جو جنون جي حد تائين شوق هو، فلم ڏسڻ جو شوق ڪجهہ اهڙو هو جو آئون هڪ رات ۾ ٽي ٽي چار چار فلمون ڏسي وٺندي هيس! ۽ **مَعَاذَالله**عَزَّوَجَلَّ گانن جي بہ اهڙي شوقين هيس جو گهر جو ڪم ڪار ڪندي وقت بہ ٽيپ ريڪارڊ تي وڏي آواز سان گانا لڳائي رکندي هيس. منهنجي هڪ ڀيڻ (جيڪا شادي ٿيڻ کان پوءِ ٻئي شهر ۾ رهندي هئي) کي دعوت اسلامي سان وڏي محبت هئي. اُهي جڏهن باب المدينہ (ڪراچي) ايندي هيون تہ آچر جي ڏينهن دعوت اسلامي جي مَدَني مرڪز فيضان مدينہ ۾ ٿيڻ واري هفتيوار سنتن ڀريي اجتماع ۾ ضرور شرڪت ڪنديون هيون، رات جو عشق رسول سان ڀرپور سوز واريون نعتون ٻڌنديون هيون، جنهن جي ڪري مون

ڪي گانا ٻڌڻ جو موقعو نہ ملندو هو اهڙي طرح مون کي انهن تي تمام گهڻي ڪاوڙ ايندي هئي بلڪ ڪڏهن تہ انهن سان وڙهي پوندي هيس! هڪ ڀيري جڏهن اهي باب المدينہ آيون تہ مون کي سڏ ڪري وڏي شفقت سان چوڻ لڳيون: "جيڪو بيهوده فلمون ۽ ڊراما ڏسي ٿو اهو عذاب جو حقدار آهي." وڏيڪ **انفرادي ڪوشش** جاري رکندي بالآخر انهن مون کي فيضان مدينہ ۾ ٿيڻ واري سنتن ڀريي اجتماع ۾ شرڪت ڪرڻ تي راضي ڪري ورتو، **اَلحَمدُلله**عَزَّوَجَلَّ مون هفتيوار سنتن ڀريي اجتماع ۾ شرڪت جي سعادت حاصل ڪئي اتفاق سان انهيءَ ڏينهن اُتي بيان جو موضوع بہ "ٽی وی کی تباه کارياں" هو[1] اهو بيان ٻڌي منهنجي دل جي ڪيفيت بدلجڻ شروع ٿي ويئي، رِقّت انگيز دعا "سون تي سهاڳي" جو ڪم ڪيو، دعا جي دوران مون تي رقت طاري ۽ اکين مان لڙڪ جاري هئا، مون سچي دل سان پنهنجي تمام گذريل گناهن کان توبهہ بہ ڪئي. **اَلحَمدُلله**عَزَّوَجَلَّ جڏهن آئون سنتن ڀريي اجتماع کان واپس گهر ڏانهن رواني ٿيس تہ منهنجي دل ٽي وي جي گناهن ڀريل پروگرامن ۽ گانن باجن کان بيزار ٿي چڪي هئي. اجتماع کان واپسي تي پنهنجي ڪمري ۾ موجود ڪارٽونن جون تصويرون لاهي ڪعبي شريف ۽ مديني پاڪ زَادَهُمَااللهُ شَرَفًا وَّ تَعۡظِيۡمًا جا پيارا پيارا طغرا (يعني تصويرن) لٽڪائي ڇڏيون، **اَلحَمدُلله** عَزَّوَجَلَّ آئون جامعة المدينہ (للبنات) ۾ درس نظامي (عالمہ ڪورس) جي تعليم حاصل ڪري رهي آهيان، ٻيو پنهنجي علائقي ۾ علاقائي مشاورت جي خادمہ (ذميدار) جي

---

(1) امير اهلسنت دَامَتۡ بَرَكَاتُهُمُ الۡعَالِيَه جي آواز ۾ آڊيو ۽ وڊيو ڪيسٽ ۽ انهي ئي بيان جو رسالو مڪتبة المدينہ تان هديةً طلب ڪريو. مجلس مڪتبة المدينہ

حيثيت سان دعوت اسلامي جو مَدَني ڪم ڪرڻ جي لاءِ بہ ڪوشش ڪري رهي آهيان.

سرکار! چار یار کا دیتا ہوں واسِطہ
ایسی بہار دو نہ خَزاں پاس آسکے

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## ﴿21﴾ آئون ٻارهن سالن کان اولاد کان محروم هيس!

باب المدينہ (ڪراچي) جي هڪ اسلامي ڀيڻ جو بيان ڪجھ هن طرح آهي تہ منهنجي شادي کي 12 سالن جو وڏو عرصو گذري چڪو هو، پر آئون اولاد جي نعمت کان محروم هيس. هڪ دفعو مون دعوت اسلامي جي هفتيوار سنتن ڀريي **اجتماع** ۾ شرڪت ڪئي اختتام تي منهنجي ملاقات هڪ مبلّغہ اسلامي ڀيڻ سان ٿي انهن انفرادي ڪوشش ڪندي مون کي مَدَني ماحول جون برڪتون ٻڌايون. مون انهن سان پنهنجي محرومي جو تذڪرو ڪيو تہ انهن تمام گهڻي شفقت سان چيو: اوهان دعوت اسلامي جي 12 سنتن ڀريي اجتماعن ۾ لاڳيتو شرڪت جي نيّت ڪريو ۽ اجتماعن جي دوران ٿيڻ واري دعا ۾ پنهنجي لاءِ **الله** عَزَّوَجَلَّ جي بارگاھ مان اولاد جي خيرات طلب ڪريو، **اِنْ شَاءَالله** عَزَّوَجَلَّ نبي ڪريم صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي صدقي ۾ ضرور ڪرم ٿيندو. اهڙي طرح مون نيّت ڪري ورتي **اَلْحَمْدُلِلّٰه** عَزَّوَجَلَّ سنتن ڀريي اجتماع ۾ پابندي سان شرڪت جي برڪت سان منهنجون دعائون قبول ٿيون ۽ **الله** عَزَّوَجَلَّ مون کي چنڊ جهڙو مدني مُنّو عطا فرمايو، ۽ اهڙي طرح منهنجي اُجڙيل چمن ۾ بہ بهار اچي ويئي.

بہار آئے مرے دل کے چمن میں یارسول اللہ
اِدھر بھی آلگے چھینٹا کوئی رَحمت کے بادل سے

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

**اسلامي ڀينرو!** تي سگهي ٿو تہ ڪنهن جي ذهن ۾ وسوسو اچي تہ آئون تہ عرصي ڪان اجتماع ۾ شرڪت ڪندي آهيان ۽ خوب روئي روئي ڪري دعائون گهرندي آهيان، پر منهنجا مسئلا حل نٿا ٿين. منهنجو پٽ بي اولاد آهي، ڌيءُ جو رشتو نٿو اچي، وڏي ڌيءُ جون ٽي ڌيئرون آهن ويچاري پٽ جي اولاد جي لاءِ سڪي پئي وغيره وغيره تہ عرض هي آهي تہ بِالفرض دعا جي قبوليت جو اثر ظاهر نہ ٿئي تڏهن بہ حرفِ شڪايت زبان تي نہ آڻڻ گهرجي. اسان جي ڀلائي ڪهڙي ڳالهہ ۾ آهي ان ڪي يقيناً الله عَزَّوَجَلَّ اسان ڪان وڌيڪ بهتر ڄاڻي ٿو. اسان ڪي هر حال ۾ پاڪ پروردگار عَزَّوَجَلَّ جو شڪر گذار ٻانهو بڻجي رهڻ گهرجي. اُهو پٽ ڏي تڏهن بہ ان جو شڪر، نياڻي ڏي تڏهن بہ شڪر، ٻئي نياڻي ڏي تڏهن بہ شڪر ۽ نہ ڏي تڏهن بہ شُڪر هر حال ۾ شُڪر شُڪر ۽ شُڪر ئي ادا ڪرڻ گهرجي. سيپارو 25 سورةُ الشُّوريٰ جي آيت نمبر 49 ۽ 50 ۾ ارشادِ رباني آهي:

لِلّٰهِ مُلْكُ السَّمٰوٰتِ وَ الْاَرْضِ ؕ يَخْلُقُ مَا يَشَآءُ ؕ يَهَبُ لِمَنْ يَّشَآءُ اِنَاثًا وَّ يَهَبُ لِمَنْ يَّشَآءُ الذُّكُوْرَ ﴿۴۹﴾ اَوْ يُزَوِّجُهُمْ ذُكْرَانًا وَّ اِنَاثًا ۚ وَ يَجْعَلُ مَنْ يَّشَآءُ عَقِيْمًا ؕ اِنَّهٗ عَلِيْمٌ قَدِيْرٌ ﴿۵۰﴾

**ترجموڪنزالايمان:** الله جي واسطي آهي آسمانن ۽ زمين جي بادشاهي پيدا ڪري ٿو جيڪي چاهي جنهن ڪي گهري ڌيئرون عطا فرمائي ۽ جنهن ڪي وٽيس پُٽ ڏي. يا پُٽ ۽ ڌيئرون ٻيئي ملائي ۽ جنهن ڪي چاهي سنڍ ڪري بيشڪ اهو علم ۽ قدرت وارو آهي.

**صدرُالافاضل** حضرت علّامہ مولانا سيد محمد نعيم الدين مراد آبادي عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللهِ الْهَادِي فرمائن ٿا: هو مالڪ آهي پنهنجي نعمت ڪي جيئن

چاهي تقسيم ڪري جنهن کي جيڪو چاهي ڏي انبياءَ عَلَيۡهِمُ السَّلَام ۾ به اهي سڀ صورتون موجود هونديون آهن حضرت سَيِّدُنا لوط عَلٰی نَبِيِّنَا وَعَلَيۡهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام ۽ حضرت سيدنا شعيب عَلٰی نَبِيِّنَا وَعَلَيۡهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام جو صرف نياڻيون هيون ڪو پٽ نه هو، ۽ حضرت سيدنا ابراهيم خليل الله عَلٰی نَبِيِّنَا وَعَلَيۡهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام جا صرف پٽ هئا ڪا نياڻي تي ئي نه، ۽ سيدُالانبياء، حبيب خدا، مُحمَّد مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي الله تعاليٰ چار پٽ عطا ڪيا ۽ چار نياڻيون، ۽ حضرت سيَّدنا يحييٰ عَلٰی نَبِيِّنَا وَعَلَيۡهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام ۽ حضرت سيدنا عيسيٰ عَلٰی نَبِيِّنَا وَعَلَيۡهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام جو ڪو اولاد ئي نه هو.

(خزائن العرفان ص 777، فيضان سنت، ج، 1، ص 882 (22)

## ﴿22﴾ گناهه کي گناهه سمجهڻ جو شعور ملي ويو

باب المدينه (ڪراچي) جي هڪ اسلامي ڀيڻ جي بيان جو خلاصو آهي ته آئون نمازون قضا ڪرڻ ۽ بي پردگي جهڙن گناهن ۾ گرفتار هيس، افسوس! گناهه کي گناهه سمجهڻ جو احساس به مون وٽ نه هو، آئون آخرت جي فڪر کان غافل ۽ اسلام جي بنيادي معلومات کان جاهل هيس، دنياوي آسائشون مُيَسّر هجڻ جي باوُجُود دلي سڪون نصيب نه هو، آئون عجيب بي چيني ۽ بي قراري جو شڪار رهندي هيس، اَلحَمدُلله عَزَّوَجَلَّ مون کي قلبي سڪون ملي ويو ۽ ان جو سبب هئين ٿيو جو ڪجهه اسلامي ڀينرن جي دعوت تي مون کي دعوت اسلامي جي هفتيوار سنتن ڀريي اجتماع ۾ شرڪت جي سعادت ملي، اُتي مون سنتن ڀريو بيان ٻڌو، ربِّ قدير عَزَّوَجَلَّ جو ذِڪر ڪيو، ان کان پوءِ تيڻ واري رِقّت انگيز دعا مون کي لوڏي ڇڏيو ۽ مون روئي روئي پنهنجي گناهن کان توبهه ڪئي، منهنجي بيقرار

دل کي چين محسوس ٿيو ۽ ائين لڳو ڄڻ منهنجي دل تان ڪو بار لهي ويو آهي، اَلحَمدُلله عَزَّوَجَلَّ انهيءَ اجتماع ۾ شرڪت جي برڪت سان آئون **مدني ماحول** سان وابسته ٿي ويس ۽ دعوت اسلامي جي مدني ڪمن جي ترقي جي لاءِ ڪوشش ڪري رهي آهيان.

پیاسو مژده ہو کہ وہ ساقی کوثر آئے
چین ہی چین ہے اب جام عطا ہوتا ہے

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## ﴿23﴾ آئون مُووي پرائيندي هيس

باب المدينہ (ڪراچي) جي هڪ اسلامي ڀيڻ جي بيان جو خلاصو آهي تہ آئون دعوت اسلامي جي مدني ماحول سان وابستہ ٿيڻ کان پهرين گانا باجا وڏي شوق سان ٻڌندي هيس، مون کي مووي جو جنون جي حد تائين شوق هو، جڏهن ڪنهن شادي ۾ شريڪ ٿيندي هيس يا رقص ڪندي هيس تہ پاڻ چئي خوب مووي پرائيندي هيس، منهنجو دل گناهن جي لَذّتن ۾ ڪجھ اهڙو گرفتار هو جو مون کي نہ نماز قضا ٿيڻ جو ڏک ٿيندو هو نہ روزو ڇڏڻ جو، هلاڪتن ۽ بربادين جي طرف هلندڙ منهنجي گناهن ڀري زندگي جو نيڪين جي شاهراھ جي طرف هيئن رخ ٿيو جو خوش قسمتي سان ڪجھ اسلامي ڀينرن جي **انفرادي ڪوشش** جي نتيجي ۾ مون کي دعوت اسلامي جي هفتيوار سنتن ڀريي اجتماع ۾ شرڪت جي سعادت ملي ويئي، الله رُبُّ الْعِزَّت عَزَّوَجَلَّ جي رحمت سان سنتن ڀريي اجتماع ۾ شرڪت جي هٿو هٿ برڪت اها ملي تہ مون اُتي ئي ويني ويني پنهنجي گناهن کان توبھ ڪئي ۽ پنج وقتي نماز پڙهڻ ۽ رمضان المبارڪ جا روزا رکڻ جي پڪي نيت ڪري ورتي،

اَلحَمدُلله عَزَّوَجَلَّ دعوت اسلامي جي مدني ماحول جي برڪت سان گناهن سان تعلق ختم ڪرڻ جو ذِهن نهيو ۽ **فڪر مدينه** جي ذريعي مَدَني انعامات جو رسالو پرڻ جي سعادت نصيب ٿي رهي آهي.

بڑھا یہ سلسلہ رَحمت کا دَورِ زُلفِ والا میں
تسلسل کالے کوسوں رہ گیا عصیاں کی ظلمت کا

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## ٽي فرمان مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

﴿1﴾ جيڪو پنهنجي مسلمان ڀاءُ جي عيب پوشي ڪندو الله عَزَّوَجَلَّ قيامت جي ڏينهن ان جي عيب پوشي فرمائيندو ۽ جيڪو پنهنجي مسلمان ڀاءُ جو عيب ظاهر ڪندو الله عَزَّوَجَلَّ ان جو عيب ظاهر ڪندو ايستائين جو ان کي ان جي گهر ۾ رسوا ڪري ڇڏيندو. (ابن ماجه ج 3 ص 219 حديث 2546)

﴿2﴾ جيڪو ڪنهن مسلمان جي تڪليف پري ڪري الله عَزَّوَجَلَّ قيامت جي تڪليفن مان ان جون تڪليفون پري فرمائيندو ۽ جيڪو مسلمان جي عيب پوشي ڪري ته خداء ستّار قيامت جي ڏينهن ان جي عيب پوشي فرمائيندو.

(مسلم حديث 6580 ص 1394)

﴿3﴾ جيڪو شخص پنهنجي ڀاءُ جو عيب ڏسي ان جي پردا پوشي ڪري ته اهو جنت ۾ داخل ڪيو ويندو.

(مُسند عبد بن حميد ص 279 حديث 885)

